

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڌرتي روشن آهي

ڌرتي روشن آهي

(ڪهاڻيون)

آغا سليم

نيو فيلڊس پبليڪيشنس
ٽنڊو ولي محمد، حيدرآباد، سنڌ.
1992ع

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

نيو فيلڊس پبليڪيشنس جو ڪتاب نمبر چاهٺ

ڇپائيندڙ نيو فيلڊس پبليڪيشنس
تنڊو ولي محمد، حيدرآباد سنڌ.
ڇپيندڙ نيو فيمس پرنٽنگ پريس، هوم
اسٽيڊ هال چاڙهي، حيدرآباد.
پهريون ايڊيشن اپريل 1985ع
ٻيون ايڊيشن جنوري 1992ع
ٽائيٽل فتاح هاليپوٽو
قيمت -/40 رپيا
(سڀ حق ۽ واسطا قائم)

DHARTEE ROSHAN AHAY (Short Stories) By AGHA SALEEM. Published by New Fields Publications, Tando Wali Mohammed, Hyderabad Sindh. Pakistan. First Edition April 1985. Second Edition January 1992. Price Per Copy Rs.40/-

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پيش لفظ

اڄ ڪان ويهه اڪويهه سال اڳ، مان، ڪجهه ڏينهن لاءِ، حيدرآباد ۾، هڪڙي هوٽل ۾ رهيو هوس. اتي جو ڪجهه مون ڏٺو، يا جن ڪردارن سان مليس، انهن جي باري ۾ مون ”درد جو شهر“ ڪهاڻي لکي. ان کانپوءِ، ترت ئي، مون، آسٽريليا ۽ هانگ ڪانگ جي سفر جي پس منظر ۾، درد جا رشتا، پل پکيڙا ۽ اڪيون آرسيون ڪهاڻيون لکيون. ڪهاڻين جي لکجڻ ۽ ڇپجڻ جي وچواري وٿيءَ ۾ ويهن سالن جو عرصو آهي. انهيءَ عرصي ۾، هنن ڪهاڻين جا ڪردار، وقت جي واءُ ۾، ٽڙي پکڙي ويا. سنڌ ۾ نون ليکڪن جو نئون نسل پيدا ٿيو جن وٽ نئين ڏات، نئون ڏانءُ، نوان آدرش، ٻوليءَ جو پنهنجو واهپو ۽ پنهنجي انفرادي اسٽائيل آهي ۽ انهن جي ڀيٽ ۾ منهنجون هي ڪهاڻيون، ٻولي ٽوڙي طرز، احساس جي لحاظ کان، مدي خارج آهن. پر مان انهن ڪچين ڦڪين ڪهاڻين مان ڪنهن هڪ ڪهاڻيءَ کي به بس اون نٿو ڪيان ڇاڪاڻ جو منهنجون هي ڪچيون ڦڪيون ڪهاڻيون، پنهنجي دور جي سچائين جون، احساساتي دستاويز آهن ۽ مونکي پلءِ پايو ڪچ آچيندي لڄ نٿي اچي.

۲۰ جنوري

بي- ۲۹

اسٽريٽ ۳۲

ايف- ۷- ۱

اسلام آباد

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

فهرست

١- ترني روشن آهي ٩
٢- ڪڙندا ڪتڻهار ٣٨
٣- درد جو شهر ٦٠
٤- شڪست جو آواز ١٠٢
٥- پل پکيڙا ١٣١
٦- درد جا رشتا ١٨٦
٧- اڪيون آرسيون ٢٢٨

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڏرتي روشن آهي

هڪڙي اداس شام جو هوءَ واٽ ويندي ملي.

ٻن ڇڻ جي شام هئي، پيلي، ميري ۽ گدلي! اهڙين گدلين شامن ۾ دل تي ڏک جو گدلو سنيور ڇمي ويندو آهي ۽ زندگيءَ جون سمورديون تنهائيون، محروميون ۽ شڪستون ياد پونديون آهن. اهڙي ئي پيلي، ميري ۽ گدلي شام جو هوءَ واٽ ويندي ملي.... مان اڪيلو رستي تي وچي رهيو هوس، جو هوءَ مونکي پرڀان ڪان ايندي نظر آئي. ويجهو اچي، مونکي ڏسي، ڏاڍي پنهنجائپ سان مرڪي. مون هنکي پهرين صفا نه سڃاتو پر پوءِ اوچتو ذهن جي اونداهي آفق تي هنجي مرڪ جي ٻا ڪ ڦٽي پئي، "رضيه!" مون ڇپن ۾ ٻڌڪيو ۽ پوءِ ويجهو وڃي حيرت گاڏڙ خوشيءَ مان پڇيومانس، "تون هتي ڪيئن؟"

"مان نه هتي آهيان، تون ڪٿي آهين؟"

"تنهنجي سامهون بيٺو آهيان."

منهنجو جواب ٻڌي هوءَ کلڻ لڳي، "اهو ته مان به ڏسان ٿي ته منهنجي سامهون بيٺو آهين. نوڪري ڪٿي اٿيئي؟ ڪٿي رهندو آهين؟"

"هتي ڪراچيءَ ۾ بدلي ٿي آهي. سوسائٽيءَ ۾ رهندو آهيان. تون ڪٿي رهندي آهين، سا ڳالهه ٻڌاءِ. ٻيلهو سي-اي ۾؟"

”ساري عمر واء۔ ڊبليو۔ سي۔ اي۾ رهندس ڇا؟ ناظم آباد ۾ پنهنجو گهر آهي.“

’پنهنجو گهر‘ لفظ هن اهڙي انداز سان اچاريا، جو مان سمجهي ويس ته هنجي شادي ٿي وئي آهي ۽ هوءَ مڙس سان گڏ ’پنهنجي گهر‘ ۾ رهندي آهي. مهن مان ٻه هوءَ پرنٽيل ٿي لڳي. منهن ۽ بت مان سندس ڪچو ڪنوارپڻو ختم ٿي ويو هو. هوءَ قداور هئي ۽ سندس بت اهڙو سهڻو هو جو گهمڻ مهل سندس بت بيد جي لڪڻ وانگر لچڪڻ لڳندو هو. هينئر سندس بت ماسيرو ٿي ويو هو.

”گهر وڃڻ جي تڪڙ ته نه اٿيئي.“

”نه....“

”پوءِ هل ته پير واري هوٽل ۾ ويهي ٿوري دير ڳالهيون ڪريون.“

”هل....“

اسين ٻئي هوٽل ڏانهن روانا ٿياسين. هوءَ ذري گهٽ مونسان ڪلهو ڪلهي سان ملائي هلي رهي هئي. هنجي بت مان چاتل سچاتل مهڪار ٿي آئي. هلندي هلندي هن جو ڪلهو منهنجي ڪلهي کي ڇهي ويو ۽ جيءَ ۾ جلترنگ وڃي پيا. مون اونهون ساهه کڻي آسمان ڏانهن نهاريو. آسمان ۾ شفق جا رنگ پينجي ويا هئا، جڻ پيلي، ميري ۽ گدلي شام ڪلڪار ڪري ڪلي پئي هئي.

”لڳي ٿو ذهني طرح هاڻي بالغ ٿي وئي آهين.“

”ڪيئن....؟“

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

”ياد اٿئي. هڪ دفعي مون توکي هوٽل ۾ هلڻ لاءِ چيو هو ۽ تو ڏاڍي بي‌مروتيءَ سان انڪار ڪيو هو.“

منهنجي ڳالهه جي جواب ۾ هن هلڪڙو ٽهڪ ڏنو ۽ وڌيڪ ڪجهه نه چيائين. مون هنجي ٽهڪ جي انداز مان اندازو لڳايو ته هن ماضيءَ جي ڪنهن به ڳالهه ڪي ورجائڻ نٿي چاهيو.

اسين هوٽل ۾ هڪ ٻئي جي‌آمهون سامهون ٿي ويٺاسين. مون ڪافيءَ جو آرڊر ڏنو ۽ سگريٽ دکائي هنجي منهن ۾ نهارڻ لڳس. ساڳيون اکيون، ساڳيا وار، ساڳيو روپ، رنگ ۽ روش! هن اکيون ڪٿي مونڏانهن نهاريو. اڳ هنجي نهار ۾ نياپو هوندو هو ۽ اڄ....هن يڪدم اکيون جهڪائي ڇڏيون ۽ اڻ لکي اڻ وٽندڙ بيچينيءَ سان ڪرسيءَ ۾ پاسو ورايائين ۽ پرس سان کيڏڻ لڳي. مون محسوس ڪيو تہ منهنجي نهارڪان هن پاڻ بچائڻ ٿي چاهيو. هن وري اکيون ڪٿي مونڏانهن نهاريو ۽ ٽڪڙيون ٽڪڙيون اکيون ڇنڀيائين ۽ پوءِ منهنجو ڌيان هٽائڻ لاءِ پڇيائين، ”زندگي ڪيئن ٿي گذريئي.“

”گهڻا ٻار اٿيئي....؟“ مون هنجي سوال کي نظرانداز ڪري هن‌کان سوال پڇيو. منهنجو سوال ٻڌي هنجي اکين ۾ حيرت تري آئي. حيران ٿي پڇيائين، ”توکي ڪيئن خبر پئي تہ منهنجي شادي ٿي آهي ۽ مان ٻارن جي ماءُ آهيان.“

”اڳ توکي ڏسي اڌ ٽڙيل مکڙي يــاد پوندي هئي. هينئر پورو ٽڙيل گل تو ياد پوي.“

”تنهنجو اندازو صحيح آهي. منهنجي شادي ٿي آهي ۽ ٻه ٻار آهن. هڪ ڌيءَ، هڪ پٽ.“

اوچتو منهنجي دل ۾ ڏاڍي خود غرضيءَ واري خواهش جاڳي. دل چيو ته هنجي شادي ناڪام ٿي هجي. هنجو مڙس هنجي آدرش مطابق نه هجي. هر لحاظ کان مونکان گهٽ هجي. هن سان شادي ڪري هن پڇتايو هجي ۽ پڇتاءَ جي گهڙين ۾ مونکي ياد ڪيو هجي.

”شاديءَ کانپوءِ زندگي ڪيئن ٿي گذريئي؟“

منهنجو سوال ٻڌي هنجو منهن ڏاڙهونءَ گل وانگر ٽڙي پيو. سهاڳ رات کان وٺي ان گهڙيءَ تائين زندگيءَ جيڪي به خوشيون هنجي جهوليءَ ۾ وڌيون هيون، سي سڀ سندس منهن تي جرڪڻ لڳيون. ”ڏاڍي سٺي ٿي گذري.“ سندس آواز مان به خوشيون ڇلڪڻ لڳيون ۽ منهنجي دل مان غم ٽيپو ٽيپو ٿي ٽمڻ لڳو. هوءَ شاديءَ کانپوءِ واري زندگيءَ جي باري ۾ ٻڌائيندي رهي. مڙس جي خوبين ۽ سندس بي پناه محبت جو ذڪر ڪندي رهي ۽ مان سگريٽ دکائي، دکندڙ دل سان مانَ ڪري ٻڌندو رهيس.... پنڇڻ جي پيلي شام. وٽن مان پيلا پن ٿا ڇڻن. شام ميراجي جي ڀچن جهڙي اداس آهي. دل ٿي چوي ته ڪونج وانگر ڪرڪندا افق ڏانهن اڏامي وڃون، گيت جي گونجار ٻڻجي سانجهيءَ جي ساهه ۾ سمائجي وڃون.

اسين ٻئي واءِ. ڊبليو. سي. اي جي اڱڻ ۾، وڻن جي هيٺان ٻئنچ تي ويٺا آهيون. وڻن مان پيلا پن ڇڻي منهنجي

جھول ۾ تا ڪرن. مونکي هڪڙي انگريزي شاعر جي سٽ ٿي ياد پوي. جسم مان ڇڻن ٿيون خواهشون، پيلن پنن جيان. نـه.... مـان سوچانتو .... جسم مـان ڦٽن ٿيون خواهشون گوُنچن جيان.

درد ڀريا گيت ٿي اسانجا پيارا گيت آهن: شايد شيلي چيو هو:

اج خزان آهي ته ڇا ٿي پيو. سياٽي ضررو بهار ايندي. اهو به ته شيلي چيو هو.

دلاسي جو دولاب! شيلي کي به بهار جي صبح جو انتظار آهي ۽ اسانکي بـه بهار جي صبح جو انتظار آهي. اسانجي جهولي ۾ ٽٽل اميدن، اڻ پورين خواهشن، ڇنل ۽ ڀڳل خوابن جا پيلا سڪل پن آهن. اسين خزان جي صبح جي چاڻنٽ تي بيٺا آهيون.

منهنجي وارن جـي ڇڳن ۾ رات جـا ماڪ ڦڙا آهـن. منهنجي پيشانيءَ تي صبح جو ڪرٽو ٿو جرڪـي. مان بهار جي صبح جي چاڻنٽ تي بيٺو آهيان.

هـوءَ منهنجي سامهون ويٺـي آهـي. سهٽي، سپاجهي، سنهڙي ۽ قداور. ڏگها ۽ اٿيا وار، جنکي چوڙي هنڪلهن تـي وچاٽي ڇڏيو آهـي. رکي رکي سندس وار ڪـن وڏان ترڪي، سندس منهن تي جهالر ڪري ٿا بيهن ۽ هوءَ ڪنڌ کي هلڪو لوڏي، وارن کي منهن تان پري تي ڪري. مان هنجي اکين ڏانهن نهاريان ٿو. وڏيون ۽ جرڪندڙ اکيون جن ۾ هلڪي هلڪي آلاڻ آهي. جڻ سندس اکين ۾ لڙڪ

لڪل آهن ۽ وسڻ جا وجهه تا ڳولهين. هوءَ مرڪي ٿــي. سندس مرڪ آلي آلي آهــي جهڙي مينهن ڪانپوءِ نڪرندڙ اس، تيز، تکي روشن ۽ آلي. هوءَ ڇوڪرين جي ڪاليج ۾ پڙهائيندي هئي. حيدرآباد مان ڪراچي بدلي ٿي آئي هئي. پهريون دفعو گهر کان ٻاهر نڪتي هئي ۽ ڪراچيءَ جــي رنگن، روشنين ۽ آوازن جي ’ڪن‘ ۾ ڦاسي پئي هئي. منهنجي ڏورانهين ماسيءَ وٽ رهندي هئي، پر اتي به دل نٿي لڳس. ڪوشش ٿي ڪيائين ته ڪنهن زناني ڪاليج جي هاسٽل ۾ ڪمرو ملي وڃي. هنجي پيءُ سان منهنجي ڄاڻ سڃاڻ هئي ۽ سندس پيءُ کيس مونوٽ وٺي آئــي. مون هڪ ٻن دوستن کي فون ڪئي ۽ هنجي مدد ڪرڻ جو واعدو ڪيم. ان کانپوءِ هڪ نه ٻئي ڏينهن ۽ پوءِ روز ڪاليج مان واندي ٿي، سڌي مونوٽ ايندي هئــي. ۽ اسين ڪيتري دير تائين ويهي ڳالهيون ڪندا هئاسين. هنجي دنيا ننڍڙي ۽ دلچسپيون ڏاڍيون محدود هيون. هنجي هڪڙي پوڙهي مــاءُ هئي، ٻه جوان ڀينرون ۽ هڪ ننڍو ڀاءُ. ڀينرن ۽ ڀاءُ جي پڙهائي ۽ گهر جو سارو بار هنجي مٿان هو. هوءَ هميشه پنهنجي ماءُ، ڀاءُ ۽ ڀينرن جــون ڳــالهيون ڪندي هئي. سندس گهريلو ڳالهين ۾ دلچسپيءَ جو اظهار ڪرڻ لاءِ مــان مات ڪري، ڏاڍي ڏيان سان، هنجون ڳالهيون ٻڌندو هوس. هڪ دفعي مــون هنکي کوتيو ۽ مونکي خبر پئي تــه هوءَ ڏاڍي پڙهيل ڳڙهيل هئي، پر ڪڏهن به پنهنجي علمي لياقت جــو اظهار ڪرڻ لاءِ ’ذهني اڳرائي‘ نــه ڪندي هئي. آهستي آهستي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪاليج جي ٻن چئن ليڪچرار سان هنجي دوستي ٿي ۽ واء. ڊبليو. سي. اي ۾ هنکي رهڻ لاء ڪمرو به ملي ويو. هاڻي هنکي ڳالهين لاء نت نوان موضوع ملي ويا. ”واء. ڊبليو. سي. اي. جي انچارج مهڙي آهي. هڪڙي ڏينهن مونکي چيائين، ’ڊرالنگ، ڪڏهن منهنجي ڪمري ۾ به ايندي ڪر. شام جو سان هنجي ڪمري ۾ ويس. ڏاڍي سک سان ملي. هٿ جهلي پنهنجي پر ۾ ويهاريائين. ڪافي ناهي ڪٿي آئي ۽ پوء منهنجي پر ۾ ٿي ويني. الائجي ڇو مونکي هنجي ويجهڙائي ۾ ڪان وحشت ٿيڻ لڳي. الائجي ڇو منهنجي ساري بت ۾ سيٺاندو ڊوڙي ويو. ڇڻ.... ڇڻ مان هنجي سامهون بيوس ۽ لاچارشڪار هيس ۽ هوء جهٽ هڻي مونکي شڪار ڪرڻ واري هئي. هن ڪابه اهڙي ڳالهه نه ڪئي جنهن مان مان ائين محسوس ڪريان، پر تڏهن به مونکي ائين محسوس ٿيو ۽ مان ڪافي جو ڪوپ اڌ ۾ ڇڏي يڪدم اٿي بيٺس. هن مونکي گهٽو ئي روڪيو، پرمان تڪڙيون وکون کڻندي ٻاهر نڪري آيس ۽ پنهنجي روم ۾ اچي ساه پٽيم. روم ۾ پهتس ته منهنجو سارو بت پگهر ۾ شم هو.“

”انهيء کي چوندا آهيي لزبينزم. يعني عورت جي هم جنس پرستي.“

”ني سگهي ٿو....“ روايتي عورت وانگر شرمائڻ جي بدران هن ڏاڍي لاپرواهيء سان چيو.

”چوڪريون ٻسانڻ ۾ هڪ ٻئي سان ائين محبت

ڪنديون آهن، جيئن عورت ۽ مرد هڪ ٻئي سان محبت ڪندا آهن. گهڻو ڪري سينئي ڇوڪرين کي بواءِ فرينڊز آهن. روز شام جو سندن بواءِ فرينڊز ايندا آهن ۽ پنهنجي پنهنجي گرل فرينڊ کي گهمائڻ وٺي ويندا آهن. ڏاڍو غير اخلاقي ماحول آهي.“

مون چيو مانس، ”هاڻي پنهنجا اخلاقيات جا درسي ڪتاب بند ڪري ذهن جا روشن دان کولي ڇڏ ته جيئن ڪا تازي هوا ۽ روشني اندر اچي.“

”اوهين انکي خراب نٿا سمجهو.“

”منهنجي يا تنهنجي خراب سمجهڻ سان ماڻهو پنهنجي جيئڻ جو ڍنگ مٽائي نه ڇڏيندا. ماڻهو جيئن آهن، جهڙا آهن، پيارا آهن. ۽ جيئن جيئڻ ٿا، تيئن کين جيئڻ ڏنو وڃي.“

”پر اخلاقي قدر به ته ڪا شيءِ آهن.“

”تون ۽ مان انساني ناتي تي اخلاقي قدرن جا پهرا ويهاري نٿا سگهون. ماڻهو [illegible] جڏهن به پيار ماڻي ۽ پنهنجي جيئڻ جو جواز پيدا ڪري ٿو.“

”پر اهو ڪنوارن ۽ [illegible] جسم جو پيار آهي.“

”تنهنجو مطلب آهي ته اهو جسماني پيار آهي.“

”ها. بلڪل.“

”مان ان پيار کي جسم جي جسم کي پڪار ٿو سڏيان ۽ جسم جي پڪار پاڻ هڪ جيئري جاڳندي سچائي آهي.“

”پر ان سچائيءَ جي به ڪا ته منزل هجي.“

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

”تنهنجو مطلب آهي شادي. ڇا عورت لاءِ پيار جي واٽ سهاڳ جي سيج ڪان ٿي، بورچي خاني وٽ وڃي ختم ٿي ٿئي. مون هڪڙي آرٽسٽ ڇوڪريءَ سان پيار ڪيو. اسانجي شاديءَ جو ڪو امڪان نه هو، جو منهنجي شادي ٿيل هئي. تنهن تي چيائين: ان پيار مان ڪهڙو فائدو؟ هوءَ آرٽسٽ هئي ۽ مون سمجهيو هو ته هنجي فنڪارانه دل ۾ رنگ آهن. پر ان ڏينهن مون محسوس ڪيو ته هنجي دل انگي حساب هئي، جنهن ۾ واڌو، ڪاٽو، مٿور ۽ پاڇيءَ کانسواءِ ڪو خواب نه هو، ڪو رنگ نه هو! پيار جو فائدو پيار پاڻ آهي. پيارجي منزل پيار کانسواءِ ٻي ڪا به ڪانهي.“

”منهنجي خيال ۾ عورت ۽ مرد جي تعلقات لاءِ، ڪٿي اهي تعلقات روح جي روح کي پڪار هجن يا جسم جي جسم کي پڪار، شاديءَ جي اداري (Institution) کانسواءِ ٻيو ڪوبه ادارو ڪونهي.“

”۽ منهنجي خيال ۾ شادي هڪڙو غير فطري ۽ انساني سڀيتا جي خلاف ادارو آهي.“

”اها ته انارڪي آهي. سوسائٽيءَ جي سفر ۾ جن ادارن اوسر ڪاڌي آهي، اوهين انهن کي ختم ڪرڻ ٿا چاهيو.“

”ختم ڪرڻ نٿو چاهيان. سوسائٽيءَ ۾ رهندي مان سماجي ادارن جو احترام تو ڪريان ۽ ان احترام جو ثبوت اهو آهي ته مون پاڻ شادي ڪئي آهي. مان ته شاديءَ جي اداري جي حقيقت ٿو بيان ڪريان.“

”اوهان چيو ته شادي هڪڙو اهڙو ادارو آهي جيڪو

انساني سياءَ جي خلاف آهي. مان پڇان ٿي ڪهڙو سياءُ؟ انسان جو حيواني سياءُ يا تهذيبي سياءُ. فطرت پنهنجي اصلي حالت ۾ اڻ گهڙيل آهي جنهنڪي انسان پنهنجي ضرورتن ۽ گهرجن آهر گهڙي چلي ان مان پنهنجي دنيا ٺاهي آهي. اهڙيءَ طرح انساني فطرت پنهنجي اصلي حالت ۾ حيواني آهي جنهنکي انسان، تهذيب جي سفر ۾، گهڙي چلي، ان مان اڄ جي مهذب انسان جو پيڪر تراشيو آهي. شاديءَ جو ادارو انسان جي حيواني سياءَ جي خلاف ته ٿي سگهي ٿو، پر انسان جي تهذيبي سياءَ جي خلاف ٿي نٿو سگهي."

"مان تنهنجي ڳالهه مڃان ٿو پر...."

"مون اڃا پنهنجي ڳالهه پوري نه ڪئي آهي. اڇو ته آدم ۽ حوا جو مثال وٺون. منهنجي خيال ۾ آدم ۽ حوا پهريان انسان هئا، جن پنهنجي حيواني فطرت جي حڪم مڃڻ کان انڪار ڪيو ۽ شاديءَ جي اداري جو بنياد وڌو."

"آدم ۽ حوا جي ڳالهه ڏند ڪٿا ڪانسواءِ ڪجهه نه آهي."

"ڏند ڪٿائون به ته انساني سياءَ، انسان جي خوابن ۽ آدرشن جو عڪس آهن. اوهين انساني سياءَ کي سمجهڻ لاءِ ڏند ڪٿائن کي رد ڪري نٿا سگهو."

"چڱو تون ڳالهه ڪر."

"آدم ۽ حوا ٻئي جنت ۾ رهندا هئا. حوا آدم کي برغلايو ۽ ڌرتي تي اچي هن پنهنجو گهر اڏيو. اهو گهر هن ڌرتيءَ تي انسان جي اڏيل پهرين جنت هئي. اڄ جي حوا

ٻ، هن ڌرتيءَ تي پنهنجي جنت اڏڻ ٿي چاهي. اوهين پنهنجي ان آرٽسٽ دوست کي ڏوهه نه ڏيو. هنجي روح ۾ رنگ هئا، پر انهن رنگن سان هن پنهنجي گهر جي جنت تخليق ڪرڻ ٿي چاهي ۽ جيئن ته اوهان هنکي ان تخليق ۾ ڪا به مدد ڪري نٿي سگهيو، انڪري هوءَ اوهان کان پاسو ڪري هلي وئي."

"تنهن جي معنيٰ ته مرد عورت لاءِ مقصد نه آهي، پر مقصد ماڻڻ جو وسيلو آهي."

"ٻئي هڪٻئي جا وسيلا آهن تـه جيئن هن ڌرتيءَ تـي نت نيون جنتون تخليق ٿينديون رهن ۽ زندگيءَ جي تجديد ٿيندي رهي."

"هاڻي ان بحث کي ڇڏ ٻڌاءِ اڄ واندي آهين."

"ها. ڇو....؟"

"هل ته ڪنهن سٺي هوٽل ۾ ماني کائون ۽ ڪا سٺي فلم ڏسون."

"اوهين مونسان ڊيٽنگ (Dating) ڪرڻ ٿا چاهيو."

"نه اهڙي ڳالهه نه آهي. مڙيئي وقت سٺو گذري ويندو."

"تڏهن اوهين مونکي وقت گذارڻ جو وسيلو ٿا سمجهو."

"مـان جو ڪجهه توکي سمجهان ٿـو سو ٻڌائي نٿو سگهان. ڇاڪاڻ جو احساس کي زبان نه هوندي آهي."

منهنجي ڳالهه ٻڌي هوءَ جلدي جلدي اکيون ڇنڀڻ لڳي ۽ ٻوءِ ٻئي اکيون مون ۾ کپائي، گهور پائي مونکي ڏسڻ لڳي. هنجو هيٺيون چپ ٿورو ٿڙڪيو. هـن لفظن کـي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڇپاڙيندي چيو، ”نه، مان نه هلندس.“

”ڇو... ؟“

”مان هوٽلن ۽ سنيمائن ۾ وڃڻ جي قائل نه آهيان.“

مان پاڻکي ڏسي ته نٿي سگهيس، پر مونکي پڪ هئي ته هنجو جواب ٻڌي منهنجي منهن تي ڏک ۽ ڪاوڙ جو گڏيل تاثر ابري آيو هو جنهنکي متاثر لاءِ مون يڪدم سگريٽ ڪيڏي دکايو ۽ تکا تکا سوٽا هڻڻ لڳس.

”اوهانکي ڏک ٿيو.“ هن آوازکي نرم بڻائيندي مونکي پرچائيندي چيو.

”تنهنجو ڇا خيال آهي ته تنهنجو جواب ٻڌي مونکي خوشي ٿي هوندي.“

”مان اوهان سان ڪوڙ به ڳالهائي ٿي سگهيس، بهانو بڻائي ٽاري به ٿي سگهيس. پر مون ائين نه ڪيو.“

”ان لاءِ مان تنهنجو ٿورائتو آهيان.“

”اوهين مونتي طنز ٿا ڪريو.“

”مان پڇي سگهانٿو ته تو انڪار ڇو ڪيو.“

”مان قائل نه آهيان.“

”تنهنجي خيال ۾ مان ڪنهن وچڙندڙ غير اخلاقي بيماريءَ ۾ مبتلا آهيان ۽ جي تون....“

”اها ڳالهه نه آهي. انسان جا ڪي اصول به ٿيندا آهن.“

”ڇا اصول احساسن کان مٿاهان آهن.“

”پڻي جي احساسن جي عزت ڪرڻ لاءِ آخر ڪا حد ته مقرر ڪرڻي پوندي.“

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

”اهي حدون ايتريون سوڙهيون ٻه ته نه هجن جو ٻئي جون معصوم خوشيون گهٽجي مري وڃن. تون مونسان ويهين ٿي، ڳالهائين ٿي. ان مان مونکي خوشي ٿي حاصل ٿئي. تنهنجي اصول مطابق ته توکي ان خوشي ڏيڻ ۾ مونکي ان خوشي ماڻڻ جو حق ڪونهي.“

”توهين انڻ سڏيءَ طرح اهو چوڻ ٿا چاهيو ته مان اٿي وڃان ۽ وري نه ايندي ڪريان.“

”جي تون ائين ڪندين ته مان توکي هرگز نه جهليندس.“

”چڱو ته پوءِ خدا حافظ.“

هوءَ يڪدم اٿي بيٺي ۽ ميز تان پرس کڻي، تکيون تکيون وکون کڻندي ٻاهر هلي وئي.

هوءَ هلي وئي. مون هنجي ياد کي دل مان نيڪالي ڏيڻي ڪئي چڏيو. پر شهر دل جي هر رستي، هر موڙ تي هوءَ موجود هئي. مهٽي، سپاجهي، سنهي، قداور، ڊگها ۽ اٿيا وار جنکي چوڙي هن ڪلهن تي وڇائي ڇڏيو هو. سندس وار ڪنن وٽان ترڪي سندس منهن تي جهالر ڪري ٿا بيهن. هوءَ ڪنڌ کي هلڪو لوڏي وارن کي منهن تان پري ٿي ڪري. سندس وڏيون جرڪندڙ اکيون جن ۾ هلڪي هلڪي آلاڻ آهي جڻ سندس اکين ۾ لڙڪ لڪل آهن ۽ وس جا وجهه ٿا ڳولهين.... مان احساساتي طرح خانه بدوش هوس. ڪنهن چانوري ۾ ساهه پٽي وري ڪنهن ٻئي چانوري جي تلاش ۾ اکيتي وڌي ويندو هوس. اڄ تائين ڪابه زلف زنجير نه ٻئي هئي پر اڄ پهريون دفعو ڪنهن

جي ياد جي اندلٺ روح ۾ ونگ وڌا هئا. شايد انڪري جو پهريون دفعو مونکي ڪنهن نڪرابو هو. منهنجي خودپرستيءَ جي اڏيل ڪوٽ جا برج ڍٺا هئا. جڏهين ڪجهه ٻڌي ٿو، تڏهن ڪجهه نهي به ٿو. نڪرائجڻ ڪانپوءِ لاحاصل هستيءَ کي حاصل ڪرڻ جي تمنا وڌيڪ شديد ٿي ٿي.... اڻ ڏهه ڏينهن گذري ويا. انهيءَ وچ ۾ نه هوءَ مونوٽ آئي نه مان ئي هن وٽ ويس. پنهنجي هٺ هٿان مجبور ٿي سارو وقت لا حاصل هستيءَ کي حاصل ڪرڻ جي تمنا ۾ لڇندو رهيس....

هڪڙي ڏينهن حيدرآباد مان هنجي پيءُ جي فون آئي. رضيه لاءِ ضروري نياپو ڏنائين ۽ تاڪيد ڪيائين ته ڪيئن به ڪري ڪيس اهو نياپو پهچايان. مان اهڙيءَ مهل ئي ڪيس نياپو ڏيڻ لاءِ روانو ٿيس. هوءَ مونکي واءِ. ڊبليو. سي. اي. جي در وٽ ملي. ڪاليج مان موٽي هئي. هن مونکي اندر هلڻ لاءِ چيو پر مون انڪار ڪيو. مان ڪيس نياپو ڏيئي موٽي آيس. ٻئي ڏينهن هوءَ مونسان ملڻ لاءِ آئي. هاڻي هوءَ وري اچڻ لڳي. هاڻي وري اسين ڪلاڪن جا ڪلاڪ ويهي ڳالهيون ڪندا هئاسين ۽ ٻئي اهـا ڪوشش ڪندا هئاسين ته ڳالهين ۾ ڪڏهين به گذريل ڳالهين جو ذڪر نه اچي. هڪڙي ڏينهن چيائين، ”سياڻي ڪان مان تو وٽ نه ايندس.“

”ڇو... ؟“

”تون جو مون وٽ نٿو اچين.“

”سياڻي ايندس.“

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

رسيپشنسٽ پوڙهي، ڪنن ڪان گهپري ۽ پنهنجو پاڻ ڪان بيزار ٿي لڳي. عينڪ جي ٿلهن شيشن مان بيزاريءَ مان ٿي هر هڪ ڏانهن نهاريائين. انچارج ڪرڙو، سانوري ۽ ماسيري هئي. ٻاٽ ڪري، سونڊ پائي، سامهون ميز تي تاس جا پتا رکي، پنهنجو پاڻ سان تاس کيڏي رهي هئي. سونکي ڏسي رسيپشنسٽ منهن مٿي ڪري، عينڪ جي شيشن مان بيزار نگاهن سان نهاريندي پڇيو. ”ڪنهن سان ملڻو اٿو؟“

”رضيه سان.“

”ڪنهن سان؟“

مون وري پنهنجي ڳالهه دهرائي ۽ هن وري پنهنجو سوال دهرايو. آخر ڪڪ ٿي، نڙيءَ تي زور ڏيئي ڏاڍيان چيم، ”رضيه سان.“

انچارج تاس جي پتن تان ڪنڌ کڻي مونڏانهن نهاريو. ننهن ڪان وٺي چوٽيءَ تائين منهنجو جائزو ورتائين ۽ ڏاڍي رکي ۽ حاڪمائي انداز سان چيائين، ”اوهين وزٽنگ روم ۾ ويهو. رضيه کي گهرائي ٿا وٺون.“

وزٽنگ روم ۾ هلڪي هلڪي اونده ڇانيل هئي. فرش تي پراڻو قالين ۽ پراڻي طرز جا صوفا رکيل هئا ۽ درن، درين تي به پراڻا پڙدا لڙڪيل هئا. سامهون واري صوفيءَ تي نوجوان ڇوڪري ۽ ڇوڪرو ويٺا هئا. ڇوڪري ان عمر جي ٿي لڳي، جنهن ۾ هوءَ پيار کي ئي زندگي سمجهندي آهي، وجود جي سموري سچائيءَ سان پيار ڪندي آهي ۽

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ان پيار لاءِ لوڪ لتاڙي، سيئي ليڪا لنگهي وڃي پار پهچندي آهي. هوءَ دنيا جهان کان بي‌خبر ٿي پنهنجي پرينءَ جي ڪلهي تي ڪنڌ رکي ويٺي هئي. مونکي ڏسي يڪدم سڌي ٿي ويٺي، اڻ وڻندڙ نظرن سان مونڏانهن نهاريائين ۽ ٿوريءَ دير ڪانپوءِ منهنجي وجود کي وساري، پرينءَ سان ريهاڻ ۾ مشغول ٿي وئي. مان صوفي تي ويهي سگريٽ دکائي، هيڏانهن هوڏانهن نهاري هن‌کي اهو تاثر ڏيڻ جي ڪوشش ڪرڻ لڳس ته مان هنن ڏانهن ڪو ڌيان نٿو ڏيان. ايتري ۾ رضيه به اچي وئي. هنکي نيري رنگ جي ريشمي گاؤن پهريل هئي، وار وکريل ۽ اکين ۾ ڪچيءَ ننڊ جا ڪچا خمار! اچڻ سان پر واري صوفي تي ويهندي چيائين، ”تنهنجو انتظار ڪندي اک لڳي وئي.“

”پيئر جي مون وسهو ننڊ نه هيريو نيڻ.“

هنجي چپن تي ننڍا ڪڙي مرڪ مڙي آئي. آهستي آهستي هنجي ننڊ جا خمار لٿا. وزٽنگ روم ۾ ڪا ڇوڪري اچي پئي ۽ لنگهي هلي پئي وڃي. رضيه هرهڪ جو تعارف ڪرائيندي پئي وڃي. سامهون واري صوفي‌تي ويٺل نوجوان جوڙي کي ڏسي هوءَ سري منهنجي ويجهو آئي ۽ ڏاڍي رازداريءَ سان چيائين، ”هن ڇوڪريءَ جي عمر ڏس. فرسٽ ايئر جي شاگرد آهي ۽ بواءِ فرينڊ ڌاريو اٿئين.“

”پيار ....“

”پيار‌تي‌لعنت ڪچرنه ڏي، منهنجي‌ڳالهه ٻڌ. ان ڇوڪريءَ جي بواءِ فرينڊ جي پيءُ هتي رهندي آهي. ڪاري، بي‌ڊولي

۽ بدصورت آهي. هڪڙي مشهور رسالي جي ايڊيٽر آهي. پنهنجي ڀاءُ کي نوعمر ۽ احساساتي طرح ڪچيءَ عمرجون ڇوڪريون ڏاهي ڏيندي آهي. شايد هنکي زندگيءَ ۾ پيار نه مليو آهي ۽ هوءَ پنهنجي ان محروميءَ جو انتقام وٺندي آهــي."

مان هنجي ڳالهه ٻڌڻ کان وڌيڪ هنجي جسماني ويجهڙائي کي محسوس ڪري رهيو هوس. هنجي بدن مان انب جي ٻور جهڙي هٻڪار ٿي آئي، جيڪا منهنجي جسم جي پور پور ۾ پيهندي ٿي وئي. دل چوي پئي اڃان ويجهو اچي.... اڃان ويجهو....ا....چا....ن....ويجهو! رضيه جي گفتگوءَ جي رازدارنه انداز مان هو سمجهي ويا ته اسين هنن جي باري ۾ ڳالهائي رهيا هئاسين. ڇوڪري هڪ ٻه دفعا خار مان اسان ڏانهن نهاريو ۽ پوءِ ٽپ ڏيئي اٿي، پنهنجي بواءِ فرينڊ کي اٿاريائين ۽ سندس ٻانهن ۾ ٻانهن وجهي سونڊ پـائي اسان ڏانهن نهاريندي پنهنجي بـواءِ فرينڊ سان گڏ هال مان ٻاهر هلي وئي. هاڻي اسين ٻئي اڪيلا ٿياسين. رضيه يڪدم مونکان پري سُري ويٺي. مان هن ڏانهن نهارڻ لڳس. هـن اکيون کڻي مونڏانهن نهاريو. مونکي پـاڻ ڏانهن نهاريندو ڏسي جلدي جلدي اکيون ڇنڀڻ لڳي ۽ پوءِ اکيون جهڪائي ڇڏيائين. ايتري ۾ هڪڙو ٻيو ملاقاتي اندر گهڙي آيـو. سنهون، ڊگهو، وڏا وار، ڪنن جي پاپڙين تائين ڊگهيون نوڪون جن ۾ اڇا وار ٿي چمڪيا. منهن تي بي پناه سنجيدگي. هنکي ڳاڙي جي ڊگهي بشرٽ پئي هئي، جيڪا سندس ڊگهي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

قد ۾ سنهين بت تي ڏاڍي ٺهي ٺهي. اڇي سان صوفي تي ويٺو ۽ کيسي مان سگريٽ ڪڍي دکايائين ۽ اسان ٻنهي کي ڏنو اڻ ڏٺو ڪري، سامهون پٽ ۾ نظرون کپائي، ڏاڍي اعتماد سان سگريٽ جا سوٽا هڻڻ لڳو. هڏ ڪاٺ مان ته جوان ٿي لڳو پر سندس منهن تي وقت جا پيرا ظاهر ٿي بيٺا هئا. اکين جي هيٺان گهنج ۽ ڳلن تي ڪارا داغ هئس. هنکي ڏسي رضيه وري سڙي منهنجي ويجهو آئي ۽ رازدارانه انداز سان چيائين. "هي منهنجي روم ميٽ فوزيه جو بواءِ فرينڊ آهي."

"بواءِ فرينڊ، ڪن مين فرينڊ"

"ليکڪ آهي، بازاري نوع جو، جذباتي بخار سان ڀريل ڪهاڻيون لکندو آهي ۽ احساساتي طرح نابالغ ڇوڪرين کي ڦاسائيندو آهي."

ٿوري دير ۾ رضيه جي روم ميٽ فوزيه به آئي. سهڻي ۽ جوان جماڻ! فوزيه کي ڏسي هو يڪدم اٿي بيٺو. هڪٻئي کي ڏسي ٻنهي جا منهن ٻهه ٻهه ڪرڻ لڳا. فوزيه جي سامهون هو وڏيڪ پوڙهو ٿي لڳو. ڪلڻ سان سندس منهن تي گهنجن جو چار وڃائجي ويو. فوزيه جي منهن تي صبح جي پهرين ڪرڻن تي جڳ مڳ ڪئي ۽ هنجي منهن تي پوپاڙيءَ جا پاڇا ٿي لهرايا. ٻئي هڪ ٻئي جي پر ۾ ٿي ويٺا. ٿوري دير ڳالهيون ڪندا رهيا ۽ پوءِ اٿي ٻاهر هليا ويا. وري اسانکي لاڪيلائي نصيب ٿي. وري ڪو ملاقاتي اندر گهڙي آيو ۽ وري اسان اڻ ملاقاتي ۽ سندس گرل فرينڊ جي باري ۾ ڳالهائڻ

لڳاسين. رات جو انهن لڳي ملاقاتن جي اچ وڃ بند ٿي ۽ اسين اڪيلائي ۾ ڳالهيون ڪرڻ لڳاسين. ڳالهين ۾ خبر ئي ڪانه پئي جو ڏهه ٿي ويا ۽ چوڪيدار اچي اطلاع ڏنو ته ٻاهريون دروازو بند ٿيڻ وارو آهي. هوءَ مونکي ٻاهرين دروازي تائين ڇڏڻ لاءِ هلي. هلڻ مهل هوءَ مونکان پريرو ٿي هلڻ لڳي ته جيئن بي خياليءَ ۾ منهنجو بت هنجي بت کي ڇهي نه وڃي. هن منهنجي ۽ پنهنجي وچ ۾ جسماني فاصلو رکڻ ٿي چاهيو. مون هن سان گڏ هلندي دل ۾ فيصلو ڪيو ته مان ڪڏهن به هنجي قائم ڪيل ان جسماني فاصلي کي اورانگهڻ جي ڪوشش نه ڪندس.

مان روزانو هن سان ملڻ لاءِ ويندو هوس. روزانو رات جو انهن لڳي ڪانپوءِ ملاقاتن جي اچ وڃ بند ٿيندي هئي ۽ اسين اڪيلائيءَ ۾ ڳالهيون ڪندا هئاسين. هڪ ڏينهن هٿ ڏسڻ (Palmistry) جي ڳالهه نڪتي. مون هنجو هٿ ڏسڻ لاءِ سنڌس هٿ، هٿ ۾ جهلڻ ٿي چاهيو. هن يڪدم پنهنجو هٿ ڇڪي ورتو ۽ ڏيل ۽ هيسيل آواز ۾ چيائين، ”مونکي نه ڇهه“

مان حيران ٿي ويس. مون بنهه بي خياليءَ ۾ هنجو هٿ هٿ ۾ جهلڻ چاهيو هو، پر هن ان ڳالهه کي ٻيو رنگ ڏيئي ڇڏيو هو.

”مون توکي ڇهڻ نه، پر تنهنجو هٿ ڏسڻ ٿي چاهيو.“

”مان سڀ سمجهان ٿي. تون هٿ ڏسڻ جو بهانو بڻائي مونکي ڇهڻ ٿو چاهين. مان توکي پاڻ ڇهڻ نه ڏيندس.“

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هن ٻئي هٿ ورائي پٺيءَ پويان لڪائي ڇڏيا. هنجي اکين ۾ منهن ۾ هراس هو. هوءَ ڇا کان ڊني هئي؟ منهنجي ڇهاءَ کان يا پنهنجي ئي ڪنهن جذبي، ڪنهن لڪل خواهش ۽ ڪنهن تمنا جي شدت کان ڊني هئي.

”تون اڄ وري منهنجي بي عزتي ڪري رهي آهين.“

”ڪجهه به چئين. مان توکي پاڻ ڇهڻ نه ڏيندس نه ڏيندس، نه ڏيندس.“

پوءِ اکين تي هن زور ڏيئي چيو، ڄڻ پاڻکي يقين ڏياري رهي هئي. سندس آواز ڏڪي رهيو هو. هن پنيان ورايل هٿ اکيان ڪڍي پنهنجي جهول ۾ رکيا ۽ آڱريون مروڙڻ لڳي. مان مات ڪري، هنکي ڏسندو رهيس، ”آخر تون منهنجا هٿ ڇهڻ ڇو ٿو چاهين؟“

”جيڪا ڳالهه مان چوڻ نٿو چاهيان سا تون مونکان چوائڻ ٿي چاهين.“

”ها. مان توکان چوائڻ ٿي چاهيان.“

”ته پوءِ ٻڌ. مان نه رڳو تنهنجا هٿ ڇهڻ ٿو چاهيان، پر تنهنجو سنڌ سنڌ ڇهڻ ٿو چاهيان. تنهنجي انگ انگ تي چپن جي ڇهاءَ جون ڏتياتون ٻرڻ ٿو چاهيان. هاڻي ٻڌءِ.“

هوءَ انڪار جي انداز ۾ ڪنڌ ڌوڻيندي رهي. سندس وار ڪنن وٽان وري سندس منهن تي اچي وِيا ۽ هوءَ وارن جي وٿين مان گهور پائي موڏانهن نهاريندي رهي. مون آهستگيءَ سان هن ڏانهن هٿ وڌايو. هوءَ ڪنڌ ڌوڻي ناڪار ڪندي رهي. مون هن جا ٻئي هٿ، هٿن ۾ جهليا ۽ چڪي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪيس ويجهو آندم ۽ سندس هٿن تي پنهنجا چپ رکيم. هنجي ساري بت مان سيسرات نڪري ويا، ڄڻ هنجي هٿن کي منهنجي چپن نه پر ٽانڊن ڇهيو هو. هنجو سارو بت ٿڙڪڻ لڳو، جيئن خزان جو پيلوپڻ هوا جي جهوٽن سان ڏڪندو، ڪنبندو ۽ ٿڙڪندو آهي. هوءَ خزان جي ڇڳل پن وانگر منهنجي جهول ۾ اچي ڪري ها، پر ان وقت ٻاهران پيرن جو آواز آيو. اسين ٻئي ڇرڪي، ڀاڻ سنڀالي هڪبٽي ڪان پرپرو ٿي ويٺاسين. چوڪيدار اچي ٻڌايو ته ڏهه ٿي ويا آهن ۽ ٻاهريون در بند ٿيڻ وارو آهي. هوءَ مونکي در تائين ڇڏڻ هلي. هلڻ مهل وري هوءَ مونکان پرپرو ٿي هلڻ لڳي. اڄان هنکي منهنجي ڇهاءَ جو ڇرڪ هو!

ان ڏينهن کانپوءِ هن ۽ منهنجي وچ مان جسماني دوريون ڪنهن حد تائين ختم ٿي ويون هيون. پر تڏهين بہ مان هنجي ويجهو ٿيڻ جي ڪوشش ڪندو هوس تہ هوءَ ٽپ ڏيئي پري ٿي ويهندي هئي. پري ٿي ويهندو هوس نه ڪنهن رازدارانہ ڳالهہ ٻڌائڻ جو بهانو ٺاهي پاڻ منهنجي ويجهو ايندي هئي، ايترو ويجهو، جو مان هنجي بدن مان سندس جوڀن جي ڪچي ڪنواري بوءِ بہ سونگهي سگهندو هوس. مان هنکي ڇهڻ جي ڪندو هوس تہ ڇرڪندي هئي، پر ساڳي وقت سندس ٿڌي ٿڌي ڇهاءَ لاءِ آتو هوندو هو. ڪيترا دفعا دل چيو تہ هنکي ٻاهر وٺي هلان ۽ هڪ ٻئي وٽ ۾ اسان سيٽي دوريون اورانگهي ڇڏيون، پر مونکي هميشه اهو ڊپ رهندو هو تہ ڪٿي هوءَ انڪار نہ ڪري ڇڏي انڪري

مون هنکي ڪڏهن به ٻاهر هلڻ لاءِ نه چيو. وزٽنگ روم ۾ ملاقاتي اچي ويهندا هئا ته بيچين ٿي ويندي هئي. چاهيندي هئي ته سڀ اٿي وڃن ۽ اسين اڪيلا ٿيون. اڪيلا ٿيندا هئاسين ته سندس ’سنڌ ’سنڌ ڇهاءِ ’ڪان پيو چرڪندو هو. ڇهندو هيومانس ته انڪار ۾ ڪنڌ پئي ڌوڻيندي هئي پر سندس انگ انگ اقرار ٿي ويندو هو. وزٽنگ روم ۾ مهمان وڌي ويندا هئا ته اسين ٻاهر اچي لان ۾، وڻن جي هيٺان بئنچ تي ويهندا هئاسين. ڪڏهين ڪڏهين هوءَ ’ڪلندي ’ڪلندي اداس ٿي ويندي هئي ۽ اهڙيءَ مهل مونکي ائين لڳندو هو، چڻ هوءَ منهنجي هوندي به ٠ونکان دور هئي، ايترو دورجو مان ڪڏهن به هٿ ڊگهيري هنجو پلئه ’ڇهي نه سگهندس.

پن ڇڻ جي هڪڙي پيلي ۽ اداس شام جو اسان خزان ۾ سڪل وڻن جي هيٺان ويٺا هئاسين، ان ڏينهن هو ڏاڍي اداس هئي. مون اداسائيءَ جو سبب پڇيومانس ته چيائين، ”اڄڪلهه هڪڙو ڏکپريو ناول ٿي پڙهان. ناول جي ڪهاڻي اهڙي ڇوڪريءَ جي ڪهاڻي آهي جيڪا هڪڙي شادي شده مڙس سان پيار ٿي ڪري.“

”ڪهاڻيءَ جو انجام ڇا ٿو ٿئي؟“

”اڃان انجام تائين نه پهتي آهيان.“ ۽ اهڙيءَ مهل وڻ مان به پيلا پن ڇڻي هنجي جهولي ۾ ڪريا. هن ڪنڌ ’کڻي خزان ۾ سڪل وڻن ڏانهن ڏٺو ۽ چيائين، ”خزان جا گيت ئي اسانجا گيت آهن، شايد شيلي چيو هو.“

”اڄ خزان آهي ته ڇا ٿي پيو، سياڻي ته ضرور بهار

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ايندي. اهو به ته شيلي چيو هو.“

”دلاسي جو دولاب! شيلي کي بہ بهار جي صبح جو انتظار هو. ۽ اسانکي بہ بهار جي صبح جو انتظار آهي. اسانجي جهول ۾ تتل اميدن، اڻپورين خواهشن، چنل پڪل خوابن جا پيلا سکل پن آهن. اسين صدين کان خزان جي صبح جي چائنٺ تي بيٺا آهيون.“

”تنهنجو هٿ منهنجي هٿ ۾ آهي. منهنجي وارن جي ڇڳن ۾ رات جي ماڪ جا ڦڙا آهن. منهنجي پيشانيءَ تي صبح جو ڪرڙو تو جرڪي. مان بهار جي صبح جيچائنٺ تي بيٺو آهيان.“

هن اکيون کڻي موڙانهن نهاريو. هنجي اکين ۾ خزان جي شام جا پاڇا هئا ۽ هلڪي هلڪي آلاڻ هئي، جڻ سندس اکين ۾ لڙڪ لڪل هئا ۽ وسڻ جا وجهہ تي گهولهيائون. آهستي آهستي هنجي اداسي ختم تي ۽ هوءَ ساڳيءَ طرح کلڻ، ڳالهائڻ ۽ ٽهڪ ڏيڻ لڳي.

هڪ دفعي، ڪنهن ڪم سانگي، مونکي ڪراچيءَ کان ٻاهر وڃڻو پيو. مان بيگ کڻي سڌو هن وٽ آيس. ان ڏينهن وزٽنگ روم ۾ ملاقاتين جيڏاڍي رش هئي. اسانکي اڪيلائي ۾ ڳالهائڻ جو موقعو ئي نہ مليو. ريل جو وقت تي ويو مون اٿڻ جي ڪئي تہ ويهاري ڇڏيائين. انهيءَ بہ ريلون نڪري ويون. آخرانين لڳي ڪانپوءِ مس مس اسانکي اڪيلائيءَ نصيب ٿي. اڪيلا ٿياسين تہ هوءَ وريچرڪي مونکان پري ٿي ويئي. مون هن ڏانهن نهاريو. منهنجي نهار جي جواب

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

۾ هوءَ ناهڪار ۾ ڪنڌ ڌوڻڻ لڳي. مون اٿي هٿ وڌائي هنڪي ٻانهن کان جهليو. هوءَ سا ڳي طرح ڪنڌ ڌوڻي ناهڪار ڪندي رهي. سا ڳي طرح هنجا چڙيل ۽ وکريل وار وري هنجي منهن تي جهالر ڪري بيٺا ۽ سا ڳيءَ طرح هوءَ وارن جي وٿين مان ڊنل ۽ هراسيل نگاهن سان موڏانهن نهارڻ لڳي. مون جيئن ئي هنڪي ٻانهن کان جهليو، هوءَ پنهنجو پاڻ ڇڪجي منهنجي ڇاتيءَ سان اچي لڳي ۽ منهنجي ٻانهن ۾ هنجوسارو بت ائين ٿي ڦٿڪيو جيئن ڇڃي ڄار ۾ ڦٿڪندي آهي. مون هنکي پنهنجي سيني کان پريرو ڪري، ٻنهي هٿن ۾ سندس منهن کي جهلي سندس اکين کي چميو ۽ چپن کي چمڻ چاهيم تہ هنکان هلڪي دانهن نڪري وئي ۽ پاڻ ڇڏائي صوفي تي ڪرونڊڙي ٿي ويٺي ۽ پنهنجي گوڏن تي مٿو رکي روئڻ لڳي.

ڏهن ڏينهن کانپوءِ آءٌ موٽي آيس. اندر ۾ رضيہ سان ملڻ جي اڻچ هئي. مون تارڪري هنکي پنهنجي اچڻ جو اطلاع بہ ڏيئي ڇڏيو هو. اسٽيشن تان لهي سڌو هن سان ملڻ لاءِ ويس. وزٽنگ روم ۾ سامهون واري صوفي تي اها ڇوڪري ۽ ڇوڪرو ويٺا هئا. پاسي واري صوفي تي رضيہ جي روم ميٽ فوزيہ ۽ سندس ليکڪ دوست ويٺو هو. اسان ڪڏهن بہ هڪ ٻئي سان نہ ڳالهايو هو، پر تڏهين بہ اسانجي وچ ۾ هڪڙو بي نام ناتو پيدا ٿي ويو هو. گهڻن ڏينهن کانپوءِ آيو هوس. مون محسوس ڪيو تہ هو اکين ئي اکين ۾ منهنجي

آجيان ڪري رهيا هئا. مان صوفي تي ويهي، سگريٽ دکائي، رضيه جو انتظار ڪرڻ لڳس. ٿوري دير کانپوءِ نوڪر موٽي آيو ۽ ٻڌائين ته رضيه ڪمري ۾ ڪانهين. مونکي هنجي ڳالهه تي يقين نه ٿي آيو. رضيه ڪمري ۾ نه هجي ها ته رسيپشنسٽ يا انچارج مونکي ٻاهر ئي ٻڌائي ڇڏي ها. مون هنکي پنهنجي اچڻ جو اطلاع به ڏنو هو، هنکي ضروري ڪم سان ٻاهر وڃڻو به پوي ها ته منهنجي لاءِ نياپو ضرور ڇڏي وڃي ها. مون نوڪر جي منهن ۾ نهاريو ۽ مونکي محسوس ٿيو ڄڻ هو مونکان ڪجهه لڪائي رهيو هو. مون رضيه جي روم ميٽ فوزيه ڏانهن نهاريو ۽ مونکي ائين لڳو ڄڻ هنجون اکيون چئي رهيون هيون ته رضيه ڪمري ۾ ويٺي آهي. مان اٿي هليو آيس. مان اڃان هاڻي هنکي ڪمري ۾ ڇڏي آئي آهيان. مان يڪدم اٿيس ۽ ڪائونٽر وٽ اچي انچارج کان پڇيم ته، ”رضيه ڪٿي آهي.“

”پنهنجي روم ۾ ويٺي آهي.“ هن ڪاس جي پتن تان نظرون هٽائي ڪانسواءِ چيو.

”نوڪر چوي ٿو ته هوءَ روم ۾ ڪانهين.“

”ته پوءِ سمجهو ته ڪانهين.“

مون اڪتي وڌي، در وٽ اسٽول تي ويٺل نوڪر کي ڪڇيءَ کان جهليو، ”رضيه ڪٿي آهي تون مون سان ڪوڙ ٿو ڳالهائين.“

نوڪر ڏڪي ويو، ”صاحب جي... صاحب جي. منهنجو ڪهڙو ڏوهه؟ جيئن بيگم صاحب چيو، تيئن مون اوهانکي

پڏايو.“

دل کي ڪنهن مٺ ۾ ڀيڪوڙيو ۽ اندر ئي اندر ڪا شيءِ ٽٽي، ڀڄي ۽ ڀورا ڀورا ٿيڻ لڳي. تڏهن اهو سچ هو ته رضيه پنهنجي ڪمري ۾ ويٺي هئي ۽ مون سان ملڻ نٿي چاهيائين. ڇو نٿي ملڻ چاهيائين؟ مون ڇا ڪيو هو؟ شايد ان ڏينهن واري آخري ملاقات ۾ مونکان ڪا غلطي ٿي هئي. پر ان ڏينهن جو ڪجهه ٿيو هو، جو ڪجهه مون ڪيو هو، رضيه به اهو ئي ڪجهه ٿي چاهيو. هن مونکي ان ڪري گهٽيءَ دير تائين ترسائي ڇڏيو هو جو اسانکي اڪيلائي نه ملي هئي ۽ پوءِ جڏهن اڪيلا ٿيا هئاسين تڏهن هن ناهڪار ۾ ڪنڌ ڌوڻي مونکي ان ڳالهه جي دعوت ڏني هئي ته مان هنکي ڇهان، سندس سنڌ سنڌ مان اهائي صدا آئي هئي. مون هنکي هٿ کان جهليو هو ته هوءَ پاڻ ڇڪجي اچي منهنجي ڇاتيءَ سان لڳي هئي. پوءِ اڄ هن مون سان اها روش ڇو اختيار ڪئي هئي. ڇو.... ڇو.... ڇو؟ مون اکيون کڻي سامهون نهاريو. سامهون وڻن جي هيٺان اها بئنچ پئي هئي، جنهن تي ويهي مون هنجو هٿ، هٿ ۾ جهليو هو. منهنجي وارن جي ڇڳن ۾ ماڪ ڦڙا هئا، پيشانيءَ تي صبح جون پهريون ڪرڻون ٿي جرڪيو ۽ مان بهار جي صبح جي ڇانئنٺ تي بيٺو هوس ۽ اڄ ...

رضيه ڪافيءَ جو آخري ڍڪ پِيءَ، ڪوپ خالي ڪيو ۽ چيائين، ”ڪنهن ڏينهن اڄ ته پنهنجي مڙس سان ملايانءِ.

منهنجو مڙس....“ ۽ وري هوءَ پنهنجي مڙس جي تعريف جا ڍڪ ڀرڻ لڳي. هن جهٽ پلڪ لاءِ به ڪنڌ ڦيري انهن ماڳن ۽ انهن ٿاڪن ڏانهن نهارڻ نٿي چاهيو، جتي ”ٽڪ پٽڻ لاءِ هن به چار گهڙيون گهاريون هيون، ”هاڻي هل ته هلون. دير ٿي ٿئي. منهنجا ٻار منهنجو انتظار ڪندا هوندا.“ هن پرس کڻندي چيو، مون بيري کي سڏي بل ڏنو ۽ اٿي هوٽل کان ٻاهر نڪري آياسين. هوٽل جي پاسي کان، فٽ پاٿ تي، گل وڪڻڻ وارو ويٺو هو. مون هنکان ٻه گلدستا ورتا. تيستائين هن ٽيڪسي بيهاري ۽ ٽيڪسيءَ ۾ ٿي ويٺي. مون اڳتي وڌي هنکي ٻئي گلدستا ڏنا ۽ چيم، ”تنهنجي ٻنهي ٻارن لاءِ، ته جيئن هو به هن دنيا ۾ نت نئيون جنتون تخليق ڪن.“ هن خوشيءَ ۾ ٻهڪندي، هٿ وڌائي گلدستا ورتا ۽ سيني سان لائي ڇڏياٿين. هن ڪجهه چوڻ چاهيو پر چئي نه سگهي. مون ڏٺو ته هنجي چپن تي مرڪ ٽڙيل هئي، پر هنجي اکين ۾ آلاڻ هئي، ڇو هنجي وڏين ۽ جرڪندڙ اکين ۾ لڙڪ لڪل هئا ۽ وس جا وجهه ٿي ڳولهياٿون. ٽيڪسي هلي، هن هٿ لوڏي الوداع چيو ۽ پوءِ ٽيڪسيءَ جي پوئين شيشي مان هٿ لوڏيندي رهي.... ٽيڪسي اکين کان غائب ٿي وئي. مون اکيون کڻي آسمان ڏانهن نهاريو. آسمان تي ڪارا ڪڪر ڇانيل هئا ۽ ساري ڪائنات تي رات جي اونداهي پکڙيل هئي.... مون نظرون جهڪائي سامهون نهاريو. هر طرف روشني ئي روشني هئي. اکيون چنڀيندڙ نيون سائينز، ڪيرڊارائنس جهڙيون اسٽريٽ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

لائيٽز ۽ ڪارن جـون ترڪنڊڙ وهنڊڙ روشنيون! ڪائنات ڪيتري اونداهي هئي ۽ انسان جـي ڏرتـي ڪيتري روشن هئي!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪڙنـدا ڪنڌار

گهوڙو هڪ ئي تال سان سڙڪ تي ڊوڙندو ٿـي ويو. گهوڙي جي سُنبن ۽ گهنگهرن جي آواز کان سواءِ هرطرف سانت لڳي پئي هئي. وڻ به ڄڻ مراقبي ۾ هئا. رشيد ڪنڌ کڻي آسمان ڏانهن نهاريو. آسمان ڪيترو نه روشن هو. تيزو، ڪتيون ۽ هوءَ اڇي کير جهڙي ليڪ، جهڙي رات جي سينڌ! شهرن ۾ ڪتان آيـا تيزو ۽ ڪتان آيون ڪتيون؟ وڏا وڏا بلب نه به اٿاه اونداهي. هتي نه اونده به جرڪي رهي هئي. آسمان جو روشن هو!

رشيد اڄ ڏهن ٻارهن سالن کان پوءِ پنهنجي ماسيءَ جي گهر وڃي رهيو هو. هنجو ذري گهٽ سارو ننڍ پڻ ان ڳوٺ ۾ گذريو هو ۽ هنکي هتان جي هر هڪ شيءِ پنهنجي لڳي رهي هئي. ساڳي ننڍڙي اسٽيشن، جنهن تـي هـو ماڻ سان گڏ اچي لهندو هو. اسٽيشن کان ٻاهر ماسيءَ جن جو ٽانگو بيٺو هوندو هو، جنهن تي چڙهي هو ڳوٺ روانا ٿيندا هئا. ساڳيا گهوڙي جي سُنبن ۽ گهنگهرن جا آواز، ساڳيا وڻ ـ ٽڻ، سڀ ڪجهه ساڳيو هو. سٽن مهلن کان پوءِ ٽانگو ڪچي ۾ لهندو هو. ڪچي رستي جي ڪبي پاسي ماسڙ جو وڏو باغ هو، جنهن مان هو ننڍ پڻ ۾، ڏينهن تتي جو، باغائيءَ کان اکي، انبڙيون پٽيندو ۽ انبن جي وڻن مان طوطن جا ٻچا چورائيندو هو ۽ عائشه کي آڻي ڏيندو هو. باغ کان ٽورو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اڳيرو هندن جي مڙهي هئي ۽ ان کان اڳتي ڪوٽ جي مسجد، جنهن ۾ نم جو وڏو وڻ بيٺل هو. مسجد جي آس پاس ڪوناٺن جا ڪکاوان گهر هئا ۽ انهن کان اڳتي ماسڙ جي وڏي شاهي حويلي هئي. ان حويليءَ ۾ هن پنهنجي نند پڻ جو گهڻو حصو عائشه سان راند کيڏندي گذاريو هو. عائشه ۽ هو هڪ ٻئي کي ڏاڍو پيارا هئا. ڪڏهن ڪڏهن ڪنهن اجائي ڳالهه تي هو عائشه سان وڙهي پوندو هو ۽ عائشه کانئس ڪاوڙجي ويندي هئي ته هو کيس راضي ڪرڻ لاءِ ماسڙ جي باغ مان طوطن جا ٻچا لاهي آڻي ڏيندو هو ۽ هوءَ ڪاوڙ وساري طوطن جي ٻچن سان ڳالهيون ڪرڻ لڳندي هئي.

”مٺو طوطا، ڪٿي ڪاٿيندين؟“ ۽ مٺوءَ جا ٻچا ”ٽيٺون .... ٽيٺون ... ٽيٺون“ ڪندا هئا. عائشه خوش ٿي هن ڏانهن نهاريندي هئي ۽ اهڙيءَ ريت هو سرچي ويندا هئا. رات ٿيندي هئي ته ٻئي اچي ماسيءَ جو پاسو وٺندا هئا.

”ماسي آکاڻي ٻڌاءِ.“

ماڻس ته سنجهي جو ٿي سمهي پوندي هئي. ماسيءَ کي هوندو هو سنڌن جو سور، ننڊ ايندي ڪانه هيس. سو وقت ڪاٽڻ لاءِ هنن کي آکاڻي ٻڌائڻ شروع ڪندي هئي.

”ابا، هڪڙو هو بادشاهه، بادشاهه پاڻ الله، پر هو زمين جي ٽڪري جو بادشاهه“

ماسيءَ جي هر آکاڻي ائين شروع ٿيندي ۽ هر آکاڻيءَ ۾ گلن کان ملڪي شهزاديءَ کي ديو ڪٽي وڃي کوهن ۾ قيد ڪندو هو. شهزادا ڏونگر ڏاري، شهزاديءَ تائين پهچندا

هئا، ڪي پنڌ پهڻ تــي ويندا هئا ۽ ڪي ڪوٽ ڪمرائي شهزاديءَ کي واپس ونـي ايندا هئا. ڪيتريون نــہ پرائيون هيون اهي آڪائيون، پر ڪيتريون نہ سچيون. اڄ بہ گلن ڪان هلڪيون شهزاديون ڪولـن ۾ قيد هيون. انهن آڪائين ۽ اڄوڪين حقيقتن ۾ فرق رڳو ايترو هو تہ اڄ ڪوبہ شهزادو ڪوٽ ڪيرائي نتي سگهيو. سڀ شهزادا پنڌ پهڻ هئا.

ٽانگي واري لغام کي هلڪي سٽ ڏني، گهوڙي وک وڌائي ڇڏي. گهنگهرن ۽ سنبن جا آواز تيز ٿي ويا.

هڪ پيري هو مئٽرڪ جو امتحان ڏيئي ماڻ سان گڏ ماسيءَ سان ملڻ لاءِ آيو هــو ۽ الائي ڪهڙيءَ ڳالهہ تـــان ڪاوڙجي هن عائشہ کي ڇنڊن ڪان جهليو هو. عائشہ جون اکيون جهڪي ويون هيون ۽ هــن سندس هٿ هٽائيندي، جهيڻي آواز ۾ چيو هو، ”ڇڏ تہ امان نہ ڏسي وٺي.“

هن چرڪ پيري عائشہ ڏانهن ڏٺو هو. عائشہ جا ڳاڙها ڳاڙها ڳل ٽانڊن جيان ٻري پيا هئا، سندس اکيون ڪنهن انڻ اکي ٻوجهہ ڪان جهڪي آيون هيون. ان گهڙيءَ هنکي خبر پئي هئي تہ هنجي سامهون ويٺل عائشہ اهـا عائشہ نـہ هئي، جنهن سان گوڏو گوڏي ۾ ملائي هو آڌيءَ رات ٽائين ماسيءَ کان آڪاڻيون ٻڌندو هــو، جنهن سان هو وڙهندو ۽ ٻرچندو هو. ان هڪ گهڙيءَ ۾ هوءَ آلي واڌگر پڙهڪو ڏيئي اڀري آئي هئي. اچانک ڏيئي هوءَ ننڍپڻ جون حدون ٽپي آئي هئي. هنجي ٻرندڙ ڳلن ۽ جهڪيل اکين کي ڏسي اوچتو ئي اوچتو هنجي وجـود ۾ هڪڙو سورج طلـوع ٿــي ويو،

www.sindhsalamat.com   books.sindhsalamat.com

جنهنجي گرم گرم ڪرڻ سندس شريانن ۾ ڊوڙندڙ خون کي اباري ڇڏيو. دل هڪ نئين رفتار سان ڌڙڪڻ لڳس ۽ هو پنهنجو پاڻ کان هراسجي آتي ڪڙو ٿيو ۽ تکيون تکيون وکون کڻندو ٻاهر هليو ويو. سارو ڏينهن هو پري پري ٻنين ۽ جهنگن ۾ رلندو رهيو. ان ڏينهن هنکي وڻ ٽڻ، پکين جي لات سچ جي گرم گرم ڪرڻ جو ڇهاءُ سڀ ڪجهه بدليل ٿي لڳو. ڄڻ ساري ڪائنات اگهور ننڊ مان ڇرڪ ڀري جاڳي پئي هئي.

رشيد کي زندگيءَ ۾ پهريون دفعو خبر پئي هئي تہ عائشہ ۽ هنجي وچ ۾ وڏيون وڇوٽيون اچي ويون هيون. ماسيءَ جي حويلي تمام وڏي هئي. ايتري وڏي جو انجي ديوارن آڏو هو ڪين جهڙو هو. هنجي ماءُ حيدرآباد کان ڪوہ لتاڙي ماسيءَ سان ملڻ ايندي هئي، پر ماسي ۽ عائشہ ڪڏهن بہ هنن جي گهر نہ آيون هيون. شايد انڪري جو هنن جو گهر ماسيءَ جي حويليءَ جيڏو نہ هو ۽ ـــ ٻي هنن وٽ ماسيءَ جيڏا نوڪر چاڪر هئا. يا شايد انڪري جو هنجي ماءُ رن زال هئي. هو يتيم هو. ڪو ڪتڻ ڪمائڻ وارو ڪونہ هو. ماسي هنن کي آن پان، ڪپڙو لٽو ۽ پئسا ڏوڪڙ ڏيندي هئي. هو ماسيءَ جا محتاج هئا. انڪري ئي ماسي هنن وٽ نہ ايندي هئي. هن پنهجي ماءُ کان پڇيو، ”امان، ماسي ۽ عائشہ اسانجي گهر ڇو ڪونہ اينديون آهن؟“

”ابا، تنهنجي ماسڙ جي خاندان جون عورتون حويليءَ کان ٻاهر ڪونہ نڪرنديون آهن.“

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جي ماسي جن ٻاهر نه نڪرنديون آهن ته پوءِ هنجي ماءُ ڇو هر روز ماسيءَ جن وٽ پڳي بيٺي هوندي هئي؟ هو گهر موٽيو ته هنجي هينئڙي جي چوڪٺي ۾ جهڪيل نيڻ ۽ ڏاڍن جيان پرندڙ ڳلن واري مورت مڙهيل هئي ۽ ذهن ۾ ڪيئي سوال اڀري رهيا هئا.

حيدرآباد اچي هن ٻيهر ٻه ڪري هڪڙي معمولي نوڪري هٿ ڪئي ۽ ڏينهن رات هڪ ڪري پڙهڻ کي لڳي ويو. آخر ايم. اي پاس ڪري ورتائين ۽ هڪڙي خانگي ڪالج ۾ وڃي ليڪچرار ٿيو. هڪڙي ڏينهن ماڻس چيس، "ابا هينئر ديرسان ڪنهن ڪمائڻ وارو ٿيو آهين، سان ٻه اچي مرپيڙي تي آهيان. تنهنجا موڙ ڏسڻ جي آس اٿم."

موڙن جي ڳالهه سان هن جون اکيون جهڪي پنهنجي هينئڙي جي چوڪٺي ۾ مڙهيل تصوير تي وڃي کتيون ۽ ڪنهن جهيڻي آواز ۾ سندس ڪن ۾ چيو، 'ڇڏ ته امان نه ڏيئي وٺي.'

"امان، جي هڪڙي هنڌان شادي ڪرائين ته اچ ٻو ڪيان."

"ابا، ٻڌاءِ ڪٿان ڪرڻ تو چاهين؟"

"امان ماسيءَ وارن وٽان."

پٽ جي ڳالهه ٻڌي ماءُ وسمي ۾ پئجي وئي.

"ڇو امان، ماٺ تي وئين؟"

"پٽ ماسنهن جن وٽان سنگ ٿئي ته منهنجون اکيون ٺريون، پر هو ڏيندا ڪونه."

”ڇو ڪونہ ڏيندا؟.“

”ابا، تنهنجي ماسي وارا پنهنجي ذات کان ٻاهر سڱ ڪونہ ڏيندا آهن.“

”پر امان، اسان ڪو ڏاريا ٿوريئي آهيون. اسان بہ تہ هنن جا پنهنجا آهيون.“

”پنهنجا تہ آهيون پٽ، پر هو ٻي ذات وارا آهن اسين ٻي ذات وارا آهيون. هو رڳو اسانجي ذات وارن کان سنگ وٺندا آهن ڏيندا ڪونهن.“

”امان تون ڇٿي تہ ڏسين. هينئر زمانو بدلجي ويو آهي. اڄڪلهہ ماڻهو ذات ڪي نٿا ڏسن، پر تعليم کي ٿا ڏسن، وڏي ڳالهہ تہ ماسڙ ڪوچڻ زميندار ٿوريئي آهي. هو پاڻ پڙهيل آهي. تعليم جو قدر اٿس. هو ٿوريئي انهن اجاين رسمن کي مڃيندو هوندو.“

ماڻس بہ هنجي ڇوڻ تي ڪٿي رواني ٿي. پيئڻ سان صلاح ڪيائين پيئڻ چيس، ”ڏينده ڪونہ، اجايو ٿي پنهنجو وات وڃائين.“ پر ٻڪل ٻيرڪي هرڪو پٽر هٿي، سو هن بہ رئيس کي حويليءَ ۾ سڏايو ۽ ڳالهہ متان ڳالهہ ڪيڍيائين عائشہ جي سڱ جي. رئيس جي تہ ڄڻ پڳ اچي پٽ پئي. باه ٿي ويو. ”ماٺي پهريون پنهنجي حيثيت سڃاڻ، پوءِ اهڙا ويڻ واتان ڪيڊ. پيٺيان منهنجي ٽڪرن تي پلجي، منهنجي ئي پڳ ۾ ٿا هٿ وجهو.“ رئيس اهڙي تہ جهڙوٽي لاٿس جو برقعو ڇنڊي ڪٿي مٿي تي رکيائين. لـڙڪ جهل ئي نہ ڏينس. موٽي آئي تہ پٽ کي ڏسڻ سان اچي اوڇنگارن ۾ ڇٿي،

پاراتا ڏيندي چيائين، ”ابا شل نہ اهڙي پرٽي پويئي جو ماڻهو جـي هن عمر ۾ بي عزتي ڪرائي اٿيئي.“ ۽ پوءِ سرپرستي ڳالهہ ڪري ڀڏايائينس. ماڻ جي ڳالهہ ٻڌي هو باهہ تـي ويو پر ڪجهہ بہ ڪري نہ سگهيو. ايترو سو ڪيائين جو ورڻ ماسيءَ جي چائنٽ نہ ٿيو ۽ نہ ماڻ ٿي ڪڍهن ڇڏيائين.

ماسڙ جي ڪنهن ڏاڍي جيان ڳاٽ اوچو ڪري بيٺل حويليءَ سان هن گهٽوٽي سينو سهايو پر ڪجهہ بہ ڪري نہ سگهيو. ٽي دفعا سي-ايس-پي جو امتحان ڏنائين. هڪ دفعو فيل ٿي پيو ۽ ٻہ دفعا پاس تہ ٿيو، پر نمبر اهڙو آيس جـو نوڪريءَ ۾ ڪجهي نہ سگهيو. پوءِ ساڻو ٿي پيو. سڀ ڪجهہ هارائي بازي اونڌي ڪري ڇڏيائين ۽ دنيا کي تياڳي ذهني رهبانيت اختيار ڪيائين ۽ ڪتابن ۾ پناهہ ورتائين. پهرين هن تاريخ پڙهڻ شروع ڪئي. پر ڪيس تاريخ وڏو ڪوس گهر لڳي، جنهن ۾ انساني رت ۽ انساني ڳريل سڙيل ماس جي ڌپ ۾ سندس ساهہ ٻوساٽجڻ لڳو. يڪدم تاريخ کـي ڦٽو ڪري هن ادب ۽ شاعريءَ ۾ پناهہ ورتـي هـن يورپ کان پنهنجو ذهني سفر شروع ڪيو ۽ ايشيا لتاڙي هو شاهہ سائين جي ڪاڪ ڪنڌيءَ اچي بيٺو، جتي هن سون ورنن سوڍين کي روپي رانديون ڪندي ڏٺو. ان ساري ذهني سفر کـان پوءِ هو ان نتيجي تي اچي پهتو تہ زندگي ڏاڍي بي معنيٰ ۽ بي مقصد آهي. شڪسپيئر جي چوڻي تہ زندگي ديواني جو خواب آهي، بيوقوف جي ٻڌايل ڪهاڻي آهي. اجائي ۽ بي معنيٰ! ڏالسناءَ سچ چيو هو تہ زندگيءَ جي سموري مچ مچان

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جو انجام صرف ٻه وال زمين آهي جنهن ۾ ڪيس دفن ڪيو وڃيٿو. ٻه وال زمين ۽ ٻه وال ڪفن جو ڪپڙو ئي ته زندگيءَ جي حاصلات آهي. موت اهڙو دروازو آهي جنهن مان لنگهي انسان ابدي سڪون ۽ ازلي سونهن سان هم ڪنار ٿئي ٿو. جڏهن زندگي بي معنيٰ آهي ته پوءِ هيءَ هڄ هڄان ڇا لاءِ؟

ڏهه ٻارهن سال گذري ويا ان وچ ۾ عائشه جي شادي به ٿـي ۽ هوءَ بيوه به ٿي، پر هنکي ڪو ڏک ڪونه ٿيو. سڀ ڏک ۽ سک عارضي آهن. ۽ هو انهن عارضي ڏکن سکن کان نرواڻ حاصل ڪري چڪو هو.

هڪڙي ڏينهن ماسيءَ جو خط آيو ته هوءَ سخت بيمار هئي ۽ مرڻ کان اڳ پنهنجي پٽ ۽ ڀائيجي جو منهن ڏسڻ ٿي چاهيائين. ٻه ڏينهن مس گذريا ته ماسيءَ جو ٻيو خط آيو. لکيو هئائين 'تيسين ساه نه نڪرندم جيسين پنهنجا اباڻا اکين نه ڏسندس' ماڻس ته پٽ جي بيماريءَ جو ٻڌي روئڻ لڳي هنجي هانوَ کي ٻه ڄڻهي اچي وئي ۽ هو سڀ ويچا وساري ڀوپون ڀالهيون ٻنيءَ ڀويان اجلائي ماءُ کي وٺـي ماسيءَ سان ملڻ لاءِ روانو ٿيو. اڄ هو ڏهن پندرهن سالن کانپوءِ ماسيءَ جي ڳوٺ وڃي رهيو هو.

گهوڙي هنڪار ڪئي ته ساري ڪائنات ڪنبي وئي. هن ڇرڪ ڀري سامهون نهاريو. سامهون ماسڙ جي باغ جا وڻ نظر اچي رهيا هئا. گهوڙو ڀڪي تان لهي ڪچي ۾ هلڻ لڳو ۽ پوءِ اجڙيل مڙهي ۽ مسجد کان ٿيندو حويليءَ جي

در تي اچي بيٺو. هو ٽانگي تان لٿو ۽ سهارو ڏيئي ماڻ کي لاٿائين. جيئن ئي اڱڻ ۾ پير پاتائون ته ماسي هن کي ڏسي ڪٽي ڪٽ تان ٽپو ڏنو، ”اڙي منهنجا اباڻا اچي ويا، اڙي الله مارو ملايم.“ ۽ جيئن ئي اتساه سان هن وڪ اڳتي وڌائي ته ڦيراٽي کائي اچي پٽ تي ڦهڪو ڪيائين. رشيد ماڻ دانهن ڪري ڊوڙي وڃي مٿان ڪريس ۽ ياڪر ۾ پري آثار لڳس، پر ماسي هجي ته اٿي، ساه جو پکيئڙو ته پڃرو خالي ڇڏي عرش تي اڏامي ويو هو.

هنجي اک کلي ته ٻانگ جا آواز سندس ڪن پيا. هو چپ چاپ کٽ تي ليٽي آواز ٻڌڻ لڳو. ٻانگ جا ٻول فضا ۾ ترڻ لڳا. جهڙا پاڻيءَ ۾ هنج! پوءِ هوريان هوريان فضا ۾ جذب ٿي ويا. ٿوري دير لاءِ هر طرف سانت ڇانئجي وئي ۽ پوءِ جڻ سانت ساه کڻڻ لڳي. ڪائنات جهونگارڻ لڳي. پر واري وڻ جي ٽاريءَ تي ڪنهن جهنگلي پکيءَ لات لنوڻ شروع ڪئي. هيٺ پر واري وٿاڻ ۾ ڪاڪي رمونءَ مينهن تي ڏڏي ۽ بالٽيءَ ۾ ٻوندڙ کير جي گوهڻ جو آواز ٿي آيو، ٻريان کان ٻيل ڳاڏين جو رينگٽ ۽ انن جي چڙن جا آواز ٿي آيا. ’چوڏاري چڙا ٻرن ٻيلاين جا‘ ڪائنات جا هي سپيٺي آهنگ ۽ آهتون الائي ڪهڙي ٻيلائي جا چڙا ٻري رهيا آهن!؟

ماسيءَ کي فوت ٿئي اڄ ٻه مهينا ٿي ويا هئا، پر اڄ ٻه

سارو ماحول ماتمي هو. ماٽس ۽ عائشه روئي روئي هڄ ٿـي پيون هيون. ٿوري دير ماٺ ٿي ڪيائون تـه وري ماسيءَ جي ڪا ڳالهه هانءَ تـي تري ٿـي آين. وري اهـي لڙڪ، سڏڪا ۽ اوڇنگارون. هاڻي روئڻ سان ڇا ورندو، موت جا مسافر واپس ٿوريئي ورندا آهن، زندگي تـه ديواني جو خواب آهي، جهٽ پلڪ لاءِ اک ٻوٽي، ڏکن سکن، رشتن ناتن جا خواب ڏٺا ۽ پوءِ اکـ کلي تـه موت سامهون بيٺو آهـي. زندگيءَ جي ازلي ۽ ابدي حقيقت! روح جو ساٿيهه تہ موت کانپوءِ ٿي شروع ٿئي ٿو هتي تہ روح جهڙو پڃري ۾ پکي. پر جڏهين پکي پڃرو ڇڏي اڏامي ٿو وڃي، اک ڇنڀ جي ننڊ پوري ٿي ٿي وڃي، تڏهن لڙڪن جا بند ڇو ڇڄي ٿا پون. هن جذبن هاڻي پاڻ وهيئي دل کي ڪير سمجهائي!

هنڪي هتي آئي ٻه مهينا ٿي ويا هئا، پر ان عرصي ۾ هن هڪ دفعو به عائشه کي ڪونه ڏٺو هو. پهرين ڏينهن جڏهين ماسي اوچتو ڦيراٽي کائي ڪري پئي هئي، تڏهن عائشه دانهن ڪري اچي ماءَ جي مٿان ڪري هئي، پر تڏهن به هن عائشه کي ڪونه ڏٺو هو. هن حويليءَ ۾ پير پائڻ سان ا کيون جهڪائي ڇڏيون هيون ۽ ماسيءَ کي پاڪر ۾ ٿئي. ڪٽ تي ليٽائي هو جهڪيل نيڻن مان لڙڪ ڳاڙيندو ٻاهر نڪري ويو هو ۽ اوطاق ۾ رئيس سان ماسيءَ جي وفات جي ڳالهه ڪئي هئائين. پوءِ تہ حويليءَ ۾ مهمان اچي مڙيا هئا ۽ هو اوطاق جي مٿئين حصي ۾ رهڻ لڳو هو.

عائشه جي شادي سندس سوٽ سان ٿي هئي. رئيس کي

پٽ جو اولاد ڪونه هو. پاڻيٺي ڪي ڏيءِ جو سک ڏيئي
ڪيس گهر ڇاڙو ٻڌايو هٿائين. عائشه جي هٿن ۾ پيرن جي
ترين تان اڃا ميندي‌ءَ جو رنگ به جهڪو ڪونه ٿيو، اڃان
سندس بدن مان سهاڳ جي سڳند به نه اڏائي جو مڙس جي
جيپ اٿلي پئي ۽ هو مري ويو. ويچاري ماسي‌ءَ کي پنهنجا
ڏک ٿورا هئا جو قدرت ڏيءِ جي ڏهاڳ جو ڏک به ڏيئي
ڇڏيس. شادي ڪري جهٽ حويلي‌ءَ ۾ پير پاتو هٿائين تـه
وري پنهنجا اباڻا ڪک ڏسڻ نصيب نـه ٿيا هيس. شروعاتي
ڏينهن ۾ رئيس گهڻو خيال رکندو هيس، پر پوءِ جهڙي پيرن
مان لٿل جتي. ويچاري ماسي‌ءَ ساري ڄمار رڳـا ڏکـ ڏٺا
زندگي آهي به ته ڏکن جي ماتر. هرڪو انسان زندگي‌ءَ جي
سولي ڪلهن تي کڻي چنگهندو، ڪنڌن ۾ پير پٽون ڪندو،
موت جو سفر ڪندو ٿو رهي، ۽ پوءِ جڏهن موت جي منزل
تي پهچي ٿو تڏهن سٽ ڏيئي ان سولي‌ءَ کي لاهي ڦٽو ڪـو
ڪري. پوءِ ته سک ئي سک آهي. چڱو ٿيو جو ماسي‌ءَ جو
سفر جلد پورو ٿيو. نه ته اڃا الائي ڪهڙا ڪهڙا ڏک ڏسڻا
پونس ها... هيٺئر آسمان ۾ افق وٽ هلڪي هلڪي جهڙ
۾ شفق جـا رنگـ اوتجي ويا هئا. ڪنهن اڻ ڏٺل رنگريز
هلڪي هلڪي جهڙ ۾ چٽسالي ڪري ڇڏي هئي. ۽ شفق
جا رنگ شاهه جي بيت جيان لڙي پيا هئا. ائين آهن انگيا،
جڻ سي چني‌ءَ چٽ.

هو جڏهن هتي آيـو هو تـه هتان جي آهسه خرام ۽

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پرسڪون زندگيءَ کي ڏسي هن سوچيو هو: شهرجي زندگي ٻہ ڪا زندگي آهي. دونهاٽيل دليون. ڪوڙ سان ڪوڙهيل روح. ننڊ جي گورين جي ڪوڙي ننڊ ۽ ڪوڙا سپنا. پر ڳوٺ جي زندگي تہ جيئرو جاڳندو سپنو آهي. ننڍا ڪڙي ۽ آهستہ خرام زندگي. چڙ ڪا جذبن ۾ چور جوانڙي ننڊ جي ڪيپ ۾ ٽلي رهي هجي. هر طرف سک، سانت ۽ سڪون. ڳوٺ کان ٻاهر پيروگس جي هڪڙي ڀاسي ساوا ساوا ڪيت جهڙا شاه جا بيت. ڀشي پاسي تلاءَ ۾ بيٺل ڪنول جهڙا ڪنوارا هانءَ.

هڪڙي ڪڪائين هوٽل ۾ ڳوناٺا لالٽين ۽ چانهن پي رهيا هئا ۽ چندر ۽ جيوٽيءَ جا گنل ۽ پراڻا رڪارڊ ٻڌي رهيا هئا. هڪڙو ڳوناٺو پنهنجي ٻيل گاڏيءَ جـي سرائي گهڙي رهيو هو ۽ جهونگاري رهيو هو. ڪيتري نہ خوشحالي ۽ قناعت! ننيڊڙيون ننيڊڙيون خوشيون... پر ٿورا ڏينهن مس گذريا تہ هو زندگيءَ جي ان آهستہ خرامي ۽ سڪون کان بيزار ٿيڻ لڳو. وقت تہ گذريو ئي نٿي. سج آسمان ۾ اٽڪي بيهي رهندو هو ۽ سارو ڏينهن ڌرتيءَ تي باهہ جا آلا ۽ لُڪن جا لـَڪ وسائيندو هو. رات ٿيندي هئي تہ وري گـُهٽ شروع ٿيندي هئي. ڏيڏرن جي ٽان ٽان، مڇرن جي ڀون ڀون. ڀارن جو روچ راڙو، ڪتن جو ڀونڪاٽ. گرمي، ڀوسٽ ۽ پکهر جي ڏپ! وقت گذارڻ جو ڪو وسيلو نہ هو. ساري ڳوٺ ۾ رڳو هڪڙو پڙهيل ماڻهو هو، جنهن سان هو ڳالهائي سگهندو هو. اهو هو هتان جو سنڌي ماستر، هـن

زندگيءَ ۾ پهريون ماستر ڏٺو هو جيڪو پنهنجي سماجي رتبي کان شرمسار نه هو. اڳيان پٺيان ڪو هوس ڪونه، ماني رنڌس وٽ کائيندو هو. جيڪو پگهار ملندو هوس انجا ڪتاب وٺي ايندو هو. هنجي اڪين ۾ عجيب اوجا ڳا هئا. زندگيءَ الائي ڪيترا ڏک ڏٺا هوس، جو سندس اکيون نه ۽ سپنن لاءِ سڪنديون هيون. هنجي ڳالهين ۾ اهڙي ڪڙاڻ هئي، جيڪا گهٽو ڪري انهن ماڻهن جي زبان ۾ اچي ويندي آهي جيڪي زندگيءَ ۾ ڪو اوچو مقام ماڻڻ جا خواب ڏسندا آهن ۽ پوءِ هار کائي گمناميءَ جي زندگي گذاريندا آهن. ماستر جون ڳالهيون هنڪي اصل ڪونه وڻنديون هيون. جي هو حيدرآباد ۾ هجي ها ته شايد هن سان ڳالهائي به ڪونه ها. پر هتي هو سارو ڏينهن ماستر جون ڳالهيون ٻڌندو هو ۽ سندس ذهني نئڙائيءَ تي دل ئي دل ۾ کلندو هو. هڪڙي ڏينهن ماستر چيو، ”مان ماستر آهيان، پر سچ پچو ته تعليم جي خلاف آهيان. ڪامورا شاهي، غلاميءَ جو حرامي ٻار آهي ۽ اسان وڏا وڏا اسڪول، ڪاليج ۽ يونيورسٽيون قائم ڪري ان حرامي ٻار کي پالي نپائي ڪيس نت نون ۽ زهريلن هٿيارن سان هٿيار بندي ڪري رهيا آهيون. اسان جڏهن پنهنجو رت ست ڏيئي ٻار کي پڙهائيندا آهيون ۽ ٻار پڙهي عملي زندگيءَ ۾ پير رکندو آهي ته اسين ڏاڍا خوش ٿيندا آهيون. هڪ ته انهڪري جو ٻار پنهنجي پيرن تي بيٺو ۽ هينئر نه رکو هو پنهنجو بار پاڻ کڻي سگهندو، پر اسانجو به ڪجهه بار هلڪو ڪرائيندو ۽ ٻيو انڪري خوش

ٽيندا آهيون ته قوم جي هڪڙي فرد کي پڙهائي، مهذب ۽ سٺو شهري بڻائي اسان قوم جي خدمت ڪئي. پر اها خوشي ڪيڏو نه وڏو ڪوڙ ۽ خود فريبي آهي. چاڪاڻ ته اسانکي خبر آهي ته اسان ٻار کي پڙهائي قوم جي خدمت نه ڪئي، پر هڪڙو ٻيو ڪامورو پيدا ڪيو، جيڪو اسانجي غريب ۽ ڏتڙيل عوام جو رت چوسيندو، پنهنجي بوٽ جي ڪڙين سان هنن کي چيپاتيندو. سچ پچو تہ جڏهن مان ڪنهن ڪاموري کي آڪڙ ۾ ڪڙيون ڪڙڪائي گهمندو ڏسندو آهيان تڏهن مونکي هنجي بوٽ جي ڪڙين جي ڪڙڪي مان الائي گهڻن مظلومن جون دانهون ٻڌڻ ۾ اينديون آهن."

ماستر جي ڳالهہ ٻڌي هو ڪلي ويٺو ۽ چيائين، "ماستر صاحب اوهانجو مطلب آهي ته اسان پنهنجي ساري قوم کي جاهل رکون ۽ انسان جيڪو تاريخ جا هيڏا ظلم سهي مس مس مهذب ٿيو آهي، تنهنکي وحشي بنائي ڇڏيون."

"منهنجو مطلب اهو نہ آهي"، ماستر ورائيو، "منهنجو مطلب صرف اهو آهي ته قوم جي ٻارن کي تعليم ڏيارڻ کان اڳ ملڪ مان پئسي جي ڳوهہ کي ختم ڪيو. ٻورهي ۽ ٻورهيت جو احترام ڪريو تعليم جي سرشتي کي ٽوٽي ٻوٽي اچو آجرو ڪيو ماسترن جي هٿن مان لڪڻ کسي مشعلون ڏيو ۽ پنهنجي ٻارن کي اسڪول موڪليو. باقي رهي مهذب انسان جي ڳالهہ، ان لاءِ عرض ڪندس ته انسان مهذب ڪونہ ٿيو آهي پر پاڻ وڌيڪ وحشي ٿي پيو آهي. اوائلي زماني ۾ هو پنهنجي وحشت جو اظهار لٺ بائي،

ڪهاڙي ۽ ترار سان ڪندو هو، پر هينئر هو پنهنجي وحشت جو اظهار انٽم بم سان ٿو ڪري.“

”ادا توهين ۽ مان وچولي ذهن ۽ محدود قوتن جا مالڪ آهيون. انڪري تنهنجا ۽ منهنجا خيال بين جي خيالن ۽ نظرين جا پڙاڏا آهن. توهين ۽ مان حواس جي زندگي تا گذاريون ۽ حواس انڌا، ٻوڙا، گونگا ۽ ڪوڙا آهن. ٻڌاءِ اسانجا ڪيترا جذبا آهن، جنجي اظهار کان اسانجي زبان عاجز آهي. هن ڪائنات جا ڪيترا مٺڙا آواز ۽ رنگ آهن جيڪي اسانجا انڌا ۽ ٻوڙا حواس ٻڌي ۽ ڏسي نٿا سگهن. اسان مان ڪو ڪو انسان حواس جون حدون لتاڙي، اهو جمالياتي تجربو حاصل ڪري سگهندو آهي، جنهن مان ’ان الحق‘ ۽ توريت جي آيت ’راڳن جو راڳ‘ جا سُر ڦٽندا آهن. پر توهين ۽ مان اها ڳالهه ڪڏهين به سمجهي نه سگهنداسين. انڪري جو اسان ڏاڍا معمولي، ننڍا ۽ حواس جا غلام آهيون.“

”مونکي انهن ماڻهن لاءِ احترام آهي، جيڪي حواس جون حدون لتاڙي سگهندا آهن. پر مونکي انهن معمولي، ننڍڙن، غير اهم ۽ حواس جي غلام پورهيتن لاءِ به احترام آهي، جنجي پورهي تي پلجي هو ان لائق ٿي سگهندا آهن جو حواس جون حدون لتاڙي سگهن.“

”نعري بازي!“ رشيد ٺوڪ زنيءَ سان ڪلنڊي چيو، ”اها نعري بازي اسانجي پروپيگنڊا واري دور جو سڀ کان وڏو فيشن آهي.“

”اوهان منهنجي ذهن جي ننيڙن ٽي ٽنولي ڪري سکهو ٿا، انڪري جو اوهان ڪڏهين به عام ماڻهوءَ جي سطح تي لهي زندگيءَ جا عذاب ڪونه سٺا آهن. اوهان ڏاهپ جا وڏا وڏا ڪتاب پڙهي پنهنجي حواسن، ذهن ۽ روح جي تهذيب ڪرڻ ۾ اپترا تہ مصروف آهيو، جو اوهان ڪڏهن سوچيو بہ ڪونهي تہ اوهانجي اردگرد رهندڙ عام ماڻهو ڪيئن ٿا جيئن ۽ جيئڻ لاءِ ڪهڙا ڪهڙا جتن ٿا ڪن ۽ جيڪڏهن ڪو مون جهڙي ننيڙي ذهن وارو ماڻهو اوهانجو ان طرف ڌيان تو ڇڪائي تہ اوهان طنزيہ مرڪ سان انکي نعري بازي ٿا سڏيو. اهو انڪري آهي، جو اوهين پنهنجي ذهن جا طاق بند ڪري ويٺا آهيو ۽ رومن ۾ بليڪ آئوٽ ڪري ڇڏيو اٿو. سچ پچ جي هڪ وار اوهانجي ذهن جو ڪو طاق پٽجي وڃي ۽ اوهين زندگيءَ کي سندس سموري ڏاڍ ۽ ڏهڪاءَ سميت ڏسي وٺو تہ جيڪر ڏاهپ جا سمورا ڪتاب ساڙي ڇڏيو ڇاڪاڻ تہ اهي سيئي ڪتاب عام ماڻهوءَ جي اڻ ڄاڻائي ۽ ڏکن ڏولاون تي ٽنوليون آهن.“

رشيد هنکي ڪو جواب نہ ڏنو. طنز پري مان ڪٿي اختيار ڪيائين. جڏهن ماستر هليو ويو، تڏهن هن سوچيو: تہ جي هي ويچارو ماستر، ماستر جي بدران تپيدار يا صوبيدار هجي ها تڏهين هنجي سوچڻ ۽ محسوس ڪرڻ جو اندازو ڪهڙو هجي ها. اڄ بہ هنکي زندگيءَ جون سموريون سهولتون ڏنيون وڃن، سندس اڻ پوريون ۽ اڻايل تمنائون پوريون ڪيون وڃن تڏهن هنجو عام ماڻهوءَ ڏانهن رويو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪهڙو ٿيندو. هنجو هڪڙو دوست هو، وڏو انقلابي شاعر هو، پر جڏهن دولتمند ٿـي ويو تڏهن اهڙي زندگي گهارڻ لڳو، جيڪا سندس شاعري ۽ نظرين تـي ٺٺولي هئي — ويچارو ماستر!

هڪ دفعي وري ماستر اچـي بحث ۾ چڙيو. ساڳيون اوڳاڇل ڳالهيون. رشيد چيس، ”ادا تون اڃا رستي ۾ آهين. وڌيڪ پڙهندين ته زندگيءَ کـي سمجهڻ جي منزل ملندءِ. زندگي ڏاڍي بي معنيٰ آهي. ڏک سڀ عارضي آهن. زندگي ڏک ۾ به گذري ٿي وڃي تـه سک ۾ به. زندگيءَ جي هر وات قبر وٽ وڃي ختم ٿي ٿئي. ٽالسٽاءِ سچ چيو هـو تـه انسان کـي هن دنيا ۾ صرف ٻه وال زمين گهرجي جنهن ۾ کيس دفن ڪري سگهجي.“

”توهان چيخوف پڙهيو آهـي. ان ڏينهن مون چيخوف جي ڪهاڻين جو ترجمو پڙهيو هو. هڪڙي ڪهاڻيءَ ۾لکيو اٿئين ته واقعي ٽالسٽاءِ سچ چيو هو تـه انسان کي صرف ٻـه وال زمين گهرجي. پر اها تڏهين جڏهين هو مري وڃي. باقي جيسين انسان جيئرو آهي تيسين هنکي ايتري زمين گهرجي جنهن تي هو گهر اڏائي سگهي، جنهنکي کيڙي هو اناج اپائي سگهي، جنهن تي اسپتال ۽ اسڪول تعمير ٿي سگهن. انسان کي ٻه وال زمين نـه پر هي پورو ملڪ، پوري ڌرتي ۽ پوري ڪائنات گهرجي.“

”انسان کي پوري ڪائنات ڏيارڻ لاءِ تون ڇا ڪري رهيو آهين؟“ رشيد مذاق اڏائيندي پڇيس.

”ڪجهه نه، مان ڪري به ڇا ٿو سگهان. مان رڳو ٻارن کي اهڙي تعليم ڏيڻ ۾ رهيو آهيان جنهنجو اسڪولي تعليم ۽ درسي ڪتابن سان ڪو واسطو ڪونهي ۽ ان ڏينهن جو انتظار ڪري رهيو آهيان، جڏهن اسانجو ڪونه ڪو نسل، هٿن ۾ مشعلون کڻي، جهومندو، نچندو، ڪڏندو ايندو. سندن مشعلن سان سارو جهان روشن ٿي ويندو ۽ جتي جتي اسانجا لڙڪ ڪريا آهن اُتان اُتان ڪتٿهار ڪڙندا.“

هڪڙي ڏينهن هنجي ا ڪ ديرسان کلي. اٿيو ته طبيعت موڪي هوس. ڪنهن شيءِ ۾ دل ڪانه ٿي لڳيس. ڪتاب پڙهڻ ويٺو ته ڪتاب ۾ به دل ڪانه لڳيس. ا کيون بند ڪري وري سمهڻ جي ڪوشش ڪيائين، پر ننڊ جو نه وقت ٿي ڪونه هو. گهڙي ڏناڻين، ٻارهن ٿي ويا هئا، سوچيائين ته اسڪول ۾ وڃي ماستر سان ٻه چار ڳالهيون ڪريان پر پوءِ خيال متائي ڇڏيائين ۽ جنگهون سهائڻ لاءِ پريان واري واه جو رخ ڪيائين. اڄ گرمي به گرمي هئي، پر نه به هو واه جي ڪڙ ڏانهن روانو ٿيو. ڳوٺ کان ٿورو ٻاهر پهتو ته پريان عورتن ۽ مڙدن کي رونبو ڪندي ڏٺائين. مٿان سڄ جي ٻاهه، هيٺان ڪوسو پاڻي، لوڻ ۽ لوڻ ۽ لهسائيندڙ لڪ، سند سند سانبر ڪندڙ پورهيو. ڪاريون، ڪوجهيون ۽ گدليون عورتون، لڪ ۾ لوسائيل ڪمزور هانيون پر ساهه جي سگهه اهڙي جسو ڏونگر ذاري وجهن. لڙڪندڙ سڪل ڇاتيون، ٻي ٻولا بدن. هن افسانن ۾ پڙهيو ۽ فلمن ۾ ڏٺو هو ته رونبي

۽ لاباري وقت، ڪلڪ جي سونن سنگن جهڙيون سوڍيون، لوهي لڱن وارن جوانن سان گڏجي ڪيت ڪپائينديون هيون. پائيماريون چيلهه تي دلا رکي ڏيل جيان ٽلنديون هيون. سنڌن ڪندن جهڙن جرڪندڙ ڳلن تي پگهر جا ڦڙا ائين لڳندا هئا، جهڙا ٽانڊين تي ماڪ ڦڙا. نوجوان چنگ وڄائيندا هئا ۽ جوانڙيون ڪاريهر وانگر ڪر ڪڍي ائين جهومنديون هيون، جو سنڌن ڇاتيون ڇلي پونديون هيون. پر هتي ته ڪجهه به ڪونه هو. سڀ ڪوڙ. دنيا جي ساري جمالياتي شاعري هنن پورهيت عورتن جي بدصورتيءَ آڏو ڪيتري نه بي معنيٰ هئي. ڇا اڄ تائين ڪو اهڙو ڪاليداس پيدا نه ٿيو آهي جنهن هنن ڪارن ڪوجهن ۽ پورهيت شڪنتلائن جا ڊراما لکيا هجن!

هو آس ۾ سڙندو اچي واهه جي ڪپر تي ويٺو. سارو بدن پگهر ۾ شم ٿي ويس. واهه جي ٻنهي ڪنارن تي ٽاري ۽ سرهن جا ساوا ساوا ۽ گهاٽا وڻ بيٺا هئا، جنجي ٿڌي ڇانوَ هنجي سنڌ سنڌ کي سڪون ڏيڻ ڇڏيو ۽ هو ٻئي پير پاڻيءَ ۾ وجهي واهه جي ڪناري تي ويهي رهيو. الائي گهڻي دير تائين ويٺو رهيو. الائي ڇو سندس سارو بدن ٽڪ ۾ ڦرندو رهيو هو، ڇڻ ڪارن ڪوهن جو سفر ڪري ساڻو ٿي پيو هو. جڏهن واپس موٽيو ته اوطاق ڏانهن وڃڻ جي بدران سڌو حويلي ڏانهن هليو ويو ۽ ڪمري ۾ کهٽ تي ليٽي پيو. سندس بدن ٽڪ ۾ چور ٿي پيو هو. سنڌ سنڌ ۾ ڄڻ باهه ٿي ٻريس ۽ اکين مان باهه جا آلا ٿي نڪتس، ”چو

ابا طبيعت ته ٺيڪ اٿئي نه؟“ ماڻس پڇيو. هن جواب ڏيڻ چاهيو پر ماٺ ڪيو ويٺو رهيو. ماڻس اچي مٿي تي هٿ رکيس ته دانهن نڪري ويس.

”آئي منيس! ٻچڙي جي ويرن کي ته بخار آهي. عائشه ڏيءَ! ڪا انبڙي گهر ۾ اٿئي. پاڻي کي گهوٽي پياربان. پايان ٿي پاڻي جي ويرن کي ڏينهن لڳي ويو آهي.“

ماءُ جو آواز دور ٿيندو ويو ۽ هنجي اکين تي ننڊ جا کيپ چڙهندا ويا. پورا ٻه ڏينهن هو ننڊ ۽ جاڳ واري ڪيفيتن جي وچ ۾ لڙڪندو رهيو. جاڳ به ننڊا ڪڙي. جڻ سندس حواسن کي ڪوهيڙو وڪوڙي ويو هو ۽ ان ڪوهيڙي ۾ هلڪا هلڪا آواز پيرن ۽ هٿن جي ترين کي هلڪا هلڪا چهاءُ ۽ نرڙ تي ٿڌاڻ، سڀڪجهه جهڙو خواب. ٿڌل ۽ منجهيل. ٿارون سڪل، نڙيءَ ۾ ڪنڊا ۽ سارو بدن پگهر ۾ شم. پاڻي! پاڻي!

اڌ رات جو هنجي اک کلي. سامهون نم جو وڏو ونڻ جهڙو ڪارو ديت، پر ۾ ويٺو ڪو هنکي ٻکو هڻي رهيو هو. هو ڪتي هو، هن پنهنجا حواس سنڀاليا ۽ پنهنجي پير ۾ نهاريائين. ’عائشه... !‘ هنجي روح ريه ڪئي ۽ سندس سنڌ سنڌ ۾ صدا ٻجي گونجڻ لڳي. ’عائشه... عائشه‘

اڄ ڪيترن صدين، ڪيترن زمانن کانپوءِ هن عائشه کي ڏٺو هو. ان عرصي ۾ هوءَ ڪيتري نه بدلجي وئي هئي. ڇا ته حالت ٿي وئي هيس. جهڙي جهربل مسمت، جنهنجا ڪونگرا ڪري پيا هجن، محراب ڊهي پيا هجن ۽ جنهن ۾

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪڏهن ڪو نمازي ن۔، آيو هجي، ڪڏهن ڪنهن ڏيٺو نــ، پاريو هجي. هنجون اکيون عائشہ ۾ کپي ويون ۽ وقت ڄڻ ساه منجهائي بهي رهيو، ۽ پوءِ وقت وٺي پلٽي ڊوڙ پاتــي. هــو ۽ عائشہ راند کيڏي رهيا هئا. گــوڏو گــوڏي ۾ ملائي ماسيءَ کان آ ڪاٿي ٻڌي رهيا هئا. هڪڙي گلن کان هلڪي شهزادي کي ديو ڪٺي ويو هو ۽ شهزادو هنکي آزاد ڪرائڻ لاءِ نڪتو هو. هينئر اهــا گلن کان هلڪي شهزادي هنجي سامهون ويٺي هئي، ۽ هو جنجيرن ۾ جڪڙيل پنڌ پهڻ هو.

”عائشہ!“ هنجي چپن مان مرٿينگ آواز نڪتو. جهٽ پلڪ لاءِ جهڪيل پلڪــون متي کڄيون ۽ وري جهڪـي ويون. هن هٿ وڌائي عائشہ حــي هٿ کي جهليو ۽ آهستي آهستي چڪي چپن تائين آندو. هٿ ۾ آيـل هٿ ڏڪيو، ڪنبيو، ٿڙڪيو ۽ چپن تائين پهچڻ کان اڳــ هنجي هٿ مان کسڪي ويو. هن پنهنجو خالي هٿ ڏي کٺي چپن تــي رکيو ۽ اکيون ٻوٽيائين تہ لڙڪ سندس اکين مان لڙي پيا.

ٽانگو هڪ ٺي رفتار سان پڪي سڙڪ تي ڊوڙندو ٿي ويو. گهوڙي جي سنبن ۽ گهنگهرن جي آواز کانسواءِ هر طرف سانت لڳي پئي هئي. اڄ ٻہ آسمان روشن هو. پر اڄ ستارا سڏڪا پري رهيا هئا. سانت سسڪي رهي هئي ۽ وڻ مونن ۾ منهن وجهي روئي رهيا هئا. اڄ هو ماءُ کي وٺــي حيدرآباد واپس وڃي رهيو هو. ڳوٺ ۾ گهاريل ڏينهن ڪيئن اک ڇنڀ ۾ گذري ويا. ان رات کانپوءِ هن وري عائشہ کي

ڪونه ڏٺو. صبح جو سوير هو اوطاق ۾ اچي رهيو ۽ وري حويليءَ ۾ پير نه پاتائين. اڄ واپس ورڻ وقت هو ماستر سان وڃي مليو هو.

موڪلائڻ مهل ماستر سان ٻاڪر پائي مليو هو ۽ پوءِ ماستر جي اوجاڳيل اکين ۾ نهاريو هئائين ته آتي هنڪي ماستر جا خواب لڙڪن ۾ پنل نظر آيا هئا. ماستر ڪان موڪلائي هو حويليءَ جي در وٽ اچي بيٺو. ماڻس ماڻهو موڪلي اندر سڏرايس پر ته به هو اندر نه ويو. آخر ماڻس عائشه ڪان موڪلائي لڙڪ اگهندي ٽانگي ۾ اچي ويٺي. گهنگهرن جو ڇمڪو ٿيو. ٽانگو هليو. مسجد، مڙهي ۽ ماسٽر جي باغ ڪان ٿيندو پڪيءَ سڙڪ تي اچي چڙهيو. هن ڪنڌ ورائي آخري دفعو گهوٽ ڏانهن نهاريو. پريان ماسٽر جي باغ جا ڪارا ڪارا وڻ نظر اچي رهيا هئا. هنجي ڪنن ۾ آواز اچڻ لڳا.

’منو طوطا ’ڪٿي ڪاٿيندين.‘ ۽ طوطن جا ٻچا ٽيون.... ٽيون.... ٽيون ڪرڻ لڳا. عائشه خوش ٿي هن ڏانهن نهاريو. هن هٿ وڌائي عائشه جي هٿ کي جهليو ۽ آهستي آهستي چڪي چپن تائين آندو هٿ ۾ آيل هٿ ڏکيو، ڪنبيو ۽ چپن تائين پهچڻ ڪان اڳ هنجي هٿ مان کسڪي ويو. هن پنهنجو خالي هٿ ٿي ڪلي چپن تسي رکيو ۽ اکيون ٻوٽي ڇڏيائين ته ٻه لڙڪ سندس اکين مان لڙي پيا. هو هيئر به روئي رهيو هو. سندس ماءُ به پيڻ کي ياد ڪري روئي رهي

هئي. ساري ڪائنات ٽُڏڪي رهي هئي. هن پنهنجوهٿ چپن تان هٽائي لڙڪ اگهيا ۽ سوچيائين: الائي ماستر جو خواب ڪڏهن پورو ٿيندو ۽ الائي ڪڏهين اسانجي لڙڪن مان ڪنٺهار ڪڙندا.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

درد جو شهر

هيءَ هڪڙي هوٽل جي ڪهاڻي آهي!

جنهن هوٽل جي سان اوهانکي ڪهاڻي ٻڌائڻ وارو آهيان سو ڪٿي ڪونهي، پر شايد هر هنڌ آهي. شهر جي هر وڏي چوواٽي ۽ هر وڏي رستي تي آهي. اوهين ڪڏهن ڪنهن چوواٽي يا ڪنهن وڏي رستي تان لنگهندي، ڪنهن ڪٿي ڏسندا ته اوهانکي هڪڙي عاليشان عمارت نظر ايندي جنهنجي پيشانيءَ تي لکيل هوندو:

’فلاڻو هوٽل. طعام ۽ قيام جو اعليٰ بندوبست.‘

ان فلاڻي هوٽل جي دروازي تي هڪڙو فولادي بدن وارو چوڪيدار بيٺل هوندو، جنهنجي ’رڪ جهڙي چپاهه اوهانکي ڏسي ٻيٽي ٿي ويندي ۽ هو جهڪي، سلام ڪري اوهانکي هوٽل جي مئنيجر وٽ وٺي ويندو. مئنيجر جي صورت سهڻي، وٽندڙ ۽ مهمان نواز هوندي. سندس ڪپڙا اڇا، اُجرا، قيمتي ۽ بيداغ هوندا. اوهانکي ڏسڻ سان هنجي چپن تي مرڪ اچي ويندي. هنجي ان مرڪ کي خوشيءَ جي علامت نه سمجهجو، ڇاڪاڻ ته ڪڏهن نه مرڪ خوشيءَ جو اظهار ڪندي آهي ۽ نه لڙڪ ڏکن جو. جي هنجو هانءُ ڏکن سان ڦٽيو پيو هوندو ته به اوهانکي ڏسي هو ضرور مرڪندو ۽ ڏاڍي نوڙت، نهٺائي ۽ مروت سان اوهان کان پڇندو، ”سائين، اوهانکي ڪمرو گهرجي؟“

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پر اوهانکي نه ڪمرو ڳهرجي ۽ نه هنڌ ڪتولو. ڇاڪاڻ جو اوهان ڳهرڳهات وارا آهيو ۽ مان بي ڳهر آهيان. مونکي ڪمري جي به ڳهرج آهي ته هنڌ ڪتولي جي به. انڪري مان فلاڻي هوٽل جي ٦٦ نمبر ڪمري ۾ رهندو آهيان ۽ ان ڪمري ۾ ويهي اوهان ڳهرڳهات وارن کي هن فلاڻي هوٽل، هن بي ڳهرن جي بستيءَ جي ڪهاڻي ٻڌائي رهيو آهيان.

بين هوٽلن جيان هن هوٽل جي عمارت به وڏي ۽ عاليشان آهي عمارت جي ٻاهرين حصي ۾ دڪان ٺهيل آهن، جن مان هڪڙو واشنگ واري جو دڪان آهي ۽ هڪڙو حجام جو. واشنگ وارو هوٽل جي رهواسين جا ڪنا ۽ غليظ ڪپڙا ڌوئي اهڙا ته صاف ڪري ڇڏيندو آهي جو انهن جي پهرڻ سان سندن داغدار ۽ غليظ شخصيت به اڇي آجري ٿي پوندي آهي ۽ حجام چڱي ڀلي مسافر جي ائين حجامت لاهي ڇڏيندو آهي، جيئن اسين هڪ ٻئي جي حجامت لاهيندا ۽ مٿا ڪوڙيندا آهيون! هڪڙي دڪان ۾ ڊاڪٽر جي اسپتال آهي جيڪو اسانجي روح جي ڪوڙه ۽ ضمير جي اڌ رنگ کي ڇتائي جي بدران ننڊ جون گوريون ڏيندو آهي. هڪڙي دڪان ۾ ننڍي پوسٽ آفيس جي برانچ آهي، جنهنجي دروازي تي پوسٽ جو ڳاڙهو دٻو لڙڪيل هوندو آهي، جيڪو وڇڙيلن کي پرت جا پيغام پهچائيندو آهي. عمارت جي آخري ڇيڙي وٽ پان واري جي مانڊڻي آهي، جنهن ۾ سارو ڏينهن ريڊيو تي فلمي گانا ۽ 'ايسپرو تي ڀروسو ڪريو....' وغيرا جهڙا

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اشتهار نشر ٿيندا رهندا آهن. مانڊڻيءَ جي پير ۾ موچي ويهندو آهي، جيڪو پراڻن بوٽن کي پالش ڪري انهن چمڪائيندو آهي جيئن.... جيئن.... (ڪا تشبيهه ذهن ۾ نٿي اچيم) موچيءَ جي پير ۾ هر روز تيل مالش وارا ڇوڪرا اچي ويهندا آهن. هوٽل جي دروازي وٽ هڪڙو ڇيڙهالي بدن وارو سواتي پٺاڻ چوڪيدار ويٺل هوندو آهي. دروازي سان بلڪل لڳ مئنيجر جي آفيس آهي. هوٽل جو مئنيجر اهڙو ته، نازڪ، نفيس ۽ سهڻو آهي جو ڪيس ڏسڻ سان ائين محسوس ٿيندو آهي، ڄڻ ڪا خوبصورت ۽ نازڪ بدن ڇوڪري مڙدانا ڪپڙا پائي ويٺي هجي. هو ڏاڍو شرميلو آهي ۽ هر وقت سندس سنهڙن ۽ سهڻن چپڙن تي شرميلي مرڪ هوندي آهي. ڳالهائڻ مهل ائين شرمائي، اڪيون هيٺ ڪري ڳالهائيندو آهي جو ڄڻ پلن صوفين کي معرفت جي منزل جا نشان ملي ويندا آهن. هو هميشه شرمائي، حيا ۾ اکيون هيٺ ڪري صوفي منش مسافرن کان اڌارا پئسا وٺندو آهي ۽ ڪڏهن به موٽائي نه ڏيندو آهي.

مئنيجر جي آفيس کان پوءِ هوٽل جا ڪمرا شروع ٿين ٿا. هر ڪمري ڪا ننات آهي ۽ هر مسافر جيئري جا ڳنڍي ڪهاڻي. هوٽل جا ڪل ڇاهٺ (٦٦) ڪمرا آهن ۽ منهنجو ڪمرو سيني ڪمرن کان ڌار ڇهين ماڙ تي آهي. پر ۾ ٻيو ڪمرو ڪونهي. اڳيان وڏو ڇپر آهي، جيڪو پنجين ماڙ وارن جي ڇت ۽ منهنجي ڪمري جو اڳڻ آهي. ان ڇپر ڪي چوڌاري ننڍي پٽ جو پلويڙو ڏنل آهي. شام جو

ڪرسيءَ تي ويهي سگريٽ پيئندو آهيان ته ساري هوٽل کي ڏسي سگهندو آهيان. بلندين تان بهي دنيا کي ڏسڻ ۾ بہ عجيب مزو آهي. وڏا وڏا قداور ۽ جاننا جوان هينئنءَ ساز ۾ گهمندا آهن تہ انهن لڳندو اٿم جڻ چامڙا پيا گهمن. ڪمري جون دريون وري اهڙيون آهن جو دريءَ جوهڪڙو طاق بہ پٽيندو آهيان ته ساري هوٽل، هوٽل جي هڪڙي هڪڙي ڪمري ۽ هڪڙي هڪڙي مسافر کي ڏسي سگهندو آهيان. پين جسي ذاتي زندگيءَ ۾ ليئا پائي هرويرو خاميون ڳوليندو آهيان ۽ پين جون خاميون ڏسي پنهنجي خامين جو جواز ملي ويندو اٿم ۽ پنهنجي اخلاقي برتريءَ جو عجيب راحت بخش احساس ٿيندو اٿم. انڪري سارو ڏينهن پين مسافرن جسي ڪمرن ۾ ليئا پيو پائيندو آهيان. باهرين دنيا ۾ هزارين نقاب پائي گهمندڙ انسان جڏهن پنهنجي ڪمرن ۾ اڪيلا هوندا آهن ۽ پنهنجي نَسي آمهون سامهون ٿيندا آهن تڏهن پنهنجو هڪ نقاب لاهي ڪليءَ ۾ ٽنگيندا ويندا آهن ۽ مان سندن اصلي روپ ڏسي ڏجي ويندو آهيان. اصل ۾ اسان جون اڪيون ڪوڙ سان ايتريون ته هري ويون آهن جو سچ جي صورت ڏسي ڏجي ويندا آهيون. انهن درين مان بيرن کي سڏڻ وارين گهنٽين جا آواز ٻڌي سگهندو آهيان ته بيرن کي 'جي صاحب، حاضر صاحب، آيو صاحب' چوندو، بجليءَ تي هلندڙ بوٽن جيان ڀڄندو ڏسندو. ڏاڪڻيون لهندو چڙهندو بہ ڏسي سگهندو آهيان. ڪڏهن ڪڏهن رات جي پوئين پهر جي ماڪ ڀنل خاموشيءَ ۾ چوڙين جي نغمن،

ٺهڪڙن جي ترنم، رسن ۽ ريجهائڻ، هاڏوڪار ۽ ناڪار واريَ ڪيفيتن ۾ ٽينڊڙ گفتگو جا هلڪا هلڪا آواز ٻڌي سگهندو آهيان. ڪڏهن ڪڏهن آڌيءَ رات جوڪو مسافر نشي ۾ بدمست ٿي اوچتوڪنهن ڪمري جو دروازو کوليندو آهي ته.... مان اوهانکي ڪڏهن نه ٻڌائيندس ته دروازو کلڻ ڪانپوءِ مان ڇا ڏسندو آهيان. گهڻا دروازا اهڙا ٿيندا آهن جن جو بند رهڻ ئي بهتر آهي. ڇاڪاڻ ته جڏهن اهي دروازا کلندا آهن تہ اکيون بہ کلي وينديون آهن ۽ جڏهن اکيون کلنديون آهن تہ زبان بہ کلي ويندي آهي ۽ جڏهن زبان کلندي آهي تڏهن....

هن هوٽل ۾ ٽن قسمن جا مسافر رهندا آهن. هڪ اهي جيڪي مون جيان بي گهر آهن ۽ ڪمرن جي ماهوار مسواڙ ڀري رهندا آهن. اهڙن مسافرن کي بي گهريءَ جي ناتي پاڻ ۾ اهڙو تہ گهڻيءَ ڇڏيو آهي جو سيئي پنهنجو پاڻکي هڪ ئي ڪٽنب جا ڀاتي سمجهندا آهن. ٻيا اهي مسافر آهن جيڪي ڪنهن ڪم ڪار سانگي ڏورانهن هنڌن تان ايندا آهن ۽ هوٽل ۾ ٻہ چار راتيون گذاري، ڪم ڪار لاهي واپس هليا ويندا آهن. اهڙن مسافرن کي اسين پنهنجا مهمان سمجهندا آهيون ۽ سائن ميزباني وارو ورتاءُ ڪندا آهيون. ٽيان اهي مسافر آهن، جيڪي صرف عياشيءَ لاءِ ايندا آهن. اهڙن مسافرن ۾ گهڻو ڪري انجنيري کاتي جا ٺيڪيدار، وڏيرا ۽ سرڪاري کاتن جا ڪامورا هوندا آهن. جنکي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پنهنجي ڪامورا شاهيءَ مان حاصل ڪيل دولت جو صحيح استعمال شراب ۽ ڪباب ئي سمجهندو آهي. هو ساري ساري رات شراب پيئندا آهن، جتي ڪتي جيان عورتن جو ماس پٽيندا آهن. هسٽريائي ٽهڪ ڏيندا آهن ۽ رڙيون ڪندا آهن. هنن ڪي ائين ڪندو ڏسي اسان مشرقي تهذيب ۽ اخلاق تي ماتم ڪندا آهيون، ڇاڪاڻ جو اسين ڪامورا نه آهيون ۽ ڪامورا شاهيءَ جون اهڙيون موجون ماڻي نٿا سگهون.

مسافرن جيان بيرن جو گهرگهاٽ به هي هوٽل ئي آهي. سڀيئي بيرا هڪڙي وڏي هال ۾ رهندا آهن. سارو ڏينهن گهنٽيءَ جي آواز تي ڏاڪڻيون لهندا چڙهندا آهن ۽ رات جو تڪ ۾ ساٿا تي يا ته چرس پيئندا آهن يا تيل مالش ڪرائيندا آهن. هتي هنن جو ڪو گهرگهاٽ ڪونهي، ڪو مٽ مائٽ ڪونهي ۽ ڪا اهڙي نگاهه ڪانهي جيڪا سندن انتظار ۾ هر گهڙيءَ در ڏانهن ڪچندي هجي ۽ ڪا اهڙي توتلي زبان ڪانهي جيڪا کين گهر ۾ ايندو ڏسي چوندي هجي، 'بابَل' اچي ويو بابَل اچي ويو.'

مسافر هنن کي الهه دين جي چراغ وارو ديو سمجهندا آهن، جيڪو گهنٽيءَ کي ڇهڻ سان نروار ٿيندو آهي ۽ هر هڪ گهرج پوري ڪري ڏيندو آهي، هنن جي نگاهه ايتري ته تيز آهي جو اوهانکي ڏسڻ سان هو اوهانجي کيسي جي حالت، سماجي رتبو، شخصيت جون ڪمزوريون پرکي وٺندا. اوهين ڪهڙا به اڇا ڪپڙا پائي اچو، پر هو هڪ ئي نگاهه سان اوهانجي اندر جي ساري ڪارنهن ڏسي وٺندا.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هوٽل کي گهرگهاٽ سمجهي رهڻ وارن سان هڪ ته مان آهيان. مان اوهانکي پنهنجي باري ۾ ڇا ٻڌايان. هڪڙو گمنام ۽ بي گهر ليکڪ آهيان ۽ جيئري جاڳندي زندگيءَ کان پڇي پنهنجي ذهن ۾ بن باس اختيار ڪيو اٿم. پنهنجي ٻئي زندگيءَ جي ڏڙي تي ويهي ڏوڙ ۾ اونڌا سڌا ليڪا ڪڍندو آهيان ۽ انهن ليڪن کي پنهنجي زندگيءَ جي حاصلات سمجهندو آهيان. ڏڪا ٿاپا کائي ايم. اي پاس ڪيم ۽ هينئر هڪڙي خانگي ڪاليج ۾ پڙهائيندو آهيان. پڙهائڻ جو پيشو انڪري اختيارڪونه ڪيو اٿم جو مان ان پيشي کي مقدس ٿو سمجهان، پر انڪري اختيار ڪيو اٿم جو ڪامورو بڻجي نه سگهيس ۽ هينئر پنهنجي پيشي ۽ سماجي رتبي کان شرمسار آهيان.

ٻيو هڪڙو صحافي رهندو آهي. قد جو ننڍو، ٻت جو پريل ۽ رنگ جو سانورو آهي. هڪڙي مقامي اخبار ۾ نوڪري ڪندو آهي. ٽي سو رپيا پگهار مس ملندو هوندس، پر سندس رهڻي ڪرڻي اهڙي آهي، ڄڻ هو به هن ڪامورا شاهي دور جي ڪنهن اهڙي سرڪاري کاتي ۾ ڪامورو آهي، جتي پگهار وٺڻ جي ضرورت ئي ڪانه پوندي آهي. هن وٽ هڪڙو نئون اسڪوٽر آهي ۽ شهر جي پسگردائيءَ واري ڪالونيءَ ۾ بنگلو نهرائي رهيو آهي. هو وڏن وڏن رشوتي آفيسرن سان اٿندو ويهندو آهي. ماڻهن کان پئسا وٺي انهن آفيسرن کان سندن ڪم ڪڍائيندو آهي. هنکي شهر جي سيني ساقي خانن، جوا جي ڏڪڙن ۽ پرائيوٽ هلندڙ عورتن

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جي اڏي تان ماهوار پئسا ملندا آهن. انهن سيني ڳالهين هوندي به هو ڏاڍي معصوميت سان چوندو آهي، ”صحافت جا پنهنجا اصول ۽ قدر ٿيندا آهن ۽ صحافي انهن اصولن ۽ قدرن جو رکوال ٿيندو آهي.“

پيو هڪڙو سلهه جو مريض رهندو آهي. سنهڙو، سهڻو ۽ جوان جماڻ! هنجي ساري سونهن ۽ جوانيءَ کي سلهه جا جيوڙا کائي ويا آهن ۽ هو هڏن جي مٺ وڃي بچيو آهي. جواني ۽ جوين جي ڏينهن ۾ هو موت جي سفر جي تياري ڪري رهيو آهي. هر روز شام جو، پنهنجي ڪمري جي اڳيان آرام ڪرسي وڇائي ويهندو آهي ۽ دور افق ڏانهن نهاريندو رهندو آهي. افق جي هن پار به ته هڪڙو جهان آهي. جنهن ۾ هر روز شام جو سج ٿڪجي هٽي ڳم ٿي ويندو آهي. جتي جنت آهي، حورون آهن، سک آهي. جتي سلهه جو ڪو جيوڙو ڪونهي، ڪو درد ڪونهي، ڪو رنج ۽ غم ڪونهي، پر هيءَ دکن ۽ دردن سان پريل ڌرتي ايتري پياري چو آهي. چو روح افق جيءَهن پار واري جهان ڏانهن اڏامڻ جا سانباها ڪرڻ مهل رڙيون ۽ رانباٽ ڪندو آهي.

هن وٽ به ته ڪي خواب هوندا. هنجي دل به ته چاهيندي هوندي ته ڪا اهڙي پياري هنج هجي جنهن ۾ مٿو رکي هو زندگيءَ جا ڏنب ڀهسائي سگهي. سهڻيون ۽ پياريون آڱريون هجن، جيڪي پيار سان سندس پيشانيءَ تان ڏکن جي ڌوڙ اگهن. هن لاءِ ته زندگي هڪڙو وڏو ۽ پراڻو ڦٽ آهي ۽ زندگيءَ جي ساري سونهن، روپ ۽ رنگ ان ڦٽ مان ٽمندڙ

رت جو رنگ آهي. شفق جا رنگ، گلاب جا ڳاڙها گل ۽ ڪنواريءَ جي ڳلن تي ڳاڙهاڻ جي بهار، سڀ رت جا ئي ته رنگ آهن!

مون ڀڏو آهي ته هو پنهنجي دولت مند ۽ بيوه ماءُ جو سڪيلڌو پٽ آهي. اڃان ننڍو ئي هو ته پڻس مري ويو. چاچو ڀاڻيندو هوس جڏهن جوان ٿيو ته چاچهنس پنهنجي سهڻي ۽ سلڇڻي نياڻيءَ جو سڱ آڇيس. ٻه چار سال گذريا ته هنکي سلهه ٿي پئي. هن ان بيماريءَ ڏانهن ڪو ڌيان نه ڏنو ۽ سلهه جي جيوڙن سندس ٻنهي ڦڦڙن کي ڦٽي وڌو ۽ هو اڃي ڪٽ داخل ٿيو. چاچهنس پنهنجي سهڻي ۽ سلڇڻي نياڻيءَ جي سڱ ڏيڻ کان انڪار ڪري ڇڏيس. پيار، دوستي، محبت، مٽي مائٽي ۽ ٻيا سهڻا سهڻا ۽ پيارا پيارا رشتا ڪيڏا نه وڏا ڪوڙ آهن. سچ ته صرف سلهه جو جيوڙو آهي جيڪو انهن ڪوڙن تي چڙهيل نقابن کي ڏڪي ڪاٽي ٿو ڇڏي ۽ ڪوڙ ننگو ٿي نروار ٿو ٿئي.

هوٽل جو مالڪ ٻه هتي ئي رهندو آهي. هو رشائرڊ ٻيپدار آهي. پڻس مختيارڪار وت پٽوالو هو ۽ ٽپيداريءَ ڪانسواءِ هن هوٽل جو مالڪ آهي. هو پاڻ شڪل جو ٻچڙو آهي، پر سندس ٻار ڏاڍا سهڻا آهن. ساري زندگي پڻسن جو حساب ڪندي ڪندي هنجي دل واٺي جي اهڙي بندي ٻڻجي وئي آهي جنهن ۾ ڪٽ، ونڊ ۽ جوڙ ڪانسواءِ ٻيو ڪو اکر به لکيل نه هجي. هر انسان جي دل جي ڪنهن ڪنڊ ۾ ڪنهن نه ڪنهن حسين تصور جو چنڊ ضرور ڪڙيل

هوندو آهي. پر اوهين هنجي روح جا سيئي روشندان کولي ڏسو، سندس دل جا سيئي طاق پٽي ڏسو. اوهانکي هرهڪ طاق ۾ هر هڪ روشندان پٺيان دولت جا ڍير نظر ايندا ۽ وڏيڪ دولت حاصل ڪرڻ جا ھڻ ڪٽڻ پنهنجي وه ۾ وٽ ڪاڻيندا نظر ايندا. ڪنهن هڪ طاق جي هن پار به ڪنهن حسين تمنا جي ڪنوار، ڪنهن حسين تصورجو چنڊ ڪنهن حسين ياد جو ڏيئو نظر نه ايندو. هر طرف زهريلي اونده ۽ ڦوڪون ڏيندڙ هڻ ڪڻ ڪانسواءِ ڪجهه به نظر نه ايندو.

صبح ٿيندي آهي ته هڪڙو اخبار وارو ڇوڪرو هرهڪ ڪمري اڳيان هوڪا ڏيندو لنگهندو آهي.

'پڙهو، اڄ جي خبر پڙهو، انڌي عشق جو انڌو ڪارنامو. هڪڙي عورت مڙس کي زهر ڏيئي عاشق سان ڀڄي وئي.'

ان ڇوڪري جي عمر اٺ ڏهه سال مس آهي ۽ سندس رڳن ۾ ڊوڙندڙ خون اڃان جوانيءَ جو اهو جوالا نه بڻيو آهي، جيڪو انڌي عشق کان انڌا ڪارناما انجام ڏياريندو آهي، پر ته به هنکي عشق جي انڌ جي خبر آهي ڪيس مسافرن جي ان هلڪي جنسي مسرت جي به خبر آهي جيڪا هنن کي اهڙين خبرن مان حاصل ٿيندي آهي ۽ هو سندس اخبارون خريد ڪندا آهن.

رات ٿيندي آهي ته تيل مالش واري ڇوڪري جا هوڪا گونجندا آهن. 'تيل مالش. تيل مالش.'

اهي ڇوڪرا به ته ڪنهن ماءُ جو خواب، ڪنهن تخليق جو درد ۽ ڪنهن درد جي دوا هوندا. سندن مامتا ماريل

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ماڻهه ڪين وهنجاري سهنجاري، تيل قليل ڪري، اکڙين ۾ سرمون وجهي، هٿن ۾ ڪتاب ڏيئي اسڪول موڪليو هوندو. ڪنهن هنن کان اهي ڪتاب ڦري ورتا آهن ۽ سندن هٿن ۾ تيل مالش جون شيشيون ۽ انڌي عشق جي انڌي ڪارنامي واري اخبار ڏيئي ڇڏي آهي.

اهي ڇوڪرا جيئريون جاڳنديون ڪهاڻيون آهن ۽ جي مان اوهانکي انهن ڇوڪرن جون ڪهاڻيون ٻڌائڻ شروع ڪندس ته ٻوءِ فلاڻي هوٽل جي ٦٦ نمبر ڪمري جي هيءَ ڪهاڻي الف ليليٰ جو داستان بڻجي ويندي ۽ اوهين الف ليليٰ وارا اهي بادشاهه ته آهيو جنهنکي ڪهاڻين ٻڌڻ جو ڏاڍو شوق هو ۽ جيڪو هر رات نئين ڪهاڻي ٻڌندو هو. پر مان الف ليليٰ واري اها راڻي نه آهيان، جيڪا اوهانکي بادشاهن ۽ سند باد جهازيءَ جون سهڻيون ۽ ڪوڙيون ڪهاڻيون ٻڌائي جيئندان حاصل ڪري. مان ته اوهانکي انهن ٻارن جون آکاڻيون ٻڌائيندس، جيڪي آهن ته گلن جهڙا ٻارڙا پر جيڪي ڦان جيان نپجي نه سگهيا. جنجي هٿن ۾ ڪتابن جي بدران تيل جون شيشيون ۽ اخبارون آهن، ۽ اوهين اهي پونهه سان پريل، گنديون، ڪنيون ۽ ڪوڙهيل ڪهاڻيون ٻڌي مونکي جيئندان ڏيڻ بدران مارائي ڇڏيندا. انڪري جو سچ هميشه سوليءَ تي لٽڪيو آهي.

جڏهن ڦٽيون لهنديون آهن يا ڪڪون پچنديون آهن تڏهن هن هوٽل جي هڪڙي ڪمري ۾ بهار اچي ويندي آهي. ڪنهن ڪمري ۾ ٽهڪڙن جا گل ٽڙندا آهن

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ته ڪنهن ۾ چوڙين جي هلڪي جهنڪار جا گونج! ٻن ٽن بيرن کي رکيو اهو ڪم سونپيل هوندو آهي ته هو مسافرن لاءِ شراب ڪباب جو بندوبست ڪن. هوٽل جو مالڪ ٻه چار عورتون هوٽل ۾ آڌي رهائيندو آهي، جن جي صبح سان الاٽمنٽ ٿيندي آهي. يعني اڄ رات فلاڻي، فلاڻي ڪمري ۾ ويندي. هڪڙي دفعي چار عورتون اچي رهيون. انهن ۾ هڪڙي ڏاڍي سهڻي هئي. نالو هيس زهري، هونئن ته انگ انگ سهڻو هيس، پر سندس ا کيون ڏاڍيون سهڻيون هيون. وڏيون،ڪاريون ۽ چيرويون- جهڙيون ڪٽاريون! جيڏانهن کڄنديون هيون ڪوس ڪنديون ويندون هيون. هڪڙو ڇتون پاليو هٿائين ۽ سارو ڏينهن ڇتون سان ويٺي ڳالهيون ڪندي هئي.

”مٺو پٽ طوطو. گلين قلمن پوندو.“

هن هوٽل ۾ مان پنهنجي ا کين سان ماڻهن کي موجون مائيندو ڏسندو آهيان، پر ڪا موج مائي نه سگهندو آهيان. انڪري نه ته مان ڪو شريف ماڻهو آهيان، پر انڪري جو مان هڪڙو معمولي ليکڪ آهيان. مون وٽ دولت جي ڍيرن جي بدران جذبن جا ينبار آهن ۽ هن دنيا ۾ ڪوڙو سڪو ته هلي سگهيتو، پر سچو جذبو نٽو هلي سگهي. پگهار ملندو آهي ته هوٽل جو ماني چانهن ۽ ڪمري جي مسواڙ جو بل ڏيندو آهيان. سگريٽ واري کي پئسا ڏيندو آهيان ۽ باقي جيڪي پئسا بچندا آهن تن مان زندگيءَ جون معمولي گهرجون پوريون ڪندو آهيان. هڪڙي دفعي پگهار مليو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تہ اندر ۾ هڪڙي حيواني ۽ وحشي خواهش جا کپي پئي تہ انهن پئسن مان زندگيءَ جون موجون مائيان. اها خواهش ايتري تہ شديد ۽ زبردست هئي جو سڌو وڃي مئنيجر وٽ پهتس ۽ گذريل مهيني جو بل ڏيڻ بدران زهريءَ جي الاٽمنٽ ڪرايم. مئنيجر ڇرڪ پيو، حيرت وچان مونڏانهن نهاريو. سندس سهٽين ۽ شرميلي اکين ۾ هوٽل جو حساب لکيل هو، ڇڱيءَ دير تائين هو اکين ئي اکين ۾ مونکي هوٽل جو حساب سمجهائيندو رهيو، پر پوءِ منهنجي چهري تي منهنجي حيواني ۽ وحشي خواهش جو اولڙو ڏسي شرمائجي ويو ۽ اکيون جهڪائي پئسا وٺي رکي ڇڏيائين.

ڪمري ۾ اچي مان ان گهڙيءَ جا سپنا ڏسڻ لڳس، جڏهن منهنجي اها وحشي خواهش پوري ٿيندي ۽ زهري منهنجي ويران زندگي ۾ بهار بڻجي ايندي. منهنجي مجبور خواهشن جا گل ٽڙندا ۽ جن جي سگهند ۾ سند سند سرهو ٿي ويندم. ڪهڙي سهڻي جملي سان مونکي هنجو آڌريا ڪرڻ گهرجي ۽ پوءِ سائس گفتگو ڪرڻ مهل ڪهڙا ڪهڙا سهڻا جملا استعمال ڪرڻ گهرجن. پر منهنجي ان بدحواسيءَ جو ڇا ٿيندو جيڪا ڪنهن جوان ۽ خوبصورت عورت کي ڏسي مون تي ڇانئجي ويندي آهي. سارو ڏينهن اهڙن خيالن جو چار آٺيندو رهيس ۽ بي چيني ۽ بي آراميءَ سان رات جو انتظار ڪندو رهيس. آخر رات پنهنجا پرڙا پکيڙيا. ستارن اکيون ٽمڪايون ۽ اها گهڙي اچي وئي، جڏهن زهريءَ منهنجي ڪمري ۾ پير پاتو. هنکي ڏسڻ سان مون تي بدحواسي

چانئنجي وڻي ۾ ڏاڍو احمقاڻو سوال پڇيو مانس، ”اڇي وڻين ۾؟“

”ڏسين نه ٿو ته اڇي وڻي آهيان.“ هن بي نيازي ۾ سان چيو ۽ ڪرسي ۾ ٽي ٽي ويٺي.

”اڪيون ته ڏسن ٿيون ته تون اڇي وڻي آهين پر دل الاڻي ڇو نٿي مڃي.“

”پئسا پريا ائني. پوءِ دل ڇو نٿي مڃئي.“

”اصل ۾ پئسن سان خريد ڪيل خوشي ايتري ته ڪوڙي هوندي آهي جو انجو يقين ٿي نه ايندو آهي.“

”بوھ ڪهن چيو ته ڪوڙي خوشي خريد ڪر.“

”دل چيو. پيو ڪير چوندو.“

هن سگريٽ ڪڍي دڪاپو ۾ مات ڪري سگريٽ جا سوٽا هڻڻ لڳي. مون اٿي بتي وسائي ڇڏي.

”ڇو هيءَ مر سان ٿي ٿو بتي وسائين.“

”انڌڪري جو تنهنجي چهري جي نور جي سامهون بلب بي نور ٿو لڳي.“

”اوهو....“ هن پيرون نراڙ ڏانهن چڪي، ڪنهن ڪسي هاڻوڪار جي انداز ۾ هلڪو لوڏي اکرتي زور ڏيئي اهڙي ريت اکر آچاريو ڄڻ منهنجي ڳالهه جو مذاق اڏائي رهي هجي. مون شرم پرچاٽڻ لاءِ اٿي بتي ٻاري ۽ مات ڪري يڪ ٽڪ سندس اکين ۾ نهارڻ لڳس.

”يڪو منهنجي منهن ۾ ڇا ٿو ڏسين؟“

”تنهنجي اکڙين ۾ انهن ڪنارين ڪي ٿو ڏسان، جن سان تون روز ڪوس ڪندي آهين.“

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

”ڳالهائڻ جو ڍاڍو چالاڪ ٿو لڳين.“

”چالاڪيءَ جي ان ۾ ڪهڙي ڳالهه آهي. ان ۾ ڪوڙ ته ڪونهي ته تنهنجون اکيون ڪهنڊڙ ڪناريون آهن. تنهنجي سونهن کي ڏسي سوچيان ٿو ته توکي ته راڻي ٿيڻ گهربو هو.“

”هينئر راڻي نه آهيان ڇا. هينئر به ته پنهنجي دل جي راڻي آهيان.“

”توکي ته ڪنهن گهر جي راڻي ٿيڻ کپندو هو پر تون....“

”پر مان ته رنڊي آهيان. ائين نه؟“

”جي تون رنڊي آهين ته ان ۾ تنهنجو ڪهڙو ڏوهه آهي مونکي پڪ آهي ته حالتن ھٿان مجبور ٿي تو اهو ڌنڌو اختيار ڪيو هوندو.“

”حالتن مونکي مجبور ڪونه بڻايو آهي. مان پيدائشي رنڊي آهيان.“

”مڃان ٿو ته تون پيدائشي رنڊي آهين. پر ڇا تنهنجي دل نه چاهيندي هوندي ته تنهنجو به هڪڙو گهر هجي جنهنجي اڱڻ ۾ ويهي تون ٻار کي لولي ڏين.“

”هاڻي مٿو نه کاءُ. اٿي ٻتي وساءِ ته سمهون.“ هن منهنجي ڳالهه کي اڌ ۾ ڪٽيندي چيو.

”تون بيشڪ سمهه، مان نه سمهندس. مان ته ساري رات تنهنجي سونهن ڏسندو رهندس.“

”جيڪي پئسا خرچيا اٿيئي اهي وصول نه ڪندين ڇا؟

”آهي ته تڏهن ٿي وصول ٿـي ويا جڏهن تـو منهنجي کمري ۾ پير پاتو.“

”جيئڪا تنهنجي مرضي.“

”هڪڙي ڳالهه پڇانءِ.“

”پڇ.“

”تون ڪڏهن ڪنهن سان محبت ڪئي آهي.“

”ڇـو نـه ڪئي اٿم. مونکي سهڻن ڪپڙن، زيورن ۽ پنهنجي چتونءَ سان پيار آهي.“

”ڀلا ڪنهن مڙد سان محبت ڪئي اٿئي.“

”مڙد ان لائق آهي سهين جو ان سان محبت ڪجي.“

”اوهو....،“ مون بـه پرون نراڙ ڏانهن چڪي، ڪنڌ کي هائوڪارجي انداز ۾ هلڪو لوڏي، اکرتي زور ڏيئي. هنجي اهل ڪئي. هوءَ مرڪي ويئي.

اسين ساري رات ڳالهيون ڪندا رهياسين. مان هنجي سونهن جي تعريف ڪندو رهيس ۽ هوءَ پنهنجي سونهن جي تعريف ٻڌي مرڪندي رهي. تانجو هوائن ۾ خنڪي رچجي وئي ۽ پره ڦٽڻ لڳي. افق وٽ رات جي سيني مان سوجهرو ائين ڦٽي وهڻ لڳو، جيئن حبشي عورت جي سيني مان اڇي اڇي ٿڃ! جڏهن هر طرف سوجهرو ٿي ويو تڏهن هوءَ هلي وئي.

ٻي رات به مون هنکي سڏايو ۽ پره ڦٽيءَ تائين سائس ڳالهيون ڪندو رهيس، ٽين رات بـه مون هنکي سڏايـو ۽ اسان صبح تائين ڳالهيون ڪندا رهياسين. چوٿين رات آڌي ته پاڻ سان اونداهي ۽ اڪلائي به ڪنيون آئي. ٽن راتين ۾

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تي سو رپيا خرچ ٿي ويا هئا، باقي پنجاھ رپيا بچيا هئا، جن مان ٻه ڏينهن پنجويھ رپيا خرچ ڪري چڪو هوس ۽ باقي بچيل پنجن مان سارو مهينو گذارڻو هو ۽ هوٽل جو ۽ سگريٽن جو بل ڏيڻو هو. پر مونکي ڪنهن ڳالھ جو اونو ڪونه هو رڳو اڪلائيءَ جو احساس هيم. ان ڏينهن پهريون دفعو مونکي پنهنجي غريبيءَ جو ڏکوئيندڙ احساس ٿيو. ڪالهه رات هن ساڳي ڪمري ۾ زهري جي چهري جي چانڊاڻ ڪڙيل هئي. سندس سنڌ سنڌ مان سرهاڻ ٿي آئي ۽ اڄ... اوچتو ڪنهنجي پيرن جو آواز آيو. اکيون کڻي نهاريم سامهون زهري بيٺي هئي.

"زهري تون....؟" يڪدم وٺي ڪٽ تان ٽپ ڏنم.

"چو نه اچان ها ڇا. ڇٽين ته کڻي موٽي وڃان."

مون هنکي ڪو جواب نه ڏنو. رڳو احمق جيان وات ڦاڙي هنکي ڏسندو رهيس.

"ائين تارا ڦاڙي ڇو ٿو ڏسين؟"

مون وري به ڪيس ڪو جواب نه ڏنو. آهسته آهسته حيرت ختم ٿي ۽ پڪ ٿيم ته زهري منهنجي سامهون بيٺي آهي. جيئن نه چانڊوڪيءَ ۾ وير چڙهندي آهي ۽ ڪنارن جي اڇايل واريءَ تي وڇائجي ويندي آهي، ائين منهنجي اندر ۾ به خوشيءَ جي وير چڙهي ۽ وجود جي واريءَ جي هڪ هڪ ذري تي وڇائجي وئي. "ڇا واقعي تون آ آهين؟" خوشيءَ ۾ واڇون ٿي ٽڙيم.

"ڇو اڄ به منهنجي اچڻ جو يقين نٿو اچيئي ڇا."

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

”ڪيئن يقين ايندم. تون ته منهنجو اهو خواب آهين جنهنجي ڪا تعبير ڪانهي. اهــا تمنا آهين جنهنجــي ڪا ڪميل ڪانهي ۽ اها خواهش آهين....“

”هاڻي بس. ڪر. اجايون ڳالهيون ڪري متو نه ڪاءِ،“
ن سگريٽ ڪيي دکايو ۽ سوٽو هٿندي چيائين، ”اڄ رات ڇو نه گهراي ءِ؟“

”پئسا کپي ويا، انڪري ڪونه گهرايو مانءِ.“

”ڇا ڪندو آهين؟“

”ڪاليج ۾ پڙهائيندو آهيان.“

”پگهار گهٽو ملندو اٿيئي.“

”چوندا آهن ته عورت کان عمر ۽ مرد کان پگهار نه پڇجي. پر خير مان توکي ٻڌايان ٿو، ماڻا ٿي سو رپيا پگهار ملندو آهي.“

”ساڍن ٽن سون مان ٿي سو رپيا ته مان وٺي وٺي مانءِ. باقي پنجاه رپيا بچيا هوندءِ، پنجاه رپين ۾ مهينو ڪيئن گذاريندين؟“

”ٻڌو ڪونه اٿيئي ته داڻي داڻي تي کائڻ واري جو نالو لکيل هوندو آهي. جن داڻن تي منهنجو نالو لکيل هوندو سي ڏانهن ڏسي.“

هن پٺون کولي سؤ سؤ جا ٽي نوٽ ڪڍي سونڊانهن وڌائيندي چيائين، ”اچي وٺ.“

”ڇو؟“

”ٽي راتيون تون رڳو مونسان ڳالهيون ڪندو رهيو آهين، ۽ مان صرف ڳالهائڻ جا پئسا نه وٺندي آهيان.“

”زهري تون پئسا موٽائي منهنجي غربت تي ٺٺولي ڪري رهي آهين.“

”ٺٺوليءَ جي ان ۾ ڪهڙي ڳالهه آهي.“

”تون پين ڪان پئسا وٺندي آهين. ڇا مان ان لائق نه نه آهيان جو تون مونکان پئسا وٺين.“

”نه اها ڳالهه نه آهي.“

”ڪن تون مونکي غريب سمجهي منهنجي غريبيءَ تي ترس ڪائي مونکي پئسا موٽائي ڏئي رهي آهين.“

”تون ڳالهه ڇو نه ٿو سمجهين.“

”مان ڪجهه به سمجهڻ نٿو چاهيان. مهرباني ڪري پئسا پاڻ وٽ رک.“

”جيئن تنهنجي مرضي.“ هن پئسا موٽائي پٿونءَ ۾ رکيا ۽ ڪمري ۾ اٿ وٺندڙ خاموشي ڇانئجي وئي.

ان رات ته اسان پره ڦٽيءَ تائين ڳالهيون ڪندا رهياسين. ان رات سارو وقت منهنجي هانءَ ۾ ڪنڊو چڀندو رهيو ۽ هوءَ ائين کلي کلي ڳالهائيندي رهي ڄڻ مون کي پرچائي رهي هجي.

ان ڏينهن صبح جو ڪراچيءَ هليو ويس ۽ هڪڙي دوست ڪان پئسا وٺي ٻئي ڏينهن موٽي آيس. سڌو مئنيجر جي آفيس ۾ وڃي ڪانٽس هوٽل جي بل جي رقم پڇيم. مئنيجر معنيٰ خيز ۽ شرميلي مرڪ سان مونڏانهن نهاريو ۽ چيائين، ”اوهان جو بل ادا ٿي چڪو آهي.“

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

”مون نه بل ادا ڪونه ڪيو آهي.“

”اوهان نه ڪونه ڪيو آهي، پر اوهانجو بل ادا ٿسي چڪو آهسي.“ هسن پنهنجي مرڪ ڪسي وڏيڪ معنيٰ خيز بڻائيندي چيو ۽ مونکي ائين محسوس ٿيو ڄڻ هنجي مرڪ منهنجو مذاق اڏائي رهي هئي.

”اوهان ڇئو ڇا ٿـاه مون جڏهين بل ادا ڪونه ڪيو آهي ته پوءِ منهنجو بل ادا ڪيئن ٿي ويو.؟“

”اوهانجو بل زهريءَ ادا ڪري ڇڏيو آهي.“

هنجا لفظ وچ جيان منهنجي هانءَ تسي ڪريا ۽ ساري هستيءَ ڪسي پسر ڪري ڇڏيائون. ائين محسوس ٿيڻ لڳم ڄڻ وچ چوواٽي تي بيٺو آهيان ۽ ماڻهن جا انبوه مون تي ٺٺوليون ڪري رهيا آهن. مون مئنيجر ڏانهن نهاريو. هنجي چپن تي ساڳي مرڪ هئي. هنجي مسرڪ مونکي ڪپر جيان ڪاٽڻ لڳي. ساري بـدن ۾ زهـر پرجي ويو. مرلينگ عزت نفس ڪاربهر جيان ڪروڙ ۾ ڪر ڪنيون ۽ سارو بـدن باه ۾ جلڻ لڳو. ڪاوڙ ۾ ڏڪندو، ڪنبندو، ڏاڪڻ جا ڏاڪا ٽپندو زهريءَ جي ڪمري ۾ وڃسي پهتس. زهري ڇتونءَ سان ويٺي ڳالهيون ڪري رهي هئي مونکي ڏسي مرڪيي، پر پوءِ منهنجي چهري ڪسي ڪاوڙ ۾ ٻرندو ڏسي سندس مرڪ غائب ٿي ويئي. حيران ٿي پڇيائين، ”ڇا ڳالهه آهي؟“

”تو هي ڇا ڪيو آهي؟“

”ڇا ڪيو اٿم!“

”مونکي ذليل ۽ خوار ڪري پڇين ٿي تـه ڇا ڪيو

اٿم. ڏيو منهنجو هوٽل جو بل ڇو ڀريو؟ ڇا اهو ٻڌائڻ لاءِ ته توهان امير آهيو ۽ مان مفلس آهيان ۽ توهان مونکي پالي سگهو ٿا. ڪن ڪولي ٻڌي ڇڏ. مان مفلس آهيان، غريب آهيان، پر عزت جي ڪمائي کائيندو آهيان. توهان وانگر پيشو نه ٿو ڪريان. سمجهيو."

منهنجي ڳالهه ٻڌي هن جو منهن ڏسڻ جهڙو ٿي ويو ۽ مان ڏڪندو ڪنبندو جيئن تيئن پنهنجي ڪمري ڏانهن وڃڻ لڳس ته ائين محسوس ٿيڻ لڳو ڄڻ هڪ ڀير مون جو ٿي ويو آهي. نڙيءَ ۾ ڪا شيءِ اچي اٽڪي ۽ ساهه منجهڻ، گهٽجڻ ۽ ٻوساٽجڻ لڳو. سارو بت پگهر ۾ شل ٿي ويو. بت جون سڀئي رڳون ۽ شريانيون تنبوري جي تارن جيان اهڙيون ته ڇڪجي سخت ٿي ويون جو ائين ٿي محسوس ٿيو ته جي هڪ وک به وڌايم ته ساري بدن جون رڳون ۽ شريانيون ڪچين ڌاڳن جيان ڇڪجي ٽٽي پونديون. جيئن تيئن ڪري زهر جي ڍڪ ڪري ڪان ٻاهر ٻيهر پاتم ۽ ٿابڙندو پنهنجي ڪمري ۾ پهتس.

"ڇڳو ٿيو جو ذليل ڪيو مانس. وڏي آئي آهي مونکي پالڻ واري! غريب آهيان ته ان جي معنيٰ اها ڪانهي ته مونکي عزت ڪانهي. هن کان وڌيڪ عزت وارو آهيان. ٽڪي جهڙي رنڊي پاڻکي سمجهي الائي ڇا ٿي. منهنجي بي عزتي ڪيائين ۽ مان ڇڏي ڏيانس. ڇڳو ٿيو جو بيعزتو ڪيو مانس... پر هن مونکي بي عزتو ڪرڻ لاءِ ته ائين ڪونه ڪيو هو... هن ته پنهنجو پيار ڏيکارڻ لاءِ منهنجا پئسا ڀريا هئا. سندس پيار جو ڇڳو اجرو ڏنم." اوچتو ڪنهن ازغيبي

هٿ هڻندي ڪري ٿي جهلڻ ۽ مارڻ سٽ وسامجي ويو. پوءِ ته هوش ئي نه رهيو. جڏهن هوش آيم ته پنهنجو پاڻ کي زهري جي هنج ۾ منهن لڪائي روئندو ڏٺم.

”مونکي معاف ڪر زهري مون توسان ڏاڍو ذليل ورتاءُ ڪيو آهي ان وقت مونکي الائي ڇا ٿي ويو هو. مان هوش ۾ ئي نه هيس. زهري مونکي توسان محبت آهي، اهڙي محبت جو مان تولاءِ آسمان ڏاري سگهان ٿو. هوٽل جي ڇپرن تان ٽپو ڏيئي سگهان ٿو. مونکي خبر آهي ته مان غريب آهيان ۽ تون امير آهين. مان زمين جو ذرو آهيان ۽ تون آسمان جو چنڊ آهين، پر تنهن هوندي به مونکي توسان محبت آهي. جي مان توکي حاصل ڪري نه سگهيس ته به توسان محبت ڪندو رهندس. زندگي جڏهين به ڪو نئون ويس وهائيندي. ڪنهن نئين ظلم جو زنجير پيرن پارائيندي ۽ مان ڏکن ۾ ڦاٿل ڪڙ ۽ لڇون لڳندس تڏهن تنهنجي ياد جي هنج ۾ منهن لڪائي روئندس ۽ توکي سڏڙا ڪندس. تون به جڏهين ڏاڍي خوش هجين. زندگيءَ جون موجون ماڻي رهي هجين. ٿورڪ جيترن مان ڇڻتيل هجنئي تڏهن مونکي ياد ڪجانءِ ۽ سمجهجانءِ ته ڪو غريب، مفلس ۽ نادار انسان توکي ياد ڪري رهيو آهي. تنهنجي مهربان ياد جي هنج ۾ منهن لڪائي روئي رهيو آهي.“

”بس ڪر. خدا جي واسطي بس ڪر. تون پاڻ ته چريو آهين پر مونکي به چريو ڪري ڇڏيندين.“

پوءِ ته اچي لڙڪ وهڻ شروع ٿيا. جيئن ٿي انت ڏنائين

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تيئن تي اندر ڦاٿو.

زهري پنهنجو سامان کڻي منهنجي ڪمري ۾ هلي آئي ۽ اسين ٻئي گڏ رهڻ لڳاسين. اسان زبان سان ته هڪ ٻئي سان گڏ رهڻ جو واعدو نه ڪيو، پر اسانجي هانءَ ۾ پيار جون جيڪي ڏياتيون ٻري پيون هيون تن جي روشنيءَ ۾ اسانجي روحن هميشه لاءِ هڪ ٻئي سان رهڻ جا واعدا ڪري ڇڏيا ۽ مان پاتال ۾ پيل انسان، افلاڪ اورانگهي عرش جي فرش تي وڃي ليٽيس. پيرن ۾ ستارن جا ڪنول هيم. هنج ۾ چنڊ هو ۽ وارن جون ڇڳون ماڪ ڦڙن ۾ پنل هيم. زهريءَ جي زندگيءَ ۾ عجيب ڦيرو اچي ويو. سندس روح ۽ جسم پيار ۾ ايترو ته رڇجي ويا جو سندس سنڌ سنڌ مان پيار ڦاٽ کائي وهي پيو ۽ منهنجي ذوق، ازل کان اڃايل ۽ برف زندگي سيراب ٿي وئي- هنجي وڏن، سياه سهڻن اکڙين ۾ خوابن جو جهان آباد ٿي ويو. پيار ۾ سندس انگ انگ ائين ٽڙي پيو جو ڪيس ڏسڻ سان ائين محسوس ٿيندو هيم ڄڻ هوءَ اهڙي اڻ ڇهيل البيلي ڪنواري آهي، جنهنکي جي مون هٿ به لاتو ته شرم ۾ وڪوڙجي ڪڙجي پنهنجي ڪنوارپڻي جي هزار حجابن ۾ لڪي ويندي ۽ مان ڪيس کولي نه سگهندس. هنجو پيار ايترو ته اٿاه ۽ بي پناه هو جو منهنجي هستي ان جي وسعتن ۽ اونهاين ۾ غرق ٿي وئي. رات جي اونداهيءَ ۾، ستارن جي هلڪي ۽ ٿڌي روشنيءَ ۾ اسان ويهي ڳالهيون ڪندا هئاسين. اجايون ۽ بي معنيٰ ڳالهيون. جيئن ٻه ٻار پاڻ ۾ اجايون ۽ بي معنيٰ ڳالهيون ڪندا آهن. پر اسانجي هڪ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هڪ لفظ ۾ اسانجا پيار ۾ رچيل روح لڪل هـوندا هئا. اسانجو پيار هڪ هڪ لفظ جي صورت ۾ ٽيپو ٽيپو ٿي اسان جي هانءَ جي ٿانوَ ۾ ٽمندو هو ڪڏهن ڪڏهن مان آسمان جي نيريءَ ڍنڍ ۾ ترندڙ ستارن جي ڪنولن کي ڏسي چوندو هيومانس، ”خبر اٿئي ته هي ستارا ڪير آهن.“

”ڪير آهن؟“

”انهن ماڻهن جا روح، جن اسان جيان زندگيءَ ۾ پيار ڪيو. جڏهن اسان مري وينداسين، تڏهن اسانجا روح به ستارا بڻجي آسمان ۾ ٽمڪندا.“

”مان مري ويندس ته منهنجو روح. او.... هو وڏوستارو ڏسين ٿو. جيڪو سڀني کان وڌيڪ ٿو چمڪي- منهنجوروح ان جي پـر ۾ هڪڙو ننـڍڙو ستارو بڻجي ٽمڪي ٽمڪي توڏانهن نهاريندو.“

”اهڙيون وايون واتان نہ ڪڍ.“

”واقعي. ڪڏهين ڪڏهين ائين محسوس ٿيندو اٿم ته مان جلد ئي مري ويندس. مان ايتري تـہ خوش آهيان جو ڊپ ٿيندو اٿم ته ان خوشي ۾ مري نہ وڃان. سچ ٻڌاءِ جي مان مري وڃان ته مونکي ياد ڪندين؟“

”مان توکي اڪيلو مـرڻ ٿوريئي ڏيندس. توسان گڏ مان به مرندس.“

زهري منهنجي ايتري ته خدمت ڪئي هئي جو مان دل ئي دل ۾ پيو شرمسار ٿيندو هوس. هڪڙي ڏينهن بوٽ آڻي پيرن وٽ رکيائين ته ڪئي ٻانهن کان جهليومانس، ”هـي ڇـا

ني ڪرين.“

”ڇو، ڇا ني ڪريان؟“

”ائين خدمت ڪري شرمندو نه ڪر. مان تنهنجي خدمت لائق نه آهيان.“

”تنهنجي لائقيءَ جي تو کي ڪهڙي خبر. تنهنجي لائقي مونکان پڇ. وس پڄيم ته ايتري خدمت ڪيانءِ جو ڪک ڀڃي ٻه ٽڪر نه ڪرين. پر مان زال ذات ان کان وڌيڪ ڪري به ڇا ٿي سگهان.“

هڪ ڀيري پڇيومانس، ”ڌڻي تو پنهنجو ڇتون ڇو اڏاري ڇڏيو؟“

”هنن جو ڇتون پاليو اٿم.“

”ڪٿي آهي اهو ڇتون مان به ته ڏسان.“

”هتي نه آهي،“ هن آڱر منهنجي سيني تي رکندي چيو.

”مان هن ڇتونءَ تي اعتبار ڪيو اٿيئي وڃي ملبس ته اڏامي ويندو.“

”ٻيا ڪاٿي ڇڏيا اٿمانس. هاڻي ڪا لاڏي اڏامندو.“

”ٻه جي وري جهي پيس ته پوءِ؟“

”ته پوءِ وري ڪٿي ڇڏيندي مانس. هينئر ته هنکي هڪڙي پڃري ۾ به بند ڪيو اٿم.“

”ڪهڙي پڃري ۾ هن بي زبان کي بند ڪيو اٿيئي.“

”هي دل جو پڃرو نه آهي.“

”اوهو،“ مون به هن وانگر پرون نراڙ ڏانهن چڪي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

کنڌ کي هائوڪار جي انداز ۾ هلڪو لوڏي، ا کر ني زور ڏيڻي هنجي اهل ڪٽي ۽ اسين ٻئي ڏهڪڙا ڏيڻ لڳاسين.

هڪ رات ڪاليج ۾ پڙهائي مونيس نہ مونکي ڏسڻ سان زهري؛ جو چهرو خوشي ۾ ٻهڪڻ لڳو ۽ پوءِ سندس ڳلن تي حيا جون ڏيائيون ٻري پيون.

”ڇا ڳالهہ آهي، اڄ ڏاڍي خوش ٿي نظر اچين؟“

”پهرين وات منو ڪراءِ نہ ٻڌايانءِ.“

”هيڏي اچ تہ وات منو ڪرايانءِ.“

”چڏ، توکي تہ هميشہ مشڪري سجهندي آهي.“

”چڱو تہ پوءِ اسان اها خوشخبري ڪونہ ٿا ٻڌون.“

”نہ ٻڌندين تہ پڇتائيندين.“

”اجهو ٿي ٻڌائين. عورت جي پيٽ ۾ ڪا ڳالهہ رهندي ٿوريئي آهي.“

”متان ان خيال ۾ رهين. اصل نہ ٻڌائيندي سانءِ.“

”پلا ڪيئن ٻڌائيندينءِ.“

”مٺائي ڪارائيندين تہ پوءِ ٻڌائيندي سانءِ.“

”چڱو سائين. مٺائي ڪارائڻ جو واعدو ٿا ڪريون. هينئر تہ پلا ٻڌايو.“

هن ا کيون جهڪائي ڇڏيون ۽ رڻي جي پلاند کي آ ڱرين تي ويڙهڻ ۽ کولڻ لڳي. سندس هينئڙي ۾ ڪا ڳالهہ هئي جا نڙيءَ ۾ اچي اٽڪيءِ ٿي پيس. اندر ۾ عجيب اڻ تڻ هيس، جنهنجو اولڙو حيا جي ڳاڙهاڻ جي صورت ۾ سندس ڳلن تي

شفق ڀڄي ٽڙي بيٺو هو.

”ڪيئن ڀڏايانءِ نہ مان....مان ماءُ تيئن واري آهيان.“

”هان!“وات مان بي اختيار دانهن نڪري ويم ۽ واڻڙن جيان هنگي ڏسڻ لڳس. هوءَ ڊوڙي وڃي پلنگ تي ويٺي ۽ ٻنهي هٿن ۾ منهن لڪائي ڇڏيائين. منهنجا تہ هوش ئي خطا ٿي ويا هئا. ڳالهہ ئي سمجهہ ۾ نہ ٿي آيم. پوءِ جڏهن ڳالهہ سمجهہ ۾ آيم تڏهن ڊوڙي وڃي هنجي پير ۾ ويٺس- چهري تان هٿ هٽايامانس تہ سندس چهري تي فتح، حيا ۽ خوشيءَ جون جدا جدا ڪيفيتون، پاڻ ۾ مليل، مرڪ جي صورت ۾ جرڪڻ لڳيون- مون ڪيس چڪي ڪٺي ڇاتيءَ سان لاتو.

ان رات اسان هڪ پل لاءِ بہ اک نہ ٻوٽي ساري رات ڳالهيون ڪندا رهياسين، هر پل ڪنهن ننڍڙي ابهم ٻارڙي جيئان اسانجي هنج ۾ ليٽي، ڪِڪي، هونگڙي، ٿـي ڏني. اڄ رات ڪيتري نـہ حسين هئي. اڄ رات زندگيءَ جـي ٽڪنڊي جي تڪميل ٿي رهي هئي. اڄ رات اسانجا روح، بدن جا بار لاهي، هلڪا ٿـي، عرش تـي آڏامي رهيا هئا. ڪنهنجي آڏريا لاءِ عرش جي ايوانن ڪي چراغان ڪيو ويو هو ۽ حورون ڪنهنجي ٻارڙي ڪي ستارن جڙيل هندوري ۾ لوڏا ڏيئي رهيون هيون.

”جي پٽ ڄائو تہ نالو ڇا رکنديئس؟“

”مڙيئي ڪو آڇر سومر نالو رکندا سين.“

”مشڪري نہ ڪر. ڪو سهڻو نالو ٻڌاءِ.“

مون هنگي ڪيترائي نالا ٻڌايا پر هنکي ڪو نالو وڻيو

ڏي نہ ٿي.

”نالو پوءِ سوچينداسين. پهرين اهو ڏسڻو آهي ته اسانجو ٻار تنهنجي شڪل تي ٿيندو يا منهنجيءَ تي.“

”خدا ڪري تو جهڙو ٿئي.“

”چو، مون جهڙو ڇو ٿئي. تو جهڙو ڇو نہ ٿئي.“

”جي تو جهڙو ٿيو تہ مونکي ڏاڍو وڻندو.“

”جي تو جهڙو ٿيو تہ وري مونکي ڏاڍو وڻندو.“

”مون جهڙو ٿيو نہ ڏينهن رات موچڙا هڻندومانس.“

”موچڙا هڻندينس جو بس. منهنجي ٻار کي هٿ تہ لائي ڏيکارجانءِ.“

”ڇري تڏهن تہ چوانءِ تو تہ خدا ڪري توجهڙوٿئي.“

”ڀلا هنکي پڙهائيندين ڪٿي.“

”مڙيئي ڪنهن ڪتاب ۾ وجهي ويهاريندومانس.“

”نہ نہ، مان تي پنهنجي ٻار کي ڪتابي ٻڌايان. مان تہ هن کي انگريزي پڙهائيندس. انگريزي پڙهي وڏو آفيسر ٿيندو. پوءِ شادي ڪرائينداسين. پر.... پر جي هنکي خبر پئجي وئي تہ توسان پرڻجڻ کان اڳ مان....“

مون ڪلهي وات تي هٿ رکيومانس.

صبح ٿي تہ هوءِ تيار ٿي ويٺي.

”هل تہ بازار هلون.“

”ڇا لاءِ؟“

”ننڍڙي جا ڪپڙا ۽ رانديڪا خريد ڪرڻا آهن.“

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

”هنثر سان ڏي ني ڪپڙا ۽ رانديڪا خريد ڪرين.“
”پيو نہ تہ ڪڏهن خريد ڪنداسين؟“
مان هنکي بازار وٺي ويس ۽ هن ايترا تہ ڪپڙا ۽ رانديڪا خريد ڪيا جو ڪٿي ٿي محال ٿي پيا. هڪڙو ننڍڙو پينگهو ۽ ڪافور حوڳڏو بہ ورتائين. هوٽل ۾ موٽي آياسين تہ هوءَ گُڏي کي پاڪر پاڻ ۽ مٺيون ڏيڻ لڳي.
هاڻي هوءَ سارو ڏينهن ان ”گڏي کي پينگهي ۾ لوڏيندي، لوريون ڏيندي هئي ۽ توتليءَ زبان ۾ هن سان ڳالهيون ڪندي هئي. مان شام جو ڪاليج ويندو هوس ۽ رات جو موٽندو هوس تہ هوءَ گڏي کي ڪٺي چوندي هئي، ”هو ڏس تنهنجو بابا اچي ويو. بابا کي سلام ڪر.“ ۽ پوءِ گڏي جو هٿ جهلي، سلام جي انداز ۾ هنجي نرڙ تي رکندي هئي.
”بابا سلام.“
”وعليڪم سلام.“
جي ڪڏهن بيخياليءَ ۾ سلام جو جواب نہ ڏيندو هوس تہ ميرجي ويندي هئي، ”تو منهنجي ٻچڙي جي سلام جو جواب ڇونہ ڏنو.“
”سائين غلطي ٿي وئي، معافي ٿا گهرون وري اهڙي غلطي نہ ڪنداسين.“
زهري ڏاڍي خوش هئي. ايتري خوش جو اڄ مان اعتراف ٿو ڪريان تہ مونکي هنجي ان خوشيءَ سان ساڙ ٿيندو هو. جڏهين ڳان وني هنجي پيٽ ۾ ٻار ٿيو هو تڏهن ڳان وڃي هوءَ پنهنجي ٻار جي خوابن ۾ ايتري تہ گم ٿي وئي هئي

جو ڪنهن ڪنهن وقت اٿين محسوس ڪندو هوس ڇڻ هوءَ منهنجي ويجهو هوندي به مونکان دور هئي. ڇڻ اسان ٻنهي جي زندگيءَ جون واٽون ٿوري دير لاءِ هڪ ٻئي سان مليون هيون. ۽ پوءِ ڌار ٿي ويون هيون. هنجي منزل ٻي هئي ۽ منهنجي منزل ٻي. عورت تخليق جي منزل جي مسافر ٿيندي آهي ۽ مڙد اڪيلائيءَ جو مسافر.

پنجين مهيني جڏهن هنجي پيٽ ۾ ٻارڇريو تڏهين هوءَ ايڏي ته خوش ٿــي ڇڻ ساري ڪائنات ويڙهجي سيڙهجي هنجي ڪک ۾ اچي آرامي ٿــي هئي ۽ اڄ نئين سر تخليق ٿيڻ لاءِ ڪر موڙي رهي هئي.

هڪڙي ڏينهن مان ڪاليج ويس ته پرنسپال (جيڪو سا ڳي وقت ڪاليج جو مالڪ ۽ مئنيجنگ ڊائريڪٽر به هو) مونکي پــاڻ وٽ سڏايو ۽ چيائين، ”مــونکي اوهــان ســان ڪجهه ڳالهائڻو آهي.“ ٿوري دير ماٺ رکي چيائين، ”اوهان ڪٿي رهندا آهيو؟“

”مان هوٽل ۾ رهندو آهيان.“

”اڪيلا رهندا آهيو يا ٻارن سان.“

”پنهنجي گهر واريءَ سان رهندو آهيان.“

”هينئر مــان اوهانکان هڪڙو ذاتــي سوال پڇي رهيو آهيان. اوهانجي زال ڪير آهي؟.“

”عورت آهــي ٻي ڪير آهــي.“ مون بدحواسيءَ ۾ جواب ڏنو.

”عورت ته آهي پر عورتن جا به قسم ٿيندا آهن. موٽ
پڌو آهي ته اوهانجي زال.... معاف ڪجو.“
”ٻهرين هئي پر هاڻ شريف ٿي وئي آهي.“
”اوهان نڪاح ڪيو آهي.“
”...“

”اوهان ڳڙهيل ڳڙهيل آهيو. اوهانکي خبر آهي ته
معاشري اسانکي هڪڙو عظيم ڪم سونپيو آهي. اسين
منجي اسان نسل جا ڪوال آهيون. مان مڃان ٿو ته اوهانجي
ذاتي زندگي جو اوهانجي نوڪريءَ سان ڪو سنئون سنئون
واسطو ڪونهي، پر شاگرد جي نفسيات اهڙي ٿيندي آهي
جو هو پنهنجي استاد جي ذاتي زندگيءَ بابت پڇا ڳاڇا
ڪندو آهي. انڪري جو استاد هن جو آدرش ٿيندو آهي ۽
اهڙي ريت استاد جي ذاتي زندگيءَ جو سندس نوڪريءَ
سان سڌو سنئون واسطو ٿي ويندو آهي. جڏهن شاگردن کي
اوهانجي ذاتي زندگيءَ جي خبر پنجي ويندي ته پوءِ سمجهو
ٿا ته هنن جي ذهن تي ڪهڙو اثر پوندو. جنهن نسل جو
آڏو آدرش ئي اوچو نه هوندو سو نسل وڏي وڏو ٿي اخلاقي
۽ جنسي لاقانونيت جو حامي ٿيندو. انڪري مان پنهنجي
قوم جي ايندڙ نسل جي اخلاق ۽ نيپاج کي آڏو رکي ڏاڍي
افسوس سان اوهانکي ٻڌايان ٿو ته اڄ کان اوهانجي نوڪري
ختم آهي. اوهان جهڙي قابل استاد کان اسانجو ڪاليج
محروم ٿي ويندو، تنهنجو مونکي نهايت ڏک آهي. پر ڇا
ڪجي ڪڏهين ڪڏهين ڪي ڪم پنهنجي مرضيءَ

خوشيءَ جي خلاف به ڪرڻا پوندا آهن.“

هنجو هڪ هڪ اکر ڄڻ منهنجي بدن مان ساهه ڇني ويو. ۽ مون ۾ ايتري طاقت به نه رهي جو ڪڏي پنهنجي بچاءَ ۾ هڪ اکر ئي ڳالهائي سگهان. پرنسپال اڪائونٽنٽ کي سڏايو ۽ مونکي هڪ مهيني جو وڌيڪ پگهار ڏياري موڪلائڻ لڳو ته سندس اکين ۾ همدردي جا لڙڪ تري آيا.

مان ڪنهن هارايل جواريءَ جيان وڪون کڻندو ٻاهر نڪري آيس ۽ ڪاليج جي دروازي جي چائنٽ وٽ بيهي رهيس. ڪنڌ ورائي آخري دفعو ڪاليج جي عمارت ڏانهن ڏٺم. پهرين ڏينهن جڏهن مان نوڪري ڪرڻ لاءِ هيءَ چائنٽ ٽپيو هوس، تڏهن ڪاليج جي هن عمارت ماڻهو جيان ٻانهون ڊگهيري مونکي پنهنجي هنج ۾ ورتو هو، پر اڄ ائين ڏڪي ڇڏيو هئائين ڄڻ مان سڀ ماڻهو پٽ هيس. شايد مان زندگيءَ جي ماڻهو پٽ هيس. هن لاهين چاڙهين واري شهر جو به ماڻهو پٽ هوس. اڄ سيني گڏجي مونکي ڌڪي تڏي ڇڏيو هو ۽ مان اڪيلو، ويڳاڻو، اوپرو ۽ غير محفوظ هن ڪاليج جي چائنٽ وٽ بيٺو هوس. سامهون شهر جي شاهراهه ڦهليل هئي، جنهن تي موٽرن، رڪشائن ۽ هڪ ٻئي کي مارڻ، چيلهڻ جون سٺون سٺيندڙ، سهڻن چهرن ۽ دونهاٽيل دلين وارن ماڻهن جي اچ وڃ لڳي پئي هئي. آخر هي پڇ ڊڪ، گوڙگمسان ۽ هو هنان ڇا لاءِ آهي. ڇا مون جهڙن ماڻهن پٽن کي جيئڻ جو حق ڪونهي. اسان ته سماجي نظام

ان لاءِ ڪيو هو ته جيئن ماٺيلا پٽ به قانون جي پناهه ۾ جي سگهن، پر هتي ته اڄ به اهوئي جهنگلي قانون رائج آهي. اڄ به ڏاڍو هيٺين کي چيري ڦاڙي، سندس هڏيون چٻاڙي، زبان سان واچن تان رت چٽي ڏاڍي آرام سان اوڳرائي ٿو ڏي ۽ قانون پنهنجي سموري هيبت، ڏهڪاءُ ۽ عظمت سان اکين تي پٽيون ٻڌي، هٿ ۾ انصاف جي اها ترازي جهلي بيٺو آهي، جنهن جا پڙ ڪڏهين به برابر نه ٿيا آهن ۽ جنهن ۾ هميشه ڪاڻ رهندي.

ڪمري ۾ پير پاتم ته زهري مونکي ڏسي هراسجي وئي ۽ ڏاڍي دهشت زده آواز ۾ چيائين، "منهنجي ننيڙي کي الائجي ڇا ٿي ويو آهي."

"ڇو ڇا ٿي ويو اٿس؟"

"رات کان وٺي چري پري ٿي نه ٿو."

مان پنهنجا ڏک ڪٿي هن وٽ آيو هئس ۽ هوءَ پنهنجا اجايا ڏک ڪٿي ويٺي. ٻاهه ٿي ويس، چڙ مان چيومانس، "تنهنجو مغز خراب آهي. اهو ٻار توکي چريو ڪري ڇڏيندو."

مون جو چڙ ٻي ڏني مانس ته جهري پئي. روئندي چيائين "منهنجي ٻار کي ڪجهه ٿي ويو آهي. هونئن هر وقت پيٽ ۾ چرندو هو، پر رات کان وٺي چري ٿي نه ٿو. ڪٿي... ڪٿي ڪجهه ٿي نه ويو هجيس."

مون کيس سيني سان لاتو ۽ آٿت ڏيندي چيومانس "چري، ڪڏهن ڪڏهن ٻار چپ به هوندا آهن ۽ هفتن جا هفتا چرندا پرندا نه آهن. تون اجايا ٿي وهم ڪرين."

”دل کي گهڻوئي ٿي سمجهايان، پر دل نٿي مڃي. هاڻ وٽ ني جڻ ”چپ“ ٿي آهي. ائين ٿي سمجهان جڻ ڪا خوفناڪ ڳالهه ٿيڻ واري آهي. جڻ ڪجهه ٿي چڪو آهي يا ٿيڻ وارو آهي. خدانخواسته جي منهنجي ٻارڙي کي ڪجهه ٿي پيو ته مان مري ويندس. تباهه ٿي ويندس.“

منهنجي سيني ۾ منهن لڪائي هوءَ ننڍڙي ٻار جيان سڏڪا ڀري روئڻ لڳي.

چيومانس، ”پيٽ واري زائفان کي ڪڏهين ڪڏهين مونجهه به ٿيندي آهي. دل ۾ غبار چڙهندا آهن. اجايا ٿي وهم ڪرين. ڪجهه ڪونهي، خدا رحم ڪندو. هاڻي پلا هڪڙو دفعو ڪلي ڏيکار. منهنجي ڪري کلي ڏيکار. نٿي کلين؟ چڱو ته مان به توسان نٿو ڳالهايان. اجان نٿي کلين. چڱو ڏسان ڪيئن نٿي کلين.“

مون هنکي ڪتڪتايون ڪيون هنجي چپڙن تي لڙڪ ڳاڙ مرڪ اچي وئي. مون ڪان پنهنجا ڏک وسري ويا ۽ هنجي دل وندرائڻ لاءِ ڪيس هيڏانهن هوڏانهن جون ڳالهيون ٻڌائڻ لڳس. هوءَ ڪنهن وقت کلي ٿي ته ڪنهن وقت سندس چهري تي غم جو اونداهون پاڇو لهرائي ٿي ويو. رات جو سمهڻ مهل جڏهن مون بتي وسائي ته هوءَ ٽپ ڏيئي اٿي ويٺي. يڪدم چيائين، ”بتي ٻار. اونده ۾ ساهه ٿو ٻوساڄي. گهٽا ٿا اچن.“

مون اٿي بتي ٻاري ۽ هوءَ ساري رات سمهي نه سگهي. پنهنجي پيٽ تي هٿ ڦيري چوندي رهي، ”الائي ڇا ٿيهي

ويو اٿس. الائي ڇو نٿو ڇري."

ٻئي ڏينهن صبح سان مان ڊاڪٽرياڻيءَ کي وٺي آيس. ڊاڪٽرياڻيءَ جو هنڪي اڻين هراسيل ڏٺو ته کيس دلجاءِ ڏيڻ لڳس ۽ تپاس ڪري ڏاڍي اطمينان سان مرڪندي چيائينس، "اجايو ڪٿي پنهنجي حالت خـراب ڪئي اٿيئي. ڪجهه ڪونهي. ٻار بلڪل ٺيڪ آهي. ٿورو ڪمزور آهي. انڪري ڇري پري نٿو ۽ جي ڇري پري ٿو تـه اهڙي نموني سان جـو خبر نـٿي ڪلئي تـي پوي. بـاقي فڪر جـي ڪا ڳالهه ڪانهي."

ڊاڪٽرياڻيءَ جي ڳالهه ٻڌي هوءَ خوش ٿـي ويئي. مان ڊاڪٽرياڻي سان هيٺ لٿس ته ڊاڪٽرياڻيءَ چيو، "منهنجو خيال آهي ته ٻار مري چڪو آهي. اوهين يڪدم وڏي اسپتال ڪٺائي وڃو. جي دير ڪيو ته زهر چڙهي ويندس. هڪڙي ڳالهه جو خيال رکجو ته هنکي خبر نـه پوي تـه هنجو ٻار مري ويو آهي."

ڊاڪٽرياڻيءَ جي ڳالهه ٻڌي منهنجو هانءُ ٺي ٻڪن ٿي پيو. بت ڏڪڻ لڳو. ڄنگهون ٿڙڪڻ ۽ مغز ڦرڻ لڳو. ڇڻ جاڻ پنوائي ڪاٿي ڪريس. ڏاڪڻ چڙهيس ته اهڙي مغز کي ڦيراٽي آئي جو ٻئي هٿ متي ڪي ڏيئي اتمئي ويهي رهيس. الائي ڪهڙي دير ڪنري وئي. الائي ڪهڙي دير تائين ٻئي هٿ متي ڪي ڏيئي ڏاڪڻ تـي ويٺو رهيس. اوچتو خيال آدم نـه جي زهري منهنجي هيءَ حالت ڏسي ورتي تـه سـپ ڪجهه سمجهي ويندي. پوءِ ڇـا ٿيندو. يڪدم اٿ ڏيئي اٿس ۽

۽ ٻيءَ اطمينان سان مرڪندو ڪمري ۾ گهڙيس. سونهن وسي هوءَ به مرڪڻ لڳي.

”چيو ٿي مان نيٺ اجايا وهم نه ڪندي ڪر.“

”ڇا ڪريان. ماڻهوءَ جي دل ٿوريئي پنهنجي وس ۾ هوندي آهي.“

”اڙي سچي. ٻي ڳالهه ته ٻڌ. ڊاڪٽرياڻيءَ چيو ته ٻار ڏاڍو ڪمزور ٿي ويو آهي ۽ کيس پوري خوراڪ نٿي پهچي.“

”پوءِ...“ هوءَ هراسجي وئي.

”فڪر جي ڪا ڳالهه ڪانهي. ڊاڪٽرياڻيءَ چيو ٿي ته ٻار کي هينئر جمڻ گهرجي اٺ مهينا ته هوندو ئي پيٽ ۾ ٿي ويا اٿس. هينئر ڊاڪٽر ٺوڪي هڪڙي سئي هڻندو ۽ پوءِ اسانجو ننڍڙو اسانجي هنج ۾ هوندو. کيس اهڙو ته کير ٻارينداسين جو پهلوان ٿي ويندو ۽ پنهنجي ران تي هٿ هڻي چوندو، ’بابا ملهه وڙهندين؟‘ مان چوندومانس ’نه پٽ، مان ڪمزور ماڻهو توسان ڪيئن ملهه وڙهي سگهندس‘، ڳالهيون ڪندي ڳالهائيندي هانءُ پرجي آيم. پر يڪدم پنهنجو پاڻ سنڀالي ورتم. مون هنکي راضي ڪيو ۽ اسين اوڏيءَ مهل ئي وڏي اسپتال روانا ٿياسين. هڪڙو ڊاڪٽر منهنجو دوست هو تنهن زهريءَ کي چڱيءَ طرح تپاسيو ۽ چيائين، مري ويو آهي. هينئر جو هينئر آپريشن ڪري ٻار ڪڍڻو نه ته مريض تي زهر چڙهي ويندو. هڪڙي ٻي ڳالهه به ... ان اوهانکي ٻڌائي ڇڏيان، جي مريض هي دفعي ... داني ... ٻي به اثر پيو ته ٻچي داني به ڪڍڻي پوندي ۽

پوءِ مريض کي ڪڏهن اولاد نہ ٿيندو.“

”مونکي ٻار جي ضرورت نہ آهي، مونکي پنهنجي زال جي زندگي جي ضرورت آهي.“

زهريءَ کــي اوڏيءَ مهل ئي آپريشن ٿيئيٽر ۾ پهچايو ويو. هـوءَ ڏاڍي هراسيل هئي. انهن تـــي ٻنـل اکـمن سان مونڏانهن ڏٺائين جڻ کيس ڪوس گهر ۾ وٺيو ٿي وڃا.

آپريشن ٿيئيٽرجو دروازو بند ٿيو ۽ مان وارنڊي ۾ گهمڻ لڳس. عجيب خيال دماغ ۾ ڊوڙڻ لڳا. مغز ڦرڻ ۽ چنگهون ڏکڻ لڳيون. ساري ٻت مان ساه ڇنائجڻ لڳو ۽ مان انيئي وراندي ۾ پٺ کـي ٽيڪ ڏيئي ويهي رهيس. اکين اڳيان اونده ڦهلجڻ لڳي ۽ پوءِ روج راڙو. گهربل سڙيل ماس جي ڏپ، اڀرڪا ڏيندڙ جيئرو جاڳندو رت. چئني طرفن کـان، بي ڪفن مڙدن جو ناچ. هنبوڇيون ۽ آدم بوءِ آدم بوءِ جا آواز. ڇرڪي اک پٽيم تہ سامهون نرس بيٺي هئي.

”مبارڪ هجيو، آپريشن ڪامياب ٿي آهي.“

اپتري ۾ زهريءَ کي آپريشن ٿيئيٽر مان اسٽريچر تـــي ٻاهر ڪڍائي آيا. سندس اکيون مڙدن جيان اڌ پٽيل ۽ اڌ ٻوٽيل، ڪنڌ هڪ طرف لڙهيل ۽ بدن بي ستو هو.

زهري پلنگ تـي بيهوش پئي هئي ۽ مان سگريٽ جا سوٽا هڻي بيچينيءَ سان ڪمري ۾ هيڏانهن هوڏانهن گهمي رهيو هوس. زهريءَ جي آپريشن ڪامياب ٿي هئي. هن ٻه مئل ٻار ۽ ٻچيدانيءَ آپريشن ڪري ڪڍي ڇڏي هئائون. هاڻي

هوءَ ڪڏهن به ماءُ ٻڌجي نه سگهندي. هاڻي جڏهن هوءَ اکيون کوليندي ۽ پنهنجي ٻار جو پڇندي تڏهن مان ڪيس ڪهڙو جواب ڏيندس. ڪيس ڪيئن ٻڌائيندس ته سندس ٻار جنهن لاءِ هن سجاڳيءَ جي سپنن جا هزارين جهان جوڙيا هئا جمڻ کان اڳ ئي مري ويو. ڪنهن مامتا ماريل ماءُ کي سندس ٻار جي موت جي خبر ٻڌائڻ ڪيتري نه جگر ڏاريندڙ ڳالهه آهي.

آخر اها گهڙي اچي وئي جنهن ڪان مان ڊڄي رهيو هوس. زهرِيءَ اکيون پٽيون ۽ خشڪ چپن تي زبان ڦيريندي چيائين.

"ٻالي.... ٻالي."

مون هنکي گلوڪوس پياريو ۽ هو بلڪل هوش ۾ اچي وئي. ڳوليندڙ نظرن سان هيڏانهن هوڏانهن نهاريندي پڇيائين،

"منهنجو ٻار ڪٿي آهي."

"ٻار کي ڊاڪٽر کڻي ويو آهي."

"چو کڻي ويو آهي. ڪيڏانهن کڻي ويو آهي."

"ٻار ڏاڍو ڪمزور هو. ساهه به کڻي نٿي سگهيو. هنکي آڪسيجن ڏيڻ لاءِ کڻي ويا آهن."

"تون ڪوڙو آهين. ڪوڙ ٿو ڳالهين. تنهنجون اکيون ٻڌائن ٿيون ته تون ڪوڙ ٿو ڳالهين. ٻڌاءِ منهنجو ٻار ڪٿي آهي. ڪيڏانهن ڪيو اٿوَ منهنجي ٻار کي. اڙي مان هنجي ماءُ آهيان. گهٽ ۾ گهٽ مونکي هنجي صورت ته ڏيکاريو."

آئيوس ته هڪڙو دفعو پنهنجي ننڍ تہ پياريانس. تـون نٿو

آئيس ته مان پاڻ تي وڃان.“

هوءَ ٽپ ڏيئي اٿي ۽ ڏانهن ڪري هٿ ڪڍي پيٽ تي رکيائين. هنجا ڏا ڳا ٽٽي پيا ۽ رت وهڻ لڳو. نرس ڊوڙي ڊاڪٽر ڏانهن وئي ۽ مان حيران ۽ پريشان هنجي چهري ڏانهن ڏسندو رهيس. ڪمزوري مٿس غالب پوندي تي وئي. اکيون پوتبيون تي ويس ۽ چپن مان ٽٽل ڀڳل آواز تي نڪتس، ”منهنجو پار رئندو... هوندو... هڪ.... دفعو.... تيج ته.... پياريانس.“

پر ٽي سال گذري ويا آهن. هوٽل اڳي جيان هلي رهيو آهي. زندگي اڳ جيان روان دوان آهي. نوان نوان مسافر ايندا آهن ۽ ٻه چار ڏينهن رهي هليا ويندا آهن. وچڻ ڪانپوءِ ڪير به ڪين ياد نه ڪندو آهي. نه ڪنهنکي ڪنهنجي اچڻ جي خوشي ۽ نه وڃڻ جو غم. هوٽل جا سڀئي رشتا ڪچا ڪوڙا ۽ وقتي آهن.

هاڻي به بيرن کي سڏڻ لاءِ گهنٽيءَ جا آواز گونجندا آهن ۽ بيرا بجليءَ تي هلندڙ بوٽن جيان ’جي صاحب، آيو صاحب حاضر صاحب‘ چوندا ڊوڙندا، پڇندا ڏاڪڻيون لهندا چڙهندا آهن ۽ رات جو ساڻا ٿي وڃي کٽ تي ڪرندا آهن. صبح جو سوير اخبار واري ڇوڪري جو آواز گونجندو آهي ۽ شام جو تيل مالش واري ڇوڪري جو. وڏا وڏا ڪامورا، وڏيرا، انجنيئري کاتي جا ٺيڪيدار هيئنئر به ايندا آهن. ساري ساري رات شراب پيئندا آهن ۽ چتن ڪتن جيان عورتن جو

ساس پٽيندا آهن.

صحافي هوٽل جڏي پنهنجي بنگلي ۾ وڃي رهيو آهي، هنجي ڪمري ۾ هڪڙو سادو گهوٽاٽو اچي رهيو آهي. هر روز آرام ڪري ۽ ٽي وبهي دور افق ڏانهن نهاريندڙ سلهه جو نوجوان مريض ڪڏهين جو هي ۽ دردن سان پريل ڏرتي جڏي افق جي هر پار بهچي چڪو آهي. هڪ ڏينهن اوچتو هنجي حالت خراب ٿي وئي ۽ جڏهن ڪيس گهوٽ ڪاٽي ٿي ويا تڏهن رستي ۾ ٿي دم نڪري ويس. هنجي ڪمري ۾ هڪڙو وڏو دولت مند نوجوان ڪاليجي شاگرد اچي رهيو آهي، جيڪو سارو ڏينهن هرويرو به پيو ٽهڪ ڏيندو آهي.

انهن پراڻن مسافرن کي هينئر ڪير به ياد نه ڪندو آهي. ڪنهنجي به هانءَ ۾ هنن جي ڪمي ۽ جو ڪنڊو نه چيندو آهي، هرڪو پنهنجو پاڻ ۾ گم آهي. پنهنجي ٿي مسرتن جي تلاش ۾ حيران ۽ سرگردان.

مان ۽ زهري ان ساگئي ٦٦ نمبر ڪمري ۾ رهندا آهيون. زندگي اسان کان سپنا ۽ سڪ کسي، اسانکي لتاڙي، چيپالي، گهاٽي ۽ ڦٽي اڪٽي وڏي وئي آهي ۽ اسين ٻئي پنهنجي پنهنجي رت ۾ لڇي، ڦٽڪي ۽ تڙپي رهيا آهيون. زهري ۽ اڃان تائين ان حقيقت کي قبول نه ڪيو آهي ته سندس يار مري ويو آهي. شايد اهوئي سبب آهي جو سندس ساري وبهن ۽ جوين ڪوماڻجي ويو اهي. سندس گلاب جي گلن جهڙو رنگ ڪارانجي ويو آهي ۽ سندن وڏن، سياه، سهڻن اکڙين ۾ سندس اڻ پورن خوابن جي ڏوڙ اڏامندي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آهي. اسين ٻئي هڪ ٻئي جي ويجهو هوندي به هڪ ٻئي
کان دور آهيون. ٻئي اڪيلا، وڇڙيل، ڦٽيل ۽ گهايل!
هوءَ سارو ڏينهن پنهنجي ٻارڙي کي ياد ڪندي آهي.
هر وقت ڪافور جي ڳڙي کي هنج ۾ ليٽائي لوريون ڏيندي
آهي يا پينگهي ۾ سمهاري لوڏا ڏيندي آهي. هنکي ائين
ڪندو ڏسي مان روئي ويهندو آهيان. هنجي ويجهو وڃي
سنڌس ائين ۽ منجهيل وارن ۾ آڱريون ڦيري پيار ڪندو
آهيان ۽ هوءَ پنهنجون اداس، ويران ۽ خالي خالي اکيون
کڻي مونڏانهن ائين نهاريندي آهي ڄڻ مونکي سڃاڻي ئي
نه، ڄڻ مان ڪو اجنبي، اوپرو ۽ پرائو آهيان. مان هنکي
پاڻ ڏانهن ائين اوپرن اکين سان نهاريندو ڏسي سوچيندو
آهيان ته ڇا هي اها ساڳي زهري آهي، جنهن جون اکيون
وڏيون، سهڻيون، چيرويون ۽ کهنڊڙ ڪتاريون هيون ۽ جن
مونکي ڪٺو هو. جنهن سان ڳڏ مون خوابن جو جهان ۽
محبت جي ڪائنات جوڙي هئي. جنهن سان مان رات جي
اونداهي ۾، ستارن جي روشني ۾ ويهي روح ريهاڻ ڪندو
هوس ۽ اسانجو پيار لفظن جي صورت ۾ ٽيپو ٽيپو ٿي هڪ
ٻئي جي هانءَ جي تانءَ ۾ لمندو هو. ڪيڏانهن ويا اهي
ڏينهن، ڪيڏانهن وئي اها زهري ۽ ڪنهن اسانجي هانءَ جا
تانوَ پڇي پورا ڪيا.

ڪڏهين ڪڏهين هوءَ مونکي سڃاڻندي آهي. منهنجي
هنج ۾ مٿو رکي پنهنجي ٻارڙي کي ياد ڪري، اوڇنگارون
ڏيئي رئندي آهي. جڏهن روئي روئي ساٽي ٿي پوندي آهي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تڏهن دور اُفق ڏانهن نهاري ان گهڙيءَ جا خواب ڏسندي آهي، جڏهين هنکي وري پيٽ ٿيندو. هڪ وار وري ساري ڪائنات ويڙهجي سيڙهجي سندس ڪک ۾ اچي آرامي ٿيندي ۽ نئين سر تخليق ٿيڻ لاءِ آرس پيچندي. جڏهن زندگي جي ازلي ٽڪنڊي جي تڪميل ٿيندي ۽ اسانجا روح بدن جا بار لاهي، هلڪا ٿي عرش ڏي اڏامندا، جڏهين عرش جي ايوانن ڪي چراغان ڪيو ويندو ۽ حورون اسانجي ٻارڙي ڪي ستارن جڙيل هندوري ۾ لوڏا ڏيئي لوريون ڏينديون. مان هن جون ڳالهيون ٻڌي رڻ لڳندو آهيان. سان هنکي ڪيئن سمجهايان ته هنجو اهو خواب ڪڏهين به پورو نه ٿيندو. اها گهڙي ڪڏهين به سندس زندگيءَ ۾ نه ايندي ۽ هوءَ ڪڏهين به ماءُ ٻڻجي نه سگهندي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

شڪست جو آواز

مان ۽ زيبو چپ چاپ هلي رهيا هئاسين. ساري دنيا کان بي خبر ۽ پنهنجي پنهنجي دنيا ۾ گم. اڄ اسان الائي ڪيترن سالن کانپوءِ مليا هئاسين. ان عرصي ۾ هوءَ ڪيتري نه بدلجي وئي هئي. هنجا ڪڪرن جهڙا ڪارا وار، جيڪي ساري وجود تي وڇائجي ميگهه ملهار لائي ڏيندا هئا، اڄ ڪان وڏيڪ اڇا ٿي ويا هئا. ڪنول جهڙو چهرو ڪومائجي ويو هو، ۽ سندس چليل گهڙيل بدن بي ڍولو ٿي ويو هو. اسانکي هڪ ٻئي سان گهڻو ڪجهه ڳالهائڻو هو، ڏک سور سلڻا هئا، اندر اورڻو هو. پر اسين ماٺ هئاسين. وڇوڙي جي انهن سالن ۾ ڪيترن چهرن جا چنڊ ويسر ۾ اُلهي ويا هئا. ڪيترن يادن جي ريکائن کي وقت جي دز لڳي چڏيو هو. ڪيترا ڦٽ ڪڙيون ٻڌي ويا هئا ۽ ڪيترا نواز ڦٽ ڦٽي پيا هئا. اڄ هيترن سالن کانپوءِ مليا هئاسين ته چهرن جا ڪيئي چنڊ طلوع ٿي ويا هئا جنجي سوگوار سهائيءَ ۾ اسين ٻئي پنهنجي پنهنجي هينئڙي تي چٽيل يادن جي هڪ هڪ ريکا کي چنڊي ڦوڪي، وقت جي دز کان صاف ڪري رهيا هئاسين. جيئن ڪو مسافر ڪيترن سالن جي سفر کانپوءِ پنهنجي اڪيلي ۽ ويران گهر ۾ موٽي ايندو آهي ۽ هڪ هڪ شيءِ کي چنڊي ڦوڪي صاف ڪندو آهي.

موٽڪي چٽيءَ طرح ياد آهي جڏهن مان زيبوءَ سان

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٻهريون دفعو مليو هوس تڏهن هـوءَ پنجٽيهن چاليهن ورهن جي پڪي عورت هئي. پر سندس سونهن ۽ جواني اهڙي ته ڀرپور هئي جو نين نڪورن ڇوڪرين جي جواني به سندس جوين آڏو ڪوماڻجي ويندي هئي. جهڙي حسين هئي تهڙو ئي مٺڙو آواز هيس ڳائيندي هئي ته ائين محسوس ٿيندو هو ڄڻ پپيهو پئي ٻولي ويل هانءَ تي ماڪ وسي رهي آهي ۽ هينئڙو ڪنول گل جيان ٽڙي پيو آهي. سندس سونهن ۽ آواز جي منڊ مون جهڙن ڪيترن ئي ڪم نام نوجوانن، وڏن اميرن ۽ آفيسرن کي منڊي ڇڏيو هو. ڪنهن ثقافتي محفل ۾ ڳائڻ ويندي هئي ته سندس جهلڪ ڏسڻ لاءِ ماڻهن جا ڳاهٽ ٿي ويندا هئا. کيس سونهن، جواني دولت ۽ شهرت ايترو تـه مغرور بڻائي ڇڏيو هوجو ڪنهن سان سڌيءَ منهن ڳالهائيندي ئي ڪانه هئي. باقي جيڪڏهين ڪنهن ۾ ڪو ڪم پوندو هوس تـه يڪدم دوست بڻجي ويندي هئي. پوءِ ڪم لٿو، ڪاڳر ڦاٽو. هنکي پنهنجي هڪڙي پرستار جـي سياءَ ۽ پنهنجي هڪ هڪ ماڻي جي ملهه جي خبر هئي. کيس خبر هئي ته سندس پيشاني ۾ پيل گهنج ڪهڙي پرستار جي هانءَ ۾ خنجر بڻجي کپندو ۽ سندس چپڙن تي مڙيل اڻ لکي مرڪ ڪهڙي پرستار جي هستيءَ تـي وڄ بڻجي ڪرندي. ڪنهنکي بي رخيءَ ۽ ڪنهنکي ماڻـي سان مارجي. لالچي به ڏاڍي هئي. ڪنهن ثقافتي محفل ۾ ڳائڻ لاءِ چئبو هوس ته ڪڏهين چپڙن تي مرڪ آڻي، ڪڏهين پيشانيءَ ۾ گهنج وجهي، سب هيلا هلائي، پئسن جي ڳهر ڪندي هئي. جيترا

پئسا ڪمائيندي هئي انهن کان مجال آهي جو ٽڪو به کڻي وڃي. هن پنهنجي شهرت مان فائدو وٺڻ لاءِ انشورنس جو ڪم به شروع ڪيو هو ۽ پنهنجن پرستارن کي مائٽن سان مات ڪري، ڪين انشور ڪندي هئي. هنجي هر عمل ۾ ڪوڙ ۽ ڏيکاءُ هو ۽ سندس سيني ۾، محبت ۾ تڙڪندڙ ۽ ڏک ۾ تڙپندڙ دل جي بدران برف جي سرد رکيل هئي جنهن کي همدردي رحم ۽ محبت جي گرمي ڪڏهين به پگهاري نٿي سگهي. هنجي باري ۾ بيون به ڪيتريون ئي خراب ڳالهيون هليل هيون.

مان هنجي سونهن جو سودائي هوس ۽ سندس رنيءَ جي ريهاڻ لاءِ به ماندو رهندو هوس. پر مونکي هنجي خودغرض ۽ لالچي سڀاءَ کان نفرت هئي. هنجي غير موجودگيءَ ۾ سندس لالچي سڀاءَ کي ياد ڪندو هوس ته دل نفرت سان ڀرجي ويندي هيم پر جڏهن سندس جهلڪ ڏسندو هوس ته ساري نفرت ميڻ جيان پگهري ويندي هئي. ٻين پرستارن جي ڀيٽ ۾ هوءَ مون سان مڙيئي چڱو ورتاءُ ڪندي هئي. ۽ مون جهڙي معمولي ماڻهوءَ لاءِ اهائي وڏي ڳالهه هئي ته جنهن عورت سان به اکر ڳالهائڻ لاءِ وڏا وڏا ماڻهو مرندا هئا، سا منهنجي دوست هئي ۽ مون سان عزت ڀريو ورتاءُ ڪندي هئي.

منهنجي ۽ زيبوءَ جي واقفيت تڏهن ٿي هئي وقت کان هئي پر اسانجي دوستي پوءِ ٿي هئي. تن ڏينهن ۾ مان هڪڙي اخبار ۾ ڪم ڪندو هوس. الائي مونکي هنجي شهرت ۽ ڪاميابيءَ

سان ساڙ ٿيو هـو يـا الائي مون هنکي پنهنجي اهميت ڏيـي مڃائڻ چاهي جـو مون اخبار ۾ هنجي خلاف مضمون لکڻ شروع ڪري ڏنا. هڪ دفعي ته سندس آواز کي ڦاٽل دهل سان به تشبيه ڏنم. سندس اچارن جي غلطين کي ظاهر ڪيم ۽ لکيم ته هيءَ ڏيـه اسانجي مٺڙي ٻوليءَ سان ظلم ڪري رهي آهي. ٻه چار ڏينهن گذريا. هڪڙي ڏينهن اخبار جـي آفيس ۾ ويٺو هوس ته اوچتو زيبو اندر گهڙي آئي. اچڻ سان چيائين، ”فلم تي هلندؤ.“

مان هنکي پنهنجي آفيس ۾ ڏسي حواس باختہ ٿـي ويو هوس. يڪدم کلي هاڪار ڪيم.

”تہ پوءِ هلو.“

آفيس کان ٻاهر نڪتاسين تہ ٽانگي ۾ سندس ٻه ساهيڙيون به ويٺيون هيون. مان ٽانگي تـي اڳيان تي ويٺس ۽ اسين سئنيما هال ڏانهن روانا ٿياسين. سندس ساهيڙيون به چڱيون سهڻيون هيون، پرسندن سونهن زيبوءَ جي سامهون ڪوماڻجي وئي هئي. هن الائي ڇو منهنجو هنن سان تعارف نہ ڪرايو. اها اسانجي دوستيءَ ڏانهن پهرين وک هئي.

ٻئي ڏينهن هن مونکي چانهن جي دعوت ڏني. ان ڏينهن مون هنکان انٽرويو بـہ ورتو. انٽرويو وٺندي مون هنکان سندس شاديءَ بابت پڇيو تہ کلي ويٺي ۽ چيائين، ”مون تہ شادي ڪري ڇڏي.“

”ڪنهن سان؟“

”پنهنجي فن سان.“

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مون هنجو انٽرويو ڏاڍي شان سان اخبار ۾ شايع ڪيو. ڪجهه ڏينهن اڳ ان ساڳي اخبار ۾ مون هنجي گلا لکي هئي ۽ هينئر ان ساڳي اخبار ۾ مون سندس تعريف ۾ پورا ٻه صفحا ڀريا هئا. ان ڏينهن ڪانپوءِ هوءِ منهنجو ڏاڍو خيال ڪندي هئي ۽ پوءِ آهستہ آهستہ اسين ٻئي دوست ٿي ويا هئاسين.

هڪ دفعي هوءِ مون وٽ آئي هئي ۽ چيو هئائين، ”معذور ٻارن جي ڀلائيءَ لاءِ هڪ ادارو کليو آهي. مونکي انجو اعزازي سيڪريٽري چونڊيو اٿن. مان چاهيان ٿي تہ اهو ادارو وڌي ۽ معذور ٻارن کي زندگيءَ جون اهي سموريون نعمتون ڏي جنڪان هو محروم آهن. اهو تڏهن ٿي سگهي ٿو جڏهين اداري وٽ پئسا هجن، ان لاءِ مون هڪ رٿ رٿي آهي تہ هڪڙو وڏو ثقافتي ميلو ڪرايان. ساري ملڪ جا مشهور فنڪار سڏايان. سيئي فنڪار گڏجي ٽڪيٽون وڪڻن ۽ مفت ۾ ڪم ڪن. ٽڪيٽن جي وڪري مان جيڪي بہ پئسا ٿين سي ان اداري کي ڏنا وڃن. تون ان سلسلي ۾ منهنجي مدد ڪندين ني.“

مونکي خبر هئي تہ اهو سڀ ڪجهہ هوءَ سستي شهرت حاصل ڪرڻ لاءِ ڪري رهي هئي پر تہ بہ ٻئي ڏينهن اخبار ۾ هنجي باري ۾ مضمون لکيم تہ عظيم فنڪاره زيبو انسان پرستي جي عظيم جذبي ۾ ايتري تہ رچيل آهي جو....

زيبوءَ ساري ملڪ جا وڏا وڏا فنڪار گڏ ڪيا. سيئي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڏجي ٽڪيٽون وڪيون. شو جي ڏينهن تي هزارين ماڻهو
ڃي سهڙيا. شو شروع ٿيو. سيني فنڪارن پنهنجو فن ڏيکاريو.
بنٹر زيبوءَ جو وارو هو. هوءَ ساڙيءَ جا پلوَ سنڀاليندي،
ٻل جيان ٿلندي، اسٽيج تـي اچي ويٺي. ۽ جيئن نه ڪو
نح، فتح جي گهمنڊ وچان، مفتوح لشڪر جو جائزو وٺندو
ي تيئن هوءَ بــه هال ۾ ويٺل ماڻهن جو جائزو وٺڻ لڳي.
ـزي ۾ سازن ساه کنيان. هـن نڙي صاف ڪئي ۽ آلاپ
ائين، جڻ بڙڇي هوا ۾ لهرائي ۽ ڪائنات جــي سيني ۾
جي ڪٽي. هنجو راڳ پڌي ائين ٿي محسوس ٿيو جڻ سندس
ح راڳ جو ويراڳ وٺي، رڙندو رڙندو، صدين جا سور
يندو، عرش ڏانهن اڏامندو ٿـي ويو. عرش ٿـي اونايو،
ڪائنات تي ڪوڪاريو ۽ زيبوءَ تي ڳايو.

سي ٿي جوين ڏينهن جڏهين سڄو سفر هليا.

ساري خدائي سندس راڳ جي منڊ ۾ منڊجي وئي هئي.
ال ۾ ويٺل ماڻهو جهڙا پنڊ پهڻ. هـن راڳ ختم ڪيو.
ڻهو تاڙيون وڃائي رڙيون ڪري ڪيس وري ڳـائڻ لاءِ
ڻ لڳا پــر هوءَ ساڙيءَ جـا پلوَ سنڀاليندي اسٽيج تـان
ي آئي.

رات جو دير سان محفل ختم ٿـي. جڏهن هوءَ ٽري
مَن چيائين. "هل مونکي گهر ڇڏي اچ." سندس گهر وڃ
ماسين ته چيائين، "جي جلدي گهر وڃڻو نه هججي ته ٻه چار
ٽ ويهي ڳالهيون ڪريون."

"نه جلدي ته گهر وڃڻو ڪونه اٿم."

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪار نان لهي هن گهنٽي وڄائي، هڪڙي ڪرڙو ديو عورت اچي در کوليو، هوءَ ڏيک ويک مان نوڪرياڻي ٿي لڳي.
زيبوءَ پڇيس، ”بيبي سمهي پيئي آهي ڪن جاڳي ٿي.“
”اڃا ته جاڳي پئي. ڪاڏو پيتو به ڪجهه ڪونه اٿئين.“
اها بيبي ڪير هئي؟ منهنجي ذهن ۾ سوال ڪر ڪنيو ۽ ڪئين شڪ جاڳي پيا. اندر هلياسين ته مان وراندي ۾ هتڪي بهي رهيس. زيبوءَ چيو، ”اندر اچ ته پنهنجي بيبيءَ سان ملايانءِ.“
اندر ڪمري ۾ پريان پلنگ تي سورهن سترهن ورهن جي هڪڙي جماڻ ڇوڪري ليٽيل هئي. هوبهو زيبوءَ جهڙي، ساڳيا ڪڪرن جهڙا ڪارا وار. ڪاريون ڪجاڻوز اکڙيون ۽ ٽڙيل ڪنول جهڙو مکڙو. زيبوءَ ڪي ڏسي هن اٿڻ جي ڪوشش ڪئي پر اٿي نه سگهي. (هنجي هڪڙي چنگهه ۽ پانهن اڌ رنگ جي ماريل هئي) هنجي ڪارن ڪجلن اکڙين ۾ ڪاوڙ ۽ ڪروڌ ڀريل هو. زيبو هنجي ويجهو وئي ته هن سٽ ڏيئي زيبوءَ جي وارن ڪان جهليو ۽ ڇچريل ٽٽل ۽ سمجهه ۾ نه ايندڙ لفظن ۾ ڪجهه چوڻ لڳي (هنجي زبان به اڌ رنگ جي ماريل هئي.) هن زيبوءَ کي وارن ڪان جهلي پاڻ ڏانهن ڇڪيو ۽ ڪلهي ۾ ڪئي چڪ وڌائينس زيبوءَ ڪان هلڪي چيٽ نڪري وئي. زيبوءَ جي چهري تي ڪاوڙ ۽ دهشت جي بدران ٻاجهه ٿي ٻه ٻه ڪئي. هو ٽڇ ۾ ٻڏل آواز ۾ چيو، ”بس توبهه ڪيم. اڳتي نه ويندس الا مارين ٿي.“

زيبوءَ پانهن ورائي هنکي ڳراٽڙي پاتي ۽ سندس پيشاني
ٿي چمي ڏنائين. زيبوءَ جــي پيار سان هـوءَ جهري پئي ۽
ڇنگارون ڏيئي روئڻ لڳي. مان بي ستو بيٺو رهيس. منهنجي
ءَ هي سڀڪجهه ڇڻ ڪو پوائنتو خواب هو. زيبوءَ نوڪرياڻيءَ
ٿي سڏ ڪيو ۽ چيائينس، ”مهمان کي ڊرائينگ روم ۾ وٺي
جي ويهار. چانهن ناه ۽ بيبي جي ماني به کڻي آءُ.“
مان ڊرائنگ روم ۾ اچي ويٺس. سگريٽ مان سگريٽ
ي دکايم ۽ اکين اڳيان ٿوري دير اڳ وارو ڏيک ٿــي
ريو. چڱي دير گذري ته زيبو ڪمري ۾ داخل ٿي ۽ صوفي
ي ويهندي چيائين، ”منهنجي بيبي ڏٺئي. صفا مون جهڙي
هي ني. آهي تــه منهنجي پيٽ پــر مان ڪيس پنهنجي ڌيءَ
ـجهندي آهيان. هنجو به مون سان ڏاڍو پيار آهي. مونکان
واءِ نه کائيندي آهي نه پيئندي آهي. دير سان گهر ايندي
هيان تــه ڪاوڙبي آهــي ۽ ڪاوڙ ۾ وار پٽيندي ۽ ڇڪ
ائيندي آهي.“
نوڪرياڻي چانهه کڻي آئي ۽ هوءَ چانهه ٺاهڻ لڳي. مان
ات ڪري ويٺو رهيس. سمجهه ۾ نٿي آيم تــه هن سان ڇا
ڳالهايان. ڪيئن سندس بيبيءَ لاءِ همدردي ڏيکاريان. آخر
چيومانس، ”بيبي ڇائي ڇم کان ائين آهي يا پوءِ بيمار ٿي
ٿي هئي.“
منهنجو سوال ٻڌي هوءَ اداس ٿي وئي. ڏکويل آواز ۾
ڀائين، ”ڇائي ته ڏاڍي سهڻي ۽ تندرست هئي پر پوءِ ڪيس
: رنگ ٿي پيو.“

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هن چانهه جو ڪپ مونکي ڏنو. ڪمري ۾ سانت
چانئجي وئي."

"مان ڪنهن معذور ٻار کي ڏسندي آهيان ته هن ۽
مونکي پنهنجا ۽ پنهنجي ٻيبي جا ڏک ڏولاوا ڏسڻ ۾ ايند
آهن. ڪهڙي خبر ته ان معذور ٻار جي به ڪا پيءُ هجي
جنهن مون جيان پنهنجي ساري حياتي ان معذور ٻار لا
قربان ڪري ڇڏي هجي."

هوءَ مان تي وئي ۽ اکيون ڇت ۾ کپائي ڇڏيائين.

"ٻيبيءَ جي اڌ رنگ منهنجي ساري حياتيءَ کي ا
رنگ ڏيئي ڇڏيو. الائي ڇا ٿيو ۽ الائي ڇ
ٿيو پيو. مون زندگيءَ کان ڇا گهريو ۽ ڇا پلئه پاتم
مون ڪڏهين سوچيو به نه هو ته مان ڪا پيشه ور ڳائڻ
ٿيس. منهنجي ڏات ويڪاؤ مال ٿيندي. مان هزارين ماڻهن
جون دليون وندرائيندي آهيان، سندن ڏک ڏولاوا ڳائيندي
آهيان. ماڻهو مونکي اکين ۾ جاءِ ڏيندا آهن. پر تون هن
جون دليون ڦولي ڏس. سندن دلين ۾ مون لاءِ ڪا عزت
ڪانهي."

هوءَ وري مان تي وئي ۽ پوءِ پنهنجي روح جا سڀيئي
روشن دان کولي ڇڏيائين، پنهنجي سموري زندگيءَ کي
منهنجي آڏو وڇائي ڇڏيائين.

زيبوءَ جي زندگيءَ جي ڪهاڻيءَ جو آغاز تڏهين ٿيا
تو ٿئي جڏهن نثار سان هنجو ٺڳو ٿيو هو. نثار هرويرو ڪ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

خاص سهڻو ڪونه هو پر سندس بيهڪ ۽ روش ڏاڍا وڻندڙ ۽ سيباڻتا هئا. سندس خيال پين نوجوانن کان مڙيئي ڪجهه نرالا هئا. عورت جي آزادي، ڏتڙيل انسانن سان همدردي، آرٽ ۽ فن تي ڏاڍا بحث ڪندو هو. شاعر به هو (زيبوءَ مونکي هنجا ٻه چار شعر پڙهايا هئا. مونکي اهي شعر ڏاڍا رواجي، سستي جذبات پرستي ۽ اجائي نعره بازي سان ڀريل نظر آيا هئا) ڪڏهن سندس شعر جذبن کي ڪتڪتايون ڪندا هئا ته ڪڏهين بغاوت جي باه سان لهسائي ڇڏيندا هئا. چوندو هو: اهي ڏينهن ضرور ايندا جڏهين دڪايل ذرتيءَ تي ماڻهوءَ پوڙ مينهن وسندا، نار ٽيندا، نفرت جا سلا سڙي ويندا ۽ ڪو ڪنهنکي ڪونه ڏڪاريندو. زيبوءَ کي هو ڪنهن روماني ناول جو هيرو لڳندو هو، جيڪو ناول جي دنيا سان نڪري هن جيئري جاڳندي دنيا ۾ آيو هو ۽ هنجي سامهون ويهي ننڍا ڪڙيون ڳالهيون ڪري رهيو هو.
زيبوءَ جي عمر تڏهين پندرهن سورهن سال هئي. ان عمر ۾ ته هونئن ئي ماڻهوءَ کي روماني ناول وڻندا آهن ۽ نثار ته ڪنهن روماني ناول جو جيئرو جاڳندو هيرو هو. نثار زيبوءَ جي ساهيڙيءَ جو ڀاءُ هو. زيبوءَ جڏهين مئٽرڪ پاس ڪئي هئي ۽ هڪڙي پرائمري اسڪول ۾ ماستريائيءَ تي هئي تڏهين سڪينه سندس ساهيڙي تي هئي. سڪينه هنکي ڏاڍو پيائيندي هئي. هڪڙي ڏينهن اسڪول ۾ ڪوڏڻ ملهايو ويو هو. ان ڏڻ تي زيبوءَ هڪڙو گيت ڳاتو هو. واه واه تي وئي هئي. سڪينه ته کيس ڀاڪر پائي چيو هو، "زيبو، جـي مان مڙد

هجان ها ته مري به توسان شادي ڪريان ها."

سڪينه سارو ڏينهن هن سان پنهنجي پاڻ جون تعريفون ڪندي هئي. "هھڙو آهي، نثار جهڙو پاڻ ته ورلي ڪنهن پيءُ کي ملندو."

هنجي دل ۾ به نثار کي ڏسڻ جو شوق جاڳيو هو ۽ هڪڙي ڏينهن سڪينه جي گهر ۾ هن نثار کي ڏٺو هو. نثار هنکي چڱو لڳو هو پر سندس ڳالهيون ڪيس ڏاڍيون وڻيون هيون. هوءَ به نثار کي ڏاڍي وڻي هئي. ان ڏينهن کانپوءِ نثار پيءُ کي تياڻي ڪئيون ته ڪيئن به ڪري زيبوءَ سان شادي ڪراءِ. آخر سڪينه زيبوءَ لاءِ متي ڪٿي آئـي. پٺي هيٺاهين وچولي طبقي جا هئا، پنهي گهراڻن جـو رتبو، اخلاقي قدر هڪ جهڙا هئا، چوڪرو پڙهيل ۽ سدريل هـو. زيبوءَ جي پيءُ ماڻ يڪدم ڪٿي ها ڪئي ۽ اڪ چنـپ ۾ پنهي جـو مـڱڻو تي ويو. هاڻي زيبو سارو ڏينهن نثار جون ڳالهيون پئي ڳائيندي هئي ۽ انهن ڏينهن جا خـواب ڏسندي هئي جڏهن هنجي شادي ٿيندي، جڏهن ساري ڪائنات سندس سهاڳ جـي سڳنڌ ۾ رچي ويندي، جڏهين سندس ڪنوارپڻو شفق جي رنگن جيان ڦٽي، ٽڙي، ڪڙي بيهندو. پر اوچتو سندس خواب اڇي پٽ پيا. پٹس کي گهٽي وقت کان دل جي بيماري هئـي سو هڪڙي ڏينهن ويني ويٺـي ڪٿي اکيون پوريائين. پيءُ جي مرڻ جو هنکي يقين ئي نه ٿي آيو. پر پوءِ جڏهين پٹس جي پينشن بند ٿي وئي ۽ ساري گهر جو بوجهه هنجي ڪلهن تي اچي ڪريو تڏهين هن اکيون پٽيون. پهرين پٹس

جي پينشن ۽ سندس پکھار سان گھر پيو هلندو هو، هينئر هنجي پکھار مان ئي ساري گھر جي پورت ٿيئي هئي. هنکي پنهنجي پوڙهي پيءُ، اڌ رنگ جي ماريل پيءُ ۽ ننڍڙي ڀاءُ جو سهارو ٿيڻو هو. زيبوءَ کان وڏو ڀاءُ به هو پر نه هجڻ جي برابر. ننڍي پڻ ۾ بري سنگت ۾ ڦاسي اهڙو ته ڪري پيو هو جو پلس ڪيس گهران ڪڍي ڇڏيو هو. ڪڏهين ڪڏهين پيءُ جي غير موجودگيءَ ۾ گھر ۾ ايندو هو ۽ ماءُ کي منهن ڏيکاري، ڪونه ڪو بهانو بڻائي، پئسا وٺي هليو ويندو هو. پيءُ جي مرڻ کانپوءِ هو گھر ۾ موٽي آيو ۽ سيني کي سهارو ڏنائين. ڪجهه ڏينهن گذريا، هڪڙي ڏينهن زيبو جڻ ننڊ مان اٿيا ته هو غائب هو. هن سمجهيو ننڊ مان اٿي ڪيڏانهن نڪري ويو آهي ۽ جلد موٽي آيو. پر پوءِ زيبوءَ جي ماءُ جو پنهنجي پيٽي کولي ته دانهن نڪري ويس. جيڪا ٿوري گهڻي موڙ ا چوندي هين ۽ جهڪي ٿورا گهڻا زيبوءَ لاءِ زيـور ٺهرايا هئائون سي سڀ غائب هئا. ماڻس هٿي هٿ سيني تـي هڻي پاراتا ڏيڻ لڳس.

”ابا شل نياڻن جي هچا پوئي. هـٿ ڪڙيون لڳنئي، جيل وڃين.“

الائي ماڻس جي پٽ جو اثرٿيو يا، الائي اتفاق اهڙو ئي پيو جو ٻئي ڏينهن تي ٻڌون ته هنکي پوليس جهلي ورتي آهي. هو گھر مان پئسا ۽ زيور کڻي سڌو وڃي جوا تي ويٺو ۽ سڀ ڪجهه هارائي ڇڏيائين ۽ هار جـي باهه ۾ ڪنهن واري کي چاقو وهائي ڪڍيائين. ماڻس جـو پٽ جي جهلجڻ جو ٻڌو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

۽ چوطاق ٿي اچي فرش تي ڪري. مغز ٿي ڏري پيس. ماءُ ڪري بيهوش ڏسي بيبي ۽ بابو روئڻ لڳا. زيبوءَ واڻڻ جيان ڪڏهن بيبي ۽ بابوءَ ڪي ٿي پرچايو ته ڪڏهن ماءُ ڪي ٿي ڏونڌاڙيائين. ماڻس اهڙي ته ڪري جو وري نه آتي. پٺ لاءِ جهري جهري مري وئي. زيبوءَ جا ته هوش ٿي خطا ٿي ويا. ڪن ته سمجهيو ته چري ٿي پوندي. پر انسان ڏاڍو نرچو آهي. آهستي آهستي ڏک سهساياڻين. هوش جاءِ ٿيس ته هن ا ڪيون ڪٺي پنهنجي چوڌار نهاريو. نيڻ نهار تائين خال ٿي خال ٿي نظر آيس. ماڻٽن مٽن ڪهٽيٽي همدردي ڏيکاري هيس، سڪينه ته سڳيءَ پيڻ ڪان به وڌيڪ سندس ڏک ۾ شريڪ هئي. پر ته به هنڪي پنهنجي چوڌاري اونداهون خال ٿي ڏسڻ ۾ آيو، جنهنجي اٿاه اونهاين ۾ هوءَ ٽنل تاري جيان ڪرندي تي وئي.

آخر هن پنهنجو پاڻ سنڀاليو. پنهنجي ٽڙيل پکڙيل قوت ڪري ميڙي ڪڏ ڪيائين ۽ پنهنجي زندگي ۽ زندگيءَ جسي چوڌاري ڦهليل ڪوريئڙي واري ڄار، جنهن ۾ هوءَ اوچتو اچي ڦاٿي هئي، جي باري ۾ سوچڻ لڳي. هيئر هنکي پنهنجي اڌ رنگ جي ماريل پيڻ ڪي پالڻو هو ۽ سندس مفلوج زندگيءَ جو سهارو ٿيڻو هو. پنهنجي معصوم ٻارءُ ڪسي اهڙيءَ ريت پالڻو هو جيئن وڏي ٿيءُ جو سندس زندگيءَ تي پاڇو به نه پوي. هنجو نثار سان مڱڻو ٿيل هو ۽ نيٺ سندن شادي ٿيڻي هئي، جي هن شادي ڪري ڇڏي ته پوءِ سندس پيڻ ۽ ٻارءُ جو ڇا ٿيندو. ٿي سگهي ٿو ته شاديءَ کانپوءِ هنجو پنهنجو اولاد ٿئي، ۽ هوءَ انهن معصومڙن کان منهن موڙي ڇڏي. هوءَ معمولي ماستريائي هئي. هنجي پگهار مان ڪيئن

سندن گذارو ٿيندو. هوءَ اسڪول ويندي ته سندس ٻچيءَ جي پرگهور ڪير لهندو. هن هڪڙي هڪڙي ڳالهه تي سوچيو، ۽ زندگيءَ سان مقابلو ڪرڻ لاءِ تيار ٿي بيٺي.

هنجي اسڪول ۾ هڪڙي ماسترياڻي هئي. آواز سٺو هيس، راڳ جي سکيا ورتي هئائين ۽ هينئر ثقافتي محفلن ۽ ريڊيو تي ڳائي پئسا ڪمائيندي هئي. هن زيبوءَ کي ٻه ڇيو هو ”قدرت توکي مهڙو آواز ڏنو آهي، تون ان مان فائدو ڇو نه ٿي وٺين.“

تڏهن هن پنهنجي ساهيڙيءَ جي ڳالهه کي ڪن ۾ ٽاري ڇڏيو هو. پر اڄ هوءَ اٿي ۽ سڌو وڃي ساهيڙيءَ سان ملي ۽ کيس ٻڌايائين ته هوءَ ڳائڻ سکڻ ٿي چاهي ۽ ڳائي پئسا ڪمائڻ ٿي چاهي. ان ڏينهن کانپوءِ هن باقاعده راڳ جي سکيا وٺڻ شروع ڪئي. پهرين ڏينهن تــه هنکي طبلي جي تال، سرن جي هيٺاهين مٿاهين ’استادن‘ جي لباس ۽ سندن ڳالهين ٻولهين کان وحشت ٿيڻ لڳي. کيس ائين محسوس ٿيڻ لڳو ڇڻ هوءَ اسڪول ۾ ٻارڙن کي پڙهائڻ کانپوءِ، گهر موٽندي، واٽ ڀلجي ان هنڌ اچي نڪتي آهي جتي هينئر راڳ، شريف گهرن سان ٽڙجڻ کانپوءِ وڃي پناه ورتي آهي.

ٻه چار ڏينهن گذريا ته هڪڙي ڏينهن سڪينه سائس ملڻ آئي. پهرين جيان ڏاڍي سڪ ۽ پيار سان ملي ۽ پوءِ ڳالهين مٿان ڳالهه ڪيڍيائين تــه، ”زيبو مان ۽ پاڻ نثار راڳ جي خلاف نه آهيون. پر اسانجي ملڪ ۾ راڳ کي رنڊين جو

مترڪ سمجهيو ويندو آهي. ان ڪري پاڻ نثار تي ڇڏيو ته توکي راڳ جي سکيا وٺڻ نه گهرجي. اهو شريف ڇوڪرين جو وڙ نه آهي ته راڳ ڳائينديون وتن.“

سڪينه جي ڳالهه ٻڌي هوءَ ماٺ تي وئي. نثار ته انهن ڳالهين کان متاثر هو. هن ته اهڙن اخلاقي قدرن کان بغاوت ڪئي هئي. هن لاءِ ته پيشه ور رنڊي به مانُ لائق هئي. ۽ هن تـه فن کي دنيا جي هر سچائيءَ کان عظيم سچائي تي سمجهيو. پر اڄ جڏهن سندس مڱينديءَ پنهنجي ذات کي جيئڻ جو وسيلو بڻايو هو، تڏهن سندس سڀ اوچا نظريا اڃي پٽ پيا هئا. هو ته عام ماڻهوءَ جي ڏک کي به پنهنجو ڏک سمجهندو هو هينئر هنجي ڏک کي ڇو نه ٿي پنهنجو سمجهيائين.

”مونکي خبر ڪانهي تـه راڳ شريف ڇوڪرين جو وڙ آهي يا نه، مونکي صرف اها خبر آهي تـه مان جيئڻ ٿي چاهيان. پنهنجي اڌ رنگ جي ماريل پيءُ ۽ پاڻ کي جيئرو رکڻ ٿي چاهيان.“

”زيبو. نثار تنهنجو مڱيندو آهي، توکي هنجي پسند ۽ نا پسند جو خيال ڪرڻ گهرجي.“

”جي اها ڳالهه آهي تـه پوءِ مونکي اهڙي مڱينديءَ کان بس پلي آهي.“

”زيبو. هي ڇا ٿي چوين. دماغ جاءِ تي اٿيئي ڪي نه.“

”منهنجو دماغ جاءِ تـي آهي ۽ مان پنهنجي هوش و حواس سان چوان ٿي ته مان ڳائڻي بڻجڻ ٿي چاهيان، ڳائي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پئسا ڪمائڻ ٿي چاهيان. نثار جي پسند ۽ ناپسند نه منهنجي اڙ رنگ جي ماربل پيڻ جون گهوڙيون ٺهجي سگهي ٿي ۽ نه ٿي منهنجي پاءُ جو آئيندو.''

”زيبو ايتري جذباتي نه ٿي. اصل ۾ توکي هڪ ٺئي پنيان اهڙا ته ڪاپاري ڌڪ لڳا آهن جو تنهنجو هوش جاءِ تي نه آهي. تون پيڻ ۽ پاءُ لاءِ ايتري ماندي ڇو ٿي ٿئين. پاڻ نثار جو ويٺو آهي.''

”نثار پاڻ کي ٿي پورو پالي نه ٿو سگهي سو هو منهنجي پيڻ ۽ پاءُ کي ڇا پاليندو.''

هنجي وات مان بي خياليءَ ۾ اهي ا کر نڪري ويا هئا. ۽ پوءِ يڪدم هن پڇتايو هو پر هينئر تيرڪمان مان نڪري چڪو هو ۽ ڪڙ ڪڙ ڪندو وڃي سڪينه جي سيني ۾ کتو هو. زيبوءَ جي ڳالهه ٻڌي سڪينه سُن ۾ پئجي وئي هئي. شل نه غريب کي غريبيءَ جو طعنو ملي. پهرين ته سڪينه واتڙن جيان ا کيون ڦاڙي هنکي ڏسندي رهي، ۽ پوءِ مات ميت ۾ برقعو پائي هلڻ لڳي.

’سڪينه‘ زيبوجي روح ريه ڪئي پر هن چپ پيڪوڙي پنهنجي روح جي ريه کي اندر ئي اندر گهٽي، پوساتي ڇڏيو. سڪينه وئي ته هنجو هانءُ ڦسي پيو، اوچنگارون ڏيندي وڃي پيڻ ۽ پاءُ کي ڳراٽڙي پائي رني. هو معصوم ڙا هنجا سور نه سمجهي، پنهنجي پيڻ کي روئندو ڏسي، دهلجي، روئڻ لڳا. ان ڏينهن هوءَ ايتري ته رني جو وري ڪڏهين به سندس ا کيون آليون نه ٿيون. ان ڏينهن هن پنهنجا سمورا لڙڪ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هاري چڙهيا هئا ۽ ونس هڪڙي بوند به نہ بچي هئي جو پيهر ڪڏهين هاري.

اهڙيءَ ريت هنجو مگڻو بہ ٽٽي ويو. هن راڳ جي سکيا وٺي محفلن ۾ ڳائڻ شروع ڪيو. پهريون دفعو جڏهين اسٽيج تي ويهي هن ڳاتو، تہ هنکي ائين محسوس ٿيو ڄڻ سندس آواز اگهاڙو ٿي پيو آهي، ڄڻ تماشائن جون اکيون ڇچن جيان سندس روح ۾ ڇنيا ڪوڙي چنبڙي پيون آهن. هوءَ پنهنجي ست ۽ لڄ جو مرثيو ڳائي رهي آهي. پر پوءِ آهستہ آهستہ اهو احساس بہ ختم ٿيندو ويو ۽ هوءَ پنهنجي پيءُ ۽ ماءُ سان آرام جي زندگي گذاري رهي هئي تہ هڪڙي ڏينهن وڏو پاڻس اچي نازل ٿيو. سيني ڪسي سيني سان لاٿي، ماءُ کي ياد ڪري ڏاڍو رنو ۽ هن کي آٿت ڏيڻ لڳو. زبيوءَ چيس، "پاؤ. جي پنسن ونڻ لاءِ هي ايڪٽنگ ڪري رهيو آهين، تہ پوءِ اجايو پنهنجو وقت نہ وڃائين، مان توکي هڪ پائي بہ نہ ڏيندس. پلاٽي انهيءَ ۾ اٿيئي تہ هينئر جو هينئر هتان هليو وڃ ۽ اڄ کانپوءِ ڪڏهين بہ هن گهر ۾ پير نہ پائيجان، نہ تہ ٿر جي فرياد ڪري جيل ۾ وجهائيندي سانءِ."

زبيوءَ جي ڳالهہ بڌي هو باه ٿي ويو. مارڻ لاءِ الر بہ ڪيائينس. هوءَ بہ سينو تاڻي بيهي رهي. پوءِ تہ هو گهٽيون چالون چليو، پر جڏهين ڏٺائين تہ ڪجهہ ڪونہ ٿو ٿئي، تڏهين هنکي ڳاريون ڏيندو هليو ويو ۽ وري گهر ۾ پير نہ پاتائين.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

وقت گذرندو ويو، زيبو را ڳ ڳائي پئسا ڪمائيندي رهي. هينئر راڳ سندس جيئڻ جو وسيلو ٿي نه، پر سندس زندگي بڻجي ويو. راڳ ۾ هوءَ پنهنجا سيئي ڏک، شڪستون ۽ محروميون ڳائيندي هئي، ۽ ماڻهو هنجي ڏکن مان پنهنجي ڏکن جا پڙلاءَ ٻڌي هنجي تعريف ڪندا هئا. هوءَ ساري ملڪ ۾ مشهور ٿي وئي. ۽ ان رات اها مشهور ڳائڻي زيبو، منهنجي سامهون ويٺي هئي ۽ پنهنجي زندگيءَ ڪـي ڪولي منهنجي آڏو وڇايو هئائين.

ان رات کانپوءِ منهنجي ۽ زيبوءَ جـي وچ ۾ هڪڙو عجيب رشتو قائم ٿي ويو. اسان ٻئي هڪ ٻئي جـي گهڻو ويجهو اچي وياسين. پر اسانجي ويجهڙائي دوستيءَ تائين ئي محدود هئي. جيتري مـان هنجي خود غرض ۽ لالچي سياءَ کان نفرت ڪندو هوس، هينئر اوتري ئي سندس عزت ڪرڻ لڳس. هڪڙي ڏينهن هوءَ مون سان ملي. ڏاڍي خوش ٿي لڳي. چيائين، ”خبر اٿئي اڄ مان ايتري خوش ڇو آهيان. اڄ منهنجي بابوءَ فرسٽ ڪلاس ۾ بي-اي پاس ڪئي آهي. منهنجو خيال آهي ته هنکي وڌيڪ پڙهائڻ لاءِ انگلنڊ موڪليان. تنهنجو ڪهڙو خيال آهي.“

”ڏاڍي سٺي ڳالهه آهي.“

”لنڊن مان پڙهي ايندو ته سٺي نوڪري ملندس. عزت سان زندگي گذاريندو. ڪنهن چڱـي گهـر مـان شادي ڪرائيندي مانس. جي اٽان ئي شادي ڪري آيو ته به ڪا خراب ڳالهه ڪانهي. مان ته چاهيان ٿي ته هو خوش رهي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جواني ماڻي.“

ان ڏينهن ڪان ٿي مان ۽ زيبو بابو جي ڪاغذ پٽ جي تياريءَ ۾ لڳي وياسين ۽ اڪ ڇنپ ۾ سڀ تياريون مڪمل ٿي ويون. مون پهرين بابو کي ڪونه ڏٺو هو. انهن ڏينهن ۾ مان هن سان مليس. هو به هوبهو زيبوءَ جهڙو هو. سنهڙو نازڪڙو ۽ شرميلو. سندس ڳالهائڻ ۽ شرمائڻ ۾ نسوانيت هئي. زيبوءَ جي حد کان وڌيڪ عزت ٿي ڪيائين. الائي ڇو مون محسوس ڪيو ته زيبوءَ جي حد کان وڌيڪ پيار هنجي شخصيت کي اُسرڻ ۽ اُسري ڦهلجڻ نه ڏنو هو. جنهن ڏينهن بابوءَ جو جهاز روانو ٿيڻو هو ان ڏينهن زيبو ڏاڍي خوش هئي. هروڀرو به ٿي مرڪي ۽ ٽهڪڙا ڏنائين. پر جڏهين بابو کانئس موڪلائڻ لڳو ته اداس ٿي وئي ۽ ٽيستائين جهاز ڏانهن نهاريندي رهي جيستائين جهاز آسمان جي نيري وسعتن ۾ گم ٿي ويو.

وقت گذرندو ويو. زيبو راڳ جي راڻي ٿي راڄ ڪندي رهي. (راڳ لاءِ هن نوڪري به ڇڏي ڏني هئي) اها تائين راڳ ۾ سندس مٽ ڪونه سامائو هو ۽ زيبو پنهنجي ڪماليت جي نشي ۾ سرشار هئي. پر هڪڙي ڏينهن هوءَ اوچتو ان نشي مان ڇرڪي جاڳي پئي ۽ پنهنجي ويريءَ کي دوبدو ڏٺائين.

هڪڙي ڏينهن هڪڙي فنڪشن ۾ ڪنهن گم نام ڇوڪريءَ راڳ ڳاتو. واه واه ٿي وئي. ماڻهن سڀئيون وڄائي، رڙيون ڪري هنڪي وري ڳائڻ لاءِ ٿي چيو. هن

وري وري ٿي ڳاتو ۽ هر دفعي پهريون ڪان وڌيڪ سٺو ٿي ڳاتائين. هنجي آواز ۾ ايرنڊڙ سڄ جي ڪرڻن واري هلڪي هلڪي گرمي، تازگي ۽ روشني هئي ۽ هن ڪانپوءِ جڏهين زيبو ڳاتو ته مونکي محسوس ٿيو ته زيبوءَ جو آواز ٽڪل ٽڪل ۽ لهندڙ سڄ جي پوئين ٽڙڪي جهڙو هو. زيبوءَ به ان ڳالهه کي محسوس ڪيو ۽ هوءَ ان نئين ڳائڻيءَ جسي آواز مان وڏون ڪيڻ ۽ هن تي چٽرون ڪرڻ لڳي. اها هنجي پهرين شڪست هئي.

انهن ئي ڏينهن ۾ منهنجي حالتن اهڙو ته ڦيرو ڪاڌوجو اڄي ۽ لڳي جون پريشانيون وڌ ويڙهيءَ جيان ويڙهي ويم. اخبار بند ٿي وئي ۽ پيچ بڪ ڪري هڪڙي معمولي نوڪري هٿ ڪيم. پر اهڙي هنڌ رکيائون جو حيدرآباد جون هوائون ۽ زيبوءَ سان گهاريل واندڪائيءَ جون گهڙيون وري نصيب نه ٿيم. موڪل تي ايندو هوس ته به سڌو گهوٽ هليو ويندو هوس. زيبوءَ سان پهرين ته خط و ڪتابت رهي پر پوءِ اها به ختم ٿي وئي. پندرهن سورهن سال گذري ويا. ان وچ ۾ ٻڌم ته زيبوءَ ڳائڻ ڇڏي ڏنو آهي ۽ هينئر سنڌس پيٽ بيمار ٿي پيئي آهي ۽ هوءَ سنڌس علاج ۾ رڌل آهي ۽ ڪراچيءَ ۾ گوشه نشيني جي زندگي گذاري رهي آهي ڪڏهين ڪڏهين سنڌس ڪو پراڻو ريڪارڊ ٻڌندو هيس ته سنڌس صورت هانءَ تي تري ايندي هيم.

حالتن وري ڪجهه ڦيرو ڪاڌو ۽ مان وري حيدرآباد موٽي آيس. هڪڙي ڏينهن شهر ۾ ڪا معمولي نمائش لڳي

هئي. هڪڙو دوست نمائش ۾ کُهلي وٺي ويو. چيائين، ”هل ته زندگيءَ جو عبرتناڪ منظر ڏيکاريانءِ“
نمائش ۾ هڪڙي معمولي ناٽڪ منڊلي لڳل هئي. تنهن جي ٻاهران ڇوڪرا ڇوڪريون وارو لباس پائي، پس منظر ۾ وڄندڙ ريڪارڊ جي ڌن تي چيلهه کي موڙا ڏيئي، هترادو ڇاتين کي لوڏي نچي رهيا هئا. اسان ٽڪيٽون وٺي اندر وڃي ويٺاسين. اندر رکيو ٽرڊ ڪلاس ماڻهو ويٺا هئا، جن کان نفرت ڪرڻ اسان ڪامورن جو ”وڙ“ آهي. مونکي انهن سان گڏ ڪرسين تي ويهندي به لڄ ٿي آئي، ور ور ڪري ٿي هيڏانهن هوڏانهن نهاريم ته ڪٿي ڪو واقف نه ڏسي وٺي. ٿوري دير گذري ته اعلان ٿيو ته هينئر ڊرامو پيش ٿيندو. ڊرامو شروع ٿيو. ڊرامو ته نه هو، ڊرامي تي ٺٺولي هئي. ڊرامي جي هرهڪ ڏيک ڪانپوءِ ڪنهن نچڻيءَ ناچ سان يا ڪنهن ڳائڻيءَ راڳ سان ماڻهن جي دل تي وندرائي. نچڻيون پاڻ گهٽ ٿي نچيون ۽ ماڻهن کي وڌيڪ ٿي نچايائون. اکيون پٽجي، ڇاتيون چلڪائي، چيلهه کي موڙا ڏيئي، تماشائن جي جنسي بک کي ٿي جاڳايائون، ۽ ماڻهن جي جنسي بک فحش جملن ۽ اشارن ۾ ٿي ظاهر ٿي. ٽين يا چوٿين ڏيک ڪانپوءِ هڪڙي ڪرڙود عورت اسٽيج تي آئي. هنکي ڏسي مونکان دانهن نڪري وئي.
”زيبو.....!“
”سڃاڻينس ٿو ني.“ منهنجي دوست پڇيو.
ــ ته مان هن زيبوءَ کي نٿو سڃاڻان. مان ته ان زيبوءَ

ڪـــي سجاڳا جنهنجي پيشانـيءَ ۾ پيل گهنج، خنجر جيان سندس پرستارن جي هانءَ ۾ کپندو هو ۽ هنجي ساري منهن ۾ گهنج پيل آهن. جنهنجا ڪڪرن جهڙا ڪارا وار، ساري وجود تـي وڇانجي ميگهه ملهار لائي ڏيندا هئا ۽ هنجا وار اڄ ڪان وڏيڪ اڇا آهــن. جنهنجون ڪاريـون ڪجليون اکڙيون سندس مکڙي تي ائين لڳنديون هيون ڄڻ تـہ ڀنور ڀنيلجي سندس چهري کـي ڪنول گل سمجهي، واپس وڃڻ لاءِ اڇي ويٺا آهن، ۽ هنجون اکيون ڪومائل ۽ اجهاڻل آهن. جيڪا راڳ جي راڻي هئي ۽ ماڻهن جي دلين تــي راڄ ڪندي هئي ۽ هيءَ هن واهيات ناٽڪ منڊليءَ جي ٿرڊ ڪلاس اسٽيج تي ويٺي آهي. راڳ شروع ٿيو. سندس آواز ۾ نہ اُلي وارو پڙڪو هو ۽ نــہ پيچ پنيءَ وٽان ماڪ جي ڦسڪار، جنهن ۾ هانءَ ڪنول گل جهڙي ٽڙي پوندو هو. بيشڪ هنجو آواز گهگهو، ڦاٽل ۽ ٽٽل رڪارڊ جيان هــو. سندس راڳ بدي اکين آڏو ٽنڊر پکڙجي نـي ويا، جن ۾ پاڻ تي زوزات ڪيا ۽ ڏوڙ ڏــي اڏائـيو. سندس راڳ مــان ڪنهن کي بہ مزو نہ ٿي آيو. سيٽي تماشائي بيزار ٿي مٿس ٺوليون ۽ چٿرون ڪري رهيا هئا. پر هوءَ سيني ڪان بي‌نياز ي اکيون پوري ائين ڳائي رهــي هئي. ڄڻ هنکي پنهنجي واز ڪانسواءِ ٻيو ڪو آواز ٻڌڻ ۾ نہ ٿي آيو ۽ راڳ جي ڪٽڙي ڪانسواءِ ڪنهن جي صورت نظر نٿي آئي.

هن راڳ پورو ڪيو، ۽ اسٽيج تان لهي هلي وئي. مان پ ڏيئي ائيس ۽ اسٽيج جي پٺيان وڃي پهتس، زبيو ٻريان

ڪٽ تي پلنگ ماري ويٺي هئي. جيئن ناڏڪائون ويهنديون آهن. سان وڃي هنجي پـر ۾ ويٺس. هن اکيون کڻي مون ڏانهن نهاريو ۽ نهاريندي ئي رهي. اسين ٻئي ڄڻ هڪ ٻئي لاءِ اوپرا هئاسين. وقت اسانکي ڪيئن نـه لتاڙي، چيڀاٽي، پٽي ڦٽو ڪري اڇلي وڌي ويو هو ۽ اسان جـي جواني، جوانيءَ جا امنگ، محبتون ۽ شڪستون، وقت جي ڌنڌ ۾ لڪجي ويون هيون.

"خوش آهين نه؟" ڄڻ ڪنڌرن ڳالهايو. مون هنکيڪو جواب نه ڏنو. ٻانهن کان جهلي ٻاهر وٺـي آيو مانس. اسين هينئر ناڏڪ منڊليءَ مان نڪتا هئاسين ۽ رستي تي چپ چاپ هلـي رهيا هئاسين. اسانکـي هـڪ ٻـي سان ڳهو ڪجھ ڳالهائڻو هو، ڏک سور سلڻا هئا، اندر اورڻو هو. پـر اسين ماٺ هئاسين. گهٽين مان گهمندا هڪڙي جاءِ جي سامهون اچي بيٺاسين. هن در کوليو. در جا طاق پٽيا نه ڄڻ ڪنهن اونداهي غار جو منهن کلي ويو. ڏاڪڻ تي پير رکيوسين ته ڪانيءَ جي ڏاڪڻ جـو هـڏ هـڏ ڏکي چيڪهڻ لڳو. مٿي اڱڻ ۾ پهچي هن بتي ٻاري ۽ اڱڻ ۾ گهٽيل گهٽيل روشني پکڙجي وئي. مون هيڏانهن هوڏانهن نهاري بيبيءَ کي ڳوليو. پر بيبيءَ جو ڪو نشان ڪونه هو. هن مونکي لوهي ڪرسي ريڙهي ڏني ۽ پاڻ منهنجي پر ۾ کٽ تي ئي ويٺي.

"بيبي ڪٿي آهي؟" مون پڇيومانس.

"بيبي....!". هنجي روح ڄڻ سڏڪو پريو. هن اکيون کڻي آسمان ڏانهن نهاريو. آسمان ۾ ستارا ڪڙهن لٽل ڦٽن

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جيان چمڪي رهيا هئا، ۽ مَن جون لڙڪن ۾ تر ٿيل اکيون انهن تي نظر آيون جن ۾ قلوٽا ڦاٽل وارا هجن. سون هٿ وڌائي سندس هٿ تي رکيو ته همدرديءَ جي ڇهاءَ سان سندس ڦوڪٽا ڦسي پيا ۽ هوءَ اوڇنگارون ڏيئي روئڻ لڳي. جيئن ئي آٿت ڏنومانس تيئن ئي رني. پوءِ جڏهن سندس نيڻ وري ساڻا ٿي پيا تڏهن چيائين، ”ڪڏهن سوچيو به ڪونه هيم ته ڪو بيبي اهين وڇڙي ويندم ۽ مان ڏک سور سهڻ لاءِ اڪيلي رهجي ويندس. بيبيءَ کي وفات ڪئي اڄ ست اٺ سال ٿي ويا آهن، پر مونکي ائين محسوس ٿيندو آهي، ڄڻ هينئر هنجي ميت کڄي آهي. مون سمجهيو هو ته مان ڏکن ۾ اهڙي ته پکي ٿي وئي آهيان جو هينئر ڪنهن به ڏک تي ڳوڙها نه ڳاڙيندس. پر هينئر اهڙو حال ئي ڪيو اٿم جو بيبيءَ جي ڪا شيءِ ڏسندي آهيان، سندس نالو ٻڌندي آهيان ته لڙڪ جهل ئي نه ڏيندا آهن.“ هوءَ ماٺ ٿي وئي ۽ اسانکي ڄڻ سڏڪندڙ ماٺ وڪوڙي وئي.

”الائي بيبيءَ قدرت کي ڪهڙو ڏکويو هو جو ڪيس اڌ رنگ ڏيئي ڪانپوءِ به قدرت جو هاڻ نه ٺريو، ۽ ڪيس ڪئنسر ڏئي ڇڏيائين. بيبي ننڍپڻ کان وٺي تماڪ ڪائيندي هئي. بابا ۽ پاڻو سگريٽن جا ٽوٽا اڇليندا هئا ته ريڙهيون پائي، ٽوٽا ميڙي، ڪاغذ سميت کائي ونندي هئي. وڏي ٿي ته باقاعده تماڪ ڪائڻ ۽ ڇڪڻ شروع ڪيائين. آخر هنکي نڙيءَ ۾ ڪئنسر ٿي پيو. مان هنکي يڪدم ڪراچي ڪٺائي ويس ۽ سندس علاج شروع ڪرايم. هنجي بيماريءَ مونکي

دنيا جهان کان بي‌خبر ڪري ڇڏيو ۽ مونکان منهنجا راڳ
به وسري ويا. مان دنيا جهان کان بي‌خبر ٿي هنجي علاج
ڪي جنبي ويس. هوءَ ان بيماريءَ ۾ ڇڙندي رهي. مون
پئسا پاڻيءَ جيان وهايا، پر ڪجهه ڪونه وريو ۽ هوءَ ڇڙي
ڇڙي مري وئي. بيبيءَ جي بيماريءَ ۽ موت مونکي صفا
اڌ مئو ڪري ڇڏيو. منهنجي زندگيءَ جون ناڪاميون ۽
ڪاميابيون سڀ هنجي ڪري ئي هيون. هوءَ جو مري وئي
ته ڄڻ منهنجي زندگي مونکان کسجي وئي. زنده ته هيس
ڪانه، رڳا پساه ٿي کنيم. بيبيءَ جي بيماريءَ تي مون پئسا
پاڻيءَ وانگر وهائي ڇڏيا. بابو اڃا لنڊن ۾ هو. هن ڏانهن به هر
مهيني پئسا موڪليندي هيس. بابوءَ جو اتي خرچ وڏي ويو
هو. پر مون ڪيس ڪڏهن به پئسن جي تنگي ڪانه ڏني.
جيترن پئسن جي گهر ڪندو هو، اوترا موڪلي ڏيندي هئي
مانس. هن بيرسٽري پاس ڪري ڇڏي هئي پر اڃا اتي رهيل
هو. مون به ڪيس واپس ڪونه گهرايو. پر بيبيءَ جي وڇوڙي
کانپوءِ مون هنکي واپس گهرائي ورتو. سوچيو هيم ته بيبيءَ
جي وڇوڙي جيڪي ڏک ڏنا هئا سي بابوءَ جي اچڻ کانپوءِ
ڪجهه مٽيئي گهٽجي ويندم. پر بابو آيو ته هو صفا بدليل
هو. گهٽ ڳالهائو ته پهرين هو، هينئر وڌيڪ ماٺيڻو ٿي ويو
هو. هن ۾ آها محبت ئي ڪانه هئي جيڪا اسان جو مرڪ
آهي. مون سمجهيو هو ته بيبيءَ جي مرڻ جو ڏک هو مونکي
سيني سان لائي، بيبيءَ کي ياد ڪري رئندو، منهنجا لڙڪ
اگهندو مونکي آٿت ڏيندو پر هنجي اکين مان لڙڪ به نه

ڪريو.

هتي اچي هن وڪالت شروع ڪرڻ جو ارادو ڪيو. مون وٽ جيڪي پئسا بچيا هئا سي مون هنکي ڏنا ۽ هن هڪڙي عاليشان آفيس کولي. هن ڏاڍي جوش ۽ اعتماد سان وڪالت شروع ڪئي، پر سندس وڪالت هلي نه سگهي. ۽ هو اهڙو ته دل شڪستو ٿي پيو جو وري وڪالت ڪرڻ کان توبهه ڪيائين، ۽ ٻن چئن ٻين ناڪام وڪيلن سان ملي هڪڙي ايڪسپورٽ- امپورٽ ۽ سرڪاري ٺيڪن وغيره ڪڻڻ جي ڪمپني کولڻ جو ارادو ڪيائين. مون وٽ پئسا ڪونه هئا، ڪار وڪڻي ڇڏي هيم، هينئر بنگلو گروي رکي ڪيس پئسا ڏنم. هنکي يقين هو ته ٿورن ئي ڏينهن ۾ سندس ڪمپني ڪامياب ٿيندي ۽ وٽس پئسن جا ڍير لڳي ويندا. پر هو اهاڪمپني به هلائي نه سگهيو. پوءِ ته چڙچڙيو ٿي پيو. روئڻهارڪو ٿي چيائين، ”مونکي ڇڏ ته مان انگلنڊ وڃان. هتان جي ماڻهن کان مونکي وحشت ٿي ٿئي. ههڙا بي ايمان ماڻهو مون ڪٿي ڪونه ڏٺا.“

انگلينڊ ۾ ايترا سال رهي هو اتان جي ماحول ۾ ايترو ته رچجي ويو هو جو هو هتان جي ماحول لاءِ ۽ هتان جو ماحول هن لاءِ اوپرا هئا. مون هنجي تڪليف کي محسوس ڪيو ۽ جيڪي پئسا مون وٽ بچيا هئا سي مون هنکي ڏنا ۽ هو انگلينڊ موٽي ويو. مان مالي لحاظ کان صفا تباهه ٿي ويس. ٻنهي ڪمپنين جيڪي قرض کنيا هيم تن جو وياج مور کان به وڌندو ٿي ويو. بنگلو گرويءَ مان ڇڏائي نه سگهيس.

آخر وڪٽي قرض لاٿم.

بيبي جي بيماري ۽ وڇوڙي ڪانپوءِ مون فنڪشنن ۾ ڳائڻ صفا ڇڏي ڏنو هو. مون راڳ ڪي ڇڏي ڏنو، پر راڳ مونکي نہ ڇڏيو. اڪيلي هوندي هيس تہ اٿين محسوس ٿيندو هيم ڄڻ منهنجي بيبيءَ راڳ جي صورت اختيار ڪري ورتي آهي ۽ منهنجا وار پٽي، چڪ هڻي چئي رهي آهي "مونکي ڳاءِ..." ۽ مان اڪيلائي ۾ ڳائيندي هيس تہ هانءَ ٿي هلڪو ٿي پوندو هيم.

مون محفلن ۾ ڳائڻ ڇڏي ڏنو هو، پر حالتن هٿان مجبور ٿي مون وري ڳائي پئسا ڪمائڻ جو ارادو ڪيو.

ستن اٺن سالن ڪانپوءِ مان راڳ جي دنيا ۾ موٽي آيس تہ ساري ملڪ ۾ هل پئجي ويو. اخبارن ۾ خبرون ڇپيون، منهنجي زندگي، فن ۽ ان وقت جي حالتن بابت مضمون ڇپيا. هيترن سالن ڪانپوءِ جڏهن مان پهريون دفعو اسٽيج تي ويس تہ ماڻهن تاڙيون وڄايون. گلن جي ورکا ڪري منهنجو آڌريا ڪيو. مون راڳ شروع ڪيو ۽ زندگيءَ جيڪي سور ڏنا هئا سي سڀ راڳ ۾ ڳاتم. مون اڄ تائين ڪڏهن بہ اهڙو سٺو نہ ڳاتو هو. پر جڏهين مون راڳ ڳائي ختم ڪيو تہ ماڻهو ماٺ ٿي ويا. سندن سارو جوش ختم ٿي ويو. تاڙيون وڄايائون پر اٿين ڄڻ مجبوريءَ ڪان وڄائي رهيا هجن. هڪ بہ چئي تہ مونکي اٿين بہ چئي ڏنو تہ منهنجو آواز گهگهو ٿي ويو آهي. مونکي باه وٺي وئي ۽ مون ڳائڻ جو ارادو ترڪ ڪري ڇڏيو. اصل ۾ ان عرصي ۾ زمانوئي

بدلجي ويو هو. راڳ جا ٻارڪو الائي ڪيڏانهن هليا ويا هئا. ٻه ٽي وات ڳاڙهيون ڇوريون ساماڻيون هيون، جنجي ٻلي ٻلي اڳي پئي هئي. مونکي ته هنن جي آواز مان ٻه ٽيڇ جي ڏپ ايندي هئي. جڏهين ٻه سچن فنڪارن جي جاه معمولي، وات ڳاڙها ۽ سيڪڙاٽ فنڪار ولاريندا آهن، تڏهين هو سڀ ڪان وڏو ظلم اهو ڪندا آهن ته ماڻهن جي ذوق ۽ سچي فن جي پرک کي ختم ڪري ڇڏيندا آهن. ماڻهن جا ڪن هنن جي ڪچي ۽ ڦڪي فن سان ايترو ته هري ويندا آهن جو هنن ۾ سچي ۽ وڏي فنڪار کي سمجهڻ جي ساڃه ئي ڪانه رهندي آهي. اهوئي سبب آهي جو جڏهن ٻه ڪو وڏو فنڪار پيدا ٿيندو آهي ته سندس دور جا ماڻهو کيس قبول نه ڪندا آهن. منهنجي غير موجودگيءَ ۾ وات ڳاڙهن ڇورن پنهنجي ڪچي، ڦڪي ۽ واهيات فن سان ماڻهن جي ذوق کي ايترو ته خراب ڪري ڇڏيو هو، جو هو منهنجي فن جي بلندين کي سمجهي ئي نه پيا سگهن. مون وقتي ڪاوڙ ۾ راڳ ڳائڻ جو ارادو ته ترڪ ڪري ڇڏيو پر حالتن هٿان ايتري ته مجبور ٿي پيس جو وري راڳ ڳائي پيٽ پالڻ ڪانسواءِ ڪو چارو ئي ڪونه هيم. مان محفلن ۾ راڳ ڳائيندي رهيس ۽ محفلن جي ڪارڪنن جو ذلت ڀريو ورتاءُ سهندي رهيس. هاڻي ته اها حالت اچي ٿي آهي جو ڪنهن فنڪشن جو ٻڌندي آهيان ته پاڻ وڃي اتي پهچندي آهيان، رحم پوندو اٿن ته ڳائڻ جو وارو ڏيندا آهن نه ته مونتي ايندي آهيان. ڪا نمائش وغيره لڳندي آهي تـه ناٽڪ منڊلين ۾

ڳائي پنهنجو پيٽ پاليندي آهيان. مان پوڙهي ٿي وئي آهيان، پر منهنجو آواز، منهنجو راڳ ۽ منهنجي ذات ڪڏهن به پوڙهي نہ ٿيندي. منهنجي آواز ۾ اڃا ايترو جادو آهي جنهن ۾ جڪڙجي ٻڌندڙ تاڙيون وڄائيندا آهن. تو اڄ ڏٺو هوندو نہ جڏهن مان ڳائي رهي هيس تہ ڪيئن ماڻهن بي اختيار ٿي تاڙيون ٿي وڄايون ۽ تعريف ٿي ڪيائون...."

هن ڳالهہ ختم ڪئي ۽ منهنجي ا کين آڏو ٿوري دير اڳ وارو ڏيک ڦري ويو. جڏهين هوءَ نازڪ منڊلي ۾ ڳائي رهي هئي ۽ سندس کهکهي ۽ قاتل آواز ڪان بيزار ٿي ماڻهو مٿس نلوليون ڪري رهيا هئا، جڏهين هڪڙي دور جي فنڪار جو ٻئي دور جا تماشائي مذاق اڏاڻ رهيا هئا. ڪهاڻي اتي ختم ٿئي ٿي. پر شايد هيءَ ڪهاڻي ڪٿي بہ ختم نہ ٿيندي ۽ هر دور ۾ دهرائي ويندي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پل پکيئڙا

جهاز آڏاڻو تہ من پکيئڙي بہ پرڙا سانباهيا ۽ اک ڇنڀ ۾ افلاڪ اورانگهي الائي ڪٿان ڪان ڪٿي وڃي پهتو. اکين آڏو اڻ ڏٺل افق ۽ اجنبي آسمان جون وسعتون پکڙجڻ لڳيون. اسان سنڌي تہ هڪ شهر مان ٻئي شهر ويندا آهيون تہ جهڙا پرديسي. پر سنڌ جي نئين نسل جي هانوَ ۾ اوپرن آسمانن جي وسعتن تي ڇانئجڻ جو هي ڪهڙو جذبو جاڳي پيو آهي جو جنڊڙي تي جهومين!

جهاز لنڊن کان سڊني وڃي رهيو. ساري جهاز ۾ 'اڇا' مسافر ويٺا هئا ۽ مان ئي هڪڙو 'ڪارو' هوس. منهنجي پر ۾ هڪڙي ڊوڙل پوتل، سينگاريل سنواريل، اڇي اُجري يورپي ڳڌي ويٺي هئي. سندس تن تجليون ڏيئي رهيو ۽ سنڌ سنڌ سرهاڻ. هن مون ڏانهن ڌيان ئي نہ ٿي ڏنو، ڪڏهن ڪتاب تي پڙهيائين تہ ڪڏهن جهاز جي ڇت ۾ نهاري، پنهنجو پاڻ سان رهاڻ ٿي ڪيائين. ٻي سيٽ تي هڪڙو پوڙهو انگريز، سيٽ تي مٿو ليڪي ڪونگهرا هڻي رهيو هو. مون دريءَ کان ٻاهر نهاريو. ٻاهر هر طرف روشن ۽ نيرو آسمان ۽ اڄ جي انسان جي روح ۾ ٺهليل خال جهڙو اڻا خال ٺهليل هو. هن هيڏي وڏي خال جي آڏو مان ڪيترو

نه حقير ۽ هيچ آهيان. جي مان هينئر مري پوان، جي هي جهاز ڪري پوي ته ڌرتي ۽ آسمان جي وچ ۾ ڦهليل هن خال، وقت جي هن اٿاه ساگر ۾ ڪا لهر نه اڀرندي. ڪو ڦوڙو اڀري نه ڦاٽندو. اهو خال ائين ئي قائم رهندو. لازوال ۽ لامڪان! پر ڪير ٿو چوي ته مان هيچ ۽ حقير آهيان. مان ته ان خال جو سينو چيريندو، ڪائناتون لتاڙيندو، چنڊ تي چڙندو ٿو وڃان. منهنجي عظمتن جي آڏو سڀ عظمتون هيچ آهن.

”اوهان کي چاڪليٽ گهرجن.“ هوسٽيس جي مٺڙي آواز مونکي خيالن مان جاڳائي ڇڏيو.

”نه مهرباني، چاڪليٽ کائڻ واري عمر گذاري آيو آهيان.“

”چاڪليٽ کائڻ واري عمر ڪڏهن به گذرندي نه آهي. انسان جي اندر ۾ وينل ٻار هن عمر ۾ به چاڪليٽ گهرندو آهي.“ هوسٽيس چاڪليٽي مرڪ سان ورائيو.

”هينئر منهنجي اندر ۾ وينل ٻـار تنهنجي مرڪ جا چاڪليٽ گهري رهيو آهي.“

هوسٽيس مرڪندي هلي وئي. پر ۾ وينل ڇوڪري به مرڪڻ لڳي، مون هن جي مرڪ کي ساٿس گفتگو ڪرڻ جو ’ويزا‘ سمجهيو ۽ يڪدم پڇيومانس.

”اوهان ڪيڏانهن وڃي رهيا آهيو.“

”سڊني وڃي رهي آهيان “

”مان به سڊني پيو وڃان.“

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

”ڏاڍو سٺو.“
”اوهان شايد لنڊن کان اچي رهيا آهيو.“
”جي ها.“
”سڊني کيئن وڃي رهيا آهيو.“
”سڊنيءَ ۾ منهنجو گهر آهي. لنڊن ۾ پڙهندي آهيان ۽ هينئر امتحان ڏيئي واپس وڃي رهي آهيان.“
”مون سمجهيو ته اڄڪلهه يورپ کان آسٽريليا ۾ ماڻهن جو جيڪو ’رونبو‘ ٿي رهيو آهي، اوهين به ان سلسلي ۾ سڊني وڃي رهيا آهيو.“
هن ڪو جواب نه ڏنو.
”مان اي- بي- سي (آسٽريلين براڊ ڪاسٽنگ ڪميشن) ۾ ٽريننگ وٺڻ لاءِ آسٽريليا وڃي رهيو آهيان.“
”اي- بي- سي ۾“هن ائين اچرج وچان پڇيو، ڄڻ چئي رهي هجي ڪٿي منهن مريم جو ۽ ڪٿي الله يار!
”اي-بي-سي جو ٻڌي اوهان حيرت ۾ پئجي ويا؟“
”ان ڪري جو اي-بي- سي ۾ نوڪري ڪرڻ اسان وڏي فخر جي ڳالهه سمجهندا آهيون.“
(اسان وٽ ته ريڊيو کي ميراثن جو کاتو سمجهندا آهن.)
مون ۾ ٿورو اعتماد پيدا ٿي ويو.
”مان اوهان جو نالو پڇي سگهان ٿو.“
”منهنجو نالو ايلزبيٿ ڪنگ آهي پر سڀ مونکي ايلز سڏيندا آهن.“
مون پنهنجو تعارف ڪرايو مانس ته ايتري ۾ جهاز

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪلڪتي جي هوائي اڏي تي اچي پهتو. هوائي اڏي جو ڪجهه حصو زير تعمير هو ۽ مردن سان گڏ عورتون به مزدوري ڪري رهيون هيون. هنن جا پڪهر ۾ شم ٿيل ڪارا ڪارا بدن ڳهڪهرن مان نظر اچي رهيا هئا. سڀ يورپي حيرت وچان هنن کي ڏسڻ لڳا.

"پاڪستان ۾ به عورتون مزدوري ڪنديون آهن؟" ايلز پڇيو.

"ها."

"پر توهين ته مسلمان آهيو ۽ مسلمان عورتون پڙدو ڪنديون آهن."

"غريبن کي پڙدو ڏاڍو مهانگو پوندو آهي، انڪري غريب عورتون پڙدو نه ڪنديون آهن. وچولي طبقي لاءِ پڙدو شرافت آهي ۽ مٿاهين طبقي لاءِ غير ضروري."

هوائي اڏي ٽان هن ڪلڪتي جي مشهورجاين جا فوٽو ڪارڊ ورتا ۽ سيني مسافرن کان پري، اڪيلي ويهي خط لکڻ لڳي. جڏهن جهاز اڏامڻ جو وقت ٿيو تڏهن خط ڊبي ۾ وڌائين.

جهاز اڏائو ته ماني جو وقت ٿيو - مان هڪڙو سڌو سادو سنڌي ماڻهو مان ڇا ڇاٽان ڇرين ڪانٽن ۽ انگريزن جي ڦڪي ۽ آهريل کاڌي مان! اک ٽيٽ ڪري ايلز کي ڏٺم، جيئن هن کاڌو ۽ جو هن کاڌو سو کاڌم. ماني مٿان ڪنهن آفريقي ڪنواري جي جوين جهڙي ڪاري ۽ گرم ڪافي جو ڍڪ پري ايلز کان پڇيم.

”تو ڪڏهين هن نندڙي ڪند جو ادب پڙهيو آهي.“
”ن، بدقسمتيءَ سان ڪنهن به ايشيائي ملڪ جو ادب نه پڙهيو اٿم. اوهان جا ايشيائي اديب اڄڪلهه ڇا ٿا لکن؟“
”بک، بي روزگاري ۽ جهالت خلاف جنگ ٿا جوٽين ۽ انسانن جي محنت ۽ عظمت جا گيت ٿا لکن.“
”تو يورپي ادب پڙهيو آهي.“
”ٿورو گهڻو پڙهيو اٿم ۽ جيتريقدر پنهنجي وت آهر سمجهيو اٿم ته ان نتيجي تي پهتو آهيان ته يورپي اديب جي آڏو ڪو آدرش ڪونهي، ڪا روشني ڪانهي ۽ هو اونده ۾ پيو هٿوراڙيون ڏي. ٻي مهاڀاري لڙائي، يورپي اديب آڏو انسان جي اندر ۾ ويٺل حيوان کي ننگو ڪري ٻيهاريو، ۽ انسان کي حيواني روپ ۾ ڏسي هو انسان جي آئيندي کان مايوس ٿي ويو ۽ سندس سڀئي آدرش اڇي پٽ پيا. ويتر جو اشتراڪي ۽ سرمائيدار نظامن جي وچ ۾ سرد جنگ شروع ٿي، تنهن ته هٿي هنڪي گهٽي ۽ ٻوساٽي ڇڏيو. ان سرد جنگ جي پٺيان هو ٽئين مهاڀاري لڙائيءَ جي دئيت کي نچندو ڏسي رهيو آهي جنهن جي هڪ چنبي سان دنيا جي ساري سونهن، انسان ۽ انسان جا خواب ۽ اميدون هيرو ڦيرا ٿيڻ جو ڊپ ٿو ڀانئين. اهڙي صورت ۾ جو موجوده ادب ان ڊپ، گهٽ ۽ هراس جي پيداوار آهي.“
”ان ڪري ڪان ايشيا جو اديب به بچي نٿو سگهي.“
”في الحال ونچارو ايشيائي اديب بک ۽ بيماريءَ ۾ جهرندڙ ۽ غلاميءَ جي ، اسورن جي سور ۾ وٺ ڪائيندڙ

ايشيا جي علاج ۾ رڌل آهي. پر ان جي معنيٰ اها نہ آهي تہ هو ايٽم جي تباهيءَ کان غافل آهي. هيروشيما جي رک هينئر بہ سندس اکين آڏو اڏامي رهي آهي ۽ ويٽنام ۾ جلندڙ جنگ جي آگ سندس چيرو چرڪائي رهي آهي ۽ هن کي خبر آهي تہ ايشيا يورپ جي ايٽمي هٿيارن جو تجربيگاهہ آهي. پر تہ بہ هو ڏنل ۽ هراسيل ڪونهي. هو بک ۽ بيماري سان وڙهندي ان صبح جا خواب ڏسي رهيو آهي جڏهن ايشيا جو هيڏو سارو کنڊ سچا ڳ ٿيندو ۽ ڪنهن غير ايشائي ملڪ کي ڪنهن بہ هيروشيما کي تباهہ ڪرڻ ۽ ڪنهن بہ ويٽنام کي باهہ ڏيڻ جي جرائت ڪانہ ٿيندي."

ڳالهين ئي ڳالهين ۾ جهاز بئنڪاڪ جي هوائي اڏي تي اچي پهتو. ايلز وري وچي هتان جي مشهور جاين جا فوٽو-ڪارڊ ورتا ۽ سڀ ڪان پري، اڪيلي ويهي خط لکڻ لڳي. پريان ٻہ جا مٿي ڪوڙيل پڪشو-گيڙو چادرون ويڙهي، آرام ڪرسين تي ليٽي سگريٽ پي رهيا هئا ۽ چيني گڏيل جهڙيون نازڪ ۽ نفيس عورتون 'پنگ پانگ، هانگ ڪانگ، چيچ مچ چنچلداس' جي آهنگ سان ملندڙ ٻولي ڳالهائينديون هرويرو ٽرڪنديون، هيڏانهن هوڏانهن گهمي رهيون هيون. مان اڪيلو ويٺو هوس تہ هڪڙو پوڙهو آمريڪي منهنجي پر ۾ اچي ويٺو ۽ ڪلهي تي هٿ رکندي چيائين.

"نوجوان، جي زندگيءَ جي هڪ هٿان مان واندڪائي ملئي نہ هوانيءَ جون بہ چار گهڙيون بئنڪاڪ ۾ ضرور

ڪهارجان ٿا. هي شهرمرڪن جو شهر آهي. هتان جي عورت جي مرڪ ڪونهي جـي ڪيان جهڙي حسين ۽ سندس جسم ڪونهي جي نرواڻ جهڙو نرم ۽ پرسڪون آهي. عورتن جـو خاص ڌنڌو گل فروشي آهي، ۽ گل فروش عورت کي ڏسندين ته سمجهي نه سگهندين ته گل ڪير آهي ۽ گل فروش ڪير!"

مون هن پوڙهي امريڪي ڏانهن نهاريو سندس چهري تي شاه سائين جي شاعري ۽ جهڙو سڪون ٿـي جهلڪيو. مون سوچيو. ههڙو ماڻهو ويٽنامي ماڻهن تي ڪيئن گوليون هلائيندو هوندو.

ايلز خط ڏبي ۾ وڌا ۽ اسان جهاز ۾ اچي ويٺاسين. اندر ۾ اورا ڪورا هيم تـه هـن ڪنهن ڏانهن تـي ايڏا طويل خط لکيا.

"ڪنهن کي ٿي خط لکيءَ؟"

"آور کي ٿي لکيم. آور منهنجو مڱيندو آهي. هو بـه تو وانگر ايشيائي آهي. انڊونيشيا جو رهاڪو آهي مونسان گڏ پڙهندو هو. اسان جو پروگرام هو ته امتحان ڏيئي شادي ڪنداسين پر في الحال اسان کـي شادي ملتوي ڪرڻي پئي."

"ڇو؟"

"ڊيڊي نٿو چاهي تـه مان آور سان شادي ڪريان. ڊيڊي ايشيا ۾ رهيو آهي ڇاڪاڻ ته ايشيائي ۽ يورپي ماڻهن ۾ صرف رنگ ۽ نسل جوئي فرق ڪونهي پر رهڻي ڪرڻي ۽ ريتن رسمن جو به فرق آهي، ۽ مان ايشيا ۾ رهي

نه سگهندس. مون جڏهن زور پريو مانس تڏهن چيائين ته
چڱو بيشڪ آءُ سان شادي ڪر، پر منهنجي هڪڙي ڳالهه
مڃ. تون پنهنجي محبت جي جذبي ڪي آزمائي ڏس ته تنهنجي
اها محبت جنهن جي اثر هيٺ تون هيڏو وڏو قدم کڻي رهي
آهين، ڪٿي نوجواني جي جذبات جي وقتي اٿل ته نه آهي.
تون ڪجهه عرصو آءُ کان جدا ره جي ان جدائيءَ کانپوءِ
به تنهنجي محبت سلامت رهي ته پوءِ بيشڪ آءُ سان شادي
ڪري چڏجان. هينئر محبت جي ان امتحان مان پار پوڻ
لاءِ سڀني وچي رهي آهيان.“
هوءَ توري دير لاءِ ماٺ ٿي وئي ۽ پوءِ چيائين.
”آءُ ڏاڍو پڙهيل ڳڙهيل آهي. پنهنجي ٻوليءَ جو
شاعر به آهي. ڀهرين لامذهب اشتراڪي هوندو هو پر پوءِ
سون سڌيءَ راه تي آندو.انس. تون ٿي ٻڌاءِ ته ڇا شاعري
صرف اشتراڪي فلسفي جي تشريح ۽ تبليغ آهي. معاشيات
جو فارمولا آهي؟ شاعري ته روح جو نغمو ۽ محبت ۽ آزاديءَ
جو گيت آهي.“
سينگاپور ۾ ٿائيون ته هوائي اڏي تي مقامي ماڻهن کان
وڌيڪ ڏاڙها ماڻهو هئا. سونکي سنڌ ياد اچي وئي سينگاپور،
شڪارپور، خيرپور ... پر سينگاپور ۾ سنڌ واري سينگاپوري
ڇا ٿهن ڪانه هئي.
جهاز اڏائو. رات جي ماڻيءَ جو وقت ٿي ويو هو. ماني
کائي ايلز تــه ڪٿي اکيون ٻوٽيون ۽ سيٽ تــي مٿو رکي
سمهي پئي ۽ مان دريءَ کــان ٻاهر نهارڻ لڳس، آسمان ۾

ستارن جا فانوس روشن هئا. اڄ ستارن پنهنجي وٿ مٿي ڪري ڇڏي هئي ۽ هر طرف روشنين جي جهرمر لڳي پئي هئي. اڄ منهنجي امنگن بہ وٿ مٿي ڪري ڇڏي هئي ۽ جندڙيءَ ۾ جهرمر لڳي پئي هئي. اماس جي رات هئي پر ههڙي چانڊاڻ.... منهن وراڻي ايلز ڏانهن نهاريم چنڊ تہ پنهنجي چانڊاڻ جي چادر تاڻي ستو پيو هو. مونکي هن چنڊ جو تمنائي آور ياد اچي ويو، جيڪو هي چنڊ صرف انڪري ماڻي نہ سگهيو، جو هو ايشيائي هو. ايلز ۽ آور جي وچ مشرق ۽ مغرب جو فاصلو هو. ڪاري ۽ اڇي جو وڇو هو. ويهين صديءَ جي ڪلن تہ سيئي فاصلا ختم ڪري ڇڏيا آهن، پر اها ڪليڪ ڏهن ايجاد ٿيندي جيڪا ماڻهوءَ ماڻهوءَ جي وڇوٽي کي بہ ختم ڪندي.

صبح جو پنجين لڳين هوسٽس ٽب مان اٿاري چانهہ جو ڪوپ اڳيان رکيو. ايلز جي اکڙين آرس، پڪا ۽ مٺ ننڍا ڪڙا ٿيڻ ڪٿي. مونڏانهن نهاري 'صبح بخير' چيو ۽ منهنجي اندر ۾ ڪيئي صبحون طلوع ٿي ويون. چانهہ پي سگريٽ دکايم تہ اعلان ٿيو تہ سگريٽ وسائي ڇڏيو، جو هينئر اسين سڊنيءَ پهچڻ وارا آهيون، سگريٽ وسائي هيٺ نهاريم، هيٺ سڊنيءَ جي هوائي اڏي جون بتيون ٻري رهيون هيون. صبح جي هلڪي سوجهري کان هراسجي ۽ شرمسار!

سڊني اسان سنڌين جي دلين جهڙو وڏو ۽ ڪشادو شهر آهي. ماڻهن جا ٿي اسان جي من جهڙا اجرا آهن.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

موسم عورت جهڙي مزاجي آهي. گهڙيءَ ۾ تولو، گهڙيءَ ۾ ماسو، گهڙيءَ ۾ جهڙ ڦڙ، گهڙيءَ ۾ اُس! ماڻهو موجي آهن. دنيا اونڌي ٿي پوي پر هو آفيس مان نڪري بار ۾ ضرور ويندا ۽ وڏو ٽهڪ ڏيئي، سيٽي ڪٽيون، ڏک ۽ سور بير جي گلاس ۾ اوتي، ڪيٽ ڏيئي ڀِي ويندا. باقي جنهن ڏينهن سگهارنو ڪوگجنڊڙ بيان ڏيندو آهي ته ان ڏينهن سندن گلاس ڇپن تائين ڀرجڻ کان اڳ ڇلڪي پوندا آهن. آسٽريليا جي ڪرڪيٽ جو ڏاڍو نالو ٻڌو هئم. سمجهيم ٿي ته سارو ڏينهن ماڻهو ڪرڪيٽ کيڏندا هوندا، ڪرڪيٽ جي باري ۾ گفتگو ڪندا هوندا يا ڪميٽري ٻڌندا هوندا. پر هتي اچي ڏاڍي مايوسي ٿي. ڪرڪيٽ ته ڪنهن کي ياد به ڪانهي، هر ڪو پنهنجي پنهنجي ڪم ۾ رڌل آهي.
يورپ جي ڪنڊ ڪڙڇ کان ماڻهو لڏي هتي اچي آباد ٿيا آهن ۽ ڪوبه آفريقي يا ايشيائي آباد ٿي نٿو سگهي. جاڪاڻ جو هو هن ڪنڊ کي 'اڇو ڪنڊ' رکڻ ٿا چاهين. پنهنجي ان 'اڇي ڪنڊ' واري نيتيءَ جي وضاحت ڪندي چوندا آهن ته اسين نسلي امتياز جا قائل نه آهيون پر اسين نٿا چاهيون ته هتي به ٻين ملڪن جيان نسلي فساد ٿين. جي ايشيائن کي آباد ٿيڻ جي اجازت ڏني به سي، ته به جپانين کي آباد ٿيڻ نه ڏيندا سين. جاڪاڻ جو ٻي مهاڀاري لڙائيءَ ۾ هو اسان سان وڙهيا هئا پر جرمنن کي هينئر به آباد ٿيڻ جي اجازت آهي! هتي انگريزن کانپوءِ يوناني ۽ اطالوي تمام گهڻا آهن. ڪٿي ڏينهن، هڪڙي يوناني ڌوٻيءَ وٽ ڪپڙا ڌوئارڻ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

لاءِ ويس. يونان سان ذهن ۾ هميشه سقراط ۽ بقراط جا تصور ايندا آهن هن يوناني ڏوبيءَ کي ڏسي سمجهيم ته اجهو ٿو ڪپڙا هڪ طرف اڇلائي ۽ زندگيءَ جي ڪنهن مسئلي تي تقرير شروع ڪري. پر هو ويچارو منهنجي شلوار جي مسئلي ۾ منجهي پيو ته ان کي استري ڪيئن ڪيان. سون شلوار دڪان جي فرش تي وڇائي ۽ کيس سمجهائڻ لڳس. حيران ٿي پڇيائين.

”هي آخر آهي ڇا؟“

”منهنجي ملڪ جي پتلون آهي.“

”پتلون آهي ته پوءِ پٽو ڪٿي پڌندا آهيو.“

سون شلوار ۾ اڪٺ وجهي کيس سمجهايو ته اسين هن پتلون کي هيئن پٽو پڌندا آهيون ۽ اسان جي هن پتلون جي پائنچن کي پاسن کان استري ٿيندي آهي. اوڏي مهل ته سمجهي ويو پر جڏهن شلوار ڏوئي ڏنائين تـه شلوار جي پائنچن کي پتلون جيان اڳيان استري ٿيل هئي.

هڪڙي ڏينهن وري هڪڙي اطالوي حجام وٽ وار ڪوڙائڻ لاءِ ويس. سندس لباس ڏسي ائين محسوس ٿيم ڄڻ مان حجام آهيان ۽ هو منهنجي ملڪ جو ڪو وڏو آفيسر آهي. حجام سنڌ جو هجي يا اٽليءَ جو، پر گهڻو ڳالهائو ضرور هوندو. هن جو به ڳالهائڻ لاءِ اندرتي ڦاٽو، پر انگريزي پوري پني تي آيس، سو اٽي سٽي انگريزيءَ ۾ اونڌا سڌا سوال پڇڻ لڳو. سون سندس گفتگو مان اندازو لڳايو تـه هو پڙهيل ڪڙهيل آهي ۽ هونئن به گهڻو ڪري يورپ

ماڻهن ۾ جهالت ته آهي ئي ڪانه. مون سنڌس ملڪ بابت ڳالهيون ڪنديءَ ڪيس ٻڌايو.

”مون تنهنجا مشهور ليکڪ پراندڀلو ۽ البرٽو موراويو پڙهيا آهن.“

منهنجي ڳالهه ٻڌي هـو سوچ ۾ پئجي ويـو. پنهنجي ساٿيءَ سان اطالويءَ ۾ ڳالهائڻ لڳو ۽ پوءِ چيائين.

”ها ها. پراند يلو ۽ موراويو ڪـي سان چگـيءَ طرح سڃاڻان هو وينس جا مشهور حجم آهن.“

اسان سڀني ايشيائي آفريقي شاگردن کي هڪ ئي هوٽل ۾ رهايو ويو هو، جدا جدا ملڪن جا ماڻهو، ڪارا سانورا ۽ پيلا. هوٽل ته نه هو جڻ آفرو ايشيائي ملڪن جو يو-اين-او هو. گهاڻا مان هڪڙي نوجوان ڇوڪري آيل هئي، نالو هيس مس آما، پريل، وٽيل سٽيل، ڪاروڪارو بدن، ڪاريون ۽ وڏيون ا کيون جن ۾ اونداهي راتين جو خنڪ اونداهيون رچيل هيون. ڦـڻ ڪڍي لهرائيندڙ ڪاريهر جهڙي چال. سوئيڪارنو چيو هو ته ارڙهن سالن جي عمر ۾ عورت آفريڪا جهڙي ٿيندي آهي- چٽي ۽ وحشي، سٺ سالن جي عمر ۾ آسٽريليا جهڙي ٿيندي آهي- ساري دنيا کان پاسيري! آما ارڙهن سالن جي ته آهي ۽ آفريڪا جي به!

مليشيا جو نمائندو مسلمان هو. مختار بن دائود. سوفي سيڪڙو مسلمان نالو. پر ڪيس اها به خبر ڪانه هئي ته حضرت عمر ۽ حضرت علي ڪير هئا.

فلپين جو نمائندو قوم پرست اديب هو. سنڌس ڳالهين

مان اشتراڪيت جي بوءِ ايندي هئي. صبح جو اٿي مان ڏاڙهي ڪوڙيندو هوس تہ فلپين ۽ ملیشیا جا ٻئي نمائندا ڏاڍي حسرت سان مون ڏانهن نهاريندا هئا. سندن منهن تي هڪ بہ وار ڪونہ هو.

جيئن ٿي لنتاسين تہ سيني کي انهيءَ فڪر اچي ورايو تہ ڪانہ ڪا ساهيڙي ٿاهجي نہ تہ هي جبل جيڏا ڏينهن ڪيئن گذرندا. وڏو شڪار ڪرڻ ڪان اڳ، پهرين پنهنجي گهر جا ڪڪڙ ماريا آهن، سو سيني هوٽل جي رسيپشنسٽ مس رڪم ڊيوس تي قسمت آزمائي شروع ڪري ڏني. ڪم شڪل جي سهڻي ۽ سٻاجهي هئي، ڪنهن سان گهٽ نہ ڳالهائيندي هئي. هر وقت مات ۾ ڪجهہ سوچيندي رهندي هئي. سندس نيرن اکڙين ۾ اداسائي جا ڇاڇا لهرائيندا هئا. مرڪندي هئي تہ ائين محسوس ٿيندو هو ڄڻ سندس مرڪ ڪوسسڪندڙ سر آهي. ڪنهن ماتمي گيت جو آلاپ آهي. الائي سندس شهر دل ۾ ڪهڙو ماتم متل هو، جو سندس مرڪ بہ ماتمي هئي. اسان سيني هن سان دوستي ڳنڍڻ جي ڪوشش ڪئي پر ڪنهن کي بہ قسمت ساٿ نہ ڏنو. سيئي مايوس ٿي وياسين. گهر جي ڪڪڙ نہ مئي تہ وڏو شڪار ڪيئن ٿيندو!

اسان کي هتي آئي پندرهن ڏينهن ٿي ويا هئا. هڪڙي ڏينهن پنهنجي ڪمري ۾ ويٺو هوس تہ ٽيليفون جي گهنٽي وڳي. رسيور کنيم، هوٽل جي رسيپشنسٽ ڪم جو فون هو. چيائين تہ ڪا محترمہ هيٺ هال ۾ اوهانجو انتظار

ڪري رهي آهي، يڪدم ڪپڙا بدلائي هيٺ لٿس. سامهون ايلز ويٺي هئي. مونکي ڪي ڏسي سندس چهرن تي مرڪ اچي وئي. حيران ٿي پڇيومانس ”توکي ڪيئن خبر پئي ته مان هتي رهيل آهيان؟“

”پرڏيهي معاملن واري آفيس مان تنهنجي ائڊريس هٿ ڪيم.“

اسين اچي هڪڙي هوٽل ۾ ويٺاسين.

”مون سمجهيو تون مون کي سڃاڻندين ئي ڪونه.“ ايلز چيو.

”ڪيئن نه سڃاڻندو سانءِ. رتيءَ جي رهاڻ جو ملهه اسان مشرقين کان پڇ.“

”ٺهيو، هيترا ڏينهن ڪيئن گذاريءِ. ڇا ڇا ڏٺو اٿئي. اسان جي ملڪ ۽ ماڻهن بابت ڪهڙو رايو قائم ڪيو اٿئي؟“

”اهي سڀئي ڏينهن آسٽريليا جي تاريخ، ماڻهن جي رهڻي ڪهڻي ۽ ريتن رسمن بابت ليڪچر ٻڌي ۽ شهر جا رستا ۽ گهٽيون رلي گذاريا اٿم. جنهن هنڌ پاڻ ويٺا آهيون تنهن کي ”ڪنگزڪراس“ سڏيو ويندو آهي. ڪنگزڪراس ۾ وڪ وڪ تي نائيٽ ڪلبون ۽ ”ڪال گرلز“ آهن. ڪال گرلز غير ملڪي ماڻهوءَ کي ڏسي پڇنديون آهن:

”عورت گهرجيئي؟ ڇهه پائونڊ وٺندي سانءِ. پنج پائونڊ منهنجا ۽ هڪ پائونڊ هوٽل جو.“ هرهڪ ڪال گرلس وٽ هڪ ڪار ۽ هڪ اطالوي داداگير هوندو آهي. رات جو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آڏيءَ تاڻين هوٽلن ۽ رستن تي شريف گهرائي جون بگڙيل ڇوڪريون پاڻ سان بادفرنگ ۽ آتشڪ جهڙا بڇڙا ۽ خطرناڪ مرض کڻي گهمنديون ۽ ورهائينديون وتنديون آهن. نوجوان ڇوڪرن ۽ ڇوڪرين جا اهي خطرناڪ مرض اوهان جو هڪ وڏو قومي مسئلو آهي، جيڪو ڏينهن و ڏينهن وڌي ٿو منجهندو. رستن تي ڇوڪرا ڇوڪرين جو پيڇو ڪندا آهن ۽ اسان وري پنهي جو پيڇو ڪندا آهيون تہ ڪيئن تي ڳالهہ اهين. ڇوڪري ڦاسائڻ جو بهترين طريقو هي آهي تہ ويجهو وڃي چئجيس.

”هلو سهڻي شهزادي“

جي هوءَ بہ جواب ۾ ”هلو“ چوي تہ سمجهہ ڳالهہ ٺهي وئي. جي ڪاوڙجي تہ معنيٰ محنت گهڻي ڪرڻي پوندي ۽ جي ڪو جواب نہ ڏي تہ ان جي معنيٰ انڪار سمجهجي. هڪڙي ڏينهن دل پڏي مون بہ هڪڙي سهڻي ڇوڪريءَ کي چيو.

”هلو سهڻي شهزادي“

”هلو سهڻا شهزادا“ ته قد ورائاياڻين. ڏکي ويس، ڏبپ وڃان هيڏانهن هوڏانهن نهاريم تہ ڪنهن پڏي تہ نہ ورتو ۽ پوءِ وٺي ڊوڙ پاتم ۽ ڪمري ۾ اچي ساهہ پٽيم. پاڪستان هجي ها تہ موچرا کاوان ها.“

ايلز ڪلندي چيو:

”ڏاڍو ڏکو آهين، ايترن ڏينهن ۾ سڊنيءَ جو اهڙو روپ ڏٺو اٿئي جيڪو مان ساري عمر ڏسي نہ سگهي آهيان.“

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

”اسان وٽ عورتون پڙدو ڪنديون آهن ۽ اوهان وٽ وچ بازار ۾ مڙد ڪي ياڪر پاڻي پيار ڪنديون آهن. مڙد ۽ عورت ياڪر پاڻي پيار ۾ مصروف هوندا آهن ۽ رستي تي لنگهندڙ ماڻهو پنهنجي پنهنجي ڪم ۾.“

”پهريون دفعو هڪڙي جوڙي کي وچ رستي تي ياڪر پاڻي پيار ڪندي ڏٺم ته شرمائجي ويس ۽ منهن ڦيري ڇڏيم. آهسته آهسته اک ٽيٽ ڪري پيهر ڏٺومان ۽ وري منهن ڦيري ڇڏيم. پوءِ خيال آيم ته هي ته آسٽريليا آهي هتي اهو عيب ڪونهي پوءِ ويجهو وڃي غور ۽ حيرت وچان ڏسڻ لڳس. مونکي جو اٺين تارا ڦاڙي پاڻ ڏانهن نهاريندو ڏٺائون ته يڪدم هڪٻئي کان الڳ ٿي ويا ۽ تکيون تکيون وکون کڻي اڳتي وڌي ويا.“

”اوهان کي پنهنجي رنگ تي ڏاڍو نـاز آهي. پر مان توکي توهان جي رنگ بابت هڪڙو لطيفو ٿو ٻڌايان. خدا جڏهين پهريون انساني بوتو ٺاهي ڪوري ۾ پچايو، تـه اهو ڪچو رهجي ويو. خدا ان ڪچي بوتي کي ڌرتي تي اڇلايو ۽ هو يورپ ۾ وڃي ڪريـو ۽ ’اڇو‘ ماڻهو سڏجڻ لـڳو. خدا وري ٻيو بوتو ٺاهي ڪوري ۾ پچايو ته اهو سڙي ڪوئلا ٿي ويو. خدا ان سڙيل بـوتي کي ڌرتيءَ تي اڇلايو ۽ هو آفريڪا ۾ وڃي ڪريو ۽ ’شيدي‘ سڏجڻ لڳو. هاڻي ٽيون بوتو ٺـاهيو ۽ هن کي چڱيءَ طرح پچايـائين. اهو مڪمل انسان هو. خدا هن کي ايشيا ۾ اڇلايو ۽ اهو هينئر تنهنجي سامهون ويٺو آهي.“

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

”ڏاڍو خود پرست آهين“ ايلز مرڪندي چيو.

”هاڻي توکي توهان جي انگريزي جي لهجي ۽ اچار بابت به ڪجهه ٻڌايان. الائي ڪهڙي انگريز ليکڪ چيو هو ته: انگريزن ۽ امريڪن جي ٻوليءَ ڪانسواءِ ٻي سڀ ڳالهه هڪ جهڙي آهي. اوهان آسٽريلياڻن ۽ انگريزن جي انگريزيءَ جو به ساڳيو حال آهي، اوهين A کي I ڪري اچاريندا آهيو، يعني جي اوهان کي T.A.A چوڻو هوندو ته چوندؤ T.I.I پهرين ڏينهن هتي لنس ته هڪڙي آسٽريليائي پنهنجي مخصوص لهجي ۾ پڇيو،

“Have you come here to die”

(ڇا تون هتي مرڻ لاءِ آيو آهين)

مون ڪان چرڪ نڪري ويو. دانهن ڪري چيم.

”نه نه، مان مرڻ لاءِ نه پر جيئڻ لاءِ آيو آهيان.“

“Oh. no, I mean to die.. ”

(نه نه، منهنجو مطلب آهي ته مرڻ آيو آهين)

”مان تنهنجو مطلب چڱيءَ طرح سمجهان ٿو. ڪير هت لاءِ ڏيکاري ته مزو چکايانس“

مون کي ڪاوڙجندو ڏسي هو ويچارو اچي ششدر ٿيو. آخر هجي ڪري سمجهايائين.

“Oh, I mean TODAY . ”

(منهنجو مطلب آهي ٽي-او - ڊي - اي - واءِ. ٽ - ڊي يعني اڄ آيو آهين)

”اوه! ٽ - ڊي“ جڏهين ڳالهه سمجهيم تڏهين وڃي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پيٽ ۾ ساه پيو“

ايلز ٺهڪڙا ڏيڻ لڳي. سندس ٺهڪ ٻڌي پر واري ٽيبلن تي ويٺل ماڻهن ڪنڌ ورائي اسان ڏانهن نهاريو ۽ مرڪي وري پنهنجين ڳالهين ۾ لڳي ويا. ايلز جي کل بند ئي نه ٿئي.

”توهين پاڻي پيو ڪونه ۽ اسين پاڻيءَ ڪانسوءِ جي نه سگهون. هڪڙي ڏينهن هوٽل ۾ ماني کائڻ لاءِ ويس، اڃ به ڏاڍي لڳي هئي وڃي سان ويٽريس کي چيم.

”واٽر پليز.“

هوءَ سمجهي ئي ڪانه. آخر هڪجي ڪري ٻڌايومانس.

”ون گلاس آف ڊبليو - اي - ٽي - اي - آر.“

”اوه ووٽاٽر!“

”جي ووٽاٽر.“

ماني کائيندي وري پاڻي گهريومانس ته اچرج ۾ پئجي وئي. ٻيون دفعو پاڻي گهريومانس ته دانهن نڪري ويس.

”جي ايڏو پاڻي پيئندين ته پوءِ پڪ آسٽريليا ۾ خشڪ سالي ٿيندي.“

ٻئي دفعي وري نيرن تي ديرسان پهتس. کائڻ واري هال مان ماڻهو اٿي ويا هئا ۽ ڪو ايڪڙ ٻيڪڙ ماڻهو ويٺو هو. سان وڃي ويٺس ته هڪڙي سهڻي ويٽريس من موهڻي مرڪ سان پڇيو.

“You are right...”

(خوش آهين)

”ها، بلڪل خوش آهيان.“ مون خوش ٿيندي ورائيو،

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

”تون ڪيئن آهين؟“

”ٺيڪ آهيان.“

ائين چئي هوءَ هلي وئي ۽ مان سگريٽ دکائي ناشتي جو انتظار ڪرڻ لڳس ايتري ۾ هڪڙي ٻي ويٽريس اچي اهو ساڳيو سوال پڇيو. هانءَ ٺي ٽڙي پيم. سمجهيم ڪنهن رومان جي ابتدا ٿيڻ واري آهي، پر جڏهين ٽين ويٽريس به اچي اهو ساڳيو سوال پڇيو. تڏهين پڪ ٿيم ته رومان هومان ته ڪونهي، مون ۾ ڪا ڳڙ ٻڙ آهي. يڪدم غسل خاني ڏانهن ڀڳس، آئيني ۾ ڏٺم. سڀ ڪجهه ٺيڪ هو. ڏاڙهي به ڪوڙيل هئي. لباس به ٺيڪ هو ۽ منهن مان بيمار به ڪونه ٿي لڳس، پوءِ هر ڪنهن ويٽرس ڇو ٿي پڇيو ته ٺيڪ آهين. موٽي اچي وري ناشتي جو انتظار ڪرڻ لڳس ۽ ٽيئي ويٽرسيز منهنجي اٿڻ جو انتظار ڪرڻ لڳيون. جڏهن ڏٺم ته ناشتو ته پاڻ مرادو ڪونه ٿيون ڏين، تڏهين هڪڙي ويٽريس کي سڏ ڪري ناشتي جو چيم، هوءَ کلي ويئي ۽ کلندي چيائين.

”اسان ٽنهي توکان واري واريءَ تي ناشتي جو پڇيو، پر تو ناشتي جي ڳهر ٺي ڪانه ڪئي.“

”اوهان تہ حال ٿي پڇيا، نـاشتي جو ڪنهن ڪونـہ پڇيو.“

”يو آر رائيٽ جي معنيٰ آهي ته توکي ڪجهه گهرجي ته ڪونہ.“

ايلز کلندي رهي. ماٺهو منهن ورائي اسان ڏانهن نهاريندا

رهيا. آخر ڪلي ڪلي جڏهن تڪجي پئي تڏهين پڇيومانس.

”تنهنجي ايشيائي مڱيندي جو ڪهڙو حال آهي؟“

”مون ڪانسواءِ ڏاڍو اداس ٿو رهي. ڏاڍا اُداس ۽ شاعرانا خط لکندو آهي.“

”شروع ۾ سيئي اهڙا خط لکندا آهن، پر پوءِ آهستہ آهستہ اداسائي ۽ شاعريءَ سان گڏ خط بہ ختم ٿي ويندا آهن.“

”ائين نہ آهي. اسان جي محبت وقتي نہ، پر هميشه رهندڙ آهي. ٻن ڏينهن ڪان آور جو خط نہ مليو آهي تہ اُداس ٿي پئي آهيان سوچيم، ڪيڏانهن وڃي دل وندرايان. تنهنجي يادگيري پيم ۽ تو وٽ هلي آيس. تو تہ منهنجي دل جا سيئي غم ڌوئي ڇڏيا، سيائي موڪل آهي تون تہ واندو هوندين سيائي هل تہ ڌوڪي پنهنجو شهر گهمايان.“

تاريخي لحاظ کان آسٽريليا اجا ٻانيڙا پائيندڙ ٻار آهي. هتي ڪا اهڙي جاءِ ڪانهي جنهن کي ڏسڻ سان وقت جون واڳون وري وڃن ۽ ماڻهو سال ۽ صديون اورانگهي ماضيءَ جي خوابستان ۾ پهچي وڃي. هر طرف دونهون اوڳاڇيندڙ، چيڙون دانهون ڪري ڊوڙندڙ، رنگ برنگي ويهين صدي آهي. ڪو سنڌو ڪونهي جنهن جي مستي ۽ موج جي تعريف ۾ رشين اُسلوڪ چيا هجن، جنهن جي ڪپر تي عظيم تهذيبن جنم ورتو هجي ۽ جنهن جي پور ۾ پنجي رخ مٽايو هجي نہ ڪيئي تهذيبون مٽيءَ جا ڍڙا بڻجي ويون هجن. ڪا ميانڻي ڪانهي جنهن جي مٽيءَ مان وطن لاءِ وڙهندڙ سرويچن جي رت جي سڳنڌ ايندي هجي. ريگستان

آهن پر مارو ۽ مارٺي ڪانهي. هر طرف ماڻهن جا جهنگ آهن، ويهين صديءَ جو ڪن ڦاڙ شور ۽ گوڙ آهي . ساوا، سوگوار ۽ خاموش ميدان آهن ۽ وڏن وڏن ڪاهين ۾ چيل ۽ يوڪلپٽس جا ٻيلا آهن. جن مان جڏهين واءُ زوزاٽ ڪري لڪهندو آهي تہ ائين محسوس ٿيندو آهي ڄڻ آسٽريليا جي اصلوڪن رهاڪن جا مظلوم، ڪارا ۽ جلاوطن روح اڃان جي ڏاڍ ۽ ڏهڪاءُ خلاف فرياد ڪري رهيا هجن.

ايلز چئي ٿي.

”هي باٿني نار آهي. ڪپتان ڪڪ ڪاري پاٽيءَ جي سزا ڪاٽل قيدين جا ٻيڙا ونئي هن نار وٽ اچي لنگر انداز ٿيو هو. اسين سڀئي انهن جلاوطن ڏوهارين جو اولاد آهيون. اسان جي وڏن جي اچڻ کان اڳ هتان جي مٽيءَ مان اناج جو ڪو سلو نہ اسريو هو. پاٽيءَ جي اٿاٽ هئي ۽ چوپايو مال ڪونہ هو. اسان جا وڏا هن وحشي ڪنڊ سان وڙهندا رهيا ۽ آخر فتح مند ٿيا. اڄ اسان هن ڪنڊ مان ذري گهٽ ساري دنيا جي ملڪن ڏانهن، اناج، گوشت، کير ۽ اُن موڪليون ٿا. تاريخ قوم جو لاشعور ٿيندي آهي پر اسان جي قوم کي لاشعور ڪونهي. ٻن سو سالن جي تاريخ بہ ڪا تاريخ آهي.“

اسان باٿني نار کان موٽياسين ۽ فٽ پاٿ تي هلندي ايلز چيو.

”توهان وٽ ڏينهن و ڏينهن وڌندڙ آدم شماري مسئلو آهي ۽ اسان وٽ وري ماڻهن جي اٿاٽ هڪ وڏو مسئلو

آهي. هن هيڏي ساري کنڊ ۾ اسين ڪل هڪ ڪروڙ ماڻهو آهيون. اسان ساري يورپ مان ماڻهو لڏائي آڻي هتي آباد ڪري رهيا آهيون، پر تہ بہ ماڻهن جي اڻاٺ جو مسئلو حل نٿو ٿئي. جيڪي يورپي هتي آباد ٿيڻ لاءِ ايندا آهن تن کي اسان جي حڪومت هر قسم جي سهوليت ڏيندي آهي. مثال جي لنڊن مان ڪو ماڻهو لڏي هتي اچي آباد ٿيڻ چاهي تہ حڪومت هن کان صرف سٺ روپيا وٺندي ۽ سندس ڀاڙي، رهائش جي انتظام ۽ نوڪري يا زمين وغيره جو بندوبست بہ ڪري ڏيندي. ماڻهن جو معيار زندگي ڏاڍو اوچو آهي ۽ مزدوري مهانگي آهي. محنت جو احترام ڪيو ٿو وڃي انڪري پنهنجي هٿ سان ڪم ڪرڻ کي ڪوبہ عار نٿو سمجهي. اسان سڀ کان وڏو ڪارنامو اهو ڪيو آهي تہ ملڪ مان جهالت ۽ غربت کي تڙي ڪڍيو اٿئون. ساري ملڪ ۾ ڪو اڻ پڙهيل ۽ غريب ڪونهي."

ڳالهيون ڪندي ڪندي اسان هڪڙي بار وٽان اچي لنگهياسين. بار جي در وٽ هڪڙو پوڙهو آسٽريليائي بيٺو هو، سندس ٽوپلي ۽ اوورڪوٽ جي ڪالر تي مير ۽ تيل جا تهہ ڄميل هئا. سندس اکين جون پنبڻيون ڪٽل ۽ جسم جي کل پترن ڪٽل ڪڪڙ جهڙي هئي. اسان کي ڏسي هو نشي ۾ ٿڙندو اڳتي وڌيو ۽ منهنجي آڏو هٿ ڦهلائي چيائين.

"بکيو آهيان، پئسا ڏي تہ ماني کاوان."

"سان هنڪي بيهي رهيس. مون ايلز ڏانهن نهاريو. هن جو منهن ون ون ڪرڻ لڳو. مون پوڙهي جي بک

لاءِ ڦهليل هٿ ڏانهن نهاريو. هي هٿ نہ هميشه مون کان منهنجي آزادي ڦرڻ، منهنجي هوشوءَ کي مارڻ ۽ مون کي امداد ڏيئي خريد ڪرڻ لاءِ اڳتي وڌيو آهي. اڄ اهو ساڳيو هٿ مونکان ڀيک گهري رهيو آهي. مون يڪدم کيسي ۾ هٿ وڌو ۽ جيترا کيسي ۾ پئسا پيا هئا سي سڀ ڪڍي مون هن پوڙهي جي هٿ تي رکيا. ايترا سارا پئسا ڏسي هن جو چهرو خوشيءَ ۾ جرڪڻ لڳو. هو ٿڙندو بار ۾ هليو ويو ۽ منهنجو ڪنڌ غرور ۾ کڄي ويو. اڄ جڻ مون ڏهہ ڪروڙ مائهن جو قرض چڪايو هو ۽ قرض جي ندامت ۾ نميل ڏهہ ڪروڙ ڳاٽ غرور ۾ اوچا ٿي ويا هئا. مون ايلز جي ٻانهن ۾ ٻانهن وڌي ۽ چيو.

”ها سو توکي ڳالهہ ٿي ڪئي تہ آسٽريليا ۾ ڪو اڻ پڙهيل ۽ غريب ڪونهي.“

آسٽريليا انگريزن جي ثقافتي بيٺڪ آهي (جيئن پاڪستان کي ايران ۽ عربستان جي ثقافتي بيٺڪ بڻايو پيو وڃي) هتي بہ لنڊن جيان هائڊ پارڪ آهي. جتي ڪوبہ شهري حڪومت کي گاريون ڏيئي سگهي ٿو. مان ۽ ايلز هائڊ پارڪ ۾ وياسين. هڪڙي هنڌ هڪڙو پادري بيٺو هو ۽ آسماني جنت جي بشارت ڏيئي رهيو هو. هن جي بلڪل سامهون هڪڙو اشتراڪي منبر تي بيهي گلو ڦاڙي ڌرتيءَ جي جنت جي بشارت ڏيئي رهيو هو. پادريءَ کي ڪنهن ڪونہ ٿي ٻڌو. سڀ اشتراڪي مبلغ جي چوڌاري گوڙ ڪيو بيٺا هئا ۽ هو گلو ڦاڙي آمريڪا ۽ سرمائيدارن ۽ آسٽريليا جي

وزير اعظم سر رابرٽ مينزيز کي ڪاريون ڏيئي رهيو هو جنهن جي حڪومت ويٽنام ۾ آسٽريليا جي فوج موڪلي هئي.
مجموعي مان هڪڙي ماڻهوءَ وڏي واڪي پڇيس.
”آمريڪا ۽ ويٽنام کي ڇڏ. اسان کي ٻڌاءِ تنهنجي اشتراڪيت آسٽريليا کي ڇا ڏيندي.“
”اسٽالن جون وڌيل ميڇون ۽ ظلم“ ٻئي ماڻهوءَ جواب ڏنو.
اسان ٿورو اڳتي وڌي وياسين. مون ايلز کي چيو.
”حيرت آهي ته اوهان جي حڪومت چين کي قبول نه ڪيو آهي پر پنهنجي ملڪ ۾ ڪميونسٽ پارٽيءَ کي قبول ڪيو آهي. اسان کي ڏس، اسان جا چين سان ڀائپيءَ وارا رشتا آهن پر ته به اسان وٽ ڪميونسٽ پارٽيءَ تي بندش آهي.“
”ڪميونسٽ چين ۽ ڪميونسٽ پارٽي ٻه جدا جدا شيون آهن. هڪ پرڏيهي معاملو آهي ۽ ٻيو گهرو. ڪميونسٽ پارٽيءَ کي اسان ان ڪري اجازت ڏني آهي جو ڪا به پارٽي قائم ڪرڻ يا ڪنهن به پارٽي ۾ شريڪ ٿيڻ هر هڪ فرد جو بنيادي حق آهي جيڪو حڪومت هن کان ڪسي نٿي سگهي ۽ ڪميونسٽ چين کي قبول ڪرڻ يا نه ڪرڻ ان سياسي پارٽيءَ جو حق آهي جنهن کي ملڪ جي عوام حڪومت جون واڳون سونپيون آهن.“
هتي ٻن قسمن جون نائٽ ڪلبون آهن. هڪڙي ڪلب ۾ اگهاڙو ناچ ٿيندو آهي. انهن ڪلبن ۾ هر قسم جا ماڻهو ايندا آهن. شريف، عياش، خلاصي ۽ سياح. اڄ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اگهاڙيون ويٺريس بلبن جيان ٻرنديون، ٻارينديون هيڏانهن هوڏانهن گهمنديون وتنديون آهن. شو شروع ٿيڻ کان اڳ ساري هال جون بتيون وسامي وينديون آهن ۽ اسٽيج روشنين ۾ وهتل هوندو آهي. اوچتو ساز وڄڻ شروع ٿيندا آهن ۽ ڪا جوان جماڻ عورت، سارو بدن ڪپڙن سان ڍڪي اسٽيج تي ايندي آهي ۽ آهستہ آهستہ، هڪ هڪ ڪري، سيئي ڪپڙا لاهي، مادرزاد ننگي ٿي جوبن ڇلڪائي نچندي آهي. هن جي ناچ ڪي عورتون ۽ مرد هڪ جهڙيءَ دلچسپيءَ سان ڏسندا آهن. ڪنهن خلاصيءَ تي ڇلڪندڙ شباب ۽ ڇلڪندڙ شراب جو نشو چڙهي ويندو آهي ۽ هو رڙيون ڪري ڪنهن نہ ڪنهن اڌ اگهاڙي ويٽرس کي وڃي چنبڙندو آهي. در وٽ ٻہ جان بوتن جيان بيٺل دادا گير کيس ٽنگوٽالي ڪري ٻاهر اڇلائي ايندا آهن ۽ شو ائين هلندو رهندو آهي ڄڻ ڪجهہ ٿيو ئي نہ آهي. شو شروع ٿيڻ کان اڳ اعلان ڪيو ويو هو تہ اڄ آخري ناچ ڏاڍو زبردست هوندو ۽ اسين سيئي بہ بي چينيءَ سان ان ناچ جو انتظار ڪري رهيا هئاسين. مس مس انتظار ختم ٿيو. هڪڙي ٿو عمر سهڻي ڇوڪري اسٽيج تي اچي نچڻ شروع ڪيو، هڪ هڪ ڪري ڪپڙا لاهيندي وئي، باقي ڪڇو ۽ چولي وڃي بچيس. چولي لاهڻ لڳي تہ ماڻهن کان رڙيون نڪري ويون. هن چولي نہ لاٿي ۽ نچڻ شروع ڪيائين. نچندي وري چولي لاهڻ لڳي تہ ماڻهو دانهون ڪرڻ لڳا. هن ٻيءَ دفعي بہ هن چولي نہ لاٿي. ٽيون دفعو نچندي نچندي،

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

يڪدم سٽ ڏيئي چولي لاٿائين. اڙي هي ڇا؟ هي ته ڇوڪرو آهي. سيٺي شرم پرچائڻ لاءِ سيٽيون وڄائڻ ۽ رڙيون ڪرڻ لڳا.

ٻي رات وري ٻي ڪلب ۾ وياسين. وڏي هال ۾ هلڪي هلڪي روشني ۽ هلڪي هلڪي اونده ڇانيل هئي. سامهون اسٽيج تي هلڪن سرن ۾ ساز وڄي رهيا هئا ۽ ماڻهو ويٺا شراب جون سرڪيون پري رهيا هئا. هال جي وچ ۾ نوري جاهه ڇڏيل هئي جتي جوڙا نچي رهيا هئا. مان ۽ ايلز اسٽيج جي پر ۾ اچي ويٺاسين ۽ جوڙن کي نچندو ڏسڻ لڳاسين. اوچتو منهنجي نظر پنهنجي هوٽل جي رسيپشسنٽ ڪم ڊيوس تي پيئي. هوءَ سپ ڪان پري هڪڙي ڪنڊ ۾ اڪيلي ويٺي هئي. هن جي سامهون ٻه گلاس پيا هئا پر سندس سامهون واري ڪرسي خالي هئي. مون اڄ تائين ڪم کي ڪنهن ٻه مڙد سان نه ڏٺو هو. اڄ شايد اسان ايفرو ايشيائي شاگردن مان ڪو شاگرد ساڻس دوستي گنڍڻ ۾ ڪامياب ٿي ويو هو ۽ ڪيس هن ڪلب ۾ وٺي آيو هو. مون ڏسڻ ٿي چاهيو ته ڪهڙي شاگرد جي اڄ قسمت کلي هئي، پر ڪم جي سامهون واري ڪرسي خالي هئي، شايد سندس ساٿي نوريءَ دير لاءِ ڪيڏانهن ٻاهر هليو ويو هو. مون هر گهڙي ڪنڊ وارئي تي ڪم ڏانهن ڏٺو پر هوءَ اڃا اڪيلي ويٺي هئي. گهڻي دير گذري وئي. مان ۽ ايلز ڳالهين ۾ لڳي وياسين. مون وري ڪنڊ وارئي ڪم ڏانهن نهاريو. هوءَ پنهنجي ڪرسيءَ تي ڪانه هئي. مون سامهون نهاريو. ڪم

اڪيلي نچي رهي هئي. سندس انگ انگ شراب جي نشي ۾ چور هو ۽ سندس شرابي ۽ مدهوش قدم تڙي ٽاڙي رهيا هئا. نچندي نچندي هوءَ ڪلهڻ لڳي، وڏا ٽهڪ ڏيڻ لڳي ۽ پوءِ يڪدم وٺي چيٽ ڪيائين.

”بند ڪيو. ساز بند ڪيو. بندوقون ۽ بم بند ڪيو. منهنجو جان ڪٿي آهي. منهنجو.... جان!“ هن اوچنگار ڏني ۽ ڪلٽي ڪائي فرش تي ڪري پئي. مان ٽپ ڏيئي اٿيس ۽ ڊوڙي وڃي هن کي اٿارڻ جي ڪوشش ڪيم. بيري هن جي منهن تي پاڻي‌ءَ جو ڦوهارو هنيون ۽ هوءَ ڪجهه هوش ۾ اچي وئي. مون هن کي سهارو ڏنو ۽ ايلز جي ڪار ۾ آڻي ويهاريو مانس. ڪار جي سيٽ تي هوءَ پٽار جي سمهي پئي. جهڙو لاش! ايلز ۽ مان منجهي پياسين ته هن کي ڪيڏانهن وٺي وڃون. ڇو ته اها خبر هئي ته هوءَ اسان جي هوٽل ۾ رسيپشنسٽ هئي پر اها خبر ڪانه هيم تـه هوءَ ڪٿي رهندي هئي. سندس گهر ڪٿي هو. ايلز هن‌جو بٽون کوليو. بٽوڻ ۾ سندس گهر جي چابي ۽ هڪڙو خط پيو هو جنهن تـي سندس گهر جي ايڊريس لکيل هئي. اسين سندس گهر ڏانهن روانا ٿياسين ۽ پڇا ڳاڇا ڪري آخر سندس گهر کولي لڌوسين. ايلز هن جي گهر جو در کوليو ۽ مون هن کي ٻانهن تي کڻي آڻي سندس پلنگ تي ليٽايو. هن جي پلنگ سان گڏ هڪ ٻيو پلنگ به پيو هو جنهن جي چادر تـي گهنج پيل هئا ڄڻ هينئر ڪو ان پلنگ تان اٿـي ويو آهي. پلنگ جي پر ۾ مڙداڻا سليپر پيا هئا ۽ پلنگ جـي ٻانهي‌ءَ تـي مڙدانو

سليپنگ سوٽ ۽ گاؤن ۽ پير واري ٽيبل تي پائيپ ۽ تماڪ جو دٻو پيو هو. ڪمري ۾ اسان ڪان سواءِ پيو ٻــ ڪير ڪونه هو. پر ته به ائين ٿي محسوس ٿيو ڄڻ اسان ڪانسواءِ ٻيو به ڪو موجود آهي. مون چئني لڪي ٽيبل ليمپ جــي هيٺان رکي ۽ اسين موڙي آياسين.

پلنگ تــي ليٽيس ته عجيب سوال دماغ ۾ ايرڻ لڳا. ڪم بيحد شريف ۽ ڪنواري هئي پوءِ اهي سليپر، گاؤن، سليپنگ سوٽ، پائيپ ۽ تماڪ جو دٻو ڪنهن جا هئا. اهو مرد ڪير هو جيڪو ڪيس هوٽل ۾ اڪيلو ڇڏي هليو ويو هو، ۽ ڪم جي تصور ۾ ڪهڙيون بندوقون تــي هليون ۽ بم ٿي ڦاٽا. جان ڪير هو؟

ٻيو ڏينهن به ٻين ڏينهن جيان طلوع ٿيو ۽ مصروفيت ۾ آلهي ويو. آفيس مان موٽي پلنگ تــي ليٽي سگريٽ پي رهيو هوس ته دروازو کڙڪيو. اٿي در کوليم. سامهون ڪم بيٺي هئي. ساڳي مانيٽي، سپاجهي صورت ۽ ساڳي سسڪندڙ سر ۽ ماتمي گيت جي آلاپ جهڙي مرڪ.

”هلو ڪم. ڪيئن آهين.“

”ٺيڪ آهيان.“ هن پشيمان مرڪ سان وراڻيو ۽ اچي آرام ڪرسيءَ تي ويٺي.

”ڇا پيئنديندءِ؟“

”ڪجهه نه.“

”ائين ڪيئن ٿي سگهيٿو.“

”ٿورو بير ملي سگهندو.“

مون بير جو گلاس پري هن جي سامهون رکيو ۽ هوءِ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مات ڪري ڏيک ڏيڻ لڳي.

”مان تنهنجو ٿورو مڃڻ آئي آهيان جو تو تڪليف ڪري مونکي گهر پهچايو.“

”توري مڃڻ جي ان ۾ ڪهڙي ڳالهه آهي. اهو ته منهنجو فرض هو.“ اسين مات ٿي وياسين.

”ڪالهه اڪيلي هئين؟ يا ٻيو به ڪو ساڻ هئيو.“

”اڪيلي هيس.“

”پر تنهنجي ٽيبل تي ٻه گلاس پيا هئا.“

هن منهنجي سوال جو جواب نه ڏنو ۽ دريءَ کان ٻاهر آسمان ڏانهن نهارڻ لڳي. آسمان تي ڪارا ڪڪر مڙيا بيٺا هئا پر مينهن نٿي پيو.

”مان اڪيلي هيس ۽ ٻيو گلاس ان لاءِ پري رکيو هيم جو مون پنهنجو پاڻ کي فريب ڏيڻ ٿي چاهيو ته مان اڪيلي نه آهيان پر منهنجو جان به مون سان گڏ آهي. ڪالهه منهنجو جنم ڏينهن هو ۽ گذريل سال اهو ڏينهن مون ۽ جان ان ساڳي ڪلب ۾، ان ساڳي ٽيبل تي گڏجي ملهايو هو. پر هن سال جڏهن منهنجي جنم جو ڏينهن آيو ته مان اڪيلي هيس ۽ جان...“

”جان ڪٿي آهي؟“

”جان ويٽنام جي جهنگن ۾“ ايترو چئي هوءَ مات ٿي وئي ۽ پوءِ ٿڌو ساهه کڻي چيائين جان مليٽري ۾ سپاهي آهي ۽ ڇهه مهينا کن ٿيا آهن جو هن کي ويٽنام ۾ موڪليو ويو آهي ۽ مان هتي اڪيلي آهيان. جنگ تي وڃڻ کان اڳ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اسان ٻنهي مڱڻو ڪيو هو ۽ ٻئي گڏ رهندا هئاسين. هينئر هو مونندو ته اسان شادي ڪنداسين. مونکي ٻڪ آهي ته هو ان جنگ مان صحيح سلامت موٽندو. هو ايترو ته معصوم، ايترو ته خوبصورت ۽ ڀرپور جوان آهي جو مونکي ڀڪ آهي ته موت ڪي به مٿس رحم ايندو. پر.... پر موت ته انڌو ۽ بي رحم ٿيندو آهي. لوھ جي گولين ۽ بمن ۾ رحم ڪٿان آيو! نه .. نه منهنجو جان موٽندو ۽ اسان شادي ڪنداسين. تون ڇا ٿو سمجهين ته منهنجو جان موٽندو يا نه؟"

"ضرور موٽندو."

"پوءِ اچ ته جان جي حياتي ۽ صحت لاءِ جام خالي ڪريون."

اسان گلاس هوا ۾ لهرائي چپن تي چاڙهيا.

"منهنجي سالگره جي ڏينهن کان ڪجهه ڏينهن اڳ جان مونکي ڏاڍو جذباتي خط لکيو هو. لکيو هئائين ته هتي وڪ وڪ تي موت سندس انتظار ڪري رهيو آهي پر هو نه مرندو. هو منهنجي لاءِ جيئندو ۽ منهجني سالگره جي ڏينهن ضرور ايندو. مون هن جو سليپنگ سوٽ ۽ گاؤن ٻه ٻاهر رکيا هئا. هن لاءِ نئون پائيپ ۽ تماڪ جو دٻو به وٺي آئي هيس. سندس سليپر به چنبڙي ناهي سندس پلنگ جي ويجهو رکيا هيم ۽ سندس پلنگ جي چادر ۾ ائين گهنج وجهي ڇڏيا هيم ڄڻ منهنجو جان هينئر پلنگ تان اٿي غسل خاني ڏانهن ويو آهي. انسان ڪي سندس تمنائون

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪهڙا ڪهڙا فريب تيون ڏين. مان سارو ڏينهن سندس انتظار ڪندي رهيس. پر هو نه آيو ۽ نه خط لکيائين. الائي ڇو نه ابو. گهٽ ۾ گهٽ خط ته لکي ها.“

هن هٿ وڌائي ٽيبل تان گلاس کنيو ۽ ٽڪرا ٽڪرا ڏيک پرڻ لڳي.

”منهنجي سالگره ائين تمنائن جي فريب ۾ گذري وئي. پر رڳ سان ٻه ڪڏهين اچ لٿي آهي. گذريل سال هن مونکي منهنجي سالگره جي موقعي تي لاڪيٽ سوکڙيءَ طور ڏنو. ڏس ته، هي لاڪيٽ ڪهڙو نه سهڻو آهي، مان ان کي ساه سان سانديڪندي آهيان. اسان آڌي رات تائين ان ڪلب ۾ ڀمندا نچندا ۽ ٽهڪڙا ڏيندا رهياسين. پوءِ سمنڊ جي ڪپر تي وڃي ويٺاسين. مون هن جي هنج ۾ مٿو رکي ڪيس گيت ٻڌايو. اهو گيت هن کي ڏاڍو وڻندو آهي. جڏهين ٻه هو خوش هوندو هو مونکي ان گيت ٻڌائڻ لاءِ چوندو هو. تون اهو گيت ٻڌندين! چڱو ٻڌايانءِ ٿي.“

تـــون منهنجـــي روشنـــي آهين
تون ئي ته منهنجي روشني آهين،
جڏهين آسمان روشن هوندو آهـــي
تون مونکي ڪيتريون نه خوشيون ڏيندو آهين.

هن جو آواز ڏکڻ لڳو ۽ اکين مان اوڙڪ لڙي آيس. سندس لڙڪ شاه سائين جي سرڪيڏارو جيان منهنجو هانو ۾ لهي ويا. دل پرجي آيم ۽ مان پنهنجا لڙڪ لڪائڻ لاءِ دريءَ کان ٻاهر نهارڻ لڳس.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جڏهين آسمان روشن هوندو آهي.... پـر آسمان ڪٿي روشن آهي. آسمان تي تـہ هر طرف اونده انڌوڪار ڇانيل آهي ۽ جهازن جا ڪٽڪ ڳجهن جيان لامارا ڏيندا، بـم برسائي رهيا آهن. هيٺ ڌرتيءَ تي هونگڙيون ڏيندڙ ٻار ۽ اوليون ڏيندڙ هنج تي، اتر واءُ ۾ لڏندڙ لمندڙ ڪڪڪ جي پڪل سنگن ۽ ڪنوار جي ماڪ پنل مانگڙيءَ تي، هرطرف ڇيٿون دانهون ۽ ڪيڪون آهن، ڪني ۽ ڳرڻل ماس جي ڌپ آهي. آسمان ڪٿي روشن آهي.

”مان ۽ جان تہ ڏاڍا ننڍڙا، معمولي ۽ غير اهم ماڻهو آهيون. اسان جو ويتنام جي اشتراڪيت سان ڪهڙو واسطو. اسين تہ محنت ڪري زندگي جون ٻہ چار خوش گهڙيون گهارڻ ٿا چاهيون. اسين تـہ ڪلب ۾ نچڻ ۽ ٽهڪڙا ڏيڻ ٿا چاهيون، سمنڊ جـي ڪپر تي گيت ڳائڻ ٿـا چاهيون. اسان کان اسان جا ٽهڪڙا ۽ گيت کسيا وڃن. اسان تہ زندگيءَ کان خوشين جي ٻن چئن گهڙين کانسواءِ ٻيو ڪجهہ نٿا گهرون. پـر اسان جي خوشين تي بم برسايا ٿـا وڃن. ٻڌاءِ منهنجا جان موٽندو يا نہ!“

”ضرور موٽندو. آسمان ضـرور روشن ٿيندو ۽ اوهين انڌلٽ جي پينگهہ ۾ لوڏا کائي گيت ڳائيندءَ.“

”اڄ تـہ جان جي صحت ۽ حياتي لاءِ جـام خالي ڪيون.“

اسان ٻنهي گلاس هوا ۾ لهرايا. مون گلاس ڇپن تائين آندو تہ مون کي بير مان بارود جي بوءِ اچڻ لڳي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آهِا پوءِ ڪيترا ڏينهن منهنجي حواس ۽ روح تي ڇانيل رهي. پنهنجو پاڻ مان ڪني ۽ ڪريل ماس جي ڌپ اچڻ لڳم. ڪر ڪي ڏسندو هوس ته سندس ويران ۽ منتظر اکڙين ۾ سندس جان جهڙين جوان تمنائن ڪي ڏسي ڏکي ويندو هوس پر هن جي اکڙين ۾ اميد جو هلڪو ڪرڻو پيو تمڪندو هو. مون هن سان ملڻ ۽ ڳالهائڻ صفا ڇڏي ڏنو. مون کي ڊپ لڳندو هو ته ڪٿي سندس اکڙين ۾ تمڪندڙ اميد جو ڪرڻو وسامي نه وڃي ۽ ڪنهن ڏينهن هوءَ مونکي اها خبر نه ٻڌائي ته سندس جان مري ويو.

اسان جا ليڪچر ختم ٿي ويا هئا ۽ عملي ٽريننگ شروع ٿي وئي هئي. اسان مان هرهڪ کي ڪنهن نه ڪنهن موضوع تي پروگرام تيار ڪري ريڊيو تان پيش ڪرڻو هو. مون آسٽريليا جي اصلوڪن باشندن تي پروگرام ڪرڻ جو ارادو ڪيو ۽ ”آبر جنيز ويلفيئر سوسائٽي“ جي سيڪريٽري کي فون ڪيم ۽ شام جو ٽيپ رڪارڊر ساڻ کڻي ساڻس ملڻ لاءِ روانو ٿيس.

هتان جي اصلوڪن رهاڪن کي Aborginies سڏيو ويندو آهي. سندن نڪ ويڪرا، چپ ٿلها، وار گهنڊيدار ۽ رنگ ڪارو ٿيندو آهي. پر جنهن ڇوڪريءَ سان مان وڃي مليس تنهن جو رنگ ڳاڙهاڻ. ڳاڙهو سانورو هو. ۽ نڪ به سڌو سنئون هوس. باقي وار، چپ ۽ اکيون سو پنهنجي قبيلي جهڙيون هيس. هن جو نالو ڪيٽ واڪر هو. مان ۽ ڪيٽ هڪڙي ڪافي هائوس ۾ اچي ويٺاسين ۽ مون

ڪاٺس سندس قبيلي بابت پڇو. هن چيو:

”اسان پتر جي اوائلي دور جا ماڻهو آهيون. اسان زمين کيڙي ۽ چوپايو مال ڌاري ڪونہ ڄاڻندا هئاسين انڪري لڏ پلاڻ جي زندگي گذاريندا هئاسين. قدرت جي جنهن شيءِ کي سمجهندا هئاسين تنهن کي استعمال ڪندا هئاسين ۽ جنهن کي نہ سمجهي سگهندا هئاسين تنهنکي خدا ڪري پوڄيندا هئاسين. شاعر انهن خدائن جي حمد ۾ گيت چوندا هئا ۽ مصور انهن کي خوش ڪرڻ لاءِ تصويرون ٺاهيندا هئا. اسان وٽ ملڪيت جو تصور ڪونہ هو. ان ڪري هڪڙو ماڻهو شڪار ڪندو هو تہ سيني ۾ ونڊي ورهائي کائيندو هو. نہ غريبي هئي ۽ نہ اميري، ۽ نہ ئي طبقاتي ڇڪتاڻ هئي. سڀ هڪ جهڙي زندگي گذاريندا هئا.“

بيري ڪافيءَ جا ڪوپ آڻي اسان جي اڳيان رکيا ۽ مون ڪافي جو ڍڪ ڀريندي هن کي چيو:

”مون اوهان جي مصورن جون تصويرون ڏٺيون آهن. انهن تصويرن ۾ سڀ کان وڌيڪ مونکي رنگن متاثر ڪيو. انهن رنگن کي ڏسڻ سان ائين ٿو محسوس ٿئي ڄڻ اهي رنگ نہ آهن پر موسيقيءَ جا هلڪڙا هلڪڙا، نرم نرم سُر آهن، جيڪي روح کي ٿا ڇهن. مون اوهان جي موسيقي بہ ٻڌي آهي. هڪڙي ڳالهہ مونکي ڏاڍو عجب ۾ وڌو. اوهان جيڪا ڏوڪلا وڄائي موسيقي پيدا ڪندا آهيو سا ساڳي موسيقي اسان وٽ بہ آهي. سنڌ جا هندو ڏوڪلن راند ڪندا هئا جيڪا بلڪل اوهان جي ڏوڪلن واري موسيقيءَ جهڙي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هئي. ان جو سبب شايد اهو آهي ته ڪنهن زماني ۾ آسٽريليا خشڪيءَ رستي سنڌ سان مليل هئي ۽ اسان جي هڪڙي تاريخ نويس لکيو آهي ته اوهان جي قبيلي جا ڪجهه ماڻهو خشڪيءَ رستي سنڌ ۾ اچي آباد ٿيا هئا. شايد ڏوڪلن راند اوهان جي قبيلي جو رهيل يادگار آهي.“

”هينئر به انهن مان ڪي قبيلا آهن.“

”نه منهنجي خيال ۾ سڀ فنا ٿي ويا.“

”فنا ٿيڻ اسان جي قوم جي تقدير آهي. اوهان وٽ فنا ٿي وئي آهي ۽ هتي فنا ٿي رهي آهي.“

هوءَ ماٺ ٿي وئي ۽ ڪافيءَ جا ڍڪ ڀرڻ لڳي. ٿوري دير ڪانپوءِ چيائين:

”جنهن هنڌ پاڻ ويٺا آهيون، ڪهڙي خبر ته ڪنهن زماني ۾ ان ساڳي هنڌ منهنجن ابن ڏاڏن جا گهر هجن. سامهون واري سڙڪ، هو وڏيون وڏيون عمارتون، اسانجي ناچ، ڪيچ ۽ راند روند جا ميدان هجن، ان ساڳي هنڌ اڄ مان هيسيل ۽ ڊنل اجنبيءَ جيان ويٺي آهيان.“

”هينئر ته زمانو بدلجي ويو آهي. اڄ اوهان کي شهرين وارا حق ڏنا آهن. هينئر ته اوهان کان ڪوبه نفرت نه ڪندو هوندو.“

”اسان ته پيدا ٿي ان لاءِ ٿيا آهيون ته اسان کان نفرت ڪئي وڃي ۽ جيئن نه ڪوڙهه جو مريض پنهنجي ڪوڙهه ۽ ماڻهن جي نفرت سان هري ويندو آهي، تيئن اسين به پنهنجي ڪاري ڪوڙهه ۽ اڇن جي نفرت سان هري ويا

آهيون. پر اسان جي ٻارن لاءِ اها نفرت ڏاڍي ڳالهه هوندي آهي اسان جي معصومڙن کان جڏهن اسڪول ۾ اڇا ٻار نفرت ڪندا آهن تڏهن هو اڪيلائي ۾ لڙڪ پيري، هيسيل ۽ ڦتيل حيرت سان اسان کان پڇندا آهن ته هي اڇا ماڻهو اسان کان نفرت ڇو ٿا ڪن. ان وقت اسان جا صدين جا سور جاڳي پوندا آهن. اڇن جي ظلم جا ڦٽ ڇڙي پوندا آهن ۽ اسان جي ساري جسم ۾ رت جي بدران نفرت جو وهڪرو ڊوڙڻ لڳندو آهي. آخر ڪيستائين اسان جي ٻارڙن کي نفرت جا نانگ ڏنگيندا رهندا، ڪيستائين اسان پنهنجي رنگ جي گناهه جو بوجهه کڻي گهمندا رهنداسين. ڇا هن هيڏي ساري ڌرتيءَ تي ڪا اهڙي ڪنڊ ڪانهي جتي اسان پنهنجو هي ڪارو چهرو لڪائي سگهون، جتي اسان جي رنگ ۽ نسل جي گناهه کي معاف ڪيو وڃي ۽ اسان کي به پنهنجو سمجهي سهني سان لاتو وڃي."

هوءَ چپ ٿي وئي. سندس اکيون ڳوڙهار ٿيون ٿي ويون.

"منهنجي هڪڙي مائٽياڻي آهي. هتي سڊني ۾ رهندي آهي. هن پنهنجي ٻار کي اسڪول ۾ داخل ڪرايو. ٻه ٽي ڏينهن گذريا ته سندس ٻار اڇن ٻارن جي نفرت جون شڪايتون شروع ڪري ڏنيون ۽ جڏهين ڏنائين ته شڪايتن جو ڪو تدارڪ نٿو ٿئي تڏهين ڇا ڪيائين جو بليڊ وٺي آيو ۽ ڪمري ۾ ويهي پنهنجي کل ڇڪڻ لڳو. ماڻس ڊوڙي وڃي بليڊ کسيس ته ڏانهون ڪرڻ لڳو ته ڇو اسان ته مان پنهنجي هيءَ ڪاري ۽ ڪني کل لاهيان ۽ ٻين ٻارن وانگر اڇو

ٻڌجي وڃان....“

”اسان به اوهان وانگر اڇن جي ڏاڍ جا ڏنگل آهيون. ١٨٥٧ع ۾ مياڻيءَ جي جنگ ۾ هشوءَ جو رت اسان کان ڪڏهين نه وسرندو.“

”هن به ائين ئي چيو هو. هن ساڳي ڪافي هائوس ۾ هن سامهون واري ڪرسيءَ تي ويهي هن چيو هو ته اسان ايشيائي به اوهان وانگر مظلوم آهيون ۽ مظلوم هميشه مظلوم جو ياءُ ٿيندو آهي. پر هو ڪوڙو هو، دوکيباز هو.“

”ڪنهن جي ڳالهه ڪرين؟“

”پنهنجي هڪڙي ايشيائي دوست جي ڳالهه ڪريان. هو مليشيا کان هت ٽريننگ وٺڻ آيو هو ۽ اسان جي قوم تي ڪتاب لکي رهيو هو. ان ڪتاب جي سلسلي ۾ هو مونسان اچي مليو هو. هن جو نالو احمد بن جبار هو. هن ساڳي ڪافي هائوس ۾ اسين پهريون دفعو مليا هئاسين. مون هن کي پنهنجي قوم تي ٿيل ظلمن جون ڳالهيون ٻڌايون هيون ۽ سندس اکڙين ۾ لڙڪ تري آيا هئا. اسان ته هميشه ماڻهن جي اکين ۾ نفرت ڏٺي آهي، ان ڏينهن پهريون دفعو مون ڪن اوپرين اکڙين ۾ همدرديءَ جا لڙڪ ڏٺا هئا. منهنجي دل چيو ته هن جي سيني تي مٿو رکي روئان. ايترو روئان، ايترو روئان جو ساڻي ٿي پوان. اسين هر روز ملڻ لڳاسين. ڪڏهن ڪنهن نائيٽ ڪلب ۾ ۽ ڪڏهن سمنڊ جي ڪپر تي. مون محسوس ڪيو ته مونکي احمد سان محبت آهي. پر مان پنهنجي ڪاري ڪوجهي

محبت هن کي آڇي نٿي سگهيس. هڪڙي ڏينهن هن پاڻ محبت جو اظهار ڪيو. شاديءَ جو واعدو ڪيائين ۽ مڱڻي جي منڊي پارايائين."

"توکي شايد خبر نه آهي ته انگريز جڏهن هتي اچي آباد ٿيا تڏهين هنن اسان جي قوم جي ماڻهن کي ڳولي ڳولي ماريو. اسان جا ڪيئي قبيلا ڪسجي ويا. عورتون غلام بڻجي ويون ۽ گهڻو ڪري اسان جو سارو موجوده نسل انگريزن جو حرامي نسل آهي. منهنجو رنگ ۽ روش انگريزن سان ملن ٿا نه ـ ـ مان به هڪڙي انگريز جي حرامي ڏيءَ آهيان. مان جڏهن جوان ٿيس ته منهنجي جوانيءَ تي مردن جي نظرن جون ڳجهون لامارا ڏيڻ لڳيون پر مون دل ۾ پڪو په ڪيو ته مان ڪنهن به انگريز جي حرامي ٻار جي ماءُ نه ٿيندس ۽ پنهنجي ست جي حفاظت ڪندي رهندس.

"هڪڙي ڏينهن احمد کي مان پنهنجي قبيلي ۾ وٺي ويس ۽ رات جو جڏهن چوڏهينءَ جو چنڊ ڪڙي بيٺو تڏهن باه جا مچ ٻاري، پنهنجي بت تي ڳاڙها پيلا ليڪا ڪڍي، باه جي الن جي عڪس ۾ هن جي سامهون پنهنجي قبيلي جو ناچ نچڻ لڳس ۽ جڏهن نچي نچي ٿڪجي پيس تڏهن هن کي ٻانهن کان کڻي جهوپڙيءَ ۾ وٺي آيس ۽ هن کي پنهنجو جسم، جواني ۽ ست سونپي ڇڏيم."

"مان ڏاڍي خوش هيس. منهنجي زندگي هڪڙو نئون پاسو ورايو هو. مون هڪڙو نئون صبح پسيو هو ۽ منهنجي سنڌ سنڌ ۾ هڪڙي نئين سرهاڻ سرايت ڪري وئي هئي.

الا، مان ڪيڏي نه خوش هيس هڪ هڪ پل، هڪ هڪ گهڙي مون لاءِ ڪيڏي نه اهم هئي. گهڙيون ۽ پل ڪسڪندا، گذرندا ويا ۽ هڪڙي ڏينهن مون احمد کي هڪڙي اڇي ڇوڪريءَ سان ڏٺو. مان آفيس مان ٿڪجي، گهر موٽي رهي هيس ته مون احمد کي هڪڙي اڇي ڇوڪريءَ جي ٻانهن ۾ ٻانهن وجهي فٽ پاٿ تي لنگهندو ڏٺو. مان اتي ئي بيهي رهيس. ڄڻ ڄنگهن مان ست ئي نڪري ويو هو. احمد مونکي ڏٺو ۽ پوءِ يڪدم ڪنڌ ڦيري ڇڏيائين، ڇا هي اهوئي احمد هو جنهن منهنجي قوم تي ٿيل ظلمن لاءِ لڙڪ هاريا هئا، جنهن مونکي هيترو پيار ڏنو هو ۽ جنهن کي مون پنهنجو سانڊيل ست سونپيو هو. احمد ۽ اها ڇوڪري ٻئي منهنجي اکين کان اوجهل ٿي ويا ۽ مان اتيئي بيٺي رهيس. منهنجو ڪارو رنگ ڪاريهر جيان منهنجي ساري بدن کي ڏنگڻ لڳو ۽ مان وهم ۾ وٺ ڪائيندي رهيس."

"پوءِ؟—" مون يڪدم هن کان پڇيو.

"پوءِ احمد ان ڇوڪريءَ سان شادي ڪري ڇڏي ۽ هتي ئي رهڻ لڳو. هونئن ته ڪوبه ايشيائي هتي آباد ٿي نٿو سگهي پر جي ڪو ايشيائي هتان جي ڪنهن ڇوڪريءَ سان شادي ڪري ته پوءِ آباد ٿي سگهي ٿو. احمد ان ڇوڪريءَ سان شادي ڪئي ۽ هتي آباد ٿي ويو. منهنجي ۽ هن جي محبت ٻار جي صورت ۾ منهنجي پيٽ ۾ پلجڻ لڳي. هيئر مان هن جي ٻار جي ماءُ آهيان. احمد هتي رهندو آهي ۽ منهنجي ٻار کي خبر ڪانهي ته سندس پيءُ ڪير

آهي ۽ ڪٿي آهي.“

هوءَ ماٺ ٿي وئي ۽ مان ب. ماٺ ڪري ويٺو رهيس. ھن گهڙي ڏني ۽ چيائين:

”اوه ڏاڍي دير ٿي وئي. منهنجو پٽ منهنجو انتظار ڪندو هوندو. سڀاڻي اچجان ۽ انٽرويو ڏيندي سان.“

رات جا ٻارهن ٿيا هئا. مان پنهنجي هوٽل جي ڪمري ۾ ويٺو ڪتاب پڙهي رهيو هوس ته اوچتو دروازو کڙڪيو. اٿي دروازو کوليم. سامهون ايلز بيٺي هئي.

”ڪپڙا مٽاءِ ته ٻاهر هلون.“

ٻاهر مشرقي عورت جي ست جهڙي بي داغ چانڊوڪي پکڙيل هئي. اڄ ايلز خاموش ۽ اداس هئي. ٿڌي هوا جو جهونڪو لڳو ۽ هن جي ٻت مان سيءَ جو سيسراٽ نڪري ويو. چيائين:

”مونکي سهارو ڏي.“

مون ٻانهن وڌائي سندس چيلهه جي چوڌاري ورائي ۽ هوءَ منهنجي ٻانهن جي سهاري تي هلڻ لڳي. اسين سمنڊ جي ڪپر تي اچي ويٺاسين. سمنڊ ولجاريءَ جي التڪ انتظار جهڙو لڳي رهيو هو. لهرن جون ليلاؤن چنڊ جي چنيسر سان چاڳ ڪري رهيون هيون. ڪا چوءِ پري چولي، گهوڙيل جيان آچانگ ڏيئي، واسينگ وانگر وري، ڪاريهر وانگر ڪر ڪٽي، ڪپر ڏانهن وڌي ٿي آئي ۽ پوءِ زندگيءَ جي خوابن جان ولڙي تي وئي. چانڊاڻ ۾ واريءَ تي پيرن جا نشان چمڪي رهيا هئا. جتي مان ۽ ايلز ويٺا

آهيون ان سا ڳي هنڌ پهرين به ڪي ماڻهو اڇي وينا هوندا، پيار ۽ محبت جـون منڙيون ڳـالهيون ڪيون هونداڻون، هنڌ اهي سڀ ڪٽي آهن. مان ۽ ايلز سپائي ڪٽي هونداسين. ڇا انسان جو سـورو اڏنبر ۽ تڪسات وقت جـي واريءَ تي پير جي نشانن کان وڌيڪ ڪجهه نه آهي.

”ايلز تون اڄ اداس ڇو آهين؟“

هن پنهنجا اداس نيڻ کلي مونڏانهن نهاريو ۽ پوءِ سمنڊ ڏانهن ڏسڻ لڳي.

”تون ڪهاڻيون لکندو آهين ني؟“

”ها....“

”ڪيئن لکندو آهين.“

”ڪيئن لکندو آهيان!__الائي ڪيئن لکندو آهيان!..

ڪڏهين ڪڏهن ڪا ڳالهه هانوَ ۾ ڪپي ويندي آهي ۽ پوءِ اندر ئي اندر پئي جلندي، جلائيندي، تهندي ۽ ڊهندي آهي ۽ پوءِ جيئن نه برنڊڙ جبل جي هانوَ مان جوالا ڦاٽ ڪاڏي نڪري ايندي آهي، ائين منهنجي اندر مان به ڪهاڻي ڦاٽ ڪاٽي نڪري ايندي آهي. مان آهستہ آهستہ پنهنجو هانءُ ڪوري ڪردار جوڙيندو آهيان ۽ پوءِ جڏهين انهن ڪردارن جي صورت ڏسندو آهيان تہ سندن صورت ۾ پنهنجي ئي شبيه نظر ايندي اٿم. سان هنن سان گـڏ کلندو ۽ رئندو آهيان، جيئندو ۽ مرندو آهيان ۽ پوءِ سيني ڪردارن کي ڪاغذ جي ڪفن ۾ ويڙهي وقت جي دير ۾ لوڙهي ڇڏيندو آهيان.“

”ڇا تو کي ڪڏهن ائين محسوس ٿيو آهي تہ تون ماڻهن

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

حي ميڙ ۾ پرايو، اجنبي ۽ اڪيلو آهين."

"اڪيلائي اسان جي نسل جو سڀ کان وڏو عذاب آهي. هي نائيٽ ڪلبون، بيٽلز ٻنجڻ جا رجحان ۽ ٿورڙي وقت ۾ گهڻي ۾ گهڻي مسرت ماڻڻ جي تمنا، ان اڪيلائيءَ کان فرار جون اجايون ڪوششون آهن. اسان سڀئي هڪبئي کان ڇڇي ڌار ٿي ويا آهيون ۽ پنهنجي وجود جي پيٽ ۾ اڪيلا ويٺا آهيون ۽ چوڌاري اڪيلائي جو سمنڊ ڇوليون هڻي رهيو آهي. مون کي ته ائين محسوس ٿيندو آهي جڻ مان پنهنجن مٽن مائٽن، دوستن ۽ پيارن مان نه آهيان. پر ڪنهن ٻئي ديس جو رهاڪو آهيان. جڻ زندگيءَ جي ويٽنگ روم ۾ ويٺو آهيان ۽ ريل جو انتظار ڪري رهيو آهيان جيڪا مون کي منهنجي وطن وٺي ويندي ۽ مان پنهنجن پيارن سان وڃي ملندس. پر ريل ليٽ ٿي وئي آهي يا شايد بتڙيءَ تان ئي لهي وئي آهي."

"مون کي به ائين محسوس ٿيندو آهي ته مان ڪنهن ٻئي ديس جي رهواسي آهيان ۽ پنهنجي پرينءَ کان وڇڙي رستو ڀلجي هتي اچي نڪتي آهيان ۽ هيئنر پنهنجي پرين کي ڳوليندي ٿي وتان. اڄ مان تو وٽ هڪڙو اعتراف ڪرڻ آئي آهيان. مان توکي اهو ٻڌائڻ آئي آهيان ته مون کي ـــ ته مون کي اور سان پيار ڪونهي."

مون چرڪي هن ڏانهن نهاريو. سندس چهري تي مايوسيءَ جا ڪڪر مڙيا بيٺا هئا.

"ها. مان اعتراف ٿي ڪريان ته مونکي اور سان محب

ڪانهي. آور سان ملڻ کان اڳ مان ڊڪڙي مصور سان ملي هيس. هن کي ڏسي مون ائين سمجهيو هو تہ اهو ئي منهنجو پرين آهي جنهن کي مان ڳوليندي ٿــي وتان. هو ڪلاڪن جا ڪلاڪ مون کي سامهون ويهاري منهنجون تصويرون ٺاهيندو هو. آهستہ آهستہ مون محسوس ڪيو تہ هن کي مون کان وڌيڪ پنهنجي فن سان پيار هو ۽ جنهن فن جي ڪري مون هن سان پيار ڪيو هــو ان ساڳي فن سان مون کي ساڙ ٿيڻ لڳو ۽ جلد ئي مون محسوس ڪيو تہ مون پنهنجو پاڻ کان فريب کاڌو آهي ۽ هــي منهنجو پرين نہ آهي، مون هن کي ڇڏي ڏنو، پر جذباتي لحاظ کان صفا بي سهارا ٿي پيس ۽ پــوءِ مان پڙهڻ لاءِ انگلنڊ ويس. انگلنڊ ۾ منهنجي ملاقات آور سان ٿي ۽ وري مون پنهنجو پاڻ کان فريب کاڌو ۽ آور کي پنهنجو وڇڙيل پرين سمجهي ويٺس پر هتي اچڻ کانپوءِ آهستہ آهستہ مون محسوس ڪيو تہ آور بہ منهنجو پرين نہ آهي. بذاءِ منهنجو پرين ڪٿي آهي، ڪهڙو آهي ۽ مان هن کي ڪڏهن ڳولي لهندس."

هوءَ ماٺ ٿي وئي ۽ وري يڪدم چيائين.

"سگريٽ اٿئي؟"

مون هن کي سگريٽ ڏنو ۽ هوءَ سگريٽ دکائي سوٽا هڻڻ لڳي. مون پهريون پيرو هن کي سگريٽ پيئندي ڏٺــو هو. "منهنجي زندگيءَ جو ڪو مقصد ڪونهي. اجايــو ۽ هرويــرو پئي جيئان. مون پنهنجي شخصيت جي اظهار لاءِ تصويرون ٺاهڻ شروع ڪيون پــر جلد ئي خبر پئجي ويم

ته مون ۾ تصويرون ناهن جي ذات ڪانهي. شاعري شروع ڪيم. ڪچا ڦڪا شعر لکي ڦاڙي ڇڏيم. وري ڪهاڻيون لکڻ لڳس ته اهي به بي جان بي چسيون ۽ ڦڪيون. مون ۾ ڪا ذات ڪانهي. مان هڪڙي معمولي، اجائي ۽ عام زندگي ٿي گهاريان.“

”چڱو ٿيو جو توکي جلد ئي خبر پئجي وئي ته تو ۾ ذات ڪانهي. مون کي ته هينئر خبر پئي آهي جڏهن وقت گهڻو گذري چڪو آهي. مون ذات جي ڪوڙي ڏيک تي پنهنجي پنهنجو سارو رت ۽ ست ان کي پياري ڇڏيو ۽ پاڻ ايترو ته نستو ۽ ساهو ٿي پيس جو زندگي ۽ وقت سان وڪ وڌائي نه سگهيس. هينئر ته چيلهه ۾ رسا ٻڌل آهن ۽ گهڙين جون گهوڙيون گهلينديون، لتاڙينديون، چيپاٽينديون سڀني سان ساٿو ڪنديون ڊوڙنديون ٿيون وڃن. آخر مان ڇو ٿو لکان. ڪنهن لاءِ ٿو لکان. مون کي پڙهڻ وارو ڪير آهي. هرڪو پنهنجي لٺي ۽ اٽي جي چڪر ۾ ڦاٿو پيو آهي ۽ ڪنهن کي فرصت ڪانهي جو مون سان گڏ اهي عذاب سهي جيڪي مان ڪهاڻيون لکڻ ڪان اڳ ۽ ڪهاڻيون لکڻ مهل سهندو آهيان. جڏهن مون ۾ ذات به ڪانهي مون کي ڪو پڙهڻ وارو به ڪونهي ته پوءِ مان ڇو ٿو لکان. بليڪ مارڪيٽنگ ڇو نٿو ڪيان. گهڻا ليکڪ پنهنجو پاڻ کي اهو فريب ڏيندا آهن ته هو سماج مان برائين کي ٽڙڻ لاءِ لکي رهيا آهن. مون کي ته ان فريب جو به سهارو ڪونهي. مان ڪڏهن به سماجي

سڏارڪ جيان ور ڪنجي، قلم جو پالو مٿ ۾ ڪڍي سماجي برائين سان وڙهڻ لاءِ نه نڪتو آهيان مون ته هميشه قلم جي پالي کي پنهنجي هانءَ ۾ هنيو آهي ۽ پنهنجي ئي رت ڦڙن سان ڪهاڻيون لکيون اٿم.“

هوءَ مون ڏانهن ٽڪ ٽڪ نهاري رهي هئي ۽ پوءِ منهنجي سيني تي مٿو رکندي چيائين.

”تنهنجو درد ڪيترو نه فنڪارانه درد آهي. اسين ٻئي زندگيءَ جي ويٽنگ روم ۾ ويٺل مسافر آهيون، اڪيلا اوپرا ۽ اداس، اچ ته ٻئي هڪ ٻئي کي سهارو ڏيون.“

مون هن کي سيني سان لاتو. چنڊ آسمان مان لهي اچي منهنجي سيني تي مٿو رکيو ۽ چولين جون چوريون چال ڏيڻ لڳيون.

پل - پکيڙا پرزا ڦرڪائي اڏامندا تا وڃن، وقت کسڪندو، ترڪندو، وهندو تو وڃي. ڇڻ ريل ۾ ويٺو آهيان ۽ سيڻي وڻ ٽڻ، سهڻيون صورتون، من موهيندڙ نظارا پٺتي ڊوڙندا تا وڃن ۽ ريل رڙندي، گجندي، باهه اوڳاڇيندي، سيني نظارن کي لتاڙيندي، ڇيپاڻيندي، ڊوڙندي تي وڃي. فوٽ پاٿ تي بيهي ٽيڪسيءَ جو انتظار ڪري رهيو آهيان. اوچتو سامهون بورڊ تي نظر تي پئيم. لکيل آهي No Standing (بيهڻ جي منع آهي) اڳتي وڌي ٻي فوٽ پاٿ تي تو بيهان. هتي به ساڳيو بورڊ! وري اڳتي وڃي فوٽ پاٿ تي تو بيهان. هتي به بيهڻ جي منع آهي. هر هنڌ بيهڻ جي منع آهي ته پوءِ ڪٿي بيهي بس جو انتظار ڪريان. هيڏي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

وڏي شهر ۾ بيهڻ جي جاءِ نٿي ملي، پنڌ ٿي پنڌ، سهڪندو هوٽل ۾ ٿو پهچان. خبر پيم ته No Standing جي معنيٰ آهي No Parking (موٽرن بيهارڻ جي منع آهي.)

ايلز هوٽل ۾ چانهه تي سڏايو آهي. رات جي ماني نکي کائي، خوب پيٽ پري، وچان ٿو پر هن سان ڊنر کائڻي ٿي پوي شرم کان چئي نٿو سگهان ته ماني کائي آيو آهيان. صبح جو پيٽ خراب. ايلز چوي ٿي:

”مون ته توکي دعوت ٿي مانيءَ جي ڏني هئي.“

”تو ته چيو هو ته ’ٽي‘ مون سان پيئجانءِ.“

”اوهه“ هوءَ کلي ٿي. ”رات جي مانيءَ کي اسين ’ٽي‘ چوندا آهيون.“

هي ”نيرا پهاڙ“ (پر هنن جو رنگ نه نيرو ڪونهي!) پهرين پهرين جڏهن انگريز هن ڪنڌ ۾ اچي لٿا ته ڪين خبر ڪانه هئي ته هن پهاڙن جي هن پار ڇا آهي. ڪيتري عرصي تائين انهن پهاڙن کي عبور ڪرڻ جي ڪوشش ڪندا رهيا. آخر ڪامياب ٿيا. پهاڙ جي هن طرف درياهه هئا ۽ انسان جي آباد ٿيڻ جا امڪان هئا. جنهن ٽوليءَ هن پهاڙ کي عبور ڪيو تنهن چيل جو هڪ وڻ ڪپي ان جو ٿڙ هتي کوڙي ڇڏيو جيڪو هينئر به ان حالت ۾ بيٺو آهي. پهاڙ جي چوٽي اٽڪل چار هزار فوٽ بلند آهي ۽ چوٽيءَ تي پورو شهر آباد آهي. چوٽيءَ جي پڪيڙ جتي ختم ٿي ٿئي اتي چار هزار فوٽ اونهي کاهي آهي کاهيءَ جي مٿان جبلن جون ٽي سنهيون چوٽيون اهڙيءَ طرح گهڙيل آهن

چوٽيءَ تي سورتون بيٺيون آهن. انهن کي ٽي پيٽر سڏيو ويندو آهي. قدرت جي هٿن سان گهڙيل ٽن پيٽرن جون اهي مورتيون ڪنڌ کڻي ڪاهيءَ جي هن پار واري پهاڙ ڏانهن ڏسي رهيون آهن جتي ڪارا ڪڪر وسي وسي ٿڪجي، ساٿا ٿي ليٽي پيا آهن. ساڄي هٿ تي هڪڙي سنهي چوٽي ڪر ڪنيون بيٺي آهي. منش اڇو جهڙ اٺين ٿو لڳي جڻ ڪو سنڌي سورهيه اڇي پڳ پائي بيٺو آهي. ايلز ۽ مان هيٺ ڪاهيءَ ۾ نهاريون ٿا ته پستي ۽ بلنديءَ جو فرق ڏسي سارو وجود ڏڪي ٿو وڃي.... مون کي ائين پيو ٿو محسوس ٿئي ته مان پهرين ڀيري هتي آيو آهيان. هي بلنديون ۽ پستيون، پهاڙ جي چوٽيءَ تي ستل ننڍا ڪڙا ڪڪر. قدرت جي هٿن سان گهڙيل هي ٽي پيٽر ۽ ايلز پهرين ڀيرو مون ڏٺيون آهن، شايد مان ۽ ايلز هتان جي اصلوڪن رهاڪن جي ڪنهن قبيلي ۾ پيدا ٿيا هئاسين ۽ ٿي نانگن ٻتن تي آسماني ديوتائن جون ڳاڙهيون پيليون شبيهون چٽيون، هٿن ۾ پٿر جا ڀالا کڻي، جبل جي هنن پيلن ۾، ڪينگرو جو شڪار ڪندا هئاسين. هنن ٽن پيٽرن جي پير ۾ ويهي مون ايلز جي سونهن جي حمد ۾ گيت چيا هئا ۽ منهنجي قبيلي جي ماڻهن انهن گيتن کي آسماني اشلوڪ سمجهي چانڊوڪي راتين ۾ ٻاله جا ميچ ٻاري، نچي نچي ڳايو هو. پوءِ اڄ اڇي مون کي، ايلز کي ۽ منهنجي گيتن کي ڪنو. مان ۽ منهنجا گيت هر هنڌ ڪنا آهيون. مهن جي دڙي ۾، مباڻيءَ جي ميدان تي ۽ هنن ٽن پيٽرن جي پير ۾!

پهاڙ جي ٻئي چيڙي تي هوٽل آهي جنهن ۾ اسان رهيل آهيون. هوٽل جي دريءَ کان هيٺ ساڳي ڪاهي، پيلا ۽ هلڪو ڏنڊ. والز شروع ٿئي ٿو. اهلز چوي ٿي.

”اٿ ته نچون.“

”مان نچي نه ڄاڻان.“

”تون اٿ ته سهي.“

والز جا سر ڪيترا نه ڪومل آهن. بدن جا بار لهي ويا آهن. اسان جا روح سُرن جي پرن تي نچندا، جهومندا، اڏامندا ٿا وڃن. هر طرف خنڪيءَ ۾ رچيل ڏنڊ آهي ۽ وري اوچتو چنڊ نڪري ٿو اچي چانڊاڻ روح ۾ رچندي ٿي وڃي.... سڀ نظارا پٺتي ڊوڙندا ٿا وڃن ۽ ريل رڙندي، گجندي، ٻاه اوڳاڇيندي، سڀني نظارن کي لتاڙيندي چيڀاٽيندي ڊوڙندي ٿي وڃي ۽ اڳيان آئيندو وڇايو پيو آهي. اڻ ڏٺل، اڻ ڄاتل ۽ پراسرار!

اسان جي ٽريننگ ختم ٿي وئي آهي ۽ اچوڪو ڏينهن اسان جو هتي آخري ڏينهن آهي. اڄ اسان کي اي. بي. سي طرفان الوداعي پارٽي ملي هئي. هال ۾ اي - بي - سي جي اسٽاف جا مرد، عورتون ۽ اسين ايفرو ايشيائي ڪارا، سانورا ۽ پيلا شاگرد ويٺا هئاسين. سڀئي شاگرد پنهنجو پنهنجو ملڪي لباس پائي آيا هئا. مان به سنڌي شلوار، شڪارپور جو پرت تي پريل پاسي تي ڪڇيءَ وارو ململ جو چولو پائي آيو هوس. سڀ حيرت وچان اسان کي ڏسي رهيا هئا.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اسان جي ٽريننگ، جي ڊائريڪٽر مسٽر ٿامسن گلو صاف ڪيو ۽ عينڪ کي اکين تي ٺيڪ ڪندي چيائين. ”منهنجا پيارا پرديسيو! اڄ کان ڇهه مهينا اڳ، هن سا ڳي هنڌ، مون مرڪندڙ هانوَ سان اوهان جو آڌرياءُ ڪيو هو ۽ اڄ ڇهن مهنن کان پوءِ ان ساڳي هنڌ مان روئندڙ دل سان اوهان جي اڳيان وڇوڙي جي تقرير ڪري رهيو آهيان. پنهنجي دل کي روئندو ڏسي، پنهنجو پاڻ کان پڇان ٿو ته آخر مون ۾ ۽ هنن آفريقي ۽ ايشيائن ۾ ڪهڙو رشتو آهي جو هنن کان جدا ٿيڻ وقت دل روئي رهي آهي. اوهين ڪير ۽ مان ڪير، اوهان جي ۽ منهنجي وچ ۾ رنگ، نسل ۽ جاگرافي جا ويڇا ۽ فاصلا آهن، پوءِ آخر اسان جي وچ ۾ اهو ڪهڙو رشتو آهي، جيڪو غم بنجي منهنجي هانءَ ۾ چڀي رهيو آهي. جنهن انهن سيني ويڇن ۽ فاصلن کي ريٽي ۽ ميٽي ڇڏيو آهي. شايد اهي سيئي ويڇا هترادو آهن ۽ اسان نه يورپي آهيون، نه ايشيائي ۽ نه آفريقي، اسان صرف هن ڌرتيءَ جا ٻچڙا آهيون، اسان ڌرتي ماءُ جي ٿڃ پيتي آهي ۽ اسان جو پاڻ ۾ رشتو عظيم ۽ اٽوٽ آهي. اچو ته اسان پاڻ ۾ جي ان لازوال رشتي لاءِ جام خالي ڪريون.“

سيني گلاس چپن تائين آندا. مسٽر ٿامسن جي تقرير جو جواب اسان مان ڪنهن کي ڏيڻو هو. اسان سيني مليشيا جي گهڻ ڳالهائو نمائندي ڏانهن نهاريو. هو فلپين جي نمائندي ڏانهن نهارڻ لڳو، فلپين جي نمائندي مون ڏانهن ڏٺو ۽ مان سڀ اما ڏانهن ڏسڻ لڳس. مس اما اُٿي وڏي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڳلو صاف ڪيو ۽ چوڻ لڳي:

مسٽر ٿامسن ۽ منهنجا پرديسي سائيو! اڄ رات اسان هميشه لاءِ وڇڙڻ لاءِ گڏ ٿيا آهيون .... ايترو مس چيائين ته هانءُ پرجي آيس، آواز ڏکڻ لڳس ۽ وڏي اوڇنگار ڏنائين. سڀ اداس ۽ خاموش ٿي ويا ۽ ساري ماحول تي اداسائي تلوار جيان ٽانڱجي وئي.

پارٽي شروع ٿي. پروگرام مطابق سڀني کي پنهنجو پنهنجو ملڪي گيت ڳائڻو ۽ ناچ ڏيکارڻو هو. زيمبيا جي نمائيندي ۽ مس. اما گيت ۽ ناچ شروع ڪيو. هلڪي هلڪي موسيقي اپري ۽ اکين آڏو آفريقا جا جهنگ پکڙجي ويا. زال ۽ مڙس خوشيءَ ۾ ٽڙندا، ٽهڪڙا ڏيندا جهنگ مان لنگهن ٿا ۽ اوچتو چرڪي بيهي ٿا رهن. اکيان موت سدن انتظار ڪري رهيو آهي. ٻئي هراسيل اکين سان هڪٻئي ڏانهن نهارين ٿا. هڪڙو مانهو جهنگ مان نڪري مرد تي حملو ڪري ٿو. عورت چيٽ ڪري پري بيهي ٿي رهي. هو ٻئي وڙهندا ٿا رهن ۽ عورت جي چهري تي ڪيئي جذبا جرڪڻ ٿا لڳن. هراس، مايوسي، ۽ پوءِ اميد جو هلڪو هلڪو سوجهرو مرڪ جي صورت ۾ سندس چپڙن تي چمڪي ٿو. ۽ هوءَ خوشيءَ وچان پنهنجي ڦٽيل، ٿڪيل، سهڪندڙ ۽ ساٿي ٿيل مڙس اکيان نچي ٿي. خوشي ۽ فتح جو وحشي ناچ!

هيئنر منهنجو وارو هو مان "هو جمالو...." جي ٽيپ چاڙهي، اڇي ايلز جي پير ۾ بيهي رهيس. سڀ ماٺ ٿي ويا

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

۽ ماڻ جو سينو چيري سنڌي ساز ۽ آواز جي لهر اُڀري "هو.... جما.... لو" جڻ تہ سانتيڪي درياہ ۾ هلڪڙي لهر ڪرڪنيو ۽ آهستہ آهستہ ڪپر ڏانهن وڌڻ لڳي ۽ پوءِ ڪيتي لهرون اُڀريون، جهڙيون مشرقي ڪنواريءَ جي دل ۾ پيرين محبت جون امنگون، ۽ پوءِ تاڙين جي ليءِ، جڻ وڏ ڦڙي جو وسڪارو. سيئي پنهنجا گلاس رکي "هو جمالو" جي آهنگ سان ملندڙ آواز جون ورائيون ڏيڻ ۽ تاڙيون وڄائڻ لڳا. مس آما ڊوڙي اچي مونکي ٻانهن کان جهليو ۽ کهلي آئي وچ ۾ بيهارياءِين.

"اچ تہ نچون."

مون ساڄي پاسي جهڪي تاڙي وڄائي "هو جمالو" چيو ۽ ڦيري پائي، هٿ هوا ۾ لهرائي چپٽيون وڄايم. آما بہ ائين ئي ڪيو. هيئر مون کاٻي پاسي جهڪي، چپٽيون وڄائي ڦيري پاتي ۽ هٿ هوا ۾ لهرائي تاڙي وڄائي "هو جمالو" چيم. هن بہ ائين ئي ڪيو. اسين ٻئي هڪٻئي جي ايترا ويجها اچي ويا سين جو مان هن جي جسم جي ٿڙڪندڙ چهاءَ ۽ سندس بدن جي بوءِ کي بہ محسوس ڪرڻ لڳس. جمالي جي ڌن تيز ٿي عروج تي پهچي وئي ۽ آما وچ وانگر وراڪا ڏيڻ لڳي....

ٽيپ ختم ٿي. سيئي تاڙيون وڄائڻ لڳا. آما مون کي ٻانهن کان جهلي ٻاهر وٺي آئي. ٻاهر آسمان ۾ چنڊ ڪڙيل هو. هر طرف گل ڦل ٽڙيل هئا. آما جي گلن تي ڀکهر جا ڦڙا چمڪي رهيا هئا، جهڙا ڪارن گلابن تي ماڪ ڦڙا.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سندس وڏين اکين ۾ اونداهين راتين جون خنڪ اونداهيون رچيل هيون.

”مان پاڪستاني ناچ سنو ڪري سکيهان ٿي ني.“

”ڏاڍو سنو ڪري سکيهين ٿي.“

”مون کي تو وانگر تنهنجي ملڪ جو گيت ۽ ناچ به پسند آهي. مان توکي هميشه ياد رکنديس. پر تو مون کي رنجايو آهي جنهن لاءِ مان توکي ڪڏهين معاف نه ڪنديس.“

”مون توکي رنجايو آهي!“

”ها، تو مونکي رنجايو آهي. تو ڪڏهين به مون سان به چار اڪيليون گهڙيون نه گهاريون. ڪڏهين به مون کي بيچ تي يا ڪنهن نائيٽ ڪلب ۾ نه وٺي وئين. هڪ به دفعو چيومانءِ ته نتاڻي ڇڏيءِ. ان ڪري نه جو مان ڪاري آهيان، شيدياڻي آهيان.“

”نه نه، اها ڳالهه نه آهي.“

”نه ته ڪهڙي ڳالهه آهي. آخر ايلز ۾ ڇا آهي جيڪو مون ۾ نه آهي. مون ڏانهن نهار. ڇا مان ايلز جهڙي جوان نه آهيان. منهنجو بدن ايلز جي بدن کان گهٽ حسين ۽ جوان آهي. پوءِ آخر ڪهڙي ڳالهه آهي جو تون ايلز جي ڪڍ لڳور لڳور ڪندو تو وتين ۽ مون کي ليکين ئي نٿو. ان ڪري ني جو مان ڪاري آهيان، شيدياڻي آهيان اوهان ايشيائي ته رنگ جي مت پيد کان متاون ٿيندا آهيو ۽ ايشيا ۽ آفريقا جي ٻائپيءَ جا نعرا هڻندا آهيو. پر اوهين

ڪوڙا آهيو. سامراجين وانگر چالباز آهيو. اوهين صرف يورپ سان مقابلو ڪرڻ لاءِ آفريڪا ڪي ايشيا سان ڳنڍڻ ٿا چاهيو. هونئن نہ تہ اوهان کي بہ اسان جي ڪاري رنگ کان نفرت آهي. اسان کي بہ توهان کان نفرت آهي. توهان جي سهڻي رنگ ۽ روشن کان نفرت آهي، ڇڏين تو خود پرست ايشيائي، مون کي تو کان نفرت آهي."

هن اوچنگار ڏني ۽ ٻنهي هٿن ۾ منهن لڪائي ٻوڙندي اندر هلي وئي. مان اتي ئي بيٺو رهيس، بي حس ۽ بي ستو! گهڻي دير ڪانپوءِ اندر ويس تہ آما هڪڙي شيدي ڇوڪري سان ٽوئسٽ ناچ نچي ۽ ٽهڪڙا ڏيئي رهي هئي.

آخر ۾ سيني گڏجي الودائي گيت ڳاتو ۽ لڙڪ ڳاڙ مرڪ سان هڪ ٻئي کان موڪلايون.

مان ۽ ايلز هينٽر پارٽيءَ تان موٽيا آهيون ۽ سمنڊ جي ڪپر تي اچي ويٺا آهيون. رات جا ٻہ لڳي رهيا آهن. مون کي صبح جو پنجين لڳي هوائي اڏي تي پهچڻو آهي. باقي چند گهڙيون وڃي بچيون آهن. اڄ بہ آسمان ۾ چنڊ ڪڙيو بيٺو آهي ۽ لهرن جون ليلائون چنڊ جي چنيسر سان چاڳ ڪري رهيون آهن. ڪا لهر گهوڙيل وانگر اڇانگ ڏيئي، واسينگ وانگر وري، ڪاريهر وانگر ڪرڪي ڪپر ڏانهن ٻوڙندي ٿي اچي ۽ پوءِ زندگيءَ جي خوابن جيان وڃڙي ٿي وڃي. چانڊاڻ ۾ واريءَ تي ماڻهن جي پيرن جا نشان چمڪي رهيا آهن. چند گهڙين ڪانپوءِ اهي سيئي نشان ميٽجي ويندا. مان هلبو ويندس ۽ حمد ائين بيهو چمڪندو

سمنڊ اٿي رهيو هجڻ، چولين جون چوريون اٿيون ٿي پيون
ڇاڪ ڏيندڙون ۽ مٽي واريءَ تي نت نـون ماڻهن جي پيرن
جا نوان نشان پيا چمڪندا. ايلز چوي ٿي:

”مان توکي هميشه ياد رکندس. مون توسان زندگيءَ
جون ڏاڍيون پياريون ۽ مٺڙيون گهڙيـون گهاريون آهن.
اهي گهڙيون مون ڪان ڪڏهين نــ وسرنديون. اسان ٻنهي
زنـدگيءَ جـي واٽ تي ٻـن همدرد دوستن جيان ملياسين،
ٿوري دير گڏ سفر ڪيوسين. هڪبئي جو ڏک سور ونڊيوسين
۽ هينئر وڇوڙي جي ٻــ - واٽي تي اچي بيٺا آهيون. هـيءَ
واٽ منهنجي آهي ۽ هوءَ تنهنجي. اسان جـي دوستيءَ جو
ناتو سچو ناتــو هو. اهو نـاتو هميشه قائم رهندو. اسان ٻنهي
زندگيءَ جي ويٽنگ روم ۾ ويٺل مسافر آهيون اداس، اوپرا
۽ اجنبي ۽ ريل جـو انتظار ڪري رهيا آهيون اها ريـل
ضرور ايندي ۽ اسان کي ان ديس ۾ وٺي هلندي جتان اسان
کي جلاوطن ڪيو ويـو آهـي، جتي مان پنهنجي وڇڙيل
پرينءَ سان ملندس ۽ جتي ايشيا جي بک، بيماري ۽ غلاميءَ
جا ناسور ڇٽي ويندا، ماڻهو خوشحال هوندا ۽ تنهنجي ذات
کي سڃاڻندا ۽ سمجهندا.“

اسين ڪالهائيندا تا رهون. سمنڊ رئندو تو رهي، چنڊ جو
چهرو بي نور ٿيندو وڃي.

مان جهاز ۾ ويٺو آهيان ۽ پريان پنهنجن پيارن کـي
الوداع چوڻ لاءِ آيل ماڻهن سان گڏ ايلز بيٺي آهي ۽ هٿ
۾ رومال لوڏي مونکي وڇوڙي جو پيغام ڏيئي رهي آهي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

وقت ڪسڪندو ترڪندو، وهندو تـو وجي، سيني سهڻيون صورتون، من موهيندڙ نظارا، پٺتي رهندا ٿا وڃن.... روڪيو روڪيو. جهاز کي روڪيو، ريل کي روڪيو، نظارن کي روڪيو، پـر جهاز زوزاٽ ڪندو اڏامندو تـو وجي. ريل رڙندي، گجندي، ٻاه اوڳاڇيندي، سيني نظارن کي لتاڙيندي، ڇيهاڙيندي ڊوڙندي تـي وجي ۽ اکيان آئيندو وچايـو پيو آهي. ڏئل وائنل ۽ اونداهون!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

درد جا رشتا

٠د پئسفڪ هوٽل،

سڊني.

ادا، ٽيون ڏينهن ميل بورن کان سڊني پهتو آهيان. ٽريننگ جا باقي ٻه مهينا وچ ۾ بچيا آهن. اهي ٻه مهينا ريڊيو آسٽريليا سان وابسته رهي گذاريندس. جنهن هوٽل ۾ رهيل آهيان سو پئسفڪ سمنڊ جي ڪپر ني هڪڙي متاهين ٽڪريءَ تي آهي. سامهون ٽڪريءَ جي لاهيءَ تي سا گاهه جي چادر وڇايل آهي ۽ پائين Pine جا ري ۾ سڪل وڻ ايشيائي گداگرن جيان هٿ ڦهلائي آهن. نيڻ نهار تائين سمنڊ ڦهليل آهي، اٿاهه ۽ پراسرار سه جهڙي انسان جي دل! سمنڊ جي ڪناري وٽ سهڻيون، جوان ۽ جرڪندڙ عورتون پاڻيءَ ۾ ترڪي رهيون آهن جهڙيون جل پريون، جهڙيون ڪهاڻي نويس جي دل ۾ اڻ لکيل ڪهاڻيون. هنن کي پاڻيءَ ۾ ترڪندو ڏسي بت مان سيءَ جا سيسراٽ نڪري تا وڃن. جون جو مهينو ۽ ههڙو سيءُ! حيدرآباد ۾ ته هن وقت سج باهه جا ڳالا هڻندو هوندو. پر هاڻ ي حيدرآباد جون هوائون، منگهه، سانورا، سهڻا، سڀاجهڙا ماڻهو، جيجل ماءُ جي ٽيج جهڙي مٺڙي ٻولي! هتي ته غلط انگريزي ڳالهائي ڳالهائي ڳڀاڙين ۾ نئي سور پئجي ويو آهي.

ادا سڏنيءَ بابت ڪنهن ٻئي دفعي لکندو سانء. اڄ سڏنيءَ جي هڪ سون ورني سوڍيءَ جي ٿو ڳالهه ٻڌايانء. ڇوڪري ته نه آهي الائي ڇا آهي. آيو قد، آسمان جهڙيون نيريون ۽ وشال اکيون، چانڊاڻ جهڙا سنهري وار، ڳاڙهو ڳاڙهو ٻرندڙ جرڪندڙ جسم، جهڙو ٻاه جو آلو. هن سان ڳالهه ملاقات ٿي آهي، پر ان ٿوري عرصي ۾ اسان هڪ ٻئي جي ايترو نه ويجهو اچي ويا آهيون جو هينئر به سندس بدن جي ٻاه جي جهر ٿي جرڪائيم. ڳالهه گهمندو گهمندو ريڊيو جي لئبريريءَ ۾ ويس ۽ ڪتابن جي الماريءَ ۾ ڪتاب جاچي رهيو هوس جو هوءَ پر ۾ اچي بيٺي ۽ پڇيائين،

”مان اوهان جي ڪا خدمت ڪري سگهان ٿي؟“

”مون کي ايلئيٽ جي نظمن جو ڪتاب گهرجي.“

”اوهان مشرقي ايلئيٽ پڙهي ڇا ڪندا، اوهان جي رنگا رنگ تهذيب ته عمر خيام جهڙا شاعر پيدا ڪيا.“

”جنهن مشرقي تهذيب عمرخيام جهڙا شاعر پيدا ڪيا سا هينئر مغرب جي سربت ٿي ويٺي آهي ۽ ايلئيٽ جي انڌي تقليد ۾ پيدا ٿيندڙ شاعر ان سربت جو ناجائز اولاد آهن.“

”ڪهڙي ملڪ مان آيو آهين؟“

”پاڪستاني آهيان.“

”مون کي پاڪستان ڏسڻ جو ڏاڍو شوق آهي. مون سنڌ ماترجي پراڻي تهذيب بابت پڙهيو آهي. دل ٿي چوي ته ان پراڻي تهذيب جا کنڊر ڏسان.

”مان سنڌو ماتر جو رهاڪو آهيان.“ مون غرور سان چيو.

”مسلمان آهين؟“

”ها.“

”اوهان تقدير کي مڃيندا آهيو؟“

”اسان تقدير کي ايترو ته مڃيندا آهيون جو ڏاڍن سان وڙهي پنهنجو پيٽ پالڻ ۽ انگ ڍڪڻ جي بجاءِ پنهنجي مفلسي ۽ بک کي به تقدير سمجهندا آهيون.“

”مان ڪنهن مشرقي مسلمان کي ڏسندي آهيان ته الف ليليٰ ياد ايندي اٿم. اوهان جي تهذيب ڪيتري نه رنگا رنگ آهي توکي اسان ماده پرست مغربين جي بيرنگ تهذيب جي يڪسانيت اجهان بيزار نه ڪيو آهي.“

”جي مان به تو وانگر ان تهذيب ۾ پيدا ٿيان ها ته پوءِ شايد ان جي يڪسانيت کان بيزار ٿيان ها، ڇاڪاڻ ته هر ذهين ماڻهو پنهنجي پسگردائي ۽ پنهنجو پاڻ کان غير مطمئن هوندو آهي.“

”تنهنجون ڳالهيون ڏاڍيون وڻندڙ آهن. شام ڪو خاص پروگرام ته ڪونهي؟“

”خاص ته ڇڏيو منهنجو ته ڪو عام پروگرام به ڪونهي.“

”پوءِ اڄ شام اچ ته گڏجي ماني کائون. تون مون کي پاڪستان جي باري ۾ ڳالهيون ٻڌاءِ.“

”مونکي ته خوشي ٿيندي جو شام توسان گذاريندس؟“

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

”چڱو پوءِ پاڻ شام جو ملنداسين. ريڪس هوٽل ڏٺو اٿئي نه؟“

”ها ڏٺو اٿم. مان پاڻيهي اچي پهچي ويندس.“

مون هن کان ڪتاب ورتو ۽ پنهنجي آفيس ۾ موٽي آيس.

شام جو آسمان تي ڪڪر مڙيا بيٺا هئا ۽ ڦڙ ڦڙ ٿي پيئي. ٿڌيون هوائون. جسم جي آرپار ٿي هليون ويون. مان مقرر وقت کان ٿورو اڳي هوٽل جي سامهون بيهي هن جو انتظار ڪرڻ لڳس. ٿوري دير گذري ته هوءَ ٽيڪسيءَ مان لٿي. کيس وڏو ڳاڙهو ڪوٽ پيو هو. مون کي ڏسي ٽڙي پيئي. مون اڳتي وڌي سندس هٿ هٿ ۾ جهليو.

”هاتي، ڪيڏو نه سيءُ آهي! تنهنجي ملڪ ۾ به هيڏو سيءُ پوندو آهي؟“

”ها، اسان وٽ به ايترو ئي سيءُ پوندو آهي. پر جون ۾ نه، ڊسمبر ۾ پوندو آهي.“

”مان به ڪيتري نه بدتميز آهيان جو هن مهل تائين نه پنهنجو نالو ٻڌايو اٿمان ۽ نه تنهنجو نالو پڇيو اٿم. منهنجو نالو سوسن آهي. پر سڀيئي مونکي سوزي چوندا آهن.“

”منهنجو نالو ڏاڍو ڏکيو ۽ ڏکيو آهي، ان ڪري تون مونکي احمد سڏي سگهين ٿي.“

اسان هوٽل ۾ اچي ويٺاسين. ٻنهي وسڪي گهرائي ۽ پيئڻ لڳاسين.

”سوزي ڳالهه ٻڌ. مان مشرقي آهيان ۽ پنهنجي مشرقي تهذيب ۾ تنهن کان وٺي چوٽيءَ تائين رچيل آهيان. ان

ڪري جي اوهان جي مغربي آداب جي خلاف ڪجهه ڪري وڃهان نه مون کي ٻڌائجانءِ.“

”مان نه پاڻ خوش ٿيندس جي تون هتي به پنهنجي مشرقي نموني ۾ هلندين.“

”جي هتي مشرقي نموني ۾ هلان ته پوءِ سڀ ڪان پهرين هن سامهون ويٺل ماڻهوءَ کي سڏو ڪريان جيڪو توڏانهن نهاري رهيو آهي.“

هوءَ کلي ويٺي ۽ چيائين:

”اوهان مشرقي عورت جي معاملي ۾ ڏاڍا ساڙيل ٿيندا آهيو.“

”اسان ان ساڙ کي غيرت سڏيندا آهيون. اصل ۾ اسان مشرقي مرد عورت جي حفاظت کي پنهنجي زندگيءَ جو مقصد سمجهندا آهيون.“

”اسان مغربي عورتون به چاهينديون آهيون ته اسان جي حفاظت ڪئي وڃي. پر مغربي مرد ان ڳالهه مان چا چائين. اسان جي گهريلو ناچاڪي، طلاقون، حدکان وڌيڪ آزادي ۽ جنسي بي‌راه روي جو وڏو سبب اهو آهي جو اسين پنهنجو پاڻ کي غير محفوظ سمجهنديون آهيون. حد کان وڌيڪ آزاديءَ اسان جي شخصيتن ۾ ڇڪتاڻ پيدا ڪري ڇڏي آهي. اسان پنهنجي حفاظت به چاهيون ٿيون ۽ آزادي به ڇڏڻ نٿيون چاهيون.“ هن وسڪيءَ جو ڍڪ پريو ۽ چيائين.

”هاڻي مون کي پاڪستان جي رهڻيءَ ڪرڻي بابت ٻڌاءِ.“

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

”اسان جو ملڪ سکيو ۽ ماڻهو سکر آهن.“ اها ايترو مس چيم ته پنهنجو ڪلارڪ ياد پيم جنهن کي سو رپيا پگهار ملندو هو. جنهن کي ڇهه ٻار هئا ۽ جنهن جي زال کي سله هئي. زال کي سيني ٽوريئم ۾ داخل ڪرائڻ لاءِ درخواست موڪلايائين ته ڪيس زال مرڻ کان پوءِ اجازت نامو مليو. حدِ نظر تائين ڦهليل جهريل جهوپڙيون. جهول جهلي وانهڙن کان جيئڻ جو حق پنندڙ ٻڪارن جا هشام، ڇنڪهندڙ، جهرندڙ، محنت ۾ ڪمائيل، رت اوڳاڇيندڙ، پيلا، بي نور، مرڻينگ ماڻهو. هي پاڪستان آهي، هي ايشيا آهي — صدين کان غلام ايشيا، ڪاري، ڪوجهي، بيمار ۽ بکي ايشيا! مون يڪدم وسڪيءَ جو گلاس ڪنيو ۽ ڍڪ ڍڪيئي پي ويس.

”مون ٻڌو آهي ته اوهين عورت جي عزت نه ڪندا آهيو.“

”اسان نه عورت جو احترام ڪندا آهيون. منهنجي ٻوليءَ ۾ چوڻي آهي ته نياڻي ستت قرآن آهي. سڄڊ جڏهن نياڻيءَ جو قسم کڻندا آهن ته مري به اها ڳالهه پوري ڪندا آهن.“

(۽ جڏهن ان نياڻيءَ جي شادي ٿي ويندي آهي تڏهن سندس کهڙو حشر ٿيندو آهي.)

مون يڪدم بيري کي سڏي ٻيو پيگ گهرايو.

”ڇا اوهان جون عورتون پردو ڪنديون آهن؟“

”ها.“

”تون پردي جو قائل آهين؟“

”عقلي طرح نه آهيان پر جبلتي طرح قائل آهيان.“

”مائٽن جي مرضيءَ سان شادي ڪندا آهيو يا پنهنجي مرضيءَ سان؟“

”مائٽن جي مرضيءَ سان.“

”شاديءَ کان اڳ پنهنجي ٿيڻ واري ونيءَ کي ڏسندا آهيو ته سهڻي آهي يا نه؟“

”سونهن جي معاملي ۾ اسان کي پنهنجي پيئرن ۽ مائرن جي ذوق تي اعتبار ۽ اعتماد ڪرڻو پوندو آهي.“

”جنهن کي ماءُ يا پيءُ نه هجي ته پوءِ؟“

”پوءِ پاڇائي.“

”جي پاڇائي ڏير کان ناراض هوندي پوءِ ته ڪا ٻيڙي زال چنبڙائيندي هوندس.“

سان کلي ويٺس. سوزي سون ڪان ڳالهيون پڇندي رهي—اسان جي ريتن رسمن، رهڻيءَ ڪهڻيءَ، ادب ۽ آرٽ جون ڳالهيون. ۽ مان ڪجهه ڪوڙا ۽ ڪجهه سچا جواب ڏيندو رهيس.

”تون سنڌو ماتر جي پراڻي تهذيب جا کنڊر ڏٺا آهن؟“

”مان ته جڏهن به اداس ٿيندو آهيان تڏهن انهن کنڊرن تي ويندو آهيان.“

”جڏهن انهن کنڊرن تي ويندو آهين تــه ڇا محسوس ڪندو آهين ؟“

”موهن جي دڙي کي ڏسي وقت جي دئيت کان دل دهلجي

ويندي آهي سوچيندو آهيان ته هتي به اسان جهڙا انسان رهندا هوندا. هنن به اسان جيان محبتون ۽ نفرتون ڪيون هونديون. ڏاڍ ۽ ڏهڪاءَ جي جاندڙ هنن ڪي به اسان جيان پيڙيو هوندو. ڪي ارڏا اڙٻنگ انياءَ سان اٽڪيا هوندا ۽ ڪنهن شاعر انسان جي ڀلائي جا خواب ڏٺا هوندا. اهي سڀ انسان ڪيڏانهن ويا. ڇا انسان جي سموري ڇڪتاڻ، هن هٿان ۽ شاعرن جي سمورن خوابن جو انجام هي ڪنڊر آهن.“

”شاعر آهين؟“

”نه.“

”ليکڪ آهين؟“

”ٻه چار ڪچيون ڦڪيون آ ڪهاڻيون لکيون اٿم.“

”پوءِ ته وڏو ماڻهو آهين.“

هن جي ڳالهه ٻڌي ڪل اچي ويم. پنهنجي ملڪ جا اهي سڀيئي شاعر ۽ ليکڪ ياد پيم جو ڪي قلم جا ڀالا هڻڻ ۽ ٽنبي، پنهنجن رت ڦڙن سان گل گونچ اپائيندا آهن ۽ انسان جي عظمت ۽ ڀلائيءَ جا گيت ۽ ڪهاڻيون لکندا آهن.

”ڪهڙي قسم جون ڪهاڻيون لکندو آهين؟“

”تو جهڙن حسين ڇوڪرن جون ڪهاڻيون لکندو آهيان. ۽ اهڙن مجبور ۽ محروم انسانن جون ڪهاڻيون لکندو آهيان جن جا خواب تو جهڙا حسين ۽ جوان هوندا آهن پر اهي خواب جوانيءَ ۾ ئي مري ويندا آهن.“

”ڪميونسٽ آهين؟“

”اپر چونسٽ آهيان.“

هوءَ کلڻ لڳي.

”پلا توکي اسانجي آسٽريليا پسند آئي؟“

”سٺو ملڪ آهي، باقي شهر سڀ هڪ ٻئي جو نقل ٿا لڳن.“

”ان جو سبب اهو آهي جو اسان جا شهر تاريخ جي سيني مان نه اسريا آهن. انڪري اسان جي ڪنهن به شهر جي ڪا الڳ شخصيت ناهي، ڪنهن به شهر جي تصور سان ڪو داستان، ڪو رومان ذهن ۾ نٿو اچي. ان ڪميءَ کي دور ڪرڻ لاءِ اسان شهرن جا نالا آسٽريلياجي اصلوڪن رهاڪن جي ٻوليءَ جا رکيا آهن. پر صرف نالن سان ته شخصيت ڪانه ٺهي آهي. اوهان جا شهر تاريخ ۽ فطرت جي سيني مان اٿين اسريا آهن جيئن جهنگ اسرندو آهي. انڪري اوهانجي ملڪ ۾ شهرن کي پنهنجي پنهنجي شخصيت آهي.“

”شهرن ڪانسواءِ مونکي ته هتان جا ماڻهو به هڪٻئي جو نقل ٿا لڳن.“

”ماڻهو ته واقعي هڪ ٻئي جو نقل آهن. ساڳيو لباس، ساڳيو رنگ، ساڳي ٻولي. تڏهين ته پڇيو هيومانءِ ته اسان جي بي رنگ تهذيب جي يڪسانيت ڪان اجهان بيزارڪونه ٿيو آهين. هاڻي ٻي ڳالهه ٻڌ. اڄ منهنجي هڪ ساهيڙيءَ پنهنجن دوستن کي پارٽي ڏني آهي. مونکي به سڏيو اٿس. مون تنهنجي ڳالهه ڪئيمانس ته چيائين ته توکي ضرور وٺي

اچان. سو جي هلين ته اتي هلي مانيءَ کائون."
"چونه هلندس."
"چڱو پلا ويهه ته مان هن کي فون ڪري اچان."
هوءَ فون ڪري آئي ۽ ٽائم ڏسندي چيائين.
"هينئر ساڍا اٺ ٿيا آهن. پاڻ نائين لڳي هتان هلنداسين. مون جڏهن پنهنجي ساهڙيءَ کي ٻڌايو ته تون به هلڻ لاءِ راضي ٿيو آهين ته هوءَ ڏاڍي خوش ٿي. اسان آسٽريليائي ٻين سان ملڻ لاءِ سڪندا آهيون. اسان جو ملڪ هڪ طرف آهي، سو ڏورانهين ملڪن جا ماڻهو مڙيئي گهٽ ايندا آهن. اتي هلي ڏسجانءِ ته تنهنجي ڪيتري نه عزت ٿي ڪئي وڃي. منهنجي ساهيڙي تو جهڙي ڪا مشهور ۽ دولتمند عورت نه آهي پر مون جهڙي هڪڙي گمنام ۽ عام ڇوڪري آهي. تو جهڙي وڏي ماڻهوءَ سان ملندي ته خوش ٿيندي."
مَن هر گهڙيءَ مونکي وڏو ماڻهو ٿي سڏيو، ڇاڪاڻ جو مون کيس ٻڌايو هو ته مان ليکڪ آهيان. ڇا ليکڪ به وڏا ماڻهو ٿيندا آهن! ڏٺڙيل، ڏڪاريل، پنهنجن خوابن جي ميتن تي روئيندڙ ليکڪ ڪيئن وڏا ماڻهو ٿي سگهن ٿا.
اوچتو هال جون بتيون وسامي ويون ۽ سامهون اسٽيج تي تيز روشني وارا بلب ٻرڻ لڳا ۽ ٻه چار عورتون ۽ مرد ساز وڄائڻ ۽ نچڻ لڳا. مون سوزيءَ کي ڪن ۾ چيو.
"هوٽل وارن کي مهٽن ڇوڪرين کي اندر اچڻ جي اجازت نه ڏيڻ گهرجي."
"ڇو؟"

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

”انکري جو سندن بتين وسائڻ جو مقصد فوت ٿـي وڃي ٿو.“

”ڪيئن؟“

”ڏس ني هنن بتيون وسائي ڇڏيون آهن ته جيئن هال ۾ اونده ٿي وڃي پر تنهنجي چهري جـي نور ۾ سارو هال پيو جرڪي.“

هوءَ کلي ويئي ۽ چيائين.

”توکي عورت سان، گفتگو ڪرڻ جو ڍنگ اچي ٿو جي هن پارٽيءَ ۾ ڇوڪرين کـي اهڙيون ڳالهيون ٻڌائيءَ ته پڇائي ويندءَ.“

هينئر اسٽيج تـي ساز تيز ٿـي ويا ۽ ٻه چار عورتون ۽ مرد سازن جي تيز لئي تـي نچڻ لڳا. هـال ۾ ويٺل ماڻهو بي اختيار ٿي تاڙيون وڄائڻ لڳا.

”ڪيئن اسانجو مغربي ناچ پسند اچيئي ٿو؟“

”مونکي ته ائين ٿو محسوس ٿئي ڄڻ سڀني کي ماليخوليا ٿي پيئي آهي يا ڪين ڏينهو پيا ڏنگ هڻن.“

ٿوري دير تائين اسان اهـو ماليخوليا وارو ناچ ڏسندا رهياسين ۽ پوءِ جڏهن نو وڳا ته اٿياسين.

سوزيءَ جي ساهيڙيءَ جي گهر ۾ گهڙياسين ته هن ڏاڍي سڪ سان اسانجو آدرڀاءُ ڪيو. سوزي اسانجو تعارف ڪرايو ۽ مونکي خبر پئي ته هن جو نالو ايليس آهي. ايليس چڱي سهڻي ڇوڪري آهي، پر سوزيءَ جي سامهون سندس سونهن مونکي متاثر نه ڪيو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

”ايليس. احمد پنهنجي ٻوليءَ ۾ جوليڪ ٻه اٿيئي، پنهنجي ملڪ موٽندو ته آسٽريليا جي پس منظر ۾ ڪهاڻيون لکندو، سو هن ڪان مڙيءِ ۾ ٻپ ڪجانءِ ته ڪٿي پاڪستاني پڙهندڙن ۾ بدنام نه ڪريئي.“

”ٻوءِ ته احمد خطرناڪ ماڻهو ٿيو. هاڻي هلو، پنهنجا پنهنجا گلاس کڻو ته احمد جو مهمانن سان تعارف ڪرايان. مون سڀني مهمانن کي ٻڌائي ڇڏيو آهي ته اڄ اسانجو هڪڙو پاڪستاني دوست ٻه اچڻو آهي، سو سڀئي احمد جا منظر آهن.“

اسان پنهنجا پنهنجا گلاس کنيا ۽ ايليس اسان کي هڪڙي وڏي هال ۾ وٺي آئي. هال ۾ هلڪي هلڪي اونده ڇانيل هئي، مڌم سرن ۾ سازن جا ريڪارڊ وڄي رهيا هئا ۽ عورتون ۽ مرد ننڍن ننڍن ٽولن ۾ بيٺا ڳالهيون ڪري رهيا هئا. سوزيءَ ته چيو هو ته ايليس عام ۽ غريب عورت آهي. پر هن وٽ ڪهڙي شيءِ جي ڪمي هئي. ڪار، ٽيليفون، ٽيليويزن، پيانو، فرنيچر، قالين. سندس گهر اهڙو ته سينگاريل هو جو اسانجي ملڪ ۾ ڪنهن رشوتي سي-ايس-پي آفيسر جو گهر به اهڙو سينگاريل نه هوندو. اچي ۽ ڪاري غربت ۾ به ڪيترو نه فرق آهي!

”خواتين و حضرات،“ ايليس اعلان ڪندي چيو، ”مان ڏاڍي فخر سان پنهنجي غير ملڪي مهمان احمد جو اوهان سان تعارف ڪرايان ٿي. اچو ته اسان پنهنجي پاڪستاني دوست جي صحت جو جام پيون.“ سڀني مهمانن

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پنهنجا پنهنجا گلاس هوا ۾ لهرايا ۽ چپن تي چاڙهي پيئڻ لڳا.“

سان هڪڙو گمنام ۽ بي‌نشان ليکڪ اڄ ڪٿي اچي نڪتو هوس. ڇا اهو مان ٿي هوس، جنهن جي هڪ پاسي سوزي ويٺي هئي ۽ ٻئي پاسي ايليس ۽ جنهن لاءِ هيڏا سارا اچا مهذب ماڻهو، امانجا اکوٽا حاڪم، هاڻي جا رزاق، ڪارن لاءِ ڪوريا ۽ ويٽ‌نام ۾ وڙهندڙ اڇا مهذب ماڻهو، جام خالي ڪري رهيا هئا.

”مهربان،“ ايليس جو آواز گونجيو، ”مان اوهان کي خبردار ڪريان ٿي ته احمد ليکڪ آهي سو هن سان خيال سان هلجو ته ڪٿي سندس قلم جو شڪار نه ٿي وڃو.“

ٿورڙي دير ۾ مان مهمانن جي گهيري ۾ هئس، هر ڪنهن پنهنجو تعارف ٿي ڪرايو. پوءِ ته سوالن جا سلسلا شروع ٿي ويا.

”پاڪستان ڪٿي آهي؟“

(دنيا جي نقشي تي)

”هينئر به اتي راجا مهاراجا آهن؟“

(سڀ ڪجهه ساڳيو آهي رڳا نالا بدلجي ويا آهن.)

”پاڪستان جي آدم شماري ڪيتري آهي؟“

(اسانجو سفارت‌خانو ڇا ٿو ڪري!)

”پتو آهي آمريڪا اوهان کي ڏاڍي مالي مدد ڏيندي آهي؟“

(ها. هينئر اسان آمريڪا کي ايسٽ انڊيا ڪمپني ڪوٺڻ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جي اجازت ”ڏني“ آهي).

اوهان جا چين سان تعلقات ڇو آهن؟“

(ڇو نه هجن)

هڪڙي عورت، جو ڪا هند و پاڪ جي تاريخ سان واقف ٿي لڳي، تنهن پڇيو.

”هندستانين ۽ پاڪستانين ۾ ڪهڙو فرق آهي؟“

”محترمه، هونءَ ته اسان ۾ ۽ هندستانين ۾ ڪهڙو به فرق آهي، پر مان اوهان کي هڪڙو معمولي فرق ٿو ٻڌايان. هندستان ۾ شيوا جي نالي هڪڙو تاريخي شخص ٿي گذريو آهي. هندستاني هن کي پنهنجو قومي هيرو سمجهندا آهن پر اسين کيس ڦورو ۽ باغي.“

هن منهنجي ڳالهه نه سمجهي سو وري پڇيائين.

”ڀلا اوهان جدا ملڪ جي گهر ڇو ڪئي؟“

”اوهان اسپين جي تاريخ پڙهي آهي. اسپين ۾ ڪئي صديون مسلمان حڪومت ڪندا رهيا پر اڄ اتي هڪ به مسلمان ڪونهي. اسان تاريخ کان ٿي ڊناسين ته ڪٿي تاريخ هندستان ۾ به پنهنجو پاڻ کي نه دهرائي. ان ڪري اسان هڪ جدا ملڪ جي گهر ڪئي.“

”اوهان هڪ يا ڏيڍ صديءَ تائين انگريزن جا غلام رهيا آهيو ڇا انگريزن اوهان کي مهذب بڻايو؟“ ان سا ڳي عورت سوال ڪيو. سندس سوال تير وانگر منهنجي هانءَ ۾ وڃي ڪتو.

”جي تهذيب ريل گاڏي، ٽيليفون ۽ ريڊيو جهڙي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

شين جي ايجاد جو نالو آهي ته پوءِ مان اعتراف ڪندس ته انگريزن اسان کي واقعي مهذب بڻايو. پر جي تهذيب ڪنهن قوم جي روحاني، جذباتي ۽ جمالياتي تجربن جي گڏيل اظهار جو نالو آهي، ته پوءِ مان چوندس ته اسان هنن کي مهذب بڻايو. محترم، اسان ڪارن ڪان اوهان رڳو ڪالهه ۾ اگهتي آهيو ته اوهان اسان کان اڳ تباهه ڪندڙ هٿيار ايجاد ڪيا، نه ته، نه هندو ۽ پاڪ ڪنڌ غلام ٿئي ها، نه هيروشيما تباهه ٿئي ها ۽ نه اوهان آسٽريليا جي اصلوڪن رهاڪن کي سندن ٿي وطن ۾ جلاوطن ڪري هتي اچي آباد ٿيو ها.“

منهنجو جواب ٻڌي سڀ خاموش ٿي ويا. ماحول تي تلخ خاموشي ڇانئجي وئي. آخر هڪڙي نوجوان خاموشي کي ٽوڙيندي چيو.

”اوهان سچ ٿا چئو ته يورپي ماڻهن سڀ کان اول تباهه ڪندڙ هٿيار ايجاد ڪيا ۽ اهڙيءَ ريت هنن ايشيا کي غلام بڻايو. پر جي اوهان ايشيائي اسان کان اڳ اهڙا هٿيار ايجاد ڪيو ها، ته ڇا اوهان اسان کي غلام نه بڻايو ها؟ اها سڀ تاريخ جي هڪ ٻوٽ راند آهي، نه ته بنيادي طرح سان ڪير ڪنهن کان برتر ڪونهي. ويهين صدي ته بين الاقواميت جي صدي آهي. ڪارن ۽ اڇن جي عالمي برادريءَ جي صدي آهي. اوهان هتي اچي ڏٺو هوندو ته اسان آسٽريليائي رنگ جي مت ڀيد کان متاوان آهيون.“

واقعي ويهين صدي اڇن ۽ ڪارن جي عالمي برادريءَ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جي صدي آهي، تڏهن ته آسٽريليا ۽ آمريڪا جا اڇا سپاهي پنهنجو گهر ٻار ڇڏي ويٽ نام جي جهنگن ۾ ڪارن سان ڪلهو ڪلهي سان ملائي وڙهي رهيا آهن. هن نئي صديءَ ۾ مون آسٽريليا جي اصلوڪن ڪارن کي پنهنجي رنگ کان شرمسار، ڪنڌ جهڪائي، سڊنيءَ جي سڙڪن تي گهمندو ڏٺو آهي. مون سندن نيائين جهڙن نمائن نيڻن ۾ صدين جا سور ۽ اڻ پورين آرزوئن جا ناسور ڏٺا آهن. ڏاڍ ۽ ڏهڪاءَ سان چيپاٽيل روحن جون ريهون ٻڌيون آهن. اڄ به هنن کي مٿي لڪائڻ لاءِ اجهو ۽ انگ ڍڪڻ لاءِ لٽو ڪونهي. ها مون ڏٺو آهي ته آسٽريليائي رنگ جي مت پيد کان مٿاوان آهن تڏهن ته مون ڪاري جي صحت لاءِ جام خالي ڪيا پيا وڃن ۽ مون کي هيڏي عزت ۽ سڪ ڏني پئي وڃي. پر ايڏي عزت ۽ سڪ جي باوجود مان هتان جو شهري ته ٺهو سگهان ڇاڪاڻ جو مان ڪارو آهيان ۽ آسٽريليا جو هيڏو سارو کنڊ صرف چند اڇن لاءِ آهي.

”منهنجي هڪڙي پاڪستاني شاعر دوست ٻڌايو هو ته آسٽريليائي ڪارن کان نفرت ڪندا آهن پر هتي اچي خبر پيم ته هو ڪوڙو هو. ان ڪري جو آسٽريليائي ته پاڻ ڪارن سان پيار ٿا ڪن.“

”تنهنجو اهو شاعر دوست پڪ ڪميونسٽ هوندو،“ هڪڙي سهڻي ڇوڪريءَ چيو. مون کي ڳالهه اچي ويئي.

”منهنجي مڙڙي سهڻي يورپي ڳڏي. تنهنجن نازڪ ۽ سهڻن چپڙن تي ڪميونزم جهڙو اگرو ۽ قبيح لفظ ٺهڻو ٿو آهي.“

مون هيڏانهن هوڏانهن نهاري ٻرندڙ چهرن ۽ ٻرڪندڙ جسمن ۾ سوزيءَ کي ڳوليو. هوءَ پريان ٻانو کي ٽيڪ ڏيئي ايليس سان ڳالهيون ڪري رهي هئي. مون ٿي ڏسي مرڪي ۽ اشاري سان چيائين.

”ڏاڍو سٺو پيو وڃين!“

مان ڳوڙ مان پاڻ بچائي سوزيءَ ڏانهن وڌيس ته ايليس هن جي ڪن ۾ ڪا ڳالهه ڪئي. ويجهو ويس ته سوزيءَ چيو.

”خبر اٿئي ايليس ڇا ٿي چوي. چوي ٿي ته يا ته تون ڏاڍو عيار آهين يــا ڏاڍو معصوم. ان ڪري جو هر وقت کلندو ٿو رهين.“

”منهنجي خيال ۾ ايليس جي پوئين ڳالهه صحيح آهي ته مان ڏاڍو معصوم آهيان. مان اوهان کي پنهنجي هر وقت مرڪڻ جو سبب ٻڌايان ٿو. گهڻو وقت ٿيندو مون ’کلٽو‘ نالي هڪڙو ناول پڙهيو هو. ناول جي هيرو کي ننڍپڻ ۾ ڪي بدمعاش کڻي ٿا وڃن ۽ سندس چپن جي اهڙي ريت ته آپريشن ٿا ڪرائين جو هو هر وقت کلندو ٿو رهي. وڏو ٿئي ٿو ۽ زندگيءَ جي عذابن ۾ سندس دل دانهن ٿي ڪري پر سندس چپ کلندا ٿا رهن. مان به اهڙو ئي کلٽو آهيان.“

رات جو جڏهن پارٽي ختم ٿي ۽ سيئي مهمان هليا ويا تڏهن ايليس مون کي ۽ سوزيءَ کي پنهنجي ڪار ۾ پنهنجي پنهنجي جاءِ تي ڇڏي وئي. اچڻ سان پلنگ تــي ليٽيس ته اهڙي ته ننڊ ڪئي ويم جو منجهند جـو ٻارهين لڳي جاڳيو آهيان ۽ ٻوڏانهن هـي خط لکي رهيو آهيان. وڌيڪ احوال

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٻئي خط ۾ لکندو سان۔ في الحال موڪلائي، جو سٽين لڳي آفيس پهچڻو اٿم.

سدائين تنهنجو
احمد

۵۰ پئسفڪ هوٽل،
سڊني.

ادا، رات جا ڏه ٿي لڳي رهيا آهن. سڊني رنديءَ جيان ٽڪي ٽٽي ۽ ساڙي تي پيئي آهي. سمنڊ رات جي ڪاري چادر تاڻي سمهي پيو آهي پر ڪيس ننڊ ڪٿي! مون وانگر پيو لڇي، ڦٿڪي ۽ تڙپي. الائي ڪهڙي يوناني ڊرامانويس چيو هو ته سمنڊ ڌرتيءَ جا ڦٽ ڌوئيندا آهن. پر سمنڊ ته پنهنجي ئي اندر جي لوڇ ۾ پيو لڇي ۽ ڦٿڪي، ڌرتي ۽ ڌرتيءَ جي ٻچڙن جا ڦٽ پيا چڪن.

منهنجي پهرين خط ۽ هن خط جي وچ ۾ جيڪا وڇوٽي آهي، تنهن ۾ ڏاڍا عجيب واقعا پيش آيا آهن. اهو ايترڙو عرصو، منهنجي ۽ سوزيءَ جي وچ ۾ مشرق ۽ مغرب جي فاصلن جيان حائل ٿي ويو آهي. ويجهڙائي ڪيئن دوري بڻجي وڃي ٿي. ساهه ڪان ويجها سڀرين ڪيئن اوپرا ۽ اڻڄاڻ ٿي وڃن ٿا. ڇا سڀيئي انساني ناتا رشتا وقت جي ا ڪ ٻوٽ راند آهن؟

ان ڏينهن توکي خط لکي آفيس ويس، واندو ٿيس ته ... لئبرريءَ ۾ وڃي پهتس. موڪ ڪي ڏسڻ سان سوزيءَ

جي چپڙن تي مرڪ ڦهلجي وئي.

”ڪلثا انسان. تنهنجي مرڪ ڏاڍي وچڙندڙ بيماري آهي. هڪ ڏينهن توسان گذاريو اٿم ته مون کي به اها بيماري وئي وئي آهي. هر وقت تي مرڪندي وتان. ڀلا ٻڌاءِ راتوڪي پارٽي پسند آئيءِ؟“

”ڏاڍي پسند آئي.“

”اچوڪي پارٽي راتوڪيءَ کان به وڌيڪ پسند ايندءِ.“

”اڄ به ڪنهن پارٽيءَ ۾ هلڻو آهي ڇا؟“

”صفادڪو ويساروآهين. راتوڪي ڳالهه به ياد ڪانهئي.“

اصل ۾ رات ايترن ماڻهن ته دعوتون ڏنيون جو ياد ئي نه رهيم ته ڪهن ڪنهن دعوت ڏني آهي.“

”رات جنهن خوبصورت عورت پنهنجي تواريخ داني ڏيکارڻ لاءِ توکان اجايا سجايا سوال تي ڪيا، تنهن اڄ پارٽيءَ ۾ سڏايو آهي. منهجي ته رات واقف ٿي آهي باقي ايليس جي سو پراڻي ساهيڙي آهي. اسان مغربي عورتون غير ملڪين سان دوستي پيدا ڪرڻ ۾ ڏاڍو فخر محسوس ڪنديون آهيون. تون ستين لڳي مون وٽ اچجانءِ ته پوءِ اوڏانهن هلنداسين. ايليس به مون وٽ پهچي ويندي. چڱو پوءِ ملنداسين. في الحال خدا حافظ.“

مان جڏهن سوزيءَ جي فليٽ تي پهتس ته هو ٻئي منهنجو انتظار ڪري رهيون هيون. اسان ايليس جي ڪار ۾ سندس ساهيڙيءَ جي گهر پهتاسين هيءَ پارٽي به راتوڪي پارٽيءَ جو نقل ٿي لڳي. ساڳيا ڏنگيندڙ، جلندڙ، جلائيندڙ

ڇليل بادامن جهڙا بدن. پاڪستان بابت ابتا سبتا سوال ۽ منهنجا ڪجهه ڪوڙا ۽ ڪجهه سچا جواب. ساڻ پنهنجو پاڻ کي ڪيترو نه اهم سمجهي رهيو هوس. هيءَ ساري پارٽي، پارٽيءَ جي ساري رونق، مسڪراهٽون، ٽهڪڙا ۽ سرگوشيون منهنجي ڪري هيون. مان مهمانن جي هجوم ۾ ويٺو هوس ۽ سڀئي مون کان سوال پڇي رهيا هئا. اوچتو هال ۾ تيز ساز گونجڻ لڳا. اسان سڀني ڪنڌ ڦيري ڏٺو. پريان سوزي هڪڙي نوجوان سان نچي رهي هئي. ٻنهي جون اکيون هڪٻئي ۾ کتل هيون ۽ ٻئي سازن جي تيز لئي تي، پير زمين تي هڻي چپٽيون وڄائي نچي رهيا هئا. سوزيءَ جو انگ انگ، سنڌ سنڌ، لونءَ لونءَ تي ٽڙڪي، ڦڙڪي ۽ ڦتڪي، جهڙو پارو. سندس پور پور مان مستي، وحشي، چري ۽ چتي جواني ٿي ڇلڪي. چانڊاڻ جهڙن وارن جون چمڪندڙ ڇڳون سندس ويڪري ۽ روشن پيشانيءَ تي پريشان هيون ۽ هوءَ انهن ڇڳن مان ان نوجوان کي گهوري نچي رهي هئي. سندس نيرن نيڻن ۾ شراب ۽ جوانيءَ جي مستي هئي. هوءَ ڪيتري نه خوش ٿي لڳي. سندس وچ جيان وراڪا ڏيندڙ بدن، ڳاڙهاڻ مائل نيريون اکيون ۽ پيشانيءَ تي پريشان ڇڳون ڪهڙيون نه موهيون هيون. پر منهنجي دل ڇو پئي وسامندي وڃي. خوشين جو جوڀن ڇو پيو لهو وڃي. پاڻ سنڀال اي دل! تنهنجي ۽ هن جي وچ ۾ ٻن ڏينهن جي آشنائي ڪانسواءِ ٻيو رشتو به ڪهڙو آهي .... پر ڪير ٿو چئي ته هن جي ۽ منهنجي وچ ۾ صرف ٻن ڏينهن جي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آشنائي جو رستو آهي. مان ته هن کي صدين کان سڃاڻان.
اهي چانڊاڻ جهڙا چمڪندڙ وار صدين کان منهنجي هنج ۾ لهرايا آهن. انهن نيرين اکڙين جي اٿاه اونهاين ۾ پڏي مون زندگيءَ جا سمورا اسرار ۽ گجهه سليا آهن. سندس سنڌ سنڌ منهنجي سونهون آهي .... اوچتو ساز چوٽ تي پهچي بند ٿي ويا ۽ سوزي ٺهڪڙا ڏيندي، ساڏي ٿي اچي ديـوان تي ڪري. جيتري دير پارٽي هلي سوزي پيئندي، نچندي، ٽلندي رهي. هن مون سان ڳالهايو به ڪونه. ڄڻ مون کي سڃاڻي ئي ڪانه، ڄڻ منهنجو وجود ئي ڪونه هو. جڏهن پارٽي ختم ٿي ته هوءَ مونکان موڪلائڻ کانسواءِ ان نوجوان سان ڪار تي هلي ويئي، مان ايليس جـي ڪار ۾ پنهنجي هوٽل ۾ موٽي آيس. واٽ تي ايليس مون سان سوزيءَ جي ڪا ڳالهه نه ڇيڙي. هيڏانهن هوڏانهن جون ڳالهيون ڪندي رهي ڄڻ منهنجي دل تي بهلايائين. موڪلائڻ مهل جڏهن مون مرڪي کيس خدا حافظ چيو ته چيائين.

”تون واقعي ان ناول جي هيرو جهڙو ڪلڻو آهين.“

پلنگ تي ليٽيس ته ننڊ ئي نه اچيم، ڳڀا ٿي پاسا ورايم. پلنگ تي جهڙا ٽانڊا پيا هئا جن ۾ سارو تن ٿي تنور وانگر ٻجريـو. آخر سوزي مون سان اهڙي بـي رخيءَ سان ڇو پيش آئي هئي، ڪالهوڪي هڪ ئي ملاقات ۾ اسان هڪ ٻئي جي ڪيترو نـه ويجها اچي ويا هئاسين. پـر اوچتو ڏ... اوڇو، بنان ڪنهن سبب جي، هوءَ مون کان ڪيترو نه دور ٿي وئـي هئي. آخر ان دوري جو سبب ڇا هو، ڇـا مون

ڪا اهڙي ڳالهه ڪري وڏي هئي جيڪا فاصلو بڻجي اسان جي وچ ۾ حائل ٿي وئي هئي. جنهن نوجوان سان هوءَ نچي رهي هئي سو کهڙو نه حسين ۽ جوان هو. مون ٽپ ڏيئي بتي ٻاري ۽ آئيني ۾ پاڻ کي ڏسڻ لڳس مان به ڪو شڪل جو بچڙو ته ڪونه آهيان. پر مان ته ’ڪارو‘ ايشيائي آهيان. شايد منهنجو رنگ ئي سوزيءَ جي اهڙي ورتاءَ جو سبب بڻيو آهي نه ته .... اهو منهجو احساس ڪمتري آهي. هن جي دل ۽ دماغ تي شراب جو نشو اهڙو ته چڙهي ويو هو جو ان وقت هن پنهنجو پاڻ کي به ڪونه تي سجاتو. ان خيال مڙيئي هانءَ تي ٿورو ڇنڊو هنيون ۽ مان پلنگ تي اچي ليٽيس. پر وري اندر ۾ باه جا پيڙ پڙڪي پيا. هينئر سوزي ان نوجوان سان هوندي. سندس زلفون هينئر ان نوجوان جي هنج ۾ پکڙيل هونديون. سندس سنڌ سنڌ گرم هٿن جي ڇهاءَ سان ڦٿڪندو ۽ ٽڙڪندو هوندو .... ساري رات ائين جلندو رهيس. صبح جو آفيس ويس ته سوزيءَ سان ڪونه مليس.

ادا، توکي ياد هوندو. گهڻو وقت اڳ مون توڏانهن لکيو هو ته مون سان گڏ گهانا ۽ فلپين جا به ڇوڪرا به ٽريننگ وٺي رهيا آهن. فلپينو جو نالو جاني آهي ۽ گهانا واري ڇوڪري جو نالو جم آهي. جيتوڻيڪ آسٽريلياٽي اسان غير ملڪي ڪارن سان ڏاڍو سٺو سلوڪ ڪري رهيا آهن پر ته به الائي ڇو اسان ڪارن کي پنهنجو پاڻ ۾ جيڪو پهنجائپ جو احساس ٿو ٿئي سو آسٽريلياٽي اچن مان نٿو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٿئي. شايد ان ڪري جو اڄ اسان حي مُرڻ ۽ ڪراين تي غلامي جي زنجيرن جا زخم تازا آهن. ۽ انهن زخمن جي رشتي اسان کي هڪ ٿي ڪٽنب جو ڀاتي بڻائي ڇڏيو آهي. نه ته ڪٿي گهانا، ڪٿي فلپين ۽ ڪٿي پاڪستان. ان ڏينهن جيئن ته مان سوزيءَ سان ڪونه مليو هوس انڪري شام جو هن سان ڪو پروگرام ڪونه هو. مون جاني ۽ جم کي پاڻ وٽ سڏايو، شام جو هو آيا ۽ اسان ويٺا پي رهيا هئاسين جو اوچتو در کڙڪيو. مون اٿي در کوليو ته حيرت ۾ وات ٽي پٽجي ويم. سامهون سوزي ۽ ايلس بيٺيون مرڪي رهيون هيون.

”حيران ڇو ٿو ٿين. اسان اهو ڏسڻ آيا آهيون ته راتوڪو ڏک سهسايو اٿئي يا اڃان نه“ ايلس چيو. سوزي کلڻ لڳي. مون هنن کي اندر آڻي وهاريو ۽ جاني ۽ جم سان تعارف ڪرايو مان. هو پاڻ ۾ ڳالهائڻ لڳا ۽ مون يڪدم هنن لاءِ گلاس تيار ڪري ورتا، ايلس مان ڪري پي رهي هئي ۽ سوزي ڏاڍي دلچسپيءَ سان هنن کان سندن ملڪ بابت سوال پڇي رهي هئي. ساڳيا سوال هن مون کان به پڇيا هئا. تڏهين به هن جي چهري تي اهڙي ئي ٻاراڻي حيرت ڇانيل هئي. ڇا هن جو مونسان تعلق محض هڪڙي اجنبي ملڪ مان آيل اجنبي انسان ۾ قدرتي طور پيدا ٿيندڙ دلچسپي هئي. مون يڪدم گهيٽ ڏيئي گلاس خالي ڪري ڇڏيو. سوزي هنن سان ڳالهائيندي رهي ۽ مان گلاس تي گلاس خالي ڪندو رهيس. هينئر سيني جي اڪين تي مڏ جا

ڪيپ چڙهڻ لڳا. سوزي جي اکڙين ۾ ڳاڙهاڻ ترڻ لڳي. هن آٽي ريڊيو آن ڪيو، ريڊيو تي ساز وڄڻ لڳا. سوزي مون کي ٻانهن کان اچي جهليو.

”اُٿ ته نچون.“

”مان نچڻ ڪونه ڄاڻان.“

”تون اُٿ ته سهي مان پاڻهي سيکاريانءِ ٿي.“

مان اٿيس ۽ ٻئي سندس چيتي جهڙي چيلهه جي چوڌاري ورائي، ڪيس سيني سان لائي، سازن جي هر آهنگي ۾ قدم اکٽي ۽ پٺتي کڻڻ لڳس. هوءَ منهنجي ڪيترو تـه ويجهو هئي. انگ انگ تي مون کي ڇهيو.

”ڪلٿا انسان. اڄ اٿين خاموش ڇو آهين؟“

”پهريون دفعو تو کي ايتري ويجهڙائي کان ڏٺو اٿم ۽ تنهنجو حسن ڏسي حيران آهيان.“

”تنهنجون ڳالهيون ڏاڍيون رومانوي ٿينديون آهن.“

”سوزي تون ڏاڍي حسين آهين.“

”مهرباني.“

”تو کي ته ايشيا ۾ پيدا ٿيڻ کهربو هو.“

”ايشيا ۾ پئدا ٿيان ها ته هينئر ڪنهن پاڪستاني جي حرم ۾ هجان ها ۽ ڪوٺي ۾ بند هجان ها. جيئڻ جو مقصد آزادي آهي، ۽ ويچاري ايشيائي عورت کي ڪهڙي خبر ته آزادي ڇا آهي.“

”پر آزادي جون به ڪي حدون هونديون آهن.“

”مان ڪنهن حد جي قائل نه آهيان.“

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مان مات ٿي ويس.

”سوزي توکي خبر آهي تہ منهنجي ٽريننگ جو وقت ختم ٿيڻ وارو آهي ۽ مان جلد ئي توکي ۽ تنهنجي ملڪ کي ڇڏي هليو ويندس.“

”منهنجا ڪلٽا خوبصورت نوجوانا زندگيءَ جي حقيقت صرف گذرندڙ گهڙي آهي. انڪري ايندڙ وقت جي بجاءِ هن گهڙي بابت سوچ، جيڪا ٿوري دير کان پوءِ مرده ماضي جو حصو بڻجي ويندي.“

”مان ان وقت لاءِ ڪيئن نہ سوچيان جڏهن مان تو کان هميشه لاءِ جدا ٿي ويندس. سوزي مون کي توسان محبت آهي.“

منهنجي ڳالهہ ٻڌي هوءَ کلڻ لڳي.

”توکي مون سان محبت آهي؟“ هن پڇيو

”ها، سوزي مون کي توسان محبت آهي.“

هوءَ وري کلڻ لڳي.

”اسان جي ملاقات کي ٻہ ٽيا ٽي ڏينهن ٿيا آهن. پوءِ مون کي ائين ٿو لڳي ڄڻ مان توکي صدين کان سڃاڻان. ڇا توکي مون سان محبت ڪانهي؟“

”ڇڱي نٿي سگهان.“ هن ڏاڍي بي نيازي سان جواب ڏنو.

”چوندا جو آهن تہ محبت محبت کي پيدا ڪندي آهي.“

”اها صرف چوڻي آهي، جنهن جو حقيقي زندگيءَ سان ڪو واسطو ڪونهي.“

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هن جا جواب ٻڌي ائين محسوس ٿيڻ لڳم ڄڻ عرش تان ڪلٽيون ڪائيندو فرش تي اچي ڪريو آهيان. ٽڪرا ٽڪرا ٿي ويو آهيان. ڇتجي ويو آهيان.

ريڊيو تان رڪارڊ پورو ٿيو. مان ۽ سوزي پنهنجي پنهنجي جاءِ تي اچي ويٺاسين. ٿوري دير سِي گذري ته ريڊيو تي وري ٻيو رڪارڊ وڄڻ لڳو. هن دفعي جم آئي سوزيءَ کي پاڻهن ڪان جهليو ۽ ڪيس نچڻ جي دعوت ڏنائين. ابليس مونکي نچڻ لاءِ چيو. مان نچي ته ابليس سان رهيو هوس پر اکيون سوزيءَ ۾ ڪتل هيم. جم هن جي چيله جي چوڌاري هٿ ورائي ڪيس سيني سان لائي نچي رهيو هو.

”ڏاڍو ڪو سڙيل آهين.“ ابليس. چيو.

”ڇا؟“ مون خيالن مان سجاڳ ٿيندي پڇيو.

”چوان ٿي ڏاڍو ڪو سڙيل آهين. نچي مونسان رهيو آهين پر اکيون سوزيءَ ۾ ڪتل اٿئي. ائين ڪري تون منهنجي توهين ڪري رهيو آهين.“

”ابليس تون ڏاڍي حسين آهين. مشرقي شاعرن جي خوابن کان به وڌيڪ حسين.“

”بڪواس بند ڪر. مونکي بيوقوف نه بڻاءِ. مونکي خبر آهي ته توتي سوزيءَ جو ڀوت سوار آهي. پر هڪڙي ڳالهه ٻڌاءِ ته چڱيانءِ نه سوزيءَ مان ڪجهه ڪونه ورندءِ. اجايو پاڇولي پٺيان ٻيو ڊوڙين. اوهان مشرقي جنهن عورت کي پسند ڪندا آهيو تنهن کي پنهنجي قبضي ۾ آڻڻ ۽ رکڻ چاهيندا آهيو پر سوزي قبضي ۾ اچڻ واري ڇوڪري

نہ آهي. هوءَ تہ آزاد پکيئڙو آهي، ڪنهن بہ رشتي جو بندڻ ڪيس قيد ڪري نٿو سگهي. ماءُ - پيءُ، مٽ مائٽ ڇڏي، انگلنڊ مان لڏي، هتي اڪيلي اچي رهي آهي. هتي دل نہ لڳس تہ آمريڪا يا ڪئناڊا ڏانهن هلي ويندي. هوءَ گهريلو قسم جي ڇوڪري نہ آهي.“

ايليس ڳالهائيندي رهي ۽ مان سوزيءَ ڏانهن ڏسندو رهيس. سوزيءَ تي شراب جو نشو چڙهي ويو هو ۽ هوءَ جم جي سيني تي مٿو رکي ٽڙنڊڙ قدمن سان نچي رهي هئي. جم هن جي ڪن ۾ ڪجهہ چيو ۽ هوءَ مرڪي ويئي. پوءِ جم آڪڙ سان سندس ڪلاڏيءَ کي مٿي کيو ۽ پنهنجا چپ هن جي چپن تي .... مون ست ڏيئي ايليس کان پاڻ ڇڏايو ۽ ٽپ ڏيئي جم جي ڳچيءَ کان جهليم. بئي هٿ سان سوزيءَ کي ڇڪي پري ڪيم ۽ در کولي جم کي ڌڪو ڏيئي در بند ڪري ڇڏيم. اهو سڀ ڪجهہ اک ڇنڀ ۾ ٿي ويو. سڀ حيران، هراسيل ۽ هيسيل نگاهن سان مون ڏانهن نهارڻ لڳا. اوچتو سوزيءَ جا تارا ڦاٽي ويا ۽ ڏاندڻ جيان پرڻ لڳا. نگاهہ ڦيري مونکي ڇماٽ وهائي ڪيائين.

”وحشي، جاهل، اڻ سڌريل. تون پاڻ کي سمجهين ڇا ٿو . مان تنهنجو حرم آهيان. زر خريد ٻانهي آهيان. مشرقي غلام عورت آهيان. مشرقي وحشي مونکي توکان نفرت آهي.“

هن ست ڏيئي در کوليو ۽ زور سان رڙ ڪيائين.

”جم.... جم بيهہ مان اچان ٿي.“

هن جو آواز دور ٿيندو ويو. مان اتيئي پنڊ پهڻ تي ويٺو رهيس ۽ ايتري به خبر ڪانه پيم ته ابليس ۽ جاني ڪهڙيءَ مهل هليا ويا.

ان رات مون هڪ منٽ لاءِ به اک نه ٻوٽي. ساري رات صوفي تي ليٽي سگريٽ پيئندو رهيس. مون 'مشرقي وحشيءَ' جو ڪجهه ڪيو هو تنهن لاءِ نه مون پاڻ کي ننديو ٿي ۽ نه ٿي ساراهيو ٿي. اهو سڀ ڪجهه مون غير شعوري طور ڪيو هو جنهن ۾ سوچ سمجهه ۽ ارادي کي ڪو دخل نه هو. ڪمري ۾ هر طرف ويراني ۽ تنهائي ڇانيل هئي. ٿوري دير اڳ ان ساڳي ڪمري ۾ سوزيءَ جي سونهن جي چانڊاڻ ڇمڪيل هئي، سندس ٽهڪڙن جا گل ٽي ٽڙيا پر هينئر هر طرف ويراني ۽ تنهائي ڦهليل هئي ۽ مان مات ڪري، بي سڌو ٿي سگريٽ پي رهيو هوس. وقت جي آڏو انسان ڪيترو نه هيچ ۽ حقير آهي ۽ وقت ڪيترو نه رحيم ۽ ڪيترو نه قهار آهي. هڪ گهڙي خوشين جي رم جهم ته ٻي گهڙي رڻ ۽ راڙو. هڪ ڳالهئين ته چڱو ٿيو جو اها ڪهاڻي اتيئي ختم ٿي وئي، نه ته اڙ. ڪهاڻي جو انجام الائي ڪهڙن ناسورن تي ٿئي ها. مونکي اڄ با سيائي وقت ۽ فاصلن جا اٿاهه ساگر اورانگي، هن ڀار پنهنجي ديس پهچڻو آهي. چڱو ٿيو جو محبت جي مڪڙي ٽڙڻ کان اڳ ٿي ڪومائجي وئي. جي اها مڪڙي ٽڙي ها ته پوءِ زخم به ٽڙن ها. مان هت زخم وٺي ته نه آيو آهيان، مان ته پنهنجي زخمن ۾ ڇورڇور ٿيل ديس کان پنهنجي هتي خوشيءَ جون به چار

کهڙيون کولڻ آيو آهيان. سوزي ۽ منهنجو ميلاپ ٿي ٻــ ڪيئن ٿــي سگهيو. مشرق ۽ مغرب بــ ڪڏهين مليا آهن. هــوءَ البيلي، ارڏي چنچل ۽ چلولي هئي، سندس سنڌ سنڌ وحشي جسماني مسرت جي مڏ لاءِ ازل کان اڃايل هو، ۽ مون مشرقيءَ سندس سونهن مان روحاني مسرت حاصل ڪرڻ ٿي چاهي. هوءَ آزاد فضائن ۾ آڏامندڙ پکيڙو هئي ۽ مون کيس محبت جي پڃري ۾ قيد ڪرڻ ٿــي چاهيو. چڱو ٿيو جو سڀ ڪجهہ ختم ٿي ويو.

صبح جو مان آفيس نہ ويس، سوزي ۽ جم ڪــي ڪيئن منهن ڏيکاري سگهان ها. سارو ڏينهن شهر جي سڙڪن تي رلندو رهيس. رستي تي لنگهندڙ عورتن مٿڙي ۽ مهربان مرڪ سان ٿي مون اجنبي ڏانهن نهاريو. مان بہ کهڙو نــہ چريو هوس جو رڃ پنيان رلي پنهنجو روح رتو چاڻ ڪيو هيم. هتي نہ وک وک تي جوانيءَ سان سرشار، چلڪندڙ ۽ اٿلون ڏيندڙ جسم هئا، جيڪي مون اڃايل مشرقي کي سڏي رهيا هئا. هڪڙي ڇوڪريءَ مــون ڏانهن نهاريو. مون بـــ هن ڏانهن نهاريو. ٿورو مرڪيس تہ هوءَ بہ مرڪي. ويجهو وڃي چيومانس.

”اجنبي اڃايل آهيان. پرائي شهر ۾ اڪيلو ٿــي پيو آهيان. ٿوري دير لاءِ ساٿ ڏينديئہ؟“

هن مرڪ سان هائوڪار ڪئي. هن کي وٺي اچي هڪڙي هوٽل ۾ وينس ۽ پيئڻ شروع ڪيوسين. مــون هنجي حسن جي تعريف ڪئي ۽ هوءَ پڪل ميوي جيان منهنجي جهول

۾ اچي ڪري. مان ڪيس پنهنجي ڪمري ۾ وٺي آيس. صبح جو جڏهين هوءَ هلي وئي ته وري سوزي ياد پيم. ڇا محبت ۾ جسم ڪانسواءِ به ڪا حقيقت آهي. منهنجو جسم تڪميل جي سرشاري ۾ ڏکي رهيو هو پر اندر ۾ آڻ تڻ هئي. جبم ڪانسواءِ بہ ڪهڙي تڪميل جي آنند مانڌ ۾ لوچ هيم. هينئر ان لوچ ۾ لڇندي توڏانهن هي خط لکي رهيو آهيان. وڌيڪ ڇا لکان، وڌيڪ ڪجهه لکيو نٿو ٿئيم.

سدائين تنهنجو

احمد

فلائٽ نمبر ١٣٠/١٥٤

قنتاس.

ادا، هي خط مان توکي هوائي جهاز مان لکي رهيو آهيان. اڄ مان هميشہ لاءِ سوزيءَ جي سڊني کي ڇڏي هانگ ڪانگ وڃي رهيو آهيان. اسانجو جهاز هينئر سڊني جي هوائي اڏي تان اڏاڻو آهي. مان آخري دفعو سڊني کي الوداع چوڻ لاءِ دريءَ جي شيشي مان هيٺ نهاريان ٿو ته ڪيئي ڇاڪ ڇڪي ٿا پون. يادن جا هشام دل جي ديار تي ڏوڪيندا ٿا اچن. مان اڪيلو ۽ يادن جو هيڏو هجوم! ادا، ويجهو اڄ نہ توسان اندر اوريان.

ان رات واري واقعي ڪالهوه مون بہ ڏينهن موڪل ورتي. ٽئين ڏينهن آفيس مان فون تي اطلاع مليو تہ مونکي

هفتي لاءِ ڪين برا ريڊيو اسٽيشن ڏانهن موڪليو ويو آهي ۽ مونکي هينئر جو هينئر هوائي اڏي تي پهچڻ گهرجي. مان ڏاڍو خوش ٿيس. ان عرصي ۾ مان سوزيءَ کي وساري سگهندس ۽ جم به ان رات واري واقعي کي وساري ڇڏيندو.

ڪين برا ۾ نون ماڻهن سان مليس. نوان هنگامان، نيون پارٽيون، نوان چهرا، نيون مسرتون. اڪ ڇنڀ ۾ هفتو گذري ويو. جڏهين سڊني واپس وريس ۽ پنهنجي ڪمري ۾ پير پاتم ته وري سوزي ياد پيم. هن جو ڏکوءِ لچڪندڙ قد، جوان جماڻ ۽ سرشار جسم، آسمان جهڙيون نيريون ۽ وشال اکيون، چانديءَ جهڙيون چمڪندڙ چڳون. پر ڇگو ٿيو جو سڀ ڪجهه ختم ٿي ويو.

مان سامان وغيره ٺاهي وهنجي سهنجي، صوفي تي ليٽي سگريٽ پي رهيو هوس ته ٽيليفون جي گهنٽي وڳي. اٿي رسيور کنيم.

”هلو.“

”ڇا مان احمد سان ڳالهائي رهي آهيان.“

”جي ها، مان احمد ڳالهائي رهيو آهيان.“

”هاءِ احمد مونکي نٿو سڃاڻين. مان سوزي آهيان.“

”سوزي تون!“ سون اچرج وچان پڇيو.

”پڇين ته اٿين ٿو جو مان انتقال ڪري وئي هيس ۽ هينئر اوچتو جيئري ٿي پئي آهيان. ڪيئن آهين ڪين برا ۾ وقت ڪيئن گذاريئه؟“

”ڏاڍو سٺو وقت گذريو. تون ڪيئن آهين.“

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

”مان پنهنجون خبرون پوءِ ڏيندي سان، پهرين اهو ٻڌائي ته اڄ شام ڪو پروگرام ته ڪونهي.“

”ڪو خاص پروگرام ته ڪونهي.“

”شام مونوٽ اڄ ته گڏجي ماني کائون. اڄ مان توکي هڪڙي Surprise ڏيندس. ضرور اچجانءِ چڱو خدا حافظ.“

سوزيءَ مونکي هڪ نئين مونجهاري ۾ وجهي ڇڏيو. ان رات ته سڀ ڪجهه ختم ٿي ويو هو. پوءِ هوءَ مونکي پاڻ وٽ ڇالاءِ سڏائي رهي هئي. هوءَ مونکي ڪهڙي Surprise ڏيندي. ڇا هن جي دل ۾ به محبت جاڳي پئي هئي. ڇا هن ان رات واري تلخيءَ کي دور ڪرڻ ٿي چاهيو، ته جيئن مان هميشه لاءِ پنهنجي ملڪ موٽي وڃان ته پاڻ سان هن جون ڪي تلخ يادون ساڻ کڻي نه وڃان.

شام جو مان سهي سنڀري هن وٽ ويس. در ڪڙڪايم. هن در کوليو. اڄ هوءَ پهرين کان به وڌيڪ حسين ٿي لڳي. سندس بدن تي ٻيڪيل ڪارو لباس، ڄڻ ڏينهن رات جو ميلاپ، ڄڻ اونده مان ٿڌڙ سوجهرو. مونکي ڏسي هوءَ ٽڙي پيئي.

”منهنجا ڪلٿا شاعر. اچي وڃين.“ هن اڳتي وڌي منهنجي ڇپن کي چميو: ”توکي هيترن ڏينهن کانپوءِ پاڻ وٽ ڏسي مونکي ڪيتري نه خوشي ٿي آهي. اوچتو ئي اوچتو هليو وئين. ٻڌائي به ڪونه. مون سمجهيو تون مونسان ملڻ لاءِ ايندين. پر ٿي ڏينهن گذري ويا تون نه آئين. تنهنجي آفيس مان وڃي پڇا ڪيم. ته خبر پئي ته تون ڪمن برا ويل آهين“

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هن جي ڳالهه ٻڌي منهنجي هانءَ جو ڪوماڻل ڪنول ٽڙي پيو. تڏهين هن ان رات واري واقعي کي وساري ڇڏيو هو ۽ ٻئي ڏينهن تي منهنجو انتظار به ڪيو هئائين. ملڻ ته مليو مالس ته آفيس مان منهنجي پٺيان به ڪيائين.

”اڄ منهنجو ڪمرو مهذب عورت جو ڪمرو ٿو لڳي. هر هڪ شيءِ ترتيب سان رکي اٿم. زندگي ۾ ترتيب ڪانهي ان ڪري ڪنهن شيءِ ۾ ترتيب ڪانهي. زندگي جنس ڪباڙيءَ جو دوڪان آهي. اڌوراڻا جذبا، اڌوراڻيون خوشيون. ڀلا تو کي منهنجا گل وڻن ٿا؟“ هن سامهون گلدانن ۾ رکيل رنگ برنگي گلن ڏانهن اشارو ڪندي چيو.

”نه. مونکي نٿا وڻن.“

”ڇو؟“

”انڪري جو تنهنجي اڳ سندن رنگ روپ ۽ خوشبوء ختم ٿي وئي آهي.“

”اوه احمد، تنهنجيون اهڙيون ڳالهيون ته ياد پونديون هيم.“

هن وسڪيءَ جو گلاس مونکي ڏنو ۽ پنهنجو گلاس منهنجي گلاس سان ٽڪرائيندي چيائين: ”پنهنجي ڪلاڪ شاعر جي سدا بهار مرڪ لاءِ.“

”پنهنجي سونهن پريءَ جي سدا بهار سونهن لاءِ.“

هن ڍڪ پريو ۽ چيائين: ”تنهنجي وچن ڪانپوءِ مون پاڪستان جي باري ۾ ڪتاب پڙهيا آهن. تون سڌو ماڻ جو رهاڪو آهين نه. ان ساڳي ماٽر ۾ حر به پيدا ٿيا هئا.“

حرن جو ناٽو ٻڌي منهنجي چپن تي مغرور مرڪ ڦهلجي وئي.

”توکي پنهنجي قوميت تي ڪيڏو نه غرور آهي. اوهان مشرقين جو ترقيءَ سان رشتو ڪيترو نه گهرو ۽ مضبوط آهي. ڀلا اهو ٻڌاءِ ته تون حر ته نه آهين؟“

”مان انهن ماڻهن مان آهيان جن حرن تي گوليون هلايون.“

”مون توکي چيو هيو ني ته مان توکي Surprise ڏيندس. مون تو لاءِ پاڪستاني طعام تيار ڪيا آهن ڇا ڇوندا آهن انهن طعامن کي. ويهه ته ٻڌايانءِ ٿي.“

هن پنهنجي ڊائري کولي ۽ يڪدم چيائين: ”پلاءُ ۽ شامي ڪباب.“

مان سندس اچارن تي کلي ويس.

”ڇو کلين ٿو. منهنجي اچارن تي ٿو کلين. اها ڪهڙي نه شرم جهڙي ڳالهه آهي جو اوهين ته اسان جي ٻولي ڳالهائي سگهو ٿا پر اسان اوهان جي ٻولي ڳالهائي نٿا سگهون.“

”مان تنهنجي ٻولي انگريزي ڳالهائي ٿو سگهان جو تنهنجي ٻولي منهنجي رزق جو وسيلو آهي. جي انگريزي پڙهيل نه هجان ها ته يا ته بک مران ها يا ڪنهن ننڍڙي ڳوٺ ۾ سنڌي ماستر هجان ها.“

”هاڻي اچ ته ماني کائون.“

اسان ماني کائڻ شروع ڪئي. هن واقعي سٺا پاڪستاني

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

طعام پچايا هئا. مون ڪاڏي جي تعريف ڪندي چيو.
”ائين ٿو لڳيم ڄڻ پنهنجي گهر جي ماني کائي رهيو آهيان .“
ڪاڏي جي تعريف ٻڌي هوءَ ڏاڍي خوش ٿي ۽ جيئن ئي خوشيءَ وچان پلاءَ جو ڪره ڪنيائين ته اچي ڪنگهه ورتس. نڪ ۽ اکين مان پاڻي وهڻ لڳس ۽ سارو منهن ڳاڙهو ٿي ويس.
”هائي مرچ.“ هن هيسيل دانهن ڪئي ۽ هڪ ئي ڪيٽ سان پاڻيءَ جو گلاس خالي ڪري ڇڏيائين. ماني کائي اسان وري ويٺي شروع ڪيو هن ساز جو رڪارڊ چاڙهيو ۽ منهنجي هنج ۾ اچي ويٺي.
”احمد،“ هن مدماتي آواز ۾ چيو، ”هيتري ڏينهن ڪانپوءِ مليو آهين پر تون مونکي پيار به نٿو ڪرين. ڇا توکي هينئر مونسان محبت ڪانهي؟“
”ڇني نٿو سگهان.“ مون انتقام وٺڻ لاءِ هن جا اهي رات وارا اکر دهرايا.
”او مغرور مشرقي، تون ڪيترو نه بدلو وٺڻ وارو آهين. مونکي پيار ڪر.“ هن پنهنجا چپ منهنجي آڏو جهليا. جوانيءَ جي رس ۾ رسيل ڳاڙها ڳاڙها چپ. مون پنهنجا ازل کان اڃايل ۽ ترسايل چپ سندس چپن تي رکيا ۽ هوءَ وڻ ويڙهيءَ وانگر مونکي وڪوڙي وئي. سندس سنڌ سنڌ وحشيانا انداز ۾ ٿي ڦٽڪيو. مون سندس انگ انگ مان سندس جوين جي مد کي ڇهتون ڏيندي پيتو، ۽ لونءِ لونءِ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ان مڏ جي مستيءَ ۾ ساڻي ٿي پيس. هوءَ اٿي بيٺي ۽ مونکي ٻانهن کان جهلي، اٿاريندي چيائين:

”اٿ نه نچون.“

مون ٻانهن سندس چيلهه جي چوڌاري ورائي ڪيس سيني سان لاتو ۽ اسان نچڻ لڳاسين. سوزي منهنجي سيني سان لڳل هئي، گلدانن ۾ رنگ برنگي گل ساڻن ڏانڊن تي جهڪيل هئا ۽ سازن جي مڌم سرن تي اسين نچي رهيا هئاسين. اڄ هي ڪمرو ڦهلجي ساري ڪائنات تي ڇانئجي ويو هو ۽ ان ڪائنات ۾ مون ۽ سوزيءَ کان سواءِ ٻيو ڪنهن جو به وجود ڪونه هو. ساري رات اسان جا اڌ پورا روح ۽ اڌ پورا اڄايل جسم تڪميل حاصل ڪندا رهيا. گهڙي گهڙي خوشين جي رم جهم لاتي ۽ اسان خوشيون ماڻيندا رهياسين. تانجو ٻئي ساٿا تي پلنگ تي ڪري پياسين. هن منهنجي اکين ڪي چمندي چيو:

”احمد. تون خوش آهين نه؟“

”ڏاڍو خوش آهيان.“

”تون واقعي مونسان محبت ڪرين ٿو؟“

”تنهنجي سوال جو ڪهڙو جواب ڏيان.“

هوءَ ماٺ ڪري منهنجي اکين ۾ نهاريندي رهي ۽ پوءِ سندس نيڻن ۾ لڙڪ تري آيا ۽ هن منهن منهنجي سيني ۾ لڪائي ڇڏيو.

”هي ڪڙي ڳالهه چوانءِ.“

”چئو.“

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

”مڃيندين؟“

”جي سمنڊ ۾ ٽپڻ لاءِ چوندينءَ تہ اها ڳالهہ بہ مڃيندس.“

”جي توکي واقعي مونسان محبت آهي تہ پوءِ منهنجي ڳالهہ سمنڊ ۾ ٽپڻ کان بہ وڌيڪ خطرناڪ آهي.“

”تون چئي تہ ڏس.“

هن مٿو کڻي منهنجي اکين ۾ نهاريو ۽ وري منهنجي سيني ۾ منهن لڪائي چڙهائين.

”احمد. منهنجا مٺڙا احمد. تون منهنجي زندگيءَ مان هليو وڃ.“

مونکان ڇرڪ نڪري ويو ڄڻ بجليءَ جي اگهاڙي تار ڇهي وئي.

”ڇا... ؟“

”منهنجي زندگيءَ مان هليو وڃ ۽ وعدو ڪر تہ اڄ کانپوءِ وري مونسان نہ ملندين.“

”چئين ڇا ٿي. هوش ۾ تہ آهين.“

”ها، احمد مان هوش ۾ آهيان، ۽ توکي چوان ٿي تہ اڄ کانپوءِ مونسان نہ ملندو ڪر.“

”پر آخر ڇو.....“

”انڪري جو مونکي توسان محبت ٿي وئي آهي.“

”پر سوزي محبت ڪندڙ دليون تہ هميشہ گڏ رهڻ چاهينديون آهن ۽ تون ٿي چوين تہ مان توسان نہ ملندو ڪريان.“

”احمد، مان آزاد ڇوڪري آهيان. اڄ تائين مونکي

ڪنهن سان بہ محبت ڪانہ ٿي آهي. مون پهريون دفعو پنهنجي دل ۾ ان اجنبي ۽ اوپري جذبي کي محسوس ڪيو آهي. مونکي اِن اجنبي جذبي کان ڊپ ٿو ٿئي. مان جڏهين پهريون دفعو توسان مليس تہ تون مونکي چڱو لڳو هئين. تنهنجي شڪل صورت، ڳالهائڻ جو انداز ۽ هر گهڙيءَ جو مرڪڻ مونکي پسند آيو هو. پر پسند ۽ محبت ۾ گهڻو فرق آهي. اج تائين مونکي ڪيئي نوجوان پسند آيا آهن. مون انهن کي ائين استعمال ڪري اڇلائي ڇڏيو آهي جيئن سگريٽ پي اڇلائــي ڇڏيندي آهيان. مون توکي بہ ائين استعمال ڪرڻ ٿي چاهيو. پر ان رات تو جم سان جيڪو ورتاءُ ڪيو تنهن مونکي تنهنجي محبت ۾ ڦاسائي ڇڏيو. تنهنجي شخصيت ڪنهن مضبوط قلعي جي ديوارن جيان منهنجي چوڌاري ڦهلجي وئي ۽ زندگيءَ ۾ پهريون دفعو مون پنهنجو پاڻ کي انهن ديوارن ۾ محفوظ محسوس ڪيو. پر ساڳي وقت منهنجي آزادي بہ مجروح ٿي هئي. اها رات مون جم سان گذاري. ان لاءِ جو مون توکان انتقام وٺڻ ٿي چاهيو نہ تنهنجي جهل ڪانپوءِ بہ مان جم جي هنج ۾ آهيان پيو نہ مون پنهنجو پاڻ کي يقين ڏيارڻ ٿي چاهيو تہ مان آزاد آهيان ۽ ڪم بہ مونکي جم سان رات گذارڻ کان روڪي نٿو سگهي. مان جم سان ستل هيس پر منهنجي دل ۽ دماغ تي تون ڇانيل هئين. هر گهڙيءَ دل ٿي چاهيو تہ تنهنجي هنج ۾ اچي ڪران. ان جذبي کــي ختم ڪرڻ لاءِ مون تنيڻن وڏيڪ تي جم کي پيار ڪيو. پــر جيئن جيئن وقت

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

گذرندو ويو اهو جذبو، اهو احساس شديد ٿيندو ويو، ۽ مون پنهنجي دل جي ڏڙڪڻ مان پنهنجي شڪست جو آواز ٻڌي ورتو. مان ته آزاد پکيڙو آهيان، پوءِ منهنجي اندر ۾، پڃري ۾ قيد ٿيڻ جي تمنا ڇو جاڳي پئي هئي. مونکي پنهنجو پاڻ کان وحشت ٿيڻ لڳي. محبت جي بي پناه ۽ زبردست جذبي کان ڊپ ٿيڻ لڳم. منهنجا ڪلڻا شاعر. منهنجا مشرقي وحشي. مونکي تباه نه ڪر. محبت مونکي تباه ڪري ڇڏيندي. مونکي جيئڻ ڏي ۽ منهنجي زندگيءَ مان هليو وڃ."

"سوزي هي تون ڇا ٿي چوين. مونکي مس مس زندگيءَ ۾ محبت ملي آهي سا تون مون کان ڇو ٿي کسين. مان توکي پنهنجي ملڪ وٺي هلندس. توکي موهن جو دڙو، حيدرآباد جا منگهه ۽ هوائون ڏيکاريندس. چانڊوڪيءَ ۾ تنهنجو هٿ هٿ ۾ وٺي مهراڻ جي ڪپر تي ٽلندس. سوزيءَ، حيدرآباد جي چانڊوڪي تنهنجي جسم جيان جوان ٿيندي آهي. مان توکي ڪيئن ڇڏي سگهندس."

هن اکيون مون ۾ کپائي ڇڏيون ۽ هڪ ٽڪ ائين ڏسڻ لڳي، جيئن مرندڙ انسان آخري دفعو پنهنجي پيارل کي ڏسندو آهي، ۽ پوءِ هوءَ مونسان چنبڙي پئي ۽ چريـن جيان پيار ڪرڻ لڳي. مون هن کي سيني سان لاتو ۽ پيار ڪندي ڪيس ننڊ کڻي ويئي. هيٺ هر طرف سوجهرو ڦهلجي چڪو هو ۽ سوزي اگهور ننڊ ۾ هئي. مون هن جي پيشاني، اکڙين ۽ وارن کي چميو ۽ پنهنجي ڪمري ۾

هليو آيس ۽ وهنجي سهنجي آفيس ويس.

اهو ڏينهن ڏاڍو مصروف گذريو. مختلف ماڻهن سان ملاقاتون، پاڪستان ۽ آسٽريليا بابت گفتگو. شام جو موڪل ڪان ٿوري دير اڳ، واندو ٿيس، سڌو لئبريري ۾ وڃي پهتس. پر سوزي اتي ڪانه هئي. پڇا ڪيم ته خبر پئي ته سوزيءَ هفتي جي موڪل ورتي آهي ڊوڙندو سوزيءَ جي فليٽ تي پهتس. پر هن جي فليٽ کي تالو لڳو پيو هو. مان در وٽ ويهي هن جو انتظار ڪرڻ لڳس. رات جا ڏهه ٿي ويا، ٻارهن ٿي ويا، ٻه لڳي ويا پر سوزي نه موٽي.

ٻئي ڏينهن وري سندس فليٽ تي پهتس پر ڪالهه جيان در بند هو. پورو هفتو مون هن جي در جو دربان بڻجي گذاريو. هر آواز تي سوزيءَ جي پيرن جي پڙلاءَ جو گمان ٿيندو هوم. پر سوزي ڪانه موٽي.

جنهن ڏينهن هن جي موڪل پوري ٿيڻي هئي، ان ڏينهن صبح جو سوير ڊوڙندو لئبريريءَ جي در تي وڃي بيٺس. هڪ هڪ ٿي سيئي آيا پر سوزي نه آئي. اندر وڃي پڇا ڪيم ته زمين ڏي پيرن هيٺان نڪري وئي. ڇڻ وڄ ڪري ۽ منهنجو سارو وجود جلي سڙي رک ٿي ويو. سوزي استعفيٰ ڏياري موڪلي هئي. ڊوڙندو ايليس وٽ وڃي پهتس. پر ايليس کي به هن جي خبر ڪانه هئي. پوءِ ته چرين جيان ڪيس اجنبي شهر جي اڻ سونهن رستن تي ڳولڻ لڳس. پر جنهن واٽ ته ي وڪ ٿي وڌايم سا سوالي نشان بڻجي اڳيان ايري ٿي آئي. مان هن ڪي هن اجنبي ديس،

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هن اڻ چاتل ڪنڊ ۾ ڪٿي گهوليان. ڪنهن ڪان هن جو ڏس پڇان. مان اجنبي ديس جي اڻ ڏٺل چؤواٽن تي بيٺو هوس ۽ مونکي خبر ڪانه هئي ته ڪهڙي واٽ جي اجگر هن ڪي گهڙڪائي ڇڏيو هو .... سوزي .... سوزي تون ڪٿي آهين!

مان مايوس ٿي چڪو هوس ۽ پڪ ٿي وئي هيم ته سوزي وري نه ملندم. پر دل ۾ اميد جو ڏيئو ٽمڪي رهيو هو ته وچڙ ڪان اڳ سوزي هڪوار ضرور ملندي. اڄ جڏهين مان هميشه لاءِ سڌني کي الوداع چئي رهيو هوس تڏهين پڪ هيم ته ڪٿان نه ڪٿان، ڪيئن به ڪري هوءَ مونسان آخري دفعو ملڻ لاءِ ايئرپورٽ تي ضرور ايندي. ايئرپورٽ تي مون هيڏانهن هوڏانهن واجهايو. هر چهري کي غور سان ڏٺم. پر سوزي نظر نه آئي. اڄ مان هن کي هميشه لاءِ ڇڏي وقت ۽ فاصلن جا اٿاه ساگر اورانگهي واپس وڃي رهيو آهيان. پر هينئر به دل ۾ اميد جي شمع روشن آهي ته هيءَ دنيا تمام مختصر آهي ۽ هڪ نه هڪ ڏينهن، ڪٿي نه ڪٿي ، زندگيءَ جي ڪنهن نه ڪنهن منزل تي جڏهين سوزيءَ جي دل مان محبت جو هراس ختم ٿي ويندو هوءَ مونسان ضرور ملندي.

مون پنهنجو خط پورو ڪيو آهي ۽ جهاز جي سهڻي هوسٽيس اعلان ڪري رهي آهي ته هينئر اسان جو جهاز فلپائين جي پيٽن مٿان لنگهي رهيو آهي ۽ اسان جلد ئي منيلا جي هوائي اڏي تي پهچڻ وارا آهيون. مان دري جي

شيشي مان هيٺ نهاريان ٿو. هيٺ نيري سمنڊ جــي سيني تي فلپين جــا ساوا ساوا ٻيٽ اڀريا بيٺا آهــن ۽ آسمان جي نيري وسعتن ۾ بادلن جا ٽڪرا برفاني ٻيٽن جيان تري رهيا آهن. سج نيري سمنڊ جي هنج ۾ ٽبي هڻي رهيو آهي ۽ بادلن جي برفاني ٻيٽن ۾ شفق جا آلا ٻري پيا آهن، جن جو اولڙو نيري سمنڊ، ساون ٻيٽن ۽ ننڍڙن ننڍڙن گهرڙن، انسان جي ننڍڙن ننڍڙن ڪائناتن تي پئجي رهيو آهي. ادا، انسان جي هيءَ انوکن نــاتن واري دنيا ڪهڙي نــه حسين آهي. پــر هيروشيما تي بم اڇلائيندڙ انسانن انوکن ناتن واري ههڙي حسين دنيا کي ڪيئن تباه ڪيو!

سدائين تنهنجو
احمد

اڪيون آرسيون

هانگ ڪانگ ۾ رات اُنين آئي هئي، جيئن رندي سند سند سينگاري محفل ۾ ايندي آهي. سندس ڪارو ڪارو جوڀن نِتري پيو هو ۽ رونءِ رونءِ مان روشنيون ڦٽي پيون هيون. دوڪان به رنڊين وانگر سينگاريل هئا ۽ گراهڪن جي اچ وڃ لڳي پئي هئي. پيلا چيني چاؤ، ماؤ، لن پياؤ واري ٻولي جي ٻدران، ولسن ۽ جانسن واري ٻولي ڳالهائي رهيا هئا. اڌ سونهان رستا، اوپرا ماڻهو، پراؤ شهر. هانگ ڪانگ! روشنين جو شهر، انگلنڊ جي ٻنڪ، يورپ ۽ آمريڪا جي سريت! اڄ اها سريت سينگار ڪري ويٺي هئي ۽ سندس گراهڪ گهٽين ۾ گهمي رهيا هئا. رستن تي ماڻهن جا انبوه هئا، پر ڪنهن به اک ڪٿي مونڊانهن ڪونه ٿي نهاريو. ڪيترو نه غيراهم، اجنبي ۽ اڪيلو هوس. اڪيلائي ڪان پڇڻ لاءِ هرويرو ٻه هڪڙي ڪپڙي جي دڪان تي چڙهي ويس. دوڪاندار چيني نه پر ڪرڙوڊ هندستاني هو. مون کي شايد دولت مند سياح سمجهيائين، سو ڏاڍي ڪاروبارانه نوڙت ۽ نياز سان انگريزيءَ ۾ پڇيائين، ”سائين، مان اوهان جي ڪا خدمت ڪري سگهان ٿو.“

مون کي هن جي انگريزي لهجي مان سنڌ جي ٻرن جي بوءِ آئي ۽ هانءُ ٿي هٻڪارجي ويم. مون هن جي اکين ۾ نهاريو. سندس اکيون ساميءَ جي سلوڪن جهڙيون

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٻاجهاريون ٿي لڳيون. سنڌيءَ ۾ پڇيومانس، ”سنڌي آهيو ڇا؟“

منهنجي واتان سنڌي ٻڌي هو خوش ٿيو، پر حيران نه ٿيو (ڇاڪاڻ جو هانگ ڪانگ ۾ گهڻيئي هندو سنڌي آهن.)

”ها ڀائي، ڪيرين پنهين سنڌي آهيان. تهان به سنڌي آهيو. ڪاٿئون آيا آهيو. بمبئيءَ مان.؟“

”نه مان بمبئيءَ مان نه، پر سنڌ مان آيو آهيان.“

ڄڻ بجليءَ جي تار ڇهي ويس. اوچتو ڏيئي اٿيو ۽ ڇڪي ڇاتي سان لاتائين.

”اڙي ڀائي ڀلي آئين. جيءَ آئين. ڀڳوان ڪٿي ڪو سنڌ جو سنڌي ملايو آ.“ جاءِ نه ملي جو ويهاري. وس پڄيس ته هانءَ ۾ جاءِ ڏيئي.

”ڀاڻي تون ته اسان جي جيجل ماءُ وٽان آيو آن. اسان جي جيجل خوش آهي. پنهنجي وڇڙيل ٻچڙن کي ته ياد ڪندي هوندي. ڀلا سنڌ ۾ ڪاٿي رهندو آن.“

”شڪارپور ۾.“

”شڪارپور ۾! ادل مان به شڪارپوري آهيان، هاٿيئن جي پاڙي ۾ رهندو هوس. اري ارجن او ارجن، اري جلدي ڪر. چانهه پاڻي گهرائي وٺ. ڏسين نٿو ڪير آيو آ. ڪاٿئون آيو آ. اڙي شڪارپورمان آيو ٿي، اسان جي ڪاشيءَ مان. ادل شڪارپور جون خبران ڏي. اسان جي شڪارپور شهزادي خوش آهي. هاٿي در، لکي در. جماڻي هال، سڀ خوش آهن. لکي در تي اڃا شام جو ميلو لڳندو آ. راڌي جون ڇاپان،

موتيءَ جي ڪلفي، ناؤن جي مٺائي ۽ نانڪر جو لمليٽ نہ ياد ڪندا هوندءُ. پلا سرها اڄان آچار وجهندا آهن. پاڻي شڪارپور شهزاديءَ جون ڪهڙيون ڳالهيون ڪجن. شام ٿيندي هئي تہ گهوڙن ڪي عطر سان وهنجاري، سنجن ۾ ريشمي رومال ۽ رابيل جون ڪنديون ٻڌي چو چاڪي بگيءَ تي لکي در جو چڪر. هٿن نڪرندا هياسي. شاهي باغ جو چڪر هئي، لکي در تي اچي موتيءَ جي ڪلفي ڪائي، نانڪر جو لمليٽ پيئندا هياسي ۽ پوءِ دوني ۾ راڌي ڪان چاپان ۽ ڪندا ٻڌرائي، تيجل جو پان ۽ رابيل جون ڪنديون وٺي گهر موٽندا هياسي. ادل شڪارپور جا اسان جي هانءَ ۾ ڦٽ ٿي."

هو ماٺ ٿي ويو ۽ سندس اکيون ڏور ڏور ڏورڻ لڳيون.

"هر آچر تي سنڌ واهہ تي ميلو لڳندو هو. ڪاٺي تاڏل پئي گهونبي هئي، ديڳيون پيون ڌمبيون هيون تہ ڪاٿي وري راڳ جي محفل لڳي پئي هوندي هئي. ٿنبا ساڻ ڪٺي، واهہ جي ڪڙ سان ٻہ چار ميل پنڌ نڪري ويندا هياسي ۽ پوءِ ڪنهن گهيڙ تان واهہ ۾ لهي لاٽ پوندا هياسي. ڪي اڙٻنگ سانگ رچائيندا، ترندا ڳائيندا ها.

لوڏسو ماکي آئي ڏي، ڌنگ داروءَ جو ڏيانءَ

شيشو شراب جو ڏيانءَ، منهنجو ڪير پٽيڻ جو لوڏو

تاڙن جو ڦهڪو پيو پوندو هو. عجيب رنگ لڳا پيا هوندا هئا. پلا اڄان شڪارپور جا اهي جوبن آهن. اڄان سنڌ واهہ تي ميلا لڳندا آهن؟" ماڻ هن جو سوال ٻڌي ماٺ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تي ويس، ڪهڙو جواب ڏيانس. هي الائي ڪهڙي شڪارپور جون ڳالهيون تــو ڪري. منهنجي شڪارپور ۾ تــہ رڳا مٽيءَ جا ڍڙا آهن. ويــران گهٽيون، اجڙيل رستا. سنڌ واه هيئنر بہ وهي رهيو آهي، پر اجڙيل ۽ ويران. ڄڻ دنيا ڪري جي سينڌ!

”اڙي ارجن. مهمان جي آجيان بہ نٿو ڪرين.“ هن سامهون بيٺل نوجوان کي چيو، جيڪو خالي اوپرن اکين سان مون ڏانهن ڏسي رهيو هو، ”اڙي هي شڪارپــور مان آيو تي، منهنجي ڪاشيءَ مان.“

ارجن اوپرن اکين سان مون ڏانهن نهاريندو اڳتي وڌيو ۽ مون سان هٿ ملايائين. هن جي هٿ جي ڇهاءُ ۾ نہ سڪ هئي ۽ نہ پنهنجائي، ڄڻ هن مون سان هٿ نہ ٿي ملايو، پر ڪپڙي جو وال پيو ڪڇيائين. مون هنن کان موڪلايــو، پر هو مون کي ڇڏيئي نہ.

”ادل، اٿين ڪيئن ويندين. اسان جو دال ڦلڪو کائڻو پوندو.“

مان ڪم جو بهانو ڪري ۽ ساڻس ٻئي ڏينهن ملڻ جو واعدو ڪري موڪلائي هيٺ لٿس ۽ ٽڪڙو ٽڪڙو اڳتي وڌي ويس. وري اهي اجنبي رستا، اوپرا ماڻهو ۽ پراڻو شهر. رستا روشنين ۾ وهنتل هئا، پــر مان دل جي ويران ۽ سڃن رستن تي ڀٽڪي رهيو هوس. دل ڄڻ شڪارپــور جو شهر هئي اجڙيل ۽ ويران. سامهون بورڊ تي نظر پيم. لکيل هو، ’او- ڪي بار‘ يڪدم اندر گهڙي ويس، ڄڻ پنهنجو پــاڻ

ڪان پڇي پناهه وٺڻ تي چاهيم. بار ۾ هلڪي هلڪي اونده ۽ هلڪي هلڪي سوجهري جو ڏنڊ چانيل هو هلڪن آوازن ۾ موسيقيءَ جا سُر ڳونجي رهيا هئا. سارو ماحول جهڙو شرابي شاعر جو تصور! هر طرف يورپي ۽ آمريڪي سياح ۽ خلاصي ’وندرائيندڙ ڇوڪرين‘ (Gay Girls) سان شراب پي رهيا هئا ۽ هٿ چراند ڪري رهيا هئا. هنن جي هٿ چراند سان وندرائيندڙ ڇوڪرين ٽهڪڙا ٽي ڏنا. سندن ٽهڪڙن جا آواز ائين ٿي لڳا، ڄڻ اوچتي ڇهاءُ سان ڇر ڪندڙ ڇوريءَ جي پازيب جا ڇمڪا. پريان صوفي تي هڪڙي وندرائيندڙ ڇوڪري اڪيلي ويٺي هئي. شايد ڪيس گراهڪ نه مليو هو مون کي ڏسي مرڪڻ لڳي. ڄڻ دعوت ٿي ڏنائين. مان يڪدم ڪنڌ ڦيري، سندس مرڪ کي لتاڙيندو، وڃي ڪائونٽر وٽ ويٺس. ٻه پيگ پيتم ته اکين تي ڪيپ چڙهڻ لڳا. ذهن ۾ شراب جو سُرور موسيقيءَ جي سُرن وانگر ڪر موڙڻ لڳو. ڪنڌ ڦيري هن اڪيلي ويٺل ڇوڪريءَ ڏانهن نهاريم. هوءَ اڃا اڪيلي ويٺي هئي. مون کي ڏسي وري مرڪڻ لڳي. هلڪي هلڪي ڏنڊ ۾ هوءَ ائين ٿي لڳي، ڄڻ ڪنهن ڪهاڻي نويس جي ذهن ۾ ڪهاڻيءَ جو تصور، هلڪو، مبهم، ڪنوارو ۽ حسين! گلاس کڻي، ذهن ۾ ڪر موڙي جاڳي پيل سُرور جي سُرن ۾ ترندو هن وٽ وڃي پهتس.

”هلو سهڻي چيني گڏي.“

”هلو....“ هن ورائيو.

”تون ڪيتري نه حسين آهين. ڄڻ هن موسيقيءَ جا

سر مجسم ٿي تنهنجي صورت اختيار ڪري ويا آهن.”
پنهنجي تعريف ٻڌي هوءَ ٿڙي پئي. ۽ خوشيءَ وچان چيائين،

“مهرباني.”

“تون منهنجي اها ڪهاڻي آهين جنهن جي اظهار لاءِ لفظ لولا، لنگڙا ۽ گونگا آهن ۽ جڏهن به مان ان ڪهاڻيءَ کي لکڻ جي ڪوشش ڪندو آهيان ته لفظ شرم وچان مونن ۾ ڪٺي منهن لڪائيندا آهن.”

هن منهنجي ڳالهه سمجهي الائي نه، پر خوش ڏاڍي ٿي ۽ بي اختيار پنهنجو هٿ ڪٺي منهنجي هٿ تي رکيائين. هن جو چهاءُ شڪارپور جي منجهند جهڙو ڄلائيندڙ هو ۽ سندس مرڪ حيدرآباد جي چانڊوڪيءَ جهڙي خنڪ، ٿڌڪار ڏيندڙ ۽ ننڍاڪڙي هئي.

“ڪهڙي ملڪ مان آيو آهين؟”

“پاڪستان مان.”

“ڇا ڪندو آهين؟”

“توکي ڳوليندو وتندو آهيان. ننڊ ۾ به، جاڳ ۾ به.”

“گهڻن ڇوڪرين کي اها ڳالهه ٻڌائي اٿيئي.”

“جنهن جون اکيون آرسيون هونديون آهن ۽ جن آرسين ۾ مان پنهنجي وڇڙيل چنڊ جو اولڙو ڏسندو آهيان.”

“پهرين به ڪڏهن هانگ ڪانگ ۾ آيو آهين.”

“ها. پهرين به آيو آهيان. تڏهين مفلس ۽ گمنام مصور هيس. ’لم ڪاڪ‘ هوٽل ۾ رهندو هيس ۽ هوٽل ۾ ايندڙ ونندرائيندڙ ڇوڪرين ۽ سندن خلاصي ۽ سياح گراهڪن

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جون تصويرون نـاهيندو هيس. اتي منهنجي توسان ملاقات ٿي هئي ۽ اسان ٻنهي کي هڪ ٻئي سان محبت ٿي هئي.“

”پوءِ مون کي سلهه ٿي پئي هئي، تـو منهنجو علاج ڪرايو هو. مان چڱي ڀلي ٿي وئي هيس ۽ اسان ٻئي شادي ڪري ٽوڪيو ۾ وڃي رهيا هئاسين. ’سوزي وانگ جي دنيا‘ فلم جي ڳالهه ٿو ڪرين ني. مون اها فلم ڏٺي آهي. سڄي آهي ني.“

”مون فلم نـه ڏٺي آهي، ناول پڙهيو اٿم ۽ نـاول جي ڪردارن سان گڏ هانگ ڪانگ جي گهٽيز ۽ رستن تـي زندگيءَ جا عذاب سٺا اٿم.“

”منهنجو نالو سوزي وانگ نه، پر روبي جو آهي.“

”منهنجو نالو احمد آهي ۽ تـوسان مان ڏاڍي خوشي ٿي اٿم.“

ايتري ۾ هڪڙو ريڪارڊ وڄڻ لڳو. جڻ وڇوڙي جي ويران واديءَ ۾ ڪو روئڻ لڳو.

”هن نار تي، جتي راتيون روشن آهن
جتي جبلن جي چوٽين تي سنهري ٻرس ڇمڪندي آهي
آتي مان سفر سانگي ويو هوس
۽ جميڪا ۾ ترسيو هوس
اڄ اتان هميشه لاءِ وڃي رهيو آهيان
۽ شايد وري واپس اچڻ نصيب نه ٿيندم
اڄ منهنجو روح اداس ۽ دل ويڳاڻي آهي
ڪنگسٽن شهر ۾ مان پنهنجي پرينءَ کان وڇڙيو آهيان.“

اڪيون ٻوٽجي ويم ۽ راڳ جا سُر ساهه کي وڪوڙي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ويا. هانءَ تي اهڙا گهڙيءَ تري آئي، جيڪا ڪڏهن گيت ٻڌڻ جي گونجندي آهي، ڪڏهن ٻڌڻ جي سڏ ڪندي آهي ۽ ڪڏهن ڦٽ ٻڌڻ ڏکندي آهي.

”ڇا تون ڪنهن کان وڇڙي آيو آهين؟“ روبيءَ جي آواز تي اکيون کوليم! گيت جا سر آخري سڏڪا ڀري سانت تي ويا هئا!

”اسين سڀئي هڪ ٻئي سان ملندا ئي ان لاءِ آهيون ته وڇڙي وڃون. زندگيءَ ۾ وک وک تي وڇوڙو آهي. شايد زندگي خود وڇوڙي جو گيت آهي. شايد تون به مون جيان ڪنهن کان وڇڙي هوندين، شايد تنهنجا چاڪ به هڙي گيت ٻڌڻ سان ڇهون ڪري چڪي پيا هوندا. پر ڏڌهن به تون کلين، کلائين ٿي. چاڪاڻ جو توکي جيئڻو آهي! اڄ ته ٻئي جيئون. هڪ ٻئي تي هن ميخاني جي ماڪ هاريون، پره تائين پيئون ۽ کلون. ايترو کلون جو روئي ويهون. منهنجي هيٺلي هانءَ تنهنجي اکڙين جي آرسين ۾ پنهنجي وڇڙيل چنڊ جو اولڙو ڏٺو آهي ۽ ڏس ته ڪيئن نه هارڙي جيان ٻيو مرڪي.“

”مان هتي ويهي سکهان ٿو.“ اوچتو اوپرو آواز آيو. اکيون کڻي ڏٺم: سامهون شراب جو گلاس جهلي هڪڙو آمريڪي بيٺو هو. جيسين مان ڪيس جواب ڏيان، تيسين هو سامهون واري ڪرسيءَ تي ويهي رهيو ۽ چيائين،”منهنجو نالو پال آهي. مان آمريڪي سياح آهيان.“

مون هن کي ڪو جواب نه ڏنو. پر روبيءَ هن کي

مرڪي 'هلو' چيو.

"شايد اوهانکي منهنجي هتي ويهڻ واري ڳالهه نه وڻي؟"

"نه اها ڳالهه نه آهي." موڙ پاڻ تي جبر ڪري مروت ڏيکاري.

"اصل ۾ ساري بار ۾ ويهڻ لاءِ ڪرسي خالي نه هئي. هتي ڪرسي خالي ڏٺم ته اچي ويهي رهيس. اوهان هندستاني آهيو؟"

"نه پاڪستاني آهيان."

"اوه پاڪستاني آهيو! اوهان سان ملي ڏاڍي خوشي ٿي. مان اڄ پاڪستان مان هتي پهتو آهيان. منهنجو پاءُ پاڪستان ۾ ايمبسي ۾ نوڪري ڪندو آهي. مان پاءُ سان ملڻ ۽ ان بهاني ايشيا گهمڻ لاءِ آيو هوس. اڄ ڪراچي کان هتي پهتو آهيان ۽ ٻه چار ڏينهن هتي رهي پوءِ بئنڪاڪ ويندس."

"ڪيئن پاڪستان پسند آيو؟" مون هن سان ڳالهائڻ لاءِ هرويرو پڇيو.

"سٺو ملڪ آهي. پر معاف ڪجو ماڻهو ڏاڍا بي ايمان ۽ لالچي آهن. شل نه ڪو غير ملڪي ڏسن، پوءِ اخبارن وارا ڇوڪرا ۽ دلال ڪڍ لڳي پوندا. هوا ۽ اس ڪانسواءِ ڪا شيءِ نج نٿي ملي. ٽئڪسين جا ميٽر به ماڻهن وانگر بي ايمان آهن. بي ڳالهه ته ماڻهو بي حس به ڏاڍا آهن. وڏن وڏن شاهراهن جي فوٽ پاٿن تي غريب ماڻهو پيا آهن. ميرا، گدلا ۽ بيمار، ۽ سڙڪ تي لنگهندڙ ماڻهن جي هشامن مان

ڪو هڪ ماڻهو بس ڪنڌ ڪٽي هنن ڏانهن نٿو نهاري، ڇڻ اهي انسان نہ پر ڪتا آهن. هڪڙي ڏينهن اخبار ۾ پڙهيم تہ هيترن ڪروڙن جي خرچ سان فلاڻي ترقياتي رٿ تي عمل ٿي رهيو آهي ۽ وري ان ساڳي اخبار ۾ هڪڙي ڪنڊ ۾ خبر ڇپيل هئي تہ رات هڪڙو ماڻهو فوٽ پاٿ تي سيءَ ۾ سُڪي مري ويو، ڪيترين نہ هڪ ٻئي جي متضاد ۽ هڪ ٻئي تي ٺٺوليون ڪندڙ خبرون!"

منهنجا ڪن ڳاڙها ٿي ويا، ڇڻ هو منهنجو هڪ هڪ ڪپڙو لاهيندو ٿي ويو ۽ هيڏي ساري هجوم ۾ شل اگهاڙو ڪري ڇڏيو هئائين.

"مجاز. تو تہ اسين بي حس، بي ايمان ۽ لالچي آهيون. اسان جا ننڍڙا ٻار اخبارون کڻي ۽ دلال عورتون کڻي غير ملڪين جي ڪڍ لور لور ڪندا آهن. پر منهنجا مهذب دوست! جڏهن بہ اسان فوٽ پاٿ تي سيءَ ۾ سڪي مرندڙ پنهنجي ميري گدلي ۽ بيمار ٻاءُ کي اجهو ڏيارڻ، اخبارن وڪڻندڙ ٻارن کي اسڪول موڪلڻ ۽ پيشو ڪرائيندڙ عورتن ۽ دلالن کي ٻنهي ۽ ڪارخانن ۾ پورهيو ڪرائڻ چاهيندا آهيون تڏهن اوهين اسان جي ملڪ کي ڪوريا ۽ ويتنام بنائي ڇڏيندا آهيو. منهنجا مهذب دوست. مون کي تو مان ان ڪنواري ڇوڪريءَ جي ويتنامي دوست جي رت جي بوءِ ٿي اچي جنهن جو ان ڏينهن مون اخبار ۾ فوٽو ڏٺو هو ۽ جنهن جي هٿن ۽ پيرن جون ترييون سهاڳ جي ميديءَ ۾ رتل هجڻ جي بدران سندس ئي رت ۾ رتل هيون

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جنهن جي سنڌ سنڌ تي گهاؤ گل ٻنجي لڙي پيا هئا."

"معاف ڪجو. اوهين غلط ٿا چئو. اسين نه ڪوريا ۾ پاڻ مرادو آيا هئاسين ۽ نه ويتنام ۾ پاڻ مرادو وڙهي رهيا آهيون. اسان کي اتان جي ماڻهن پاڻ مدد لاءِ سڏايو هو."

"جيئن فلپين جي ماڻهن اوهان کي سڏايو هو ته اوهين اندلس کي فلپين مان ڪيڻ لاءِ سندن مدد ڪريو ۽ اوهان واقعي هنن جي مدد ڪئي هئي ۽ اندلس کي تڙي پاڻ سندن حاڪم ٻنجي ويهي رهيا هئا."

"منهنجي خيال ۾ اسان کي پنهنجي حسين ساٿي جي جذبات جو احترام ڪرڻ گهرجي ۽ اهڙيون ڳالهيون ڪرڻ نه گهرجن، جن ۾ هن جي دلچسپي ڪانهي."

هن روبيءَ کي مخاطب ٿي چيو، "مان پنهنجي حسين ساٿيءَ جو نالو پڇي سگهان ٿو."

"منهنجو نالو روبي ليو آهي."

"روبي ليو! ڪهڙو نه مٺڙو نالو آهي. گهڻو وٺندي آهين؟"

"ٿوري دير لاءِ يا ساري رات لاءِ."

"جيتريون راتيون مان هتي آهيان انهن سڀني لاءِ."

"هر رات لاءِ ڏيڍ سو ڊالر." (هانگ ڪانگ جو ڊالر چوڏهن آنن جي برابر آهي.)

مون يڪدم ڪئي روبيءَ کي ٻانهن کان جهليو.

"هيءَ منهنجي آهي. تون هن کي مون کان کسي نٿو سگهين."

"هيءَ نه تنهنجي آهي نه منهنجي. هيءَ ڊالرن جي آهي."

"مون وٽ ڊالر آهن. روبي مان توکي رات لاءِ ٻه سو

ڊالر ڏيندس.“

”مان تي سو ڊالر ڏيندوسان.“ آمريڪي مطمئن مرڪ سان واڪ ڏنو. واڪ وڏندو ويو ۽ هر واڪ سان منهنجي گرفت روبي جي ٻانهن تي وڌيڪ مضبوط ٿيندي ويئي ۽ پال جي چپن تي مرڪ وڌيڪ گهري ۽ مطمئن ٿيندي وئي.

”مان هارنهن سو ڊالر ڏيندوسان.“ پال واڪ ڏنو ۽ منهنجو هٿ پنهنجو پاڻ روبيءَ جي ٻانهن مان ڇڏائجي ويو. جڻ منهنجي جسم ۾ ايتري طاقت ئي ڪانه هئي جو هن جي ٻانهن کي جهلي سگهان. پال آهستگيءَ سان پنهنجي ڪرسيءَ تان اٿيو، ٻانهن ڊگهيري روبيءَ کي هٿ کان جهليائين ۽ سندس چيلهه جي چوڌاري ٻانهن ورائي، فاتحانه انداز سان مون ڏانهن نهاريائين ۽ مطمئن مرڪ سان خدا حافظ چئي اڳتي وڌي ويو. اوچتو جڻ ٻار ۾ خاموشي ڇانئجي وئي. جڻ سڀ آواز پنهنجن مخرجن ۾ موٽي ويا ۽ هرطرف سانت جو صحرا ڦهلجي ويو ۽ ڏور وچوڙي جي واديءَ ۾ سرُ سڏڪڻ لڳا.

هن نارتي، جتي راتيون روشن آهن، جتي جبلن جي چوٽين تي سنهري آس چمڪندي آهي.... جتي اسين سفر سانگي ويندا آهيون ۽ پوءِ پنهنجي پرينءَ کان وچڙندا آهيون.... جتي اکيون آرسيون بڻجي وچڙيل پرينءَ جو اولڙو پساڻينديون آهن ۽ ڊالرتي وڪامي وينديون آهن.... جتي راتيون رڻ ٿيون ۽ جبلن جي چوٽين تي اتاه اونده ڇانيل آهي.... ساه سيني ۾ سڏڪڻ لڳا. هليلو هانءَ ٻارڙي جيان روڻ لڳو.

نيو فيلڊس جا تازا شايع ٿيل ڪتاب

١. پاپ ۽ پيرا (ناول)	دوستو وسڪي/ رشيد ڀٽي	50/-
٢. خبرون ڪيڙائن جون (سفرنامو)	الطاف شيخ	50/-
٣. الوداعي گيت	شيخ اياز	40/-
۴. دل جي دنيا (ڪهاڻيون)	امر جليل	45/-
۵. پسي ڳاڙها گل (ڪهاڻيون)	رسول بخش پليجو	45/-
٦. رهجي ويل منظر (ناول)	طارق عالم ابڙو	50/-
٧. تاريخ جو ڪفن (ڪهاڻيون)	امر جليل	40/-
٨. ڪربلا (ڪهاڻيون)	نور الهدي شاهه	45/-
٩. نڪرا تل صليب جا ۽ واٽون ڦلن ڇانئيون	شيخ اياز	60/-
١٠. سنڌو منهنجي ساهه ۾	امر جليل	60/-
١١. لنڊن تنهنجا ڪيڏا روپ (سفرنامو)	طارق عالم ابڙو	80/-
١٢. ڪوٽ لکپت جو قيدي	رسول بخش پليجو	100/-
١٣. خط، انٽرويو، تقريرون	شيخ اياز	60/-
١۴. هينئڙو ڏاڙهونءَ گل جئن (شاعري)	شيخ اياز	60/-
١۵. سوزيءَ سان بهار	الطاف شيخ	40/-
١٦. دنيا پنهنجي ديس پرايا (سفرنامو)	اياز لطيف پليجو	30/-
١٧. منهنجو ڏس آسمان کان (ڪهاڻيون)	امر جليل	40/-
١٨. مني مراد (ڪهاڻيون)	ماهتاب محبوب	33/-
١٩. پتڻ لڏ پور ڪري (شاعري)	شيخ اياز	50/-
٢٠. ابر چنڊ بس برين (شاعري)	شيخ اياز	60/-
٢١. اٿين ڪٿ (ڪهاڻيون)	موهن ڪلپنا	30/-
٢٢. علم نحو	الهداد بوهيو	[illegible]
٢٣. فرينچ انقلاب	محمد ابراهيم جويو	80/-
٢۴. منهن تنهن مشعل	تنوير عباسي	30/-
٢۵. روس جو سير	جواهر لال نهرو	[illegible]
٢٦. ولدس محل جو مسافر (سفرنامو)	عبدالجبار جوڻيجو	20/-
٢٧. مرڻ مون سهي آهه (ناول)	سراج	60/-
٢٨. جلا وطن (ڪهاڻيون)	نورالهدي شاهه	[illegible]
٢٩. ڪراچيءَ جا ڏينهن ۽ راتيون	شيخ اياز	55/-
٣٠. پکل ڪنيڙانيون	خليل جبران	25/-
٣١. اٿون ماٺهو (ڪهاڻيون)	سراج	25/-
٣٢. همه اوست (ناول)	آغا سليم	35/-
٣٣. اونداهي ڌرتي روشن هٿ (ناول)	آغا سليم	45/-
٣۴. ڌرتي روشن آهي (ڪهاڻيون)	آغاسليم	40/-
٣۵. آزادي خاطر (ڪهاڻيون)	مرتب: فيروز احمد	35/-
٣٦. سڌارٿ (ناول)	هرمن هيس	20/-
٣٧. سورج هوندي مرجهايل (ڪهاڻيون)	نجم عباسي	30/-
٣٨. ساڳاهو سمونڊ جو (سفرنامو)	الطاف شيخ	50/-
٣٩. جڏهن مان نه هوندس (ڪهاڻيون)	امر جليل	50/-
۴٠. پڙاڏو سوئي سڏ (ناول)	سراج	50/-

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

نيو فيلڊس طرفان شايع ٿيل هند ۽ سنڌ جي مهان ليکڪ

آغا سليم

جا ٻه اهڙا ناول جن جا ٻ ٻي ايڊيشن شايع ٿي چڪا آهن. ان مان اندازو لڳائي سگهجي ٿو ته پڙهندڙن ۾ اهي ناول ڪيترو نه گهڻو مقبول آهن.

١. اونداهي ڌرتي روشن هٿ

هڪ اهڙو ناول جنهن لاءِ آغا سليم جو چوڻ آهي ته:
"هڙو ناول مان وري لکي نه سگهندس."

صفحا ٣١٦- خوبصورت ٽائيٽل- قيمت -/٤٥ رپيا

٢. همه اوست

هڪ اهڙو ناول جنهن جو پهريون ايڊيشن صرف ڇهن مهينن ۾ ختم ٿي ويو. ٻيو ايڊيشن به تيزي سان ختم ٿي ويو. خوبصورت ٽائيٽل. صفحا ٢١٦. قيمت -/٣٥ رپيا

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پڙهندڙ نسُل . پ ن

The Reading Generation

1960 جي ڏهاڪي ۾ عبدالله حسين "اُداس نسلين" نالي ڪتاب لکيو. 70 واري ڏهاڪي ۾ وري ماڻڪ "لُڙهندڙ نسُل" نالي ڪتاب لکي پنهنجي دورَ جي عڪاسي ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. امداد حُسينيءَ وري 70 واري ڏهاڪي ۾ ئي لکيو:

انڌي ماءُ ڄڻيندي آهي اونڌا سونڌا ٻارَ
ايندڙ نسل سَمورو هوندو گونگا ٻوڙا ٻارَ

هر دور جي نوجوانن کي اُداس، لُڙهندڙ، ڪَڙهندڙ، ڪُڙهندڙ، ٻَرندڙ، ڇُرندڙ، ڪِرندڙ، اوسيئڙو ڪندڙ، ياڙي، ڪاٺُو، ياجوڪَڙُ، ڪاوڙيل ۽ وِڙهندڙ نسلن سان منسوب ڪري سگهجي ٿو، پَر اسان اِنهن سڀني وِچان "پڙهندڙ" نسل جا ڳولائو آهيون. ڪتابن کي ڪاڳر تان کڻي ڪمپيوُٽر جي دنيا ۾ آڻڻ، ٻين لفظن ۾ برقي ڪتاب يعنى e-books ناهي ورهائڻ جي وسيلي پڙهندڙ نسل کي وَڌڻ، ويجهَڻ ۽ هِڪَ ٻِئي کي ڳولي سَهڪاري تحريڪ جي رستي تي آڻِڻَ جي آسَ رکون ٿا.

پڙهندڙ نَسل (پَـنَ) ڪا بہ تنظيمَ ناهي. اُنَ جو ڪـو بـہ صدر، عُهديدار يا پايو وِجهندڙ نہ آهي. جيڪڏهن ڪو بہ شخص اهـڙي دعوىٰ ڪري ٿـو تـہ پَـڪَ ڄاڻو تـہ اُهـو ڪُـوڙو آهـي. نـہ ئـي وري پَـنَ جي ناليِ ڪي پئسا گڏ ڪيا ويندا. جيڪـڏهن ڪـو اهـڙي ڪوشش ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو بِہ ڪُوڙو آهي.

جهڙيءَ طَرَح وڻـن جا پَنَ ساوا، ڳاڙها، نيرا، پيلا يا ناسي هوندا آهن اَهڙيءَ طرح پڙهندڙ نَسُل وارا پَـنَ بہ مختلِف آهـن ۽ هوندا. اُهي ساڳئي ئي وقت اُداس ۽ پڙهندڙ، پَرندڙ ۽ پڙهندڙ، سُست ۽ پڙهندڙ يا وِڙهندڙ ۽ پڙهندڙ بہ ٿي سگهن ٿا. ٻين لفظن ۾ پَنَ ڪا خُصوصيِ ۽ تالي لڳل ڪِلَب Exclusive Club نہ آهي.

ڪوشش اها هوندي تہ پَـنَ جا سڀ ڪَم ڪار سَهڪاري ۽ رَضاڪار بنيادن تي ٿين، پر ممڪن آهي تہ ڪي ڪم اُجرتي بنيادن تي بہ ٿِين. اهڙي حالت ۾ پَنَ پاڻ هِڪَڙيئي جي مدد ڪَرڻ جي اُصولَ هيٺ ڏي وَٺُ ڪندا ۽ غيرتجارتي non-commercial رهندا. پَنَ پاران ڪتابن کي ڊِجيٽائِيز digitize ڪرڻ جي عَملَ مان ڪو بہ مالي فائدو يا نفعو حاصل ڪرڻ جي ڪوشش نہ ڪئي ويندي.

ڪتابن کي ڊِجيٽائِيز ڪرڻ کان پو ٻيو اهم مرحلو وِرهائڻ distribution جو ٿيندو. اِهو ڪم ڪرڻ وارن مان جيڪڏهن ڪو پيسا ڪمائي سگهي ٿو تہ ڀلي ڪمائي، رُڳو پَنَ سان اُن جو ڪو بہ لاڳاپو نہ هوندو.

پَنَن کي کُليل اکرن ۾ صلاح ڏجي ٿي تہ هو وَسَ پٽاندڙ وڏِ کان وَڏِ ڪتاب خريد ڪَري ڪتابن جي ليکڪَن، ڇپائيندڙن ۽ ڇاپيندڙن کي هِمٿائِن. پر ساڳئي وقت عِلم حاصل ڪرڻ ۽ ڄاڻ کي ڦهلائڻ جي ڪوشش دوران ڪَنهن بہ رُڪاوٽَ کي نہ مڃن.

شيخ اَيازَ علمَ، ڄاڻَ، سمجهہَ ۽ ڏاهپَ کي گيتَ، بيتَ، سِٽَ، پُڪارَ سان تَشبيهہ ڏيندي انهن سيني کي بَمن، گولين ۽ بارودَ جي مدِ مقابل بيهاريو آهي. اياز چوي ٿو تہ:

گيتَ بہِ ڄڻ گوريلا آهن، جي ويريءَ تي وار ڪَرن ٿا.

... ...

جئن جئن جاڙ وڌي ٿي جَڳَ ۾، هو ٻوليءَ جي آڙ ڇُپن ٿا؛

ريتيءَ تي راتاها ڪن ٿا، موتي مَنجهہِ پهاڙ ڇُپن ٿا؛

... ...

ڪالهہَ هُيا جي سُرخ گُلن جيئن، اڄڪلهہ نيلا پيلا آهن؛

گيتَ بہِ ڄڻ گوريلا آهن........

... ...

هي بيتُ اَٿي، هي بَم- گولو،

جيڪي بہ ڪٽين، جيڪي بہ ڪٽين!

مون لاءِ ٻنهي ۾ فَرَقُ نہ آ، هي بيتُ بہ بَمَ جو ساٿي آ،

جنهن رِڻَ ۾ رات ڪَيا راڙا، تنهن هَڏَ ۽ چَمَ جو ساٿي آ ـ

اِن حسابَ سان اڄڪلهہ پاڻ تي اِهو سوچي مَڙهڻ تہ ”هاڻي ويڙهہ ۽ عمل جو دور آهي، اُن ڪري پڙهڻ تي وقت نہ وڃايو“ ناداني‌ءَ جي نشاني آهي.

پَنَن جو پڙهڻ عام ڪِتابي ڪيڙن وانگر رُڳو نِصابي ڪتابن تائين محدود نہ هوندو. رڳو نصابي ڪتابن ۾ پاڻ کي قيد ڪري ڇڏڻ سان سماج ۽ سماجي حالتن تان نظر ڪڄي ويندي ۽ نتيجي طور سماجي ۽ حڪومتي پاليسيون policies اٽڃاڻن ۽ نادانن جي هٿن ۾ رهنديون. پَنَ نِصابي ڪتابن سان گڏوگڏ ادبي، تاريخي، سياسي، سماجي، اقتصادي، سائنسي ۽ ٻين ڪتابن کي پڙهي سماجي حالتن کي بهتر بنائڻ جي ڪوشش ڪندا.

پڙهندڙ نَسُل جا پَنَ سيني کي **ڇو، ڇالاءِ ۽ ڪينئن** جهڙن سوالن کي هر بَيانَ تي لاڳو ڪرڻ جي ڪوشَ ڏين ٿا ۽ انهن تي ويچار ڪرڻ سان گڏ جوابَ ڳولڻ کي نہ رڳو پنهنجو حق، پر فرض ۽ اٽتر گهرج unavoidable necessity سمجهندي ڪتابن کي پاڻ پڙهڻ ۽ وڌ کان وڌ ماڻهن تائين پهچائڻ جي ڪوشش جديد ترين طريقن وسيلي ڪرڻ جو ويچار رکن ٿا.

توهان بہ پڙهڻَ، پڙهائڻ ۽ ڦهلائڻ جي اِن سهڪاري تحريڪ ۾ شامل ٿي سگهو ٿا. بَس پنهنجي اوسي پاسي ۾ ڏِسو، هر قسم جا ڳاڙها توڙي نيرا، ساوا توڙي پيلا پن ضرور نظر اچي ويندا.

وڻ وڻ کي مون ڀاڪي پائي چيو تہ ”منهنجا ڀاءُ
پهتو منهنجي من ۾ تنهنجي پَنَ پَنَ جو پڙلاءُ“.
- اياز (ڪلهي پاتم ڪينرو)

سنڌ سلامت

www.sindhsalamat.com

سنڌ سلامت جو مشن ۽ مقصد سنڌي ٻوليءَ جي ڊجيٽلائيزيشن ۽ پکيڙ کي وسيع ڪرڻ آهي ۽ پڻ دنيا سان گڏ سنڌس رفتار سان هلڻ جو سانباهو آهي، ڇو تہ تاريخ هميشہ انهن قومن جو احترام ڪيو آهي جن پنهنجي علمي سرمائي جي حفاظت ڪئي آهي. سنڌ سلامت پڻ پنهنجي ٻوليءَ جي بقاء خاطر سنڌي ٻوليءَ ۾ لکيل قيمتي ۽ ناياب ورثي کي ضايع ٿيڻ کان بچائڻ ۽ ان کي نہ رڳو محفوظ رکڻ پر پنهنجي اديبن، ليکڪن، محققن ۽ شاعرن جي علم، هنر ۽ تخليقن کي ڊيجيٽلائيز ڪندي دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ موجود سنڌين تائين مفت ۾ آسانيءَ سان پهچائڻ جو عزم ڪيو آهي.

اسان جي خواهش هئي تہ سنڌي مواد تي مشتمل هڪ اهڙو ڪتاب گهر قائم ڪجي جتي هر موضوع تي مشتمل ڪتاب موجود ملن. ڪتابن کي ڳولڻ ۽ ڊائونلوڊ ڪرڻ آسان هجي ۽ اينڊرائيڊ سميت آئي فون يا ونڊوز آپريٽنگ سسٽم سميت هر قسم جي ڊوائيس تي آساني سان آن لائين پڻ پڙهي سگهجي.

۽ اهو سڀ ”سنڌ سلامت ڪتاب گهر“ ذريعي ئي ممڪن ٿي سگهيو. اميد تہ سنڌ سلامت ڪتاب گهر ذريعي سموري دنيا ۾ موجود سنڌي نہ صرف ڀرپور لاڀ حاصل ڪندا پر سنڌ سلامت ڪتاب گهر کي وڌيڪ فائديمند بنائڻ لاءِ پنهنجو ڀورو ساٿ نڀائيندا.

books.sindhsalamat.com

سنڌ سلامت ڪتاب گهر جي اينڊرائيڊ اپليڪيشن پلي اسٽور جي هن لنڪ تان ڊائونلوڊ ڪريو:

https://play.google.com/store/apps/details?id=com.sindhsalamat.book